قمر شهباز



قمر شهباز جا دراما

ثقافت کاتو،
حکومت سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

قمر شهباز جا ڊراما

سهيڙ:

سبينا شهباز عيساڻي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڇاپي جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو:	**قمر شهباز جا ڊراما**
ڇاپو پهريون:	ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2017ع
سهيڙيندڙ:	سبينا شهباز عيساڻي
لي آئوٽ:	امتياز علي انصاري
ٽائيٽل:	نعيم ديسوالي
ڇپيندڙ:	نيو انڊس پرنٽنگ پريس، سکر
ڇپائيندڙ:	ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
قيمت:	600/=

ملڻ جو هنڌ

ڪلچر ڪتاب گهر

سامهون ايم. پي. اي. هاسٽل، غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي، سنڌ 774400
فون: 021_99206073

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

پبلشر پاران.. 5

1 ـ مهاڳ.. 07
2ـ قاتل ڪير؟.. 13
3ـ محمد بن قاسم.. 59
4ـ گلدستو ـ 1.. 103
5ـ گلدستو ـ 2.. 127
6ـ گلدستو ـ 3.. 189
7 ـ پيو گهاءُ.. 223
8ـ پريت جي ريت.. 249
9ـ مان ۽ منهنجو ساٿي.. 283
10 ـ پريت پراڻي، گهاءُ نئون.. 315
11 ـ زخم زندگيءَ جا.. 357
12 ـ هينئڙو هيرڻ ٿِئُ الا!.. 395
13 ـ اونداهيرو اُجالو (گيتن ڀري ڪهاڻي).. 423

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشر پاران

ڊرامي جي لفظي معنيٰ ٿي آهي، ”پيش ڪرڻ“ يا ”ڪري ڏيکارڻ“ بنيادي طور تي ڊرامو ادب جي اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ ڪردار پنهنجن مڪالمن، ڪاسٽيوم، منظرن، اٿڻي ويهڻي ۽ تاثرن جي ذريعي ان ڊرامي ۾ موجود ڪهاڻيءَ جي وضاحت ڪن ٿا. ڊرامي جو بنيادي مقصد وندر سان گڏ سماجي اوڻاين تان پردو کڻڻ آهي. ڊرامي جي ذريعي ليکڪ توڙي پيشڪار سماجي لڱاين، چڱاين، اوڻاين، انهنجاين، پلاين، بچڙاين سميت بين ڳنڀير مسئلن جي عڪاسي ڪري ٿو. يورپ ۾ ڊرامي جو رواج تمام پراڻو آهي. هتي اسان وٽ سنڌ ۾ بہ انگريزن جي دؤر ۾ ڪيئي ناٽڪ منڊليون هونديون جن جي وسيلي وقت بوقت توڙي عيدن براتن تي ڊراما پيش ڪري ماڻهن کي وندرايو ويندو هو. ان وندر ۾ ڪتي نہ ڪتي ڪو پيغام ضرور هوندو هو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ اڪثر ناٽڪ منڊليون ختم ٿي ويون ۽ اسٽيج ڊرامن جو تہ جهڙو ڪر رواج ئي پوئتي پئجي ويو. سنڌ جي ان پوئتي پيل ڪلاسيڪل ورثي کي اسان ثقافت کاتي پاران ڪوشش ڪري هتي ونرائي آهي. مختلف هنڌن تي ڊراما اسٽيج ڪرائڻ سان گڏ ڪجهہ سالن کان ڪراچي ۾ 15 کان 20 ڏينهن تائين جا لڳاتار ڊراما ايوينٽ ڪرائي ماڻهن تائين اسٽيج ڊرامي جي اثر پذيري جو پيغام پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن کي ڀرپور موٽ پڻ ملي آهي. اهو موٽ ان جو دليل آهي تہ ماڻهو ٽي وي ۽ ريڊيو ڊرامن سان گڏ اڄ بہ اسٽيج ڊرامن ۾ ساڳي دلچسپي رکن ٿا ۽ وقت جي ضرورت آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ فن جي هن اعليٰ نموني کي ماڻهن تائين پهچائجي. ريڊيو ۽ ٽي وي جي اچڻ سان ڊرامن هڪ نئين شڪل اختيار ڪئي ۽ هن ادبي صنف انهن ٻنهي ذريعن مان خوب لاڀ ورتو. ڪيترائي ليکڪ ۽ اداڪار ڊرامي جي ميدان ۾ آيا ۽ پاڻ موکيو. قمر شهباز ڊرامي جي دنيا جو وڏو ماڻهو آهي. هن ڪيترائي ڊراما لکيا. ڪي تہ پيش ٿيا ۽ ڇپجي سامهون بہ آيا پر ڪي پيش تہ ٿيا پر ڇپجڻ کان رهجي ويا. هن ڪتاب ۾ اسان سندس اڻڇپيل ڊرامن کي ڪتابي شڪل ۾ آڻي انهن کي هميشہ لاءِ محفوظ ڪيون پيا. چاڪاڻ تہ قمر شهباز جا ڊراما اهم آهن.

سندس لکڻ جي نموني بابت خواجا امداد لکيو هو تہ "مون کي ذاتي طرح قمر شهباز جي لکڻ جي اسٽائيل جي خبر آهي تہ هو ڊرامي جي لکڻ جي تياري اتان شروع ڪندو آهي. هو پهرين ڊرامي جي پروڊڪشن طئي ڪري پوءِ ان جي حساب سان خالي صفحي تي 1، 2، 3 نمبر هڻي ٿهو ٺاهي رکندو آهي ۽ پٽ تي پنا پکيڙيندو ويندو آهي ۽ آڌي رات جو جڏهن لکڻ شروع ڪندو آهي، جڏهن آخري 5،4 صفحا وڃي بچندا آهن تڏهن ڪلائيميڪس ۽ اينٽي ڪلائيميڪس ڏئي ڊرامو پورو ڪندو آهي ۽ هينان پٽ تان پنا ميڙي پن هڻي صبح جو پروڊڪشن جي ميز تي رکي پنهنجي آفيس هليو ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ بہ سچ پچو تہ هڪ لفظ اضافي نظر ڪونہ ايندو آهي. سڀ ڪجهہ to the point ۽ سين ايڏي تہ يونيفارم ۽ ڊائلاگن ۾ ايڏي نہ (Continuity) جو اسڪرپٽ ۽ ايڊيٽنگ جي ضرورت نهايت گهٽ محسوس ٿيندي آهي انهن خوبين کي آڏو رکي قمر شهباز جي سندس ڪن ٻين همعصر ڊراما نويسن سان ڀيٽ ڪئي تہ پنجن آڱرين مان اڌ کان وڌيڪ آڱريون خالي چڙهيون پونديون." واقعي بہ سندس ڊراما پڙهڻ سان انهن ۾ رواني، سلاست ۽ تسلسل جي ندي وهندي محسوس ٿئي ٿي. سندس ڊرامن جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هو جاگيردارانہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماج کي پيش ڪندي هاريءَ جي ڪردار کي سرخرو ڪري پيش ڪري ٿو. خاص طور"پريت جي ريت" ۾ هو هارين کي وڏيرن جي هٿان بيعزت نه پر انهن جي اڳيان عزت ۽ وقار سان ڳاٽ اوچو ڪري زندگي گذارڻ جو پيغام ڏئي ٿو.

قمر شهباز جي ڊرامن جا مڪالما ڏاڍا سگهارا آهن. جيئن هي مڪالمو ڏسو"مون توهان ٻنهي کي بي انتها چاهيو آهي. توهان جي خاطر مُرڪي موت به قبوليندس پر هي موت نه آهي مات آهي. موت ڪان به وڏيڪ ڏکائيندڙ مات. مات محبت جي مات." اسان سندس اٽيچپيل ڊرامن کي چاپيندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

غلام اڪبر لغاري

سيڪريٽري

ثقافت، سياحت ۽ نوادرات وارو کاتو

حڪومت سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

قمر شهباز اڄ اسان ۾ موجود نہ آهي. سندس لاڏاڻي کي بہ گهڻو وقت نہ ٿيو آهي، پر اڄ بہ اهو محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ هُو اسان ۾ موجود آهي. سندس لکڻيون، سندس شاعري، سندس ڊراما، سندس ڪالم، سندس گفتگو اسان جي ڪنن ۾ ٻُري رهيا آهن.

قمر شهباز جو اصل نالو قمرالدين ٻگهيو هو. پاڻ 13 اپريل 1938ع تي محمد مقبول ٻگهئي جي نوابشاهہ واري گهر ۾ ڄائو. سندس والد زميندار هو. ابتدائي تعليم ايچ. ايم. خواجا اسڪول نوابشاهہ مان ورتائين. 1962ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم. اي ڪري، عملي زندگيءَ جي شروعات ميرپورخاص جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان ڪيائين. مختلف ڪاليجن ۾ پڙهائڻ کان پوءِ ليٽرل انٽري (Lateral Entry) ۾ سي. ايس. ايس جو خاص امتحان پاس ڪري وفاقي حڪومت جي ملازمت ۾ شامل ٿيو ۽ گيهہ ڪارپوريشن جي ايم. ڊي جي عهدي تان ريٽائر ڪيائين.

قمر شهباز ڪاليج جي زماني کان ئي ادب جي دنيا ۾ پير پاتو. هن ڊراما، ڪهاڻيون، ڪالم، خاڪا لکيا ۽ شاعري بہ ڪئي. قمر شهباز ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ سوين ڊراما لکيا، جن مان ڪجهہ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا تہ ڪجهہ وقت جي وهڪري ۾ ضايع ٿي ويا.

ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ جڏهن ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان سنڌي پروگرام نشر ٿيڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ٿيا تہ ريڊيو توڙي ٽيليويزن تان هر هفتي ڊراما بہ نشر ٿيڻ شروع ٿيا. سنڌي ٻوليءَ ۾ پيشہ ور ليکڪ نہ هئڻ ڪري، پروڊيوسرن کي ڪافي ڏکيائي پيش ايندي هئي. شروعاتي دور ۾ ڪجهہ اديبن کان اردو ڊراما سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري هلائڻا پوندا هئا. ان دؤر ۾ بہ سنڌي ڊراما نگار قمر شهباز ۽ شمشيرالحيدري اڳتي وڌيا ۽ هنن پيشہ ور ڊرامي نگار جي حيثيت ۾ پنهنجو ڪردار خوبصورت نموني نڀايو. ريڊيو پاڪستان ڪراچي کي قمر شهباز جهڙو نہ فقط بهترين ڊراما نگار مليو پر قمر هڪ بهترين صداڪار پڻ ثابت ٿيو. پنهنجي ڊرامن ۾ پاڻ بهترين صداڪار جو ڪردار پڻ خوبصورت نموني ادا ڪندو هو. ظاهر آهي، جڏهن ڪردارن جو خالق ئي پاڻ ڪردار جي صورت ۾ پيش ٿئي تہ پوءِ ان ڪردار جي ادائگيءَ ۾ تہ اصليت جو حقيقي رنگ ڀرجي ٿي آيو.

سندس ڊرامن جو مجموعو 'واچوڙن ۾ لاٽ' 1986ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ڊراما نگاريءَ ۾ قمر شهباز جو انداز ۽ اسلوب پنهنجي همعصرن کان بلڪل منفرد ۽ نرالو آهي. ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ سندس اردو توڙي انگريزي ناٽڪن جو وسيع اڀياس ڪيل هو. قمر جي ڊرامن جي ٻوليءَ ۾ بہ وڏي وسعت آهي، ته‍ون لفظن جو هڪ وڏو ۽ اڻ کٽ ذخيرو موجود آهي.

سندس سوچ، خيال ۽ موضوع سنڌي سماج مان ئي ورتل آهن. سنڌي سماج ۾ جوڏاري گهٽيون ئي حنيقتون ۽ گهٽا اعتراف پکڙيل هئا. هن انهن مان ئي پنهنجي ڊرامن لاءِ پلاٽ بہ چونڊيا تہ ڪردار بہ چونڊيا. هُن معاشري جي ڏکندڙ رڳن تي، هٿ هڪ ماهر ڊاڪٽر جيان انهن بيمارين جا سبب ۽ علاج بہ تجويز ڪيا. هن پنهنجي ڊرامن وسيلي سماجي برائين ۽ مسئلن کي نهايت اثرائتي ۽ وڻندڙ انداز ۾ بي نقاب ڪيو آهي. سندس ڊرامن جا مڪالما مختصر، برجستا، معنيٰ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيز ۽ مزاح سان ٽمٽار آهن. سندس قلم جي نوڪ تکي، تيز ۽ ترش آهي، جنهن کي ڏسندي يا پڙهندي ڇهري تي مرڪ بہ تري اچي ٿي تہ اندر ۾ تڪليف جو احساس بہ ٿئي ٿو. قمر جي ڊرامن ۾ وندر جو پهلو بہ نمايان رهي ٿو. مان سمجهان ٿو تہ ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما، جيتري تعداد ۾ قمر لکيا آهن، اوترا ٻيو ڪو سنڌي ڊراما نويس لکي نہ سگهيو آهي. ڳالهہ رڳو مقدار جي نہ پر معيار جي بہ آهي. کيس ڊرامي لکڻ جي تہ ڄڻ قدرتي ڏات مليل هئي.

اسٽيج، ٽي. وي ۽ ريڊيو ڊرامي جي ٽيڪنيڪ مختلف ٿيندي آهي. قمر انهن مان هر شعبي جو ڪامياب ڊرامانگار هو.

ريڊيو جو ڊرامو هجي يا ٽي. وي جو قمر انهن کي نهايت خوبصورت نموني نڀايو آهي. سندس ڪردار، معاشري جا سچا پچا، حقيقي ۽ اثرائتا ڪردار آهن، جيڪي پنهنجي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا.

قمر شهباز پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ پنهنجي ٽڙيل پکڙيل ادبي شاهڪارن کي يڪجا ڪري ڇپائڻ جو رٿيو. پاڻ ان سلسلي ۾ حيدرآباد، ڄامشورو جا ڪيترائي پنڌ ڪيائين. ڪافي ٽڙيل پکڙيل مواد گڏ ڪيائين، پر قسمت ياوري نہ ڪئي ۽ پاڻ ان ڪم کي اڌورو ڇڏي راهہ رباني جو راهي ٿي ويو. قمر شهباز جي وفات کان پوءِ سندس گهرواري ارشاد قمر، جيڪا پاڻ بہ ڊرامانگار ۽ شاعره هئي، قمر جي ميڙيل خزاني کي يڪجا ڪيو. ان ميڙيل ادبي خزاني مان بہ هينيان ڪتاب ثقافت کاتي پاران سال 2010ع ۾ شايع ڪرائي پڌرا ڪيا ويا.

1. چيچ پرائي (اخباري ڪالم)
2. ٻڪوائن جون ڳالهيون (مضمون)

جڏهن تہ بہ ڪتاب ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ورسٽي سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبليڪيشن پاران ساڳئي سال ۾ شايع ڪيا ويا، جن ۾:

1. بهارن کي ڇئجو (شاعري)
2. جي پيار هجي ها پاڇولو (ڪهاڻيون) شامل آهن.

قمر شهباز جي نياڻي سبينا شهباز عيساڻي کي سندس ڊرامن جي مجموعي ڇپائڻ جو هميشه اونو رهندو هو. پاڻ ان ڏس ۾ گهڻي جاکوڙ ڪندي رهي. آخرڪار موجوده ريڊيو ڊرامن جي مجموعي "قمر شهباز جا ڊراما" جا مختلف مسودا ڳولهي هٿ ڪيائين ۽ انهن کي سهيڙي، پنهنجي والد جي خواب کي ساڀيان ڏيارڻ جي ڪوشش ۾ ياڳي پائيوار تي ته سندس ٽڙيل پکڙيل مواد يڪجا ٿي وڃي.

جيتوڻيڪ ريڊيو ڊرامن جو هاڻي رواج ڏري گهٽ ختم ٿي ويو آهي. ستر جي ڏهاڪي تائين ريڊيو ڊراما مشهور ۽ مقبول پروگرامن ۾ ليکيا ويندا هئا. پر وقت جي تيز رفتاري سبب ريڊيو ڊرامن جي اهميت گهٽ ضرور ٿي آهي، پر مڪمل طور تي ختم ناهي ٿي. ريڊيو ڊرامن کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ ۾ به وڏو فرق آهي. ادب جا شاگرد ئي ريڊيو ڊرامن کي پڙهڻ جو چَسُ حاصل ڪري سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته گهڻيون ڳالهيون پڙهندڙ کي تصور ۾ محسوس ڪرڻيون پونديون آهن.

سبينا عيساڻيءَ جيڪا جاکوڙ ڪري هنن ڊرامن کي سهيڙيو آهي، سو ساراهڻ جوڳو آهي.

ثقافت کاتي جي سيڪريٽري اڪبر لغاري کي به جَسُ هجي، جنهن قمر شهباز جي ڊرامن کي شايع ڪرائڻ جو انتظام ڪيو آهي.

پروفيسر سليم ميمڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو ـ 1

قاتل ڪير؟

ڪردار:

بيگم مراد (فريده)

اسلم مراد (بيگم مراد جو پٽ)

ڪرنل سعيد (فرزيہ)

ڪرنل سعيد (رٽائرڊ فوجي)

ساجده عرف ماجده

عزيز

انيلا عرف انيشا (ساجده جا نوجوان ياٽيجا)

رجو (ساجده جو بيوقوف نوڪر)

ڊاڪٽر انور

مئنيجر (ناز هوٽل جو)

سب انسپيڪٽر (سجاد)

انسپيڪٽر (نادر)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_1

(صبح ٽيڻ جو تاثر. شهر ۾ زندگي معمول تي اچي رهي آهي. فيڪٽرين جا سائرن، بسن موٽرن ۽ گاڏين جا مختلف آواز. اخبار وڪڻڻ وارو سائيڪل جي گهنٽي وڄائيندو هوڪو ڏيندو وڃي ٿو)

اخبار وارو: اخبار_ اڄ جي تازي اخبار_ اخبار وٺو_ اخبار_ اخبار

(بيگم مراد پنهنجي گهر ۾ چانهه پي رهي آهي. سندس پٽ اسلم نوڪريءَ تي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو آهي)

اسلم: اف! اٺ ٿي ويا. آفيس کي ڀهچندي پهچندي دير ٿي ويندي، امان، مان منجهند جي ماني، ٻاهر ئي کائيندس. توهان کي ته ڪو اعتراض ناهي؟

بيگم مراد: نه پٽ، اعتراض وري ڪهڙو هوندو؟ شام جو مڙئي سويل گهر موٽجانءِ، مان ڏاڍي اڪيلي ٿيندي آهيان.

اسلم: توهان ڪا نوڪرياڻي ڇو نه ٿا رکي ڇڏيو. ڪم ڪار جو بار به لهي پوندو ۽ توهان جي اڪيلائي به دور ٿي ويندي.

بيگم مراد: ڪا پروسي جهڙي مائي ملي وڃي ته جيڪر منهنجي لاءِ ورونهن ٿي پوي، هاڻي به هن اخبار ۾ ئي اشتهار ڳوليان.

بيگم مراد: (اخبار پڙهندي) هن مُئيءَ اخبار ۾ ته رڳو فيشن ۽ ويس وڳن جا اشتهار ستيا پيا آهن.

اسلم: ڪڏهن ڪڏهن ضرورتمند عورتون نوڪريءَ لاءِ به اشتهار ڏيارينديون آهن. توهان روز اخبار ڏسو.

بيگم مراد: (ڪيڏي حيرت مان) اسلم!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلم: جي امان،

بيگم مراد: هيءَ اشتهار پڙهيو اٿئي؟

اسلم: نہ امان، ڪا خاص ڳالهہ آهي ڇا؟

بيگم مراد: نهايت ئي عجيب ليڪُ آهي، هيءَ ڏس لکيل آهي:

(پڙهندي) موت جو سڏ. سيني سجڻن کي قرب جي ڪانڊ تي ڏجي تہ ڇنڇر 8 جنوري تي، ٺيڪ نوين بجي رات، قصر خليل ۾ قتل ٿيندو! سڀ جو سڏ آهي. شريڪ ٿي شڪريہ جو موقعو ڏيندا.

اسلم: واقعي تعجب جهڙي ڳالهہ آهي! ڇنڇر 8 جنوري پر اهو تہ اڄ آهي.

بيگم مراد: مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر هن جو مطلب ڇا آهي؟

اسلم: (لاپرواهيءَ سان) منهنجي خيال ۾ تہ ڪا پارٽي وغيره هوندي، موت جي راز يا اهڙي قسم جون ڳالهيون اڄڪلهہ پارٽين ۾ عام ڪيڏيون وينديون آهن. نئون فيشن نڪتو آهي.

بيگم مراد: سو تہ برابر پر.

اسلم: پر ڇا؟

بيگم مراد: پر ساجده تہ تمام سنجيده عورت آهي. هن اڳ ڪڏهن بہ اهڙي قسم جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي.

اسلم: ٿي سگهي ٿو ڪنهن چرچو ڪيو هجي.

بيگم مراد: ها۔ ضرور ائين ئي هوندو. يا وري اهو ڪم ساجده جي انهن نوجوان ياٽيجن جو هوندو.

اسلم: توهان جو مطلب آهي عزيزہ انيلا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم مراد: ها ـ اهي ٻئي ڇڙان تازو ڪراچيءَ کان هت آيا آهن. نئين زماني جا نوجوان آهن. تڏهن سگهي ٿو ان اهو پوڻ ڪيو هجي. بهرحال، ساجده سان سٺا تعلقات آهن. انڪري وڃڻو تہ ضرور پوندو.

اسلم: ۽ جيڪڏهن اتي ڪجھ بہ نہ مجي تہ پوءِ؟

بيگم مراد: پوءِ اسان ڪو بهانو بنائي نہ واپس ويندا سين.

اسلم: اهو ٺيڪ آهي، مان آفيس مان موٽي اچان تہ پوءِ هلڻ جي تياري ڪنداسين.

بيگم مراد: (سوچيندي) اسلم.

اسلم: جي امان.

بيگم مراد: اها ـ اها موت جي راند ڪينءَ کيڏي ويندي آهي؟

اسلم: (ڪلندي) ڏاڍي چري آهين امان، ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي؟ ڪٺان وجهندا آهن. ڪو قاتل ڪو مقتول ۽ ڪو جاسوس ٿيندو آهي. بس، اهڙيءَ طرح راند رهندا آهن.

بيگم مراد: تہ پوءِ اڄ ضرور اها راند ڏسنداسين، تون شام جلدي موٽڻ جي ڪجانءِ.

اسلم: (ويندي) حاضر امان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _2

فوزيہ: اڄوڪي اخبار ۾ هڪ بي حد مزيدار خبر آئي آهي.

ڪرنل سعيد: ضرور ڪا شڪار جي خبر هوندي بيگم جڏهن مان برما ۾ شڪار ڪرڻ ويو هوس ۽ ڏهہ فوٽ ڊگهو شينهن ماريو هوم تڏهن اوچتو.

فوزيہ: (ڪتيندي) تڏهن اوچتو اوهان جي اک کلي پئي ائين نہ؟.

ڪرنل سعيد: (شڪي ٿيندي) بيگم، هي تون ڇا پئي چئين؟ منهنجو مطلب آ.

فوزيہ: (ڏيان نہ ڏيندي) پهريون منهنجو مطلب ٻڌو اخبار ۾ هڪ عجيب خبر ڇپي آهي.

ڪرنل سعيد: هون۔ تہ عجيب و غريب خبر ٿي معلوم ٿئي. جڏهن آفريڪا جي گهاٽن جهنگن ۾ چيتا ۽ شينهن.

فوزيہ: توهان منهنجي بہ ڪا ڳالهہ ٻڌندا يا پنهنجي ئي تعريف ڪندا رهندا.

ڪرنل سعيد: ها ها۔ بلڪل بلڪل۔ يعني ضرور ٻڌندس.

فوزيہ: هي ڏسو ڇا لکيل آهي.

ڪرنل سعيد: اڇا اڇا۔ يعني هي آهي. مون کي ڏي منهنجي عينڪ الائي ڪيڏانهن وئي.

فوزيہ: سائين جن جي اکين تي موجود آهي.

ڪرنل سعيد: ها ها۔ موجود آهي. (پڙهندي) موت جو سڏ. ميني سجڻن کي قرب جي ڪانڊ ٿي ڏجي تہ ڇنڇر 8 جنوري تي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڪ نوين بجي رات. قصر خليل ۾ قتل ٿيندو، سڪ جو سڏ آهي. شريڪ ٿي شڪريه جو موقعو ڏيندا.

فوزيه: چنچر ته اڄ آهي، وه واهه ڏاڍو مزو ايندو.

ڪرنل سعيد: مزو ايندو ڇا مطلب؟ يعنيَ ڪو قتل ٿئي ۽ تون خوش ٿين.

فوزيه: قتل ڪو سچو ٿورئي ٿيندو آهي؟ اها هڪ راند آهي جا پارٽين ۾ کيڏي ويندي آهي. اوچتو بجلي بند ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ ڪو به هڪ قاتل جو سانگ رچائي ٻئي کي قتل ڪندو آهي. جڏهن ٻيهر بتيون ٻرنديون آهن، تڏهن قاتل جي تلاش جاري ٿيندي آهي. آهي نه مزيدار راند.

ڪرنل سعيد: هوندي، پر اسان ته سچا شڪاري آهيون، سچا. ڪوڙي راند مان ڀلا ڪي ڪهڙو لطف ايندو؟

فوزيه: توهان ته هميشه سچو مزو ئي وڃائي ڇڏيندا آهيو. پارٽين ۾ ته اهڙيون ئي دلچسپ رانديون کيڏيون وينديون آهن.

ڪرنل سعيد: پر هڪ ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. هي ساجده کي آخر ڪهڙي سُجهي آئي آهي، اڳ ته ڪڏهن به اهڙي پارٽي وغيره ڪا نه ڏنائين.

فوزيه: ساجده ويچاري ته سڌي سنئين عورت آهي. هي ته سندس نوجوان مهمانن جا ڪم ٿا ڏسجن.

ڪرنل سعيد: نوجوان مهمان؟ ها ها_ ياد آيم، هو ياءُ ڀيڻ، ڇا نالو اٿن؟ شايد ياٽيجا اٿس.

فوزيه: انيلا ۽ عزيز ڏاڍا ماڊرن، ڏاڍا خوش مزاج آهن. واهه جو مزو ٿيندو.

ڪرنل سعيد: فوزيه تون وڃجانءِ پارٽيءَ تي. مون کي هي شڪار تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيل ڪتاب پورو ڪرڻو آهي.

فوزيہ: بور نہ ڪندو ڪر سعيد. توکي هلڻو پوندو.

ڪرنل سعيد: پر- پر فوزيہ ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان کي دعوت تہ ڪنهن بہ ڪا نہ ڏني آهي.

فوزيہ: اخبار ۾ جو لکيل آهي. ويچاري ساجده دل ۾ ڇا چوندي؟ اسان کي ضرور هلڻو پوندو.

ڪرنل سعيد: ٺيڪ آهي، جيڪا تنهنجي مرضي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 3

(ٽيليفون جي گھنٽي وڄي ٿي)

ڊاڪٽر انور: هلو_ ڊاڪٽر انور اسپيڪنگ، هلو اختر، تون آهين؟
ڪر خبر صبح ساڻ ٿي ڪيڻءَ ياد پيو مانءِ؟ ها_ ها_
هاها، اها خبر تہ مون بہ پڙهي آهي.
منهنجي خيال ۾ تہ ڪنهن چرچو ڪيو آهي، ورنہ ساجده ويچاري ڇا ڄاڻي انهن ڳالهين مان، نہ ٻار مان هلي نہ سگهندس، هڪ مريض ڪي ڏسڻو آهي، تنهن ڪانسواءِ ڇيڪڏهن ڪنهن مذاق ڪئي آهي تہ خواه مخواه شرمندو ٿيڻو پوندو جي؟ منهنجي ڪري تون پنهنجي شام نہ وڃاءِ زور ڀرين ٿو تہ ڪٿي مان بہ هلندس_ اٺين بجي؟ چڱو ٺيڪ آهي. خدا حافظ

(ٽيليفون رکڻ جو آواز)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 4

(قصر خليل_ رات جو وقت. گهر جا ياتي گهبرايل آهن ۽ گڏوگڏ اوچتي دعوت جو انتظام پڻ ڪري رهيا آهن.)

ساجده: رجو_ او رجو.

رجو: جي بيگم صاحب.

ساجده: ڪيتري دير کان پئي تي سڏ ڪيان. جواب ڇو نہ پيو ڏين؟

رجو: بيگم صاحب.

ساجده: ها_ چئہ. ڇا ڳالهہ آهي.

رجو: (ڊڄندي) دراصل ڳالهہ هن ريت آهي بيگم صاحب تہ مون کي ڊپ ٿو ٿئي.

ساجده: ڇا جو ڊپ ٿو ٿئي؟

رجو: آهستي ڳالهايو بيگم صاحب. اڄ رات نوين بجي اسان جي گهر ۾ قتل ٿيڻو آهي. اخبار ۾ بہ اچي چڪو آهي. مون کي پڪ آهي. هي اهي ئي ڌاڙيل آهن. جن منهنجي ماءُ پيءُ کي ماري ڇڏيو هو. هو هاڻي مون کي مارڻ اچي رهيا آهن. مون کي بچايو بيگم صاحب. مون کي بچايو. هو مون کي بہ ماري ڇڏيندا.

ساجده: هوش ڪر رجو توکي ڪوئي ڪو نہ ماريندو.

عزيز: (شرارت ڪندي) اڙي آنتي توکي ڪهڙي خبر. اڄڪلهہ چور ڌاڪو اخبارن ۾ اشتهار ڏيئي، پوءِ نهايت آرام سان اچي ماڻهوءَ جو گلو ڪاٽي هليا ويندا آهن.

رجو: نہ نہ_ مان مرڻ نٿو چاهيان_ مان مرڻ نٿو چاهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجده: رجو تون وڃي بورچيخاني ۾ پنهنجو ڪم ڪر. عزيز جي ڳالهين تي نہ لڳندو ڪر. هو تہ توکي چيڙائڻ ڪاڻ ائين ڪندو آهي.

رجو: جي- وڃان ٿو، ير منهنجي پارٽ اٿو. (وڃي ٿو)

ساجده: عزيز.

عزيز: جي آنٽي.

ساجده: سچ ٻڌاءِ، اخبار ۾ موت جي ڪا نئين ڇپائي آهي؟

عزيز: هرگز نہ آنٽي، ڀلا مان اهڙي قسم جي حرڪت ڪري سگهان ٿو.

ساجده: انيلا.

انيلا: جي آنٽي.

ساجده: توکي ڪا خبر آهي؟

انيلا: نہ آنٽي مان ۽ ادا تہ اڄ سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر هئاسين.

ساجده: اخبار رات جو ڇپجندي آهي. اها خبر ڪنهن ڪلهہ ئي ڪين پهچائي هوندي.

عزيز: خير، خبر تہ ڪٿي ڪنهن بہ ڏني هجي. باقي ڳالهہ آهي دلچسپ. موت جو سڏا اڄ رات نوين بجي، يعني هاڻي کان تقريبا ويهہ منٽ پوءِ. خوب!

انيلا: آنٽي ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ماڻهو ان کي سچ سمجهي، واقعي هت اچي نڪرن.

ساجده: اچا تائين تہ ڪو بہ نہ آيو آهي. پر تنهن هوندي بہ مان ان کي تمام ڪريل مذاق ٿي سمجهان آخر جاڻو سجاڻو دل ۾ ڇا سوچيندا.

عزيز: اهو ئي تہ قصرِ خليل جا رهاڪو، هاڻي زندگيءَ ۾ ڪجهہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلچسپي وٺڻ لڳا آهن. جو موٽ سان راند تا ڪيڏن.

ساجده: مون کي ان ۾ ڪا به ڪل جهڙي ڳالهه نظر نٿي اچي. انيلا!

انيلا: جي آنٽي.

ساجده: تي سگهي ٿو ته ڪي مهمان غلط فهميءَ جو شڪار ٿي اچن. تون انهن لاءِ چانهه وغيره جو انتظام ڪري ڇڏ. مان ٻاهران پاسي وارو در بند ڪري ٿي اچان.

عزيز: توهان تڪليف نه ڪيو آنٽي، مان ٿو بند ڪري اچان.

ساجده: نه پٽ، مان وڃان ٿي، توکان اڳئين دفعي به ڪڙو چاڙهڻ وسري ويو هو.

انيلا: آنٽي مان اتي آهيان ته اڳو پوءِ پاسي وارو در به بند ڪيو ٿي اچان.

ساجده: مون چيو ته اهو ڪم مان پاڻ ڪندس. توهان ڪا نه ڪا غلطي ڪري وجهندؤ. (وڃي ٿي).

عزيز: ساجده آنٽيءَ کي هر ڪم خود ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. اسان ته سندس نظرن ۾ اڃان به ٻار آهيون.

انيلا: رجو ته ڊپ ڪان ساجهرئي بورچيخاني جو دربند ڪري وڃي ويهي رهيو (ڪلن ٿا)

ساجده: (ايندي) پاسي وارو در بند ٿيو ته مون کي اطمينان ٿيو شايد ڪي مهمان پيا اچن.

عزيز: بيگم مراد ۽ سندس پٽ اسلم آهن. شايد موت جي راند ڏسڻ آيا آهن. (در تي ٺڪ ٺڪ)

بيگم مراد: (اندر ايندي) اسين اندر اچي سگهون ٿا؟ اوهو هتي ته ڪنهن پارٽيءَ جو انتظام ٿو ڏسجي.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجده: نه پيڻ، اهڙي ته ڪا ڳالهه نه هئي. اچو اچو ويهو پٽ اسلم خوش ته آهين نه؟

اسلم: جي توهان جون دعائون آهن.

بيگم مراد: بازار ۾ ڪجهه خريداري ڪرڻ ويا هئاسين. هتان لنگهياسين ته سوچيم توهان وٽان ليئو پائيندا وڃون.

ساجده: ها ها- ڀلي ڪري آيئو. (در تي ٺڪ ٺڪ)

عزيز: (شرارت مان کلندي) شايد ڪِي ٻيا به مهمان آيا آهن. انيلا در ته کولجانءِ. (انيلا در کولي ٿي)

انيلا: ڪرنل سعيد ۽ سندس بيگم فوزيه جن آيا آهن.

فوزيه: (اندر ايندي) هلو ايوري باڊي، دراصل فلم تي ويا هئاسين. موٽياسين ته سوچيوسين ....

ڪرنل سعيد: توهان وٽان ٿيندا وڃون.

عزيز: ضرور ڪا شڪار جي فلم هوندي ڪرنل صاحب.

ڪرنل سعيد: (شڪائپ کان کلندي) جي ها، جي ها، شڪار جي ئي ته فلم هئي. چا نالو هوس؟ ها به چيتا.

عزيز: هڪ شڪاري

ڪرنل سعيد: جي اهائي؟ چيتا هڪ شاڪري! (در تي ٺڪ ٺڪ)

عزيز: به چيتا ٻيا به اچي ويا شايد. انيلا' در کولي ڏس (در کلڻ جو آواز)

(ڊاڪٽر انور ۽ اختر اچن ٿا)

ڊاڪٽر انور: اڙي پائي هتي ته اڳ ۾ ئي، محفل متي پئي آهي

ساجده: اچو ڊاڪٽر صاحب. اچو وڪيل صاحب. ڪا خاص تقريب ته ناهي، ائين ئي اوهان صاحبن نوازيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر انور: ۽ هو قتل ڪٿي ٿيندو جنهن بابت اخبار ۾ اشتهار پڙهيوسين؟

عزيز: (ڪلنديءَ) ان لاءِ توهان کي گهڻي دير انتظار ڪرڻو نه پوندو ڇو ته نوَ وڄڻ ۾ باقي صرف هڪ منٽ رهيل آهي.

(سڀ کلن ٿا. گهڙيال 9 وڄائي ٿو آخري ڏڪ لڳڻ سان بتيون اجهامي وڃن ٿيون ۽ سڀ موجود رڙيون ڪن ٿا).

فوزيه: اڙي، هي ته اونده ٿي وئي.

اونده ۾ ته ڪجهه به نظر نٿو اچي.

لائيٽ هلي ويئي.

اختر ڪٿي آهين؟ (چيڪاٽ ڪري دروازي کلڻ جو آواز. ڳرن قدمن جو آواز)

فوزيه: هي سامهون ڪير اچي بيٺو آهي؟

انيلا: ڪو ماڻهو ضرور آهي. اونده ۾ نظر نٿو اچي.

ڀاري آواز: هينڊز اپ سڀ هٿ مٿي ڪيو.

فوزيه: هن جي هٿ ۾ ٽارچ آهي. هو هڪ هڪ کي منهن ۾ ٽارچ هڻي ڏسي رهيو آهي. ڀاري قدمن جي موٽڻ جو آواز. (هڪ گولي ٻي به لڳي ٿي ۽ پوءِ ڪنهن جي زمين تي ڪرڻ جو آواز)

رجو: (پريان) بچايو... مون کي مارڻ آيا آهن. مو کي بچايو. بچايو.

گڏيل آواز: روشني ڪيو. ڪوئي فيوز کي ڏسي، ڪنهن کي گولي لڳي آهي؟ هي ڪير ڪري پيو آهي.

رجو: بچايو بچايو.

فوزيه: بورچيخاني جو در کولي رجوءَ کي ٻاهر ڪڍو. بتي ٻاريو. ڪير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺو. يا خدا خير.

(اوچتو بتي ٻري ٿي. گڏيل آواز روشني اچڻ جو تاثر ٿا ڏين)

گڏيل آواز: روشني اچي وئي.

فوزيہ: خون (چيخ)

عزيز: پر هي آهي ڪير؟

انيلا: اسان مان تہ ڪو معلوم نٿو ٿئي. آنٽي، تنهنجي ڪپڙن تي خون؟

ساجده: هڪ گولي منهنجي ڪن کي، ڇهندي وئي. شايد ان مان خون

ٿو وهي. معمولي زخم آهي. ٺيڪ ٿي ويندو.

عزيز: هن توهان کي قتل ڪرڻ ٿي چاهيو آنٽي، پر ناڪام ٿي آخري

گوليءَ سان پاڻ کي ماري ڇڏيائين.

انور: پر- پر هي ڪير آهي. ڪو هن کي سڃاڻي؟

رجو: ها. هيءَ اهو ئي آهي. ساڳيو ئي آهي جو بيگم صاحب کان

ڪجهہ ڏينهن اڳ پئسا گهرڻ آيو هو ناز هوٽل جو بيرو ...م

گڏيل آواز: خادم؟

ناز هوٽل جو بيرو؟

پوليس کي فون ڪيو. پوليس، پوليس کي گهرايو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _5

(ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ٿي)

انسپيڪٽر: هلو_ انسپيڪٽر نادر دِس سائيڊ

سڄاد: سر، مان سب انسپيڪٽر سڄاد قصرِ خليل مان ڳالهائي رهيو آهيان.

انسپيڪٽر: ها_ ڳالهه ڪر، ڇا معاملو آهي؟

سڄاد: سر مان پوليس پارٽيءَ سان هت پهچي ويو آهيان، قصرِ خليل ۾ ڪا پارٽي هئي. اوچتو لائيٽ بند ٿي وئي ۽ اونده جو فائدو وٺي ڪنهن نامعلوم شخص گهر جي مالڪياڻيءَ ساجده بيگم تي پستول جا ٻه فائر ڪيا.

انسپيڪٽر: پوءِ ڇا ٿيو؟

سڄاد: گوليون نشاني تي نه لڳيون، ساجده بيگم کي ساڄي ڪن تي ٿوري رهڙ آئي آهي.

انسپيڪٽر: ۽ قاتل؟

سڄاد: معلوم ٿو ٿئي ته قاتل پنهنجي ناڪاميءَ کان مايوس ٿي، خودڪشي ڪري ڇڏي.

انسپيڪٽر: قاتل جي سڃاڻپ ٿي سگهي آهي؟

سڄاد: قاتل سيني لاءِ بلڪل اجنبي ٿو ڏسجي، شايد ڦُر جي ارادي سان آيل ٿو ڏسجي، گهر جي ملازم رَجوءَ جي چوڻ موجب هو ناز هوٽل جو بيرو خادم آهي. سَرِ مون کي رجو دماغي طور ٺيڪ معلوم نٿو ٿئي.

انسپيڪٽر: ٺيڪ آهي سڄاد، تون ضروري ڪارروائي مڪمل ڪري وٺ، اتي موجود ڪنهن به شخص کي ٻاهر وڃڻ نه ڏجانءِ. مان ناز هوٽل ڏانهن وڃي رهيو آهيان.

سڄاد: سر (ٽيليفون رکڻ جو آواز)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _6

(ناز هوٽل. مغربي موسيقي وڄي رهي آهي. انسپيڪٽر جي اچڻ جو آواز. گراهڪن جي گفتگو جو پڻ آواز اچي رهيو آهي)

انسپيڪٽر: مون کي ناز هوٽل جي مئنيجر سان ڳالهائڻو آهي.

مئنيجر: جي سائين. مان ئي هن هوٽل جو مئنيجر آهيان. حڪم ڪريو.

انسپيڪٽر: مئنيجر صاحب. مان انسپيڪٽر نادر آهيان. مهرباني ڪري مونسان هڪ منٽ لاءِ ٻاهر اچو.

مئنيجر: جو حڪم

(ٻئي ٻاهر اچن ٿا. ميوزڪ جو آواز هلڪو ٿي وڃي ٿو)

انسپيڪٽر: مئنيجر صاحب. مون کي توهانجي هڪ ملازم بابت معلومات حاصل ڪرڻي آهي. توهان وٽ خادم نالي بيرو ڪم ڪندو هو.

مئنيجر: سائين منهنجي خيال ۾ ته هو اڄان تائين اسان وٽ ئي بيرو آهي.

انسپيڪٽر: ٿوري دير اڳ هن پاڻ کي گولي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي.

مئنيجر: (حيرت ۾) پر پر انسپيڪٽر صاحب. هو ته اڄ رات ائين بجي تائين پنهنجي ڊيوٽي تي موجود هو.

انسپيڪٽر:خير. توهان مون کي اهو ٻڌايو ته خادم ڪهڙي قسم جو ماڻهو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئنيجر: مون کي ڪانئس ڪا خاص شڪايت ڪا نہ آهي. اوهہ هُئي.

انسپيڪٽر: پئسن وغيره جي معاملي ۾.

مئنيجر: ڪجهہ وقت اڳ مون کي رپورٽ ملي هئي تہ هو وقت بوقت ٿورا ٿورا پئسا ڦٻائيندو رهي ٿو. پر پوءِ جڏهن مون سندس رجسٽر وغيره ڏٺو تہ سڀ حساب ٺيڪ معلوم ٿيو. ٿي سگهي ٿو تہ مون کي غلط خبر ملي هجي.

انسپيڪٽر: ٻي ڪا خاص معلومات؟ هن ڪان اڳ ڪٿي ملازم هو؟

مئنيجر: سائين هن ڪان اڳ هو لاهور جي ڪنهن اسپتال ۾ ڪمپائونڊر هوندو هو اتان ڪنهن ذاتي سبب ڪري نوڪري ڇڏي آيو هو.

انسپيڪٽر: ڪا بُري عادت؟ نشو جوئا وغيره.

مئنيجر: نہ سائين. مون کي اهڙي تہ ڪا ڄاڻ ناهي.

انسپيڪٽر: مهرباني مئنيجر صاحب، مون کي هاڻي هلڻ گهرجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 7

(انسپيڪٽر قيصر خليل ۾ اچي ٿو)

سجاد: اسلام عليڪم سر.

انسپيڪٽر: وعليڪم سلام، سجاد ڪهڙي خبر آهي؟

سجاد: اسان سڄي گهر جي مڪمل تلاشي ورتي آهي، ڪنهن بہ دريا دريءَ کي نقصان پهتل ناهي. خادم ڪتي بہ پنهنجي آڱرين جا نشان نہ ڇڏيا آهن. ڪيس، ربڙ جا دستانا پهريل هئا. معلوم ٿو ٿئي تہ هو سامهون واري در کان اندر آيو هو يا وري اڳ ۾ ئي گهر ۾ لڪل هو.

انسپيڪٽر: ناز هوٽل جي مالڪ ٻڌايو تہ خادم رات انين بجي تائين پنهنجي ڊيوٽي تي موجود هو.

سجاد: پاسي وارو در ساجده بيگم خود ساڍي انين بجي بند ڪيو هو. ان جي تصديق سيني ڪئي آهي. ان حالت ۾ صرف هڪ جاءِ آهي، جتي هو آسانيءَ سان لڪي سگهيو ٿي. ۽ اها آهي بورچي خانو. ۽ بورچي خاني ۾ رجوءَ جو راڄ آهي.

انسپيڪٽر: ها، تو ٻڌايو هو تہ هو دماغي طور ڪجهہ ٺيڪ معلوم نٿو ٿئي.

سجاد: جي ها سر، گهڻ ۾ گهٽ مان تہ جيڪر مٿس پائيءَ جو بہ اعتبار نہ ڪيان. هن جون حرڪتون ئي ڪجهہ عجيب آهن. سڄي رات پاڻ کي بورچيخاني ۾ پوريو ويٺو رهيو. ڇي مون کي ٻاهر ايندي ڊپ ٿو ٿئي.

انسپيڪٽر: منهنجي خيال ۾ اسان کي هاڻي اندر هلڻ گهرجي.

(اندر اچن ٿا)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد: سر. هيءَ آهي ساجده بيگم, قصرِ خليل جي مالڪياڻي.

انسپيڪٽر: مون کي راتوڪي واقعي جو سخت افسوس آهي, بيگم صاحبہ.

ساجده: اچو انسپيڪٽر صاحب, هتي اچي ويهو.

انسپيڪٽر: جي مهرباني, منهنجي خيال ۾ هيءَ ئي اهو ڪمرو آهي جنهن ۾ اهو واقعو ٿي گذريو.

ساجده: جي ها! انسپيڪٽر صاحب, هن ڪمري کي توهان رات ڏسو ها, سڀ سامان ٽڙيل پکڙيل, رڙيون واڪا خون خون چئني طرف خون.

ساجده: (چينيندي) رَجو منهنجي خيال ۾ انسپيڪٽر صاحب کي پنهنجي تحقيقات مڪمل ڪرڻ ڏني وڃي تہ بهتر.

انسپيڪٽر: اوهان جي وڏي مهرباني, بيگم صاحبہ. راتوڪي واقعي تي پوءِ ٿا اچون, پهريون اهو ٻڌايو تہ مقتول, خادم کي توهان سڀ کان پهريون ڪڏهن ڏٺو.

ساجده: مون ان نوجوان کي ڪجهہ مهينا اڳ ناز هوٽل ۾ ڏٺو. مان رجوءَ کي ساڻ ڪري شاپنگ ڪرڻ وئي هئس. دير ٿي وئي هئي. ان ڪري منجهند جي ماني ناز هوٽل ۾ کاڌي سين. جڏهن اٿڻ لڳاسين, تڏهن هن نوجوان, جنهن کي توهان خادم ٿا چئو تنهن منهنجو نالو وٺي مون کي سڏ ڪيو.

انسپيڪٽر: تنهنجو مطلب اهو ٿيو تہ هو توهان جي نالي کان واقف هو.

ساجده: ٿي سگهي ٿو پر مون ڪيس پهريون دفعو ڏٺو هو.

انسپيڪٽر: خير, هن ڇا چيو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجده: هن چيو تہ هو هوٽل سپروائيزر راولپنڊيءَ جي مالڪ جو پٽ آهي، مان ڪجهہ وقت اتي رهي هيس. ان ڪري هن مون کي سڃاڻي ورتو.

انسپيڪٽر: پوءِ؟ توهان کي ياد آيو؟

ساجده: نہ مون گهڻي ڪوشش ڪئي. پر مون کي ياد نہ آيو. مون کيس چيو تہ مون کي افسوس آهي مان توکي نٿي سڃاڻان.

انسپيڪٽر: هون، ان کان پوءِ بہ توهان کيس ڪڏهن ڏٺو؟

ساجده: ها.

رجو: ان کان پوءِ سائين هو بيگم صاحب کان قرض وٺڻ آيو هو پر بيگم صاحب کيس پائي بہ ڪو نہ ڏني، مان تہ سمجهان ٿو تہ ان ڳالهہ تي ڪاوڙجي رات ٻبگم صاحب کي قتل ڪرڻ آيو هو.

ساجده: تون خاموش رهہ رجو.

انسپيڪٽر: رجو ٺيڪ چئي رهيو آهي بيگم صاحب؟

ساجده: جي ها. هو ڏهہ ٻارنهن ڏينهن اڳ هت آيو هو مون کان ڪجهہ روپيا قرض گهريائين، پر مون صاف انڪار ڪري ڇڏيس.

رجو: سائين، هو پڪ ان ڏينهن جاءِ جي تاڙ رکي ويو رات موقعو ڏسي.

انسپيڪٽر: بيگم صاحب، ڪالهوڪي اخبار ۾ دعوت جو اشتهار توهان ڏنو هو؟

ساجده: نہ.

انسپيڪٽر: توهان جي گهر جي ڪنهن ٻئي ڀاتيءَ؟

ساجده: ڪنهن بہ نہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسپيڪٽر: تہ پوءِ آخر ڪنهن ڏنو؟

ساجده: اهو تہ اخبار وارائي ٻڌائي سگهن ٿا.

انسپيڪٽر: سجاد. تو ان باري ۾ ڪا جاچ ڪئي آهي؟

سجاد: مون رات ئي اها جاچ ڪئي هئي. هنن جي چوڻ موجب خادم جي تفصيل سان ملندڙ ڪو نوجوان اهو اشتهار ڪين ڏئي ويو هو.

انسپيڪٽر: ساجده بيگم، توهان جي گهر ۾ بہ ڪو نوجوان رهندو آهي؟

ساجده: جي ها، منهنجو ڀاٽيجو عزيز ۽ سندس ڀيڻ انيلا ڪجهہ مهينن کان مون وٽ رهڻ لاءِ آيا آهن.

انسپيڪٽر: توهان جا ڀاٽيجا، ان جو مطلب تہ توهان کي ڪا ڀيڻ بہ آهي.

ساجده: هئي. بہ سال اڳ گذاري وئي. پر هي سندس ٻار ناهن. هوءَ بي اولاد گذاري وئي. هي. ٻئي ٻار رشتي ۾ منهنجا ڀاٽيجا ٿين. منهنجي سوٽ جا اولاد آهن.

انسپيڪٽر: توهان جي اها سوٽ ڪٿي رهندي آهي؟

ساجده: دراصل مون ڪيس اڄ کان ٽيهہ سال اڳ ڏنو هو ان کان پوءِ مون وري ڪيس ڪو نہ ڏٺو آهي. هوءَ پشاور ۾ رهندي آهي. بہ مهينا ڪن ٿيندا جو هي ٻئي ٻار ماءُ جي چٺي کڻي آيا. ڪين ويڪيشن جون موڪليون هيون. ۽ مون کي گهر ۾ ورونهن جي ضرورت هئي. انڪري مون کي ڪين پاڻ وٽ رهائيندي خوشي ٿي.

انسپيڪٽر: هون! تہ توهان هنن نوجوانن کي اڳ ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجده: جي نه.

انسپيڪٽر: ڪو فوٽو وغيره؟

ساجده: نه. مون چيو ته ٽيهه سالن کان مان سندن ماءُ سان ڪا نه ملي آهيان. هي ٻار ان وچ ۾ ڄاوا آهن.

انسپيڪٽر: توهان کي هنن ٻنهي ۾ ڪو شڪ وغيره آهي؟

ساجده: نه انسپيڪٽر صاحب. ٻئي ٻي حد پيارا ٻار آهن.

انسپيڪٽر: ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ ۾ شڪ اٿو؟

ساجده: مان حيران آهيان ته مون کي ڪو قتل ڪرڻ آخر ڇو چاهيندو؟

انسپيڪٽر: توهان گهر ۾ پئسا، زيور يا هيرا وغيره ته نه رکندا آهيو.

ساجده: نه مان ايتري شاهوڪار نه آهيان جو ڪو ماڻهو مون کي لٽڻ لاءِ قتل ڪري.

انسپيڪٽر: توهان پنهنجي هڪ ڀيڻ جو به ذڪر ڪيو هو.

ساجده: ها. منهنجي اُها ڀيڻ اپاهج هئي. ماجده کي ننڍي هوندي کان ئي ٻچپڻ تي ڪوڙهه نڪري پيو هو جو عمر سان گڏ وڌندو ويو ۽ نيٺ ايترو ته وڌو تي ويو جو هوءَ هلڻ ڦرڻ کان ويهي وئي. سمورو وقت پنهنجي ڪمري ۾ بند رهندي هئي. مان ڪيس پئسو ڏوڪڙ موڪليندي رهندي هيس. ٻه سال اڳ هوءَ ويچاري گذاري وئي.

انسپيڪٽر: هيءُ مٽين جو هار جو توهان گلي ۾ پاتو آهي.. سچو آهي؟

ساجده: (ڪلندي) نه انسپيڪٽر صاحب هيءُ ڪوڙن مٽين جو آهي. پر مون کي تمام گهڻو پيارو آهي. ان ڪري مان ان کي ڪڏهن به نه لاهيندي آهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسپيڪٽر: توهان کي ورثي ۾ ڪجهه دولت ته ڪا نه ملي؟

ساجده: ملي ته ناهي. البته ملڻ واري ضرور آهي.

انسپيڪٽر: سو ڪيئن؟

ساجده: انسپيڪٽر صاحب مان مشهور ڪارخانيدار احمد سيٺ جي سيڪريٽري ٿي رهي آهيان، محنت، ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان مون اٽڪل پنجويهه سال سندس گهر جو فرد بڻجي خدمت ڪئي. سيٺ صاحب هڪ خدا ترس انسان هو. هن وصيعت ۾ پنهنجي سموري ملڪيت پنهنجي زال جي نالي ڇڏي، سندس زال بي اولاد آهي. انڪري سيٺ جي وفات بعد اها ملڪيت وصيعت موجب مون کي ملڻي آهي.

انسپيڪٽر: سيٺ احمد جي گهر واري هينئر ڪٿي آهي؟

ساجده: هوءَ ٽي بيءَ جي مريض آهي، ڪوئيٽا جي سينيٽوريم ۾ زندگي جا آخري ڏينهن گذاري رهي آهي، ڪجهه ڏينهن اڳ سندس ڊاڪٽرن سندس زندگيءَ جي اميد لاهي ڇڏي آهي. شايد ويچاري هفتي ٻن جي مهمان هجي.

انسپيڪٽر: بيگم صاحبه جيڪڏهن توهان اڳ ۾ گذاري وڃو ۽ احمد سيٺ جي گهر واري به وفات ڪري وڃي ته پوءِ ان ملڪيت جو ڪير وارث ٿيندو؟

ساجده: ان حالت ۾ احمد سيٺ جي هڪ پيڙهي آهي، فرخنده هن پنهنجي مرضيءَ سان هڪ بدڪردار شخص سان شادي ڪئي هئي. انڪري احمد سيٺ ڪيس لادعويٰ ڪري ڇڏيو هو. پر پوءِ خبر پئي ته ڪيس به ٻار، هڪ پٽ ۽ هڪ ڌي ڄاوا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. اهي ٻئي پار دولت جا حقدار ٿيندا.

انسپيڪٽر: توهان کين ڏٺو آهي؟

ساجده: جي نه.

انسپيڪٽر: سندن فوٽو وغيره؟

ساجده: نه_ نالا ٻڌا اٿم. شهريار ۽ راحيله.

انسپيڪٽر: ڪٿي رهندا آهن؟

ساجده: مون کي اها به خبر ناهي.

انسپيڪٽر: ته پوءِ منهنجي خيال ۾ خادم کان وڌيڪ توهان جي قتل ۾ شهريار ۽ راحيلا کي وڌيڪ دلچسپي ٿيڻ گهرجي ها، وڏي مهرباني، ساجده بيگم، هاڻي جيڪڏهن اجازت ڏيو ته اڄ شام جو عزيز ۽ انيلا کان ڪجهه سوال پڇڻ اچان؟

ساجده: توهان جو پنهنجو گهر آهي، جڏهن مرضي پئي، هليا ايندا ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيڪ _8

انسپيڪٽر: سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر خادم جي ساجده بيگم سان ڪهڙي دشمني ٿي سگهي ٿي.

سجاد: ٿي سگهي ٿو ته ڪيس ڪنهن پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪيو هجي.

انسپيڪٽر: اهو به ممڪن آهي، پر اهو ڪير آهي جنهن جي ساجده بيگم سان ايتري...

سجاد: (ڪٽيندي) سَرِ

انسپيڪٽر: هون؟

سجاد: سَرِ، ساجده بيگم جي چوڻ موجب هن عزيز ۽ انيلا کي ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو هو.

انسپيڪٽر: ۽ نه وري وصيعت جي آخري وارثن شهريار ۽ راحيلا کي ئي ڏٺو اٿس.

سجاد: جيڪڏهن مان غلطي نٿو ڪيان ته عزيز ۽ انيلا جي عمر تقريبا شهريار ۽ راحيلا جي عمر جي برابر ضرور هوندي ۽ اهي چارئي ڄڻان ساجده بيگم لاءِ مڪمل اجنبي آهن.

انسپيڪٽر: مان سمجهان ٿو تون ڇا ٿو چوڻ چاهين. اسان کي ان سلسلي ۾ ڪافي ڪم ڪرڻو پوندو. احمد سيٺ جي بيمار زال جي تصديق، شهريار ۽ راحيلا ۽ سندن ماءُ فرخنده جي ڳولا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه عزيز ۽ انيلا جي پڪي سڃاڻپ ڪرڻ لازمي آهي.

سجاد: مان ان ڪم تي هاڻي ئي ڪجهه ماڻهو مقرر ٿو ڪري ڇڏيان.

انسپيڪٽر: تنهن کانسواءِ اسان کي رَجو ۽ پارٽيءَ ۾ شامل ٻين مهمانن کي به آسانيءَ سان نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي. اڄ شام اسان وري قصرِ خليل هلنداسين.

سجاد: يِيس سَرِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 9

انسپيڪٽر: مس انيلا! توهان ٻڌائي سگهندا ته گذريل رات هن گهر ۾ ڇا ٿي گذريو.

انيلا: (لاپرواهيءَ سان) اوهه! رات ڪافي بور ڪندڙ ماڻهو اچي گهر ۾ گڏ ٿيا ۽ گهڻي دير گوڙ ڪندا رهيا.

انسپيڪٽر: مان توهان کان قتل جي واردات بابت پڇي رهيو آهيان.

انيلا: قتل؟ جيستائين مون کي ڄاڻ آهي ته ان بيوقوف ماڻهوءَ پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح آپگهات ڪيائين.

انسپيڪٽر: توهان جي خيال ۾ سندس آپگهات جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟

انيلا: منهنجي خيال ۾ ته سندس هٿ اچڻ جو ٻيو ڪو سبب ڪو نه هو.

انسپيڪٽر: توهان هن کان اڳ ڪڏهن ڪيس ڏٺو هو.

انيلا: جي نه. هڪ دفعو ئي ڪافي آهي.

انسپيڪٽر: مس انيلا! توهان کي گهرجي ته هن اهم تحقيقات ۾ منهنجي هر ممڪن مدد ڪيو، ته جيئن حقيقي ڏوهاري هٿ ڪري سگهجي.

انيلا: انسپيڪٽر صاحب، مون اڳ ۾ ئي عرض ڪيو ته مون ٻه اهو ڪجهه ئي ڏٺو جو سيني ڏٺو ان کان وڌيڪ مان توهان جي ڪهڙي مدد ڪري ٿي سگهان.

انسپيڪٽر: مون کي افسوس آهي مس انيلا. توهان ڪنهن ٻه قسم جو تعاون ڪرڻ نٿا چاهيو.

انيلا: جيڪڏهن ڪجهه ٻڌڻ ٿي چاهيو ٿا ته ٻڌو مون کي خاطري آهي ته مقتول ڦر جي نيت سان آيو هو ۽ جو ته آنٽي ساجده کيس قرض ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو انڪري انتقام وٺڻ ڪاڻ هن مٿس گوليون هلايون. نشانو خطا ويو گرفتاريءَ جي خوف کان هن پاڻ کي ماري ڇڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 10

انسپيڪٽر: مسٽر عزيز توهان مقتول خادم کي اڳ ڪڏهن ڏٺو هو؟
عزيز: مون کيس پنهنجي حياتيءَ ۾ پهريون دفعو ڏٺو هو.
انسپيڪٽر: توهان اهڙي قسم جو مذاق ڪرڻ جا عادي آهيو؟
عزيز: معاف ڪجو مون توهان جو مطلب نہ سمجهيو.
انسپيڪٽر: منهنجو مطلب آهي اخبارن ۾ اشتهار وغيره ڏيڻ.
عزيز: اهو الزام آهي، مون ڪڏهن بہ اهڙي قسم جو چرچو نہ ڪيو آهي.
انسپيڪٽر: گذريل رات توهان ڇا ڏٺو.
عزيز: مان آخري گهڙيءَ تائين ان کي چرچو ئي سمجهندو رهيس، ٺيڪ نوين بجي لائيٽ آف ٿي وئي ۽ پوءِ هو آيو. اونده ۾ بيهي هن تيز ٽارچ جي روشني سيني جي منهن تي هڻڻ شروع ڪئي جڏهن آنٽي ساجده جو وارو آيو تہ هن گوليون هلايون.
انسپيڪٽر: توهان کيس پنهنجي اکين سان ساجده بيگم تي گوليون هلائيندي ڏٺو.
عزيز: جي نہ مان ان وقت سگريٽ ڪڍڻ لاءِ اندرئين ڪمري ۾ ويل هوس.
انسپيڪٽر: توهان کيس پاڻ تي آخري گولي هلائيندي ڏٺو.
عزيز: مون عرض ڪيو تہ مان اندر ويل هوس.
انسپيڪٽر: توهان کي پڪ آهي تہ توهان کيس نہ سڃاتو.
عزيز: مون کي خاطري آهي.
انسپيڪٽر: مهرباني.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _11

رَجو: (روئيندي) مون کي ڦاٽي تي نہ ڙني هلو انسپيڪٽر صاحب، مان توهان کي پيرين ٿو پوان، مان توهان کي ٻانهون ٿو ٻڌان، مون کي جيل ۾ نہ وجهو.

انسپيڪٽر: رجو توکي ڪجهہ بہ نہ ٿيو ويندو، تون صرف صحيح صحيح احوال ٻڌاءِ.

رَجو: سائين مون کي ڪا بہ خبر ناهي، مون ڪجهہ بہ نہ ڏٺو مان ان وقت اندر بورچي خاني ۾ هوس.

انسپيڪٽر: توکي خبر آهي تہ مقتول جو نالو خادم هو.

رَجو: (ڏڪندي) ها سائين.

انسپيڪٽر: توکي ڪنهن ٻڌايو؟

رجو: هو بيگم صاحب کي هوٽل ۾ گڏيو هو، ان کان پوءِ هت جاءِ تي آيو هو قرض وٺڻ، پر بيگم صاحب، موٽائي ڇڏيس.

انسپيڪٽر: توکي ساجده بيگم وٽ نوڪري ڪندي گهڻو وقت ٿيو آهي رجو؟

رجو: سائين اٽڪل سال کن ٿيو اٿم.

انسپيڪٽر: ان کان اڳ ڇا ڪندو هئين؟

رجو: ان کان اڳ سائين هاريو ڪندو هوس. منهنجي ماءُ پيءُ کي ڌاڙيل ماري ويا، ان ڏينهن کان وٺي لڪندو وتندو آهيان، مون کي پڪ آهي، تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن هو مون کي بہ ماري ڇڏيندا.

انسپيڪٽر: توکي ڪوئي نہ ماريندو دلجاءِ ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _12

سجاد: سَرِ، هڪ عورت توهان سان ملڻ ٿي چاهي.
انسپيڪٽر: عورت؟ ڪير آهي؟
سجاد: بيگم مراد سائين، قصرِ خليل واري واقعي متعلق توهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهي.
انسپيڪٽر: ڪيس اندر وٺي اچ..
(سجاد وڃي ٿو ۽ بيگم مراد کي ساڻ وٺي ٿو اچي)
انسپيڪٽر: اچو اچو بيگم مراد، تشريف رکو.
بيگم مراد: جي مهرباني.
انسپيڪٽر: توهان غالباً هن قصرِ خليل واري واقعي جي سلسلي ۾ تڪليف فرمائي آهي.
بيگم مراد: جي ها انسپيڪٽر صاحب.
انسپيڪٽر: مان خود توهان وٽ اچ اچڻ وارو ئي هوس، چڱو ٿيو جو توهان اچي ويا. توهان کي ان سلسلي ۾ ڇا معلوم آهي؟
بيگم مراد: منهنجي خيال ۾، اڃان به مون کي يقين آهي ته اهو خودڪشيءَ جو نه، بلڪ قتل جو ڪيس آهي.
انسپيڪٽر: هي توهان ڇا چئي رهيا آهيو؟
بيگم مراد: اهو ئي جو توهان کي ٻڌڻ گهربو هو. مان پنهنجي پٽ اسلم سان ان موقعي تي موجود هئس. ۽ جو ڪجهه ڏٺم سڀئي ٻڌائي رهي آهيان.
انسپيڪٽر: ان موقعي تي ٻيا ماڻهو به موجود هئا؟
بيگم مراد: جي ها، اٽڪل پندرنهن ڄڻا کن ٿيندا.
انسپيڪٽر: مان انهن سڀني سان ملي چڪو آهيان، پر ڪنهن هڪ به اوهان جهڙي ڳالهه نه ڪئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم مراد: انسپيڪٽر صاحب! توهان خود ئي سوچيو ڪو بہ ماڻهو
هڪ هٿ ۾ پستول ۽ ٻئي هٿ ۾ تارچ کڻي، آرام سان لائيٽ اجهائي پرائو در کولي اندر اچي گوليون وسائي نٿو سگهي. تنهن ڪانسواءِ جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي ويو تہ بہ اوندهہ جو سهارو وٺي ساڳئي رستي کان ڀڄي سگهيو ٿي. خودڪشي ڪرڻ جو آخر ڪهڙو مطلب

انسپيڪٽر: توهان جو ڇا خيال آهي؟

بيگم مراد: ڳالهہ پڌري پٽ پئي آهي تہ ان شخص کي استعمال ڪرڻ لاءِ آندو ويو هو ۽ پوءِ خود اسان مان ئي ڪنهن هڪ کيس گولي جو نشانو بڻائي ڇڏيو.

انسپيڪٽر: پر اهو ڪير ٿي سگهي ٿو.

بيگم مراد: اها جاچ لهڻ پوليس جو ڪم آهي، خدا حافظ (وڃي ٿي).

انسپيڪٽر: سجاد، بيگم مراد جي گفتگو ڪيس جي نوعيت ئي بدلائي ڇڏي آهي، تنهنجو ڇا خيال آهي.

سجاد: سَر، مان خود توهان کي ان سلسلي ۾ هڪ عجيب و غريب خبر ٻڌائڻ وارو هوس.

انسپيڪٽر: ڇئہ..

سجاد: هن وقت تائين بہ اهم انڪشاف، ٿي چڪا آهن. هڪ هيءَ تہ عزيز برابر ساجده بيگم جو ڀاڻيجو آهي پر انيلا عزيز جي پيءُ ناهي ۽ ٻيو تہ مرحوم خادم جنهن اسپتال ۾ ڪمپائونڊر هو ساجده بيگم ان ئي اسپتال ۾ مريض جي حيثيت ۾ رهي چڪي آهي.

انسپيڪٽر: سجاد، نين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ مان محسوس ٿو ڪيان تہ ساجده بيگم جي زندگي خطري کان خالي ناهي، اسان کي هڪدم سندس بچاءَ لاءِ تدبيرون ڪرڻ گهرجن(سوچيندي) انيلا عزيز جي نقلي پيءُ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _13

ساجده: اهو ڪوڙ آهي.
انسپيڪٽر: اهو سچ آهي، توهان انيلا کان معلوم ڪري سگهو ٿا.
ساجده: هڪ معصوم نياڻيءَ تي الزام هڻڻ کان اڳ توهان کي ڏهه دفعا سوچڻ گهرجي.
انسپيڪٽر: اسان کي مليل رپورٽ غلط ٿي نٿي سگهي.
ساجده: مان هاڻي جو هاڻي تي ڪوڙ کي ڪوڙ ۽ سچ کي سچ ڪيان، رَجو او رجو.
رَجُو: آيو بيگم صاحب.
ساجده: هڪدم انيلا کي سڏ ڪري وٺ.
رجو: جو حڪم بيگم صاحب. انيلا بيگم کان ڊپ به ٿيندو اٿم. پر وري به وڃانس ٿو.
ساجده: ڪمال آ. ويچارا بارڙا موڪلون گذارڻ پهريون دفعو مون وٽ آيا آهن. پر ماڻهو مٿن الزام مڙهيندي به نٿا مُڙن. هنن جي اچڻ سان ته منهنجي غمگين زندگيءَ ۾ خوشيءَ جي روشني آئي آهي.
انسپيڪٽر: پر ساجده بيگم اسان هي سيڪجهه توهان جي حفاظت لاءِ ڪري رهيا آهيون.
ساجده: انسپيڪٽر صاحب، مون وٽ آهي ئي ڇا جو ڊپ ٿئيم.
انسپيڪٽر: پر توهان خود ئي چيو ته اوهان کي عنقريب سيٺ احمد جي وصيعت موجب، سندس سموري ملڪيت ملڻ واري آهي.
ساجده: ان لاءِ منهنجي قاتل کي احمد سيٺ جي گهر واريءَ جي موت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو انتظار ڪرڻو پوندو (انيلا جي اچڻ جو آواز. هي انيلا اچي وئي.

انيلا: مون کي اوهان سڏايو آنٽي.

ساجده: ها پٽ. انسپيڪٽر صاحب جو چوڻ آهي تہ......

انسپيڪٽر: اهو سوال مون کي پڇڻ ڏيو بيگم صاحبہ. مس انيلا ڇا اهو سچ آهي تہ تون عزيز صاحب جي سڳي ڌيءُ ناهين؟

ساجده: چپ ڇو ٿي وئين انيلا؟ جواب ڇو نٿي ڏين.

انسپيڪٽر: تنهنجي خاموشي ٻڌائي رهي آهي تہ اسان کي پهتل رپورٽ بلڪل سچي آهي. ائين نہ؟

انيلا: هاڻي جڏهن تہ توهان کي سموري خبر پئجي وئي آهي تہ پوءِ لڪائڻ فضول آهي. اها حقيقت آهي تہ مان عزيز جي ڌيءُ ناهيان.

ساجده: ڌيءُ ناهين؟ ان جو مطلب تہ تو مون سان دوکو ڪيو منهنجي پيار، محبت ۽ قرب جو ناجائز فائدو ورتو منهنجي ئي گهر ۾ رهي، مون کي دغا ڏيندي رهينءَ؟ جيڪڏهن تون عزيز جي ڌيءُ انيلا ناهين تہ پوءِ ڪير آهين؟

عزيز: ان جو جواب مان ڏيندس. ان ڏوهہ جو جوابدار مان آهيان. سزا بہ مون کي ئي ملڻ گهرجي.

ساجده: عزيز هي تون ڇا چئي رهيو آهين؟

عزيز: ٺيڪ چئي رهيو آهيان آنٽي. منهنجي ڌيءُ انيلا ڪنهن سبب ڪري آخري وقت مون سان گڏ اچي نہ سگهي. رستي ۾ مون کي انيتا ملي وئي. زماني جي ستايل انيتا، دک درد جي دنيا کان منهن موڙي، زندگيءَ جي ڪٺن راهن کان رشتو ٽوڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خودڪشيءَ جو فيصلو ڪري نڪتي هئي. پر مونسان ملڻ ڪان پوءِ هن هڪ دفعو وري جيئري رهڻ جو عزم ڪيو ۽ ان ئي عزم جي سهاري مان ڪيس هن گهر ۾ وٺي آيس. مون غلطي اها ڪئي جو توهان کي سيڪجهه ٻڌائڻ بجاءِ ڪيس انيلا ٻڌائي پيش ڪيم. مناسب وقت جي انتظار ۾ هيءَ گهڙي به اچي پهتي. مان ڏوهي آهيان. مون لاءِ جيڪا سزا منختب ڪيو. ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان.

ساجده: مون ڀلجي به نه سوچيو هو ته جنهن کي جيءَ جيارو سمجهيم. سو دل کي دک جي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندو. منهنجي اعتماد کي ٺيس پهچائيندو. منهنجي روح کي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيندو. انسپيڪٽر صاحب. توهان پنهنجي فرض ادائي ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪجو في الحال مون کي آرام ڪرڻ ڏيو. خدا حافظ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 14

بيگم مراد: توکي ياد آهي فوزيہ تہ جڏهن لائيٽ آف ٿي وئي هئي، تڏهن تون ڪاٿي ويٺي هئين؟

فوزيہ: مان ان وقت دروازي وٽ ئي ويٺي هئس.

بيگم مراد: ان جو مطلب اهو ٿيو تہ تون ٻين سڀني مهمانن جي بلڪل سامهون ويٺي هئين.

فوزيہ: جي ها.

بيگم مراد: ۽ اهو بہ تہ جڏهن مقتول ٽارچ جي روشني هڪ هڪ مهمان جي منهن تي اڇلڻ شروع ڪئي، تڏهن تون ئي اهڙو شخص هئين جا سڀني منهن چڱيءَ طرح ڏسي ٿي سگهين.

فوزيہ: اهو تہ برابر آهي پر تون آخر چوڻ ڇا ٿي چاهين؟

بيگم مراد: ڏس فوزيہ، قتل اسان مان ئي ڪنهن ڪيو آهي، خادم جي هڪ هٿ ۾ پستول هوءِ ٻئي ۾ ٽارچ تہ پوءِ دروازو ڪنهن کوليو؟

فوزيہ: پير سان کوليو هوندائين.

بيگم مراد: هرگز نہ. دروازو انجيسن تي اسپرنگ سان کلڻ ۽ بند ٿيڻ وارو آهي. ان جو ڪڙو کولڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هٿ ضرور استعمال ڪرڻو پوي ٿو.

فوزيہ: پر ڪنهن کولي ڏنو هوندس دروازو؟

بيگم مراد: اسان مان ئي ڪو هڪ آهي ۽ ان ئي شخص خادم کي گولي هڻي ماري ڇڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوزيہ: پر اها خبر ڪيئن پوي؟

بيگم مراد: اهو راز صرف تون ئي سلي سگهين ٿي. تون ان وقت اسان جي بلڪل سامهون بيٺي هئينءَ. عزيز اندر سگريٽ ڪڍڻ ويو هو باقي سڀ مهمان ان وقت هال ۾ موجود هئا. جيڪڏهن ڪو بہ ڪنل هوندو تہ پڪ اهو ئي قاتل آهي. ذهن تي زور ڏي سوچ ۽ پوءِ ٻڌاءِ تہ اهو ڪير هو جو توکي نظر نہ آيو.

فوزيہ: مون کي ياد نٿو اچي.

بيگم مراد: هڪ هڪ مهمان کي ذهن ۾ رکي سوچ. ٽارچ جي روشني سڀ کان پهريون ڪنهن جي منهن تي پئي؟

فوزيہ: ڪرنل سعيد تي.

بيگم مراد: ۽ پوءِ؟

فوزيہ: اسلم.

بيگم مراد: ان کان پوءِ؟

فوزيہ: پوءِ ڊاڪٽر انور تي.

بيگم مراد: شاباس، اهڙيءَ طرح سوچيندي هل (اوچتو) هائي الا! سچو وهي ويو هوندو. تون سوچي وٺ. مان اجهو ٿي اچان (وڃي ٿي...)

فوزيہ: (سوچيندي) ڪرنل سعيد. اسلم. ڊاڪٽر انور (چرڪ پريو) ادي مون کي ياد اچي ويو- هوءَ ڪا نہ هئي-

(ڪنهن جي پيرن جو آواز ٻڌي) هان-توهان؟ اچو اچو. مون تہ توهان کي ايندو ئي ڪو نہ ڏٺو. توهان ويهو تہ مان چانهہ (ڊڄي) توهان مون کي گهوري ڇو رهيا آهيو؟ توهان جي هٿ ۾ هي چاقو؟

(قدم ويجها پوندا ٿا وڃن. فوزيہ جي گهٻراهٽ، تڪڙا تڪڙا ساهہ. ڊپ) مون کي نہ ماريو خدارا مون کي نہ ماريو مان ڪنهن کي نہ ٻڌائيندس. مان.. (دل ڏاريندڙ چيخ.. سڏڪا) مري ٿي وڃي).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _15

بيگم مراد: (سڏڪندي) فوزيہ منهنجي بهترين سهيلي هئي. انسپيڪٽر صاحب! هوءَ قاتل جو نالو سڃاڻي وئي هئي ۽ شايد ان ڪري ئي ان ظالم ڪيس ماري ڇڏيو (سڏڪا)

انسپيڪٽر: صبر ڪيو بيگم مراد. خدا گهريو تہ اسان جلد ئي ان ظالم کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.

بيگم مراد: جيڪڏهن مان ٿوري دير ترسي سندس ڳالهہ ٻڌان ها تہ... (سڏڪا)

انسپيڪٽر: جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. هاڻي ارمان ڪرڻ اجايو آهي. مون کي توهان جي مدد جي ضرورت آهي. سيٺي جي تعاون سان مان قاتل کي گرفتار ڪرڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندس.

بيگم مراد: پر انسپيڪٽر صاحب. هاڻي ڇا ٿيندو؟

انسپيڪٽر: اسان کي ڳولڻو پوندو تہ فوزيہ جي قتل وقت ڪهڙو شخص هن طرف آيو هو. توهان ڪنهن کي ڏٺو.

بيگم مراد: نہ.

انسپيڪٽر: مون سب انسپيڪٽر کي ان ڪم تي ڇڏيو آهي. في الحال مان پوليس اسٽيشن وڃي رهيو آهيان (وڃڻ جو تاثر).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _16

انسپيڪٽر: مس انيتا، ڇا توهان ٻڌائي سگهندا تہ ڪلهہ ٻارهين ٻجي توهان ڪٿي هئا؟

انيلا: (گهٻراهٽ ۾) جي۔ مان۔ دراصل.

عزيز: گهٻرائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، انيتا، انسپيڪٽر صاحب جو سوال پڇي رهيو آهي، ان جو صحيح جواب ڏئي ڇڏ.

انيلا: مان ان وقت ٻاهر گهمڻ نڪتي هئس.

انسپيڪٽر: ڪهڙي طرف؟

انيلا: شهر کان ٻاهرئين رستي تي، ٻنين ڏانهن.

انسپيڪٽر: ٻارهين ٻجي منجهند جو؟

انيلا: گهٻراهٽ ۾، جي۔ جي ها.

انسپيڪٽر: توهان ڪي خاطري آهي؟

عزيز: انيتا.

انيلا: تون چپ رهہ عزيز، سوال مون کان ڪيو ويو آهي.

عزيز: پر انيتا.

انيلا: توهان پنهنجا سوال جاري رکو انسپيڪٽر صاحب.

انسپيڪٽر: عزيز صاحب بہ توهان ساڻ هئو؟

انيلا: نہ هو گهر ۾ موجود هو.

عزيز: اهو ڪوڙ آهي، انيتا تون سمجهين ڇو نہ ٿي، غلط ڳالهہ ڪرڻ مان ڪو فائدو ناهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسپيڪٽر: توهان اٽڪل گهٽي ٻيڙ اُس ۾ پسار ڪندا رهيا. مس انيتا؟

انيلا: اٽڪل ڪلاڪ ڪن.

انسپيڪٽر: توهان کي ڪنهن ڏٺو يا توهان ڪنهن کي ڏٺو؟

انيلا: جي نہ.

عزيز: تون خواه مخواهہ غلط بيان ڏئي پنهنجي لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري رهي آهين. انيتا. انسپيڪٽر صاحب. انيتا مون کي بچائڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي رهي آهي.

انيلا: عزيز.

عزيز: چپ رهہ انيتا. مون کي ڳالهائڻ ڏي. دراصل ڳالهہ هن ريت آهي. انسپيڪٽر صاحب تہ مان ڪلهوڪي واقعي جي وقت ڪرنل سعيد سان ملڻ ويو هوس. پر سندن گهر جي پرسان پهچي ياد آيم تہ آنٽي ساجده گهر ۾ اڪيلي آهي. ان ڪري جيئن ئي ٽڪرو ٽڪرو موٽڻ لڳس تہ سامهون انيتا اچي بيٺم. هن کي شڪ آهي تہ فوزيہ جو قتل مون ڪيو آهي. ان ڪري مون کي بچائڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي رهي آهي.

انسپيڪٽر: مس انيتا ڇا توهان ٻڌائي سگهندا تہ توهان ان طرف ڇو وڃي رهيا هئا؟

انيلا: مون عزيز کي ٽڪرو ٽڪرو فوزيہ جي گهر ڏانهن ويندي ڏٺو انڪري مان بہ سندس پٺيان پٺڀان وڃڻ لڳس. پر هو جلد ئي ٽڪرو ٽڪرو موٽندو نظر آيو.

انسپيڪٽر: ان مان توهان کي شڪ پيدا ٿيو تہ اهو قتل عزيز ڪيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انيال: جي ها.

انسپيڪٽر: ۽ ڪيس بچائڻ لاءِ توهان ڪوڙ ڳالهايو.

انيلا: جي ها.

انسپيڪٽر: اهو ٻڌايو ته توهان ٻنهي ڪي ڪنهن ڏٺو ته ڪونه.

عزيز: مان سمجهان ٿو ته اسان کي رجوءَ گڏ موٽندو ڏٺو.

انسپيڪٽر: رجو؟

عزيز: ها سائين.

انسپيڪٽر: ان جو مطلب اهو ٿيو ته ٺيڪ ان وقت رَجو به جاءِ واردات جي ويجهو هو. مون کي رجوءَ سان به ٽي ڳالهيون ڪرڻيون آهن.

عزيز: هيٺ بورچيخاني ۾ هوندو.

انسپيڪٽر: وڏي مهرباني مس انيتا ۽ عزيز صاحب. (اٿي ڏاڪڻ لهي هيٺ اچي ٿو).

(انسپيڪٽر جي قدمن جو آواز (دروازو چيڪات ڪري کلي ٿو)

رَجو: (گهبراهٽ ۾ رڙ ڪري) ڪير آهيءَ بچايو. بچايو.

انسپيڪٽر: گهبراءِ نہ رجو مان آهيان انسپيڪٽر نادر.

رجو: پوليس؟ پوليس؟ مون ڪجهه به نہ ڪيو آهي. انسپيڪٽر صاحب. مون ڪجهه به نہ ڪيو آهي. مان بي قصور آهيان، مون کي ڦاٽي تي نہ وٺي وڃو. توهان مون کان جو ڪجهه پڇندا، مان ٻڌائيندس. مون کي ڦاٽي تي نہ وٺي وڃو.

انسپيڪٽر: جيڪڏهن تون سچ سچ ٻڌائيندين تہ پوءِ ڪو سبب ناهي جو توکي سزا ڏجي، پر جيڪڏهن تو ذري برابر بہ ڪوڙ ڳالهايو تہ پوءِ توکي ٻن خونن جي سزا ملي سگهي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجو: خون؟ ڪهڙو خون؟

انسپيڪٽر: ها ڪهڙو خون. هڪ خادم جو ۽ ٻيو فوزيه جو.

رجو: پر-پر مون ڪو به خون نه ڪيو آهي. مان ته پاڻ لڪندو ٿو وتان. هو ضرور مون کي به ماري ڇڏيندا. هنن منهنجي ماءُ پيءُ کي به قتل ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن هو مون کي به ماري ويندا. مون کي بچايو. بچايو.

انسپيڪٽر: سچ ڳالهائيندين؟

رجو: بلڪل سچ ڳالهائيندس. بلڪل سچ.

انسپيڪٽر: ته پوءِ ٻڌاءِ ته خادم تي گولي ڪنهن هلائي؟

رجو: مون کي خبر ناهي.

انسپيڪٽر: گهر جي لائيٽ ڪنهن اجهائي؟

رجو: مون کي خبر ناهي سائين.

انسپيڪٽر: فوزيه جو قتل ڪنهن ڪيو؟

رجو: مون کي قسم ڏيو. مان ساک کڻڻ لاءِ تيار آهيان. مون کي ڪا به خبر ناهي.

انسپيڪٽر: ته پوءِ تون ڪلهه منجهند. واري واقعي وقت مقتول فوزيه بيگم جي گهر ڇو ويو هئين؟

رجو: مان؟ مان- مان ڪو نه ويو هوس.

انسپيڪٽر: ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪوشش نه ڪر رجو. توکي فوزيه جي گهر پرسان ڏٺو ويو آهي.

رجو: نه نه... نه اٿين ناهي... اٿين ناهي.

انسپيڪٽر: توتي قتل جو الزام به اچي سگهي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجو: قتل... نہ ساٿين. مون ڪنهن جو بہ قتل ڪو نہ ڪيو آهي. مان بي ڏوهي آهيان. مان بي ڏوهي آهيان. مان بي ڏوهي آهيان.

انسپيڪٽر: تہ پوءِ تون ڪلهہ منجهند جو فوزيہ بيگم جي گهر ڏانهن ڇو ويئين؟

رجو: ان لاءِ جو هوءَ اوڏاهين وئي هئي.

انسپيڪٽر: ڪير؟

رجو: جي... جي... بيگم.

(ٽيليفون جي گهنٽي زور سان وڄي ٿي)

انسپيڪٽر: شايد ٿاڻي تان فون آهي. تون اتي ئي ترس. مان اچان ٿو رجو.

(انسپيڪٽر تڪڙو تڪڙو وڃي ٿو)

رجو: (پنهنجي منهن) مان... مان مرڻ نٿو چاهيان. مان جيل وڃڻ بہ نٿو چاهيان. مان... (ڏاڍيان) بيگم صاحب توهان؟

(بيگم ساجده جي پيرن جا آواز آهستي آهستي ويجها پوندا ٿا وڃن.)

هي توهان جي هٿ ۾ چاقو؟

مون... مون تہ انسپيڪٽر صاحب کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو آهي. ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو آهي. توهان مون کي گهوري ڇو رهيا آهيو؟ مون ڪيس اهو بہ نہ ٻڌايو آهي تہ فوزيہ بيگم جي گهر توهان ويا هئا. قسم وٺو... نہ... نہ... مون کي نہ ماريو بيگم صاحب... مون کي نہ ماريو... مون کي نہ ماريو.

(رڙ ٿو ڪري)

(انسپيڪٽر ڊوڙندو اچي ٿو)

انسپيڪٽر: ساجده بيگم.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجو: بچايو۔ بچايو.

انسپيڪٽر: ساجده بيگم۔ هيڏي ڪر اهو چاقو. (ساجده جي تڪڙن تڪڙ ساهن جو آواز)

رجو: سائين بيگم صاحب مون کي خون ڪري رهي هئي.

ساجده: (جوشيلي آواز ۾) ڇڏي ڏيو مون کي.... پري ٿي وڃو مون کان. مان گرفتار ٿيڻ نٿي چاهيان. سنهنجي اڳيان هٽي وڃو۔ هٽي وڃو.

انسپيڪٽر: ساجده بيگم۔ تون قانون کي گهڻي دير دوکو ڏئي نٿي سگهين. تون قاتل آهين.

ساجده: (سڏڪندي) ها... ها مان قاتل آهيان. مان ڏوهي آهيان. مون کي اهي خون ڪرڻا پيا. مون کين مارڻ نٿي چاهيو. پر تنهن هوندي بہ مون کي کين مارڻو پيو (سڏڪا) مان ڏوهي آهيان. انسپيڪٽر صاحب، مون خوشين جا خواب ڏٺا هئا. پر منهنجي نصيب ۾ ڏک ئي ڏک لکيل آهن (سڏڪا).

انسپيڪٽر: مون کي افسوس آهي ماجده بيگم.

ساجده: ڇا۔ ڇا توهان کي بہ اهو راز معلوم ٿي ويو آهي؟

انسپيڪٽر: قانون جي نگاهن کان ڪا بہ ڳالهہ لڪي نٿي سگهي. ماجده بيگم مون کي توهان سان همدردي ضرور آهي پر ان سان گڏ مان مجبور آهيان تہ توهان کي قانون جي حوالي ڪيان.

ساجده: مان تيار آهيان سب انسپيڪٽر صاحب.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 17

انسپيڪٽر: (سليوٽ ڪري ٿو) انسپيڪٽر صاحب.
ساجده عرف ماجده بيگم کي حوالات ۾ بند ڪيو ويو آهي
۽ سڄي انڪوائري مڪمل ٿي چڪي آهي.
هي ونو فائل

انسپيڪٽر: شاباس سجاد. تو بيحد خبرداري ۽ جوابداري سان سڄي تحقيق مڪمل ڪئي آهي. هي ڏاڍو منجهيل ڪيس هو.

عزيز: ڇا اسان اندر اچي سگهون ٿا.

انسپيڪٽر: اچو اچو مسٽر عزيز ۽ مس انيلا. ويهو.

عزيز: آنٽي ساجده پنهنجو ڏوهه قبوليو آهي. مٺس خادم ۽ فوزيه کي قتل ڪرڻ ۽ رجوءَ کي مارڻ جو ارادو ڪرڻ جا الزام لڳي چڪا آهن.

انيلا: ۽ هن پنهنجي ڏوهن جو اقرار به ڪيو آهي. پر انسپيڪٽر صاحب آخر توهان کي صحيح قاتل جي ڪيئن خبر پئي؟

انسپيڪٽر: لڳاتار ڪوشش ۽ اڻ ٿڪ محنت سان.

عزيز: آخر ڪهڙيءَ ريت توهان کي آنٽي ساجده ـ اوه. آنٽي ماجده تي شڪ پيو.

انسپيڪٽر: توهان سيني وانگر اسان به آخر تائين اونداهيءَ ۾ رهياسين. پر پوءِ آهستي آهستي رازن جا مُنجهه کلندا ويا ۽ نيٺ اصلي قاتل پڪڙيو ويو.

انيلا: مون کي ته اجان به سمجهه ۾ نٿو اچي ته آنٽي ويچاري خادم کي ڇو قتل ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسپيڪٽر: ان لاءِ اسان کي سموري ڪاٿي بيهر دهرائڻي پوندي.
تحقيقات ڪندي خود قاتل جي زباني اسان کي معلوم ٿيو ته هو ٻار ۾ ٻه ڀينرون هيون ساجده ۽ ماجده. ماجده شروع کان ئي ڏيجي سيٺ احمد جي سيڪريٽري ٿي ۽ پنهنجي محنت، سچائي ۽ ايمانداريءَ سان سندس دل موهي ڇڏيائين. ايتريقدر جو سيٺ صاحب پنهنجي ملڪيت، پنهنجي زال جي وفات جي حالت ۾، ساجده بيگم جي نالي ڪري ويو.

عزيز: اها ته خير اسان سيني کي ڄاڻ آهي. پر ان ڳالهه جو قتل سان ڪهڙو واسطو؟

انسپيڪٽر: ماجده، ساجده جي ننڍي ڀيڻ اپاهج هئي. انڪري ڳوٺ ۾ ئي رهندي هئي. هن کي ڳچيءَ تي تمام وڏو ڳوڙهو هو جو ڪيس اٿڻ ويهڻ نه ڏيندو هو. ماجده ان ڪري ٻاهر به نه نڪرندي هئي. سيٺ احمد جي انتقال کان ٿورو ئي پوءِ اوچتو ساجده پڻ گذاري وئي. ماجده کي سيٺ احمد جي وصيعت جي ڄاڻ هئي. ان ڪري هن راولپنڊيءَ جي اسپتال ۾ داخل ٿي، آپريشن ڪرائي، ڳوڙهو ڪيڏائي ڇڏيو. ان ئي اسپتال ۾ خادم ڪمپائونڊر هو ۽ اتي ئي سندس پهرين ملاقات ماجده سان ٿي.

انيلا: اوهه! ته اها ڳالهه آهي.

انسپيڪٽر: آپريشن کان پوءِ اوچتو ماجده جي ذهن ۾ خيال ويٺو ته ڇو نه ساجده جو نانءُ ڌاري احمد سيٺ جي گهر واريءَ جي موت بعد دولت جي مالڪ ٿيان. ن ڪري هوءَ نالو بدلائي، هت اچي رهڻ لڳي. نئين ماحول ۾ ڪيس ڪو به سڃاڻي نه سگهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپريشن جي نشان لڪائڻ لاءِ هوءَ هر وقت وڏن مٽين جو هار
گلي ۾ پائڻ لڳي.

عزيز: پر ڪيس ڪو به سجاڻي نه سگهيو؟

انسپيڪٽر: گذريل ٻن سالن ۾ هن گهٽي دوستي ڪا نه رکي. پر پوءِ
اوچتو هڪ ڏينهن ڪيس خادم ڏسي ورتو. جيتوڻيڪ خادم کي
ماجده بيگم جي راز جي ڪا به خبر ڪا نه هئي پر جڏهن هن
ڪانئس قرض جي تقاضا ڪئي، تڏهن هوءَ ڊڄي وئي ته شايد
خادم کي سندس سازش جو پتو پئجي ويو آهي. ان ڪري هن
ڪجهه پئسا ڏئي خادم کي پنهنجو ڪري ورتو. پر سندس
خاتمو تمام ضرور هو. ان ڪري ماجده بيگم اتڪل ڪري
خادم کي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته هو اخبار ۾ پارٽيءَ جو
اشتهار ڇپرائي ۽ عين ان وقت، جڏهن مهمان موجود هجن،
مذاق ۾ فوروءَ جي ايڪٽنگ ڪري.

عزيز: پر پوءِ خادم خودڪشي ڇو ڪئي؟

انسپيڪٽر: خادم کي ماجده قتل ڪري ڇڏيو. اونده جو فائدو وٺي.
هوءَ پاسي واري درمان ڦري خادم جي پنيان آئي ۽ ڪيس گولي
هڻي ماري ڇڏيائين ۽ پوءِ لائيٽ ٻرڻ کان اڳ اچي پنهنجي
جاءِ تي ويهي رهي.

عزيز: ۽ ڪيس ڪنهن به نه ڏٺو؟

انسپيڪٽر: ڪيس ڪنهن به نه ڏٺو سواءِ فوزيه جي، ڇو ته هوءَ ماجده جي
بلڪل سامهون ويٺي هئي. ۽ جڏهن بيگم مراد جي ياد
ڪرائڻ تي هن کي ياد آيو ته ماجده اتي موجود ڪا نه هئي. ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو ماجده اتي پهچي وئي ۽ ڪيس بہ قتل ڪري ڇڏيائين.

عزيز: پر انسپيڪٽر صاحب آنٽيءَ کي بہ تہ گولي لڳي هئي.

انسپيڪٽر: (کلندي) اها تہ سندس چڙ لاڪي هئي. ڪن کي ٿورو ڇيهہ ڏئي رت ڪڍي ڇيائين تہ گولي منهنجي ڪن کي ڇهندي گذري وئي ۽ اسان سڀ سندس ڳالهين ۾ اچي وياسين.

عزيز: پر رجوءَ کي ڇو پٽي قتل ڪرڻ چاهيائين؟

انسپيڪٽر: ان لاءِ جو رجوءَ ڪيس فوزيہ بيگم جي گهر ڏانهن ويندو ڏسي، سندس پٺ ورتي هئي. رجوءَ کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ ماجده ئي فوزيہ بيگم جي قاتل آهي. پر هو پنهنجي پاڻ کي شڪ کان بچائڻ ڪاڻ خاموش رهيو. جڏهن مون ڪيس سچ ٻڌائڻ تي مجبور ڪيو تہ ماجده مٿس بہ حملو ڪري ڏنو. خوشقسمتيءَ سان مون سندس رڙيون ٻڌي ورتيون ۽ سندس جان بچائي.

اهڙيءَ طرح ماجده بيگم پنهنجي ڪئي جي سزا لوڙڻ خاطر آخرڪار قانون جي مضبوط ٻانهن ۾ پهچي وئي.

انيلا: ۽ اسان؟

انسپيڪٽر: توهان ٻئي ڄڻان اڄ ئي واپس وڃي شاديءَ جون تياريون ڪندا. پر هڪ ڳالهہ جو خيال رکندا.

ٻئي: ڪهڙي؟

انسپيڪٽر: شاديءَ جي دعوت اخبار ذريعي هرگز نہ ڏيندا.

(سڀ کلن ٿا)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_2

محمد بن قاسم

تحرير: انور علي

ترجمو: قمر شهباز

ڏيک _1

راجا ڏاهر جي دربار_ مليل جُليل آواز

دربان 1: (پري کان) هوشيار_ خبردار_ والي سنڌ_ مهاراج ڏاهر اچي رهيا آهن.

دربان 2: (ويجهو کان) هوشيار_ خبردار_ والي سنڌ_ مهاراج ڏاهر اچي رهيا آهن.

(قدمن جي آواز ساڻ گڏوگڏ چوڪرين جي ٺهڪن جا آواز ۽ شراب اوتڻ جا آواز)

پرتاب: مهاراج، هيءَ داسُ، اوهان کي جنم ڏينهن جون واڌايون ٿو ڏئي.

ڏاهر: پرتاب سنگهه، اڄ اسان جو جنم ڏينهن آهي ۽...

پرتاب: (ڳالهه ڪٽيندي) مهاراج، ان خوشيءَ ۾ سرانديپ جا قيمتي موتي ۽ مٽيا، ۽ عربن جي جهاز مان لُٽيل مال پيش ڪرڻ جي جرئت ڪيان ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: شاباس پرتاب سنگهہ. اسان تو مان بي حد خوش آهيون (تاڙيءَ جو آواز)

پرتاب: موتي ۽ مڻيان، ۽ ٻيو ڦرلٽ جو مال مهاراج جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي

درٻاري: جو حڪم مهاراج.

(قدمن جو آواز- صندوق رکڻ جو آواز)

ڏاهر: اوهہ- هي تہ بي حد قيمتي جواهر آهن، پرتاب سنگهہ!

پرتاب: اوهان جي ملڪ آهن ڏڻي.

ڏاهر: اسان تنهنجي ڪارگذاريءَ کان بي حد خوش آهيون.

پرتاب: توهان جي ديا آهي، مهاراج!

ڏاهر: ۽ هو- عرب قيدي ڪٿي آهن؟

پرتاب: اهي بہ حاضر آهن. ڏڻي.

ڏاهر: پيش ڪيا وڃن.

پرتاب: مهاراج- جيئدان ملي تہ هڪ وينتي ڪيان.

ڏاهر: چئہ. ڇاٿو چوڻ چاهين.

پرتاب: ڏڻي- مان صبح مردان سان انهن عربن کي اوهان جي درشن ڪرڻ جي موڪل ڏيڻ نٿو گهران. هي ماڻهو اپاڳا ٿيندا آهن، مهاراج- مان اوهان جي جنم ڏينهن جي خوشيءَ ۾ سنڌ جي هڪ اپسرا-

ڏاهر: (ڪتيندي) اپسرا-؟ تہ پوءِ انتظار ڇا جو آهي؟ پيش ڪئي وڃي.

ڇوڪري: (پري کان) ڇڏي ڏيو- ڇڏي، ڏيو- مون کي ڇڏي ڏيو. منهنجو پيءُ منهنجي راهہ تڪيندو هوندو (آواز ويجهو ٿو اچي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاراج ـ توهان جا سپاهي پرجا تي ظلم ٿا ڪن. مهاراج منهنجو ڪو بہ ڏوهہ ناهي ڪو بہ قصور ناهي. مان ڪوهہ ٿان پاڻي پرن ائي هئس. هي سپاهي مون کي زوريءَ پڪڙي هت وٺي آيا آهن.

ڏاهر: هيءَ تہ سچ پچ ڪا اپسرا آهي.

ڇوڪري: ۽ ـ ۽ هنن منهنجو دلو بہ ڀڃي ڇڏيو. مهاراج اسان بي حد غريب آهيون. هنن منهنجو نقصان ڪري ڇڏيو (دانهن ڪري) مهاراج مان بي ڏوهي آهيان. منهنجو پتا پوڄاري آهي. مهاراج. پوڄاري آهي (روئندي) هو اڪين ڪان وينل آهي. مان ئي سندس اجهاٽل اکين جي روشني آهيان. مون ڪانسواءِ هو هڪ قدم بہ هلي نہ سگهندو آهي. مون کي ڇڏي ڏيو. مون کي پنهنجي پتا ڏانهن وڃڻ ڏيو مهاراج (روئندي) مهاراج ـ توهان تہ پرجا جا پتا آهيو. توهان جو پاڇو پڳوان جو پاڇو آهي. مهاراج!

ڏاهر: (کلندي) ها ـ ها ـ ها ـ وٺي وڃو هن کي.

ڇوڪري: مون کي ڇڏي ڏيو. مهاراج منهنجو عرض ٻڌو آهي. هو توهان سيني کي ضرور جيئرو جلائي ڇڏيندو. توهان سيني کي ضرور سزا ڏيندو.

آواز آهستي آهستي پري ٿيندو ٿو وڃي

زنجيرن جي ڪڙڪڻ جو آواز ٿو اچي.

ڏاهر: (شراب پيئندي) هي ڪير آهي پرتاب سنگهہ؟ ۽ ڪيس زنجير ڇو پهريل آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرتاب: مهاراج- هيءُ هڪ اڇوت آهي. توهان جي سواري جڏهن وچ شهر مان لنگهي رهي هئي، تڏهن هن حڪم جي باوجود اوهان کي ڏسڻ جي جرئت ڪئي. هن گستاخ جون نگاهون اوهان جي پوتر مُکَ تي پيون.

ڏاهر: (نشي ۾) تہ پوءِ انهن اکين کي سندن گستاخيءَ جي سزا ضرور ملڻ گهرجي. انهن کي ڪڍي ڪتن کي ڏيو.

پرتاب: جلاد- حڪم جي تعميل ڪئي وڃي.

اڇوت: ديا ڪيو مهاراج، مان بي ڏوهي آهيان. مون تہ رڳو اوهان جو درشن ڪرڻ لاءِ اوهان ڏانهن نهاريو. ديوتا سمجهي توهان کي ڏٺو مهاراج.

ڏاهر: هون- ترسو- اسان هيءَ سزا انهن مليڇ عربن جي سامهون ڏيڻ ٿا چاهيون. ان لاءِ تہ هو اسان جي طاقت ۽ زورآورين کي پنهنجي اکين سان ڏسن.

پرتاب: (تاڙي وڄائي) عربن کي پيش ڪيو وڃي.

(مختلف آواز- گهڻن قدمن جي اچڻ جو آواز)

ڏاهر: هون- تہ هي آهن اهي عرب جن سڄي دنيا کي بيزار ڪري ڇڏيو آهي.

پرتاب: جي ها- مهاراج- هي عرب تمام گهڻو سرڪش آهن. هنن جا ڳاٽ اوچا ۽ پيشانيون بي خوف آهن.

ڏاهر: (ٺهڪ ڏئي) اهي ڊپ اسان جيْ تلوار جي ڌار کي ڪُنر نہ ڪري سگهندا. پرتاب!

پرتاب: مهاراج!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: اهو عرب ڪهڙو آهي. جنهن کي پنهنجي بهادريءَ تي تمام گهڻو بانور آهي؟

پرتاب: بانور هيو مهاراج ـ هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. ديبل ۾ سندس بهادري جو پرمڙيري پيو.

زبير: اهو ڪوڙ آهي. اهو نسورو ڪوڙ آهي. هن مڪار انسان اسان کي ڌوکي سان گرفتار ڪيو آهي. هيءُ ڊڄڻو ڪمزور ۽ ڪانئر آهي.

پرتاب: زبان کي لغام ڏي نوجوان. تون منهنجي بي عزتي ڪري رهيو آهين.

ڏاهر: اڇا تہ هيءُ آهي زبير.

پرتاب: جي ها ڏڻي. اهو ئي زبير آهي.

ڏاهر: وڏا وزير.

پرتاب: حڪم ٿئي مهاراج!

ڏاهر: اسان هنن ماڻهن کي موت جي گهاٽ پهچائڻ کان اڳ هنن جي بهادري کي بدنام ڪرڻ ٿا چاهيون. (درٻارين کي) اسان جي درٻار ۾ آهي ڪو اهڙو وِيرُ سپوت. جو هن جي هٺ کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي

ڀيم سنگهہ: مون کي آگيا ڏيو مهاراج تہ مان سچ ۽ ڪوڙ جو سنڌو صاف ظاهر ڪري ڏيکاريان. منهنجي ٻانهن جو ٻَلُ هن جي ڪنڌ کي جهڪائڻ لاءِ ڪافي آهي.

ڏاهر: ڀيم سنگهہ. توکي موڪل آهي. زبير جا زنجير کوليا وڃن. ڪيس هڪ تلوار پڻ ڏني وڃي.

(زنجير کلڻ جا آواز)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درٻاري: هان- هيءَ وٺ تلوار.

زبير: مان ڪنهن بہ بي گناهہ جي جان وٺڻ نٿو چاهيان. اسان جو ڏوهاري پرتاب آهي. ڪيس تلوار ڏني وڃي. اسان جو جهاز سندس ئي حڪم سان لٽيو ويو آهي. اسان جي عورتن ۽ ٻارن کي قيد هن ئي ڪيو آهي اسان کي تڪليفون ۽ ايذاءَ بہ هن ئي ڏنا آهن. پنهنجي بهادريءَ ۽ اسان جي بزدليءَ جو طعنو بہ اسان کي هن ئي ڏنو آهي. ان ڪري هن کي منهنجي مقابلي لاءِ ميدان ۾ لاٿو وڃي.

درباري I : ها مهاراج- پرتاب سنگهہ ئي وڌيڪ بهتر ٿيندو. هو تہ هنن ڪانئرن کي اڳ بہ ٻيڙي شڪست ڏئي چڪو آهي.

ڀيم سنگهہ: اها مون سان ڏاڍائي ٿيندي مهاراج. منهنجي ترار مياڻ مان نڪري چڪي آهي. ان ڪري پهريون مقابلو مون سان ٿيندو. مان هن گستاخ جي زبان پٽي ڪيرڻ ٿو چاهيان.

ڏاهر: پهريون مقابلو ڀيم سنگهہ ئي ڪندو.

ڀيم سنگهہ: وڏي ڪرپا مهاراج- تيار ٿي وڃ زبير. اڄ تنهنجو واسطو انهيءَ ترار سان پيو آهي، جہ ڪُنر ٿيڻ جاڻندي ئي ناهي.

زبير: جيڪڏهن تون خود پنهنجي جان جو دشمن بڻجي چڪو آهين تہ پوءِ هليو آ. ميدان ۾.

ڀيم سنگهہ: اچئي ٿو منهنجو وار.

(تلوارن ٽڪرائڻ جو آواز لڳاتار ٻڌڻ ۾ رهي ٿو تيز تيز ساهہ کڻڻ جا آواز. تلوارن جو آواز ختم ٿي ٿو وڃي. ڀيم سنگهہ وڏا ساهہ کڻڻ ٿو لڳي).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبير: چپ ڪري ويهي رهه. هن ڪرسيءَ تي پيم سنگهه. تون هڪ سنو تلوار باز بڻجي سگهين ٿو. بس صرف جذبي جي ضرورت آهي.

(تيز ڀڄڻ جو آواز اچي ٿو)

بزدل ڌوڪيباز. ٻڌاءِ تو اسان کي ننگيءَ سان گرفتار ڪيو هو يا مقابلو ڪري مطيع ڪيو هو. ٻڌاءِ سچ سچ ٻڌاءِ ورنه منهنجي تلوار تنهنجي سيني جي پار ٿي ويندي (رڙ ڪري) خبردار ج ڪنهن به اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڏاهر: بي وقوف نوجوان، تون شايد پنهنجي حياتيءَ مان بيزار ٿي چڪو آهين. تون وساري وينو آهين، هيءَ سنڌ جي راجا ڏاهر جي دربار آهي. تون منهنجي ڪروڌ ۾ ڪاوڙ کان واقف ناهين ڇوڪرا، منهنجي اُلر آڏو بهادر کان بهادر به بيهي نه سگهندا آهن.

زبير: تون به شايد اهو وساري وينو آهين مهاراج ته تنهنجو واسطو اهڙيءَ قوم جي فردن سان پيو آهي، جا پنهنجي اصولن خاطر باهه کي به گلزار سمجهندي آهي.

ڏاهر: (غصي ۾) مان حڪم ٿو ڏيان ته تلوار اڇلائي ڇڏ ۽ اسان جي آڏو ادب سان جهڪي وڃ.

زبير: مسلمان جو سِرُ، خدا کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي به آڏو جهڪي نٿو سگهي، تون جواب ڏي پرتاب سنگهه، ورنه منهنجي تلوار..

پرتاب: (گهٻرايل آواز) ترس- ترس——مون- مون توکي برابر ڌوڪي سان گرفتار ڪيو هو.

زبير: پنهنجي مهاراج کي به اهو ٻڌاءِ ته تو ۽ جيرام اسان کي دوست

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي روپ ۾ دغا ڏني هئي.

ڏاهر: (ڪاوڙ ۾) اهو اسان جو حڪم هو.

زبير: (توڪ هٽندي) اوهه- ته اهي سڀ ڪارناما واليءِ سنڌ مهاراج ڏاهر جي بهادريءَ جا هئا. مون کي اها غلط فهمي هئي ته واليءِ سنڌ جي دربار جو صرف هڪ فرد ڪوڙو ۽ دغاباز آهي، مگر هاڻي معلوم ٿيو ته مهاراج...

ڏاهر: خاموش- ٻڌاءِ ته هاڻي تون ڇا ٿو چاهين؟

زبير: مان اُهن سيني مسلمانن عورتن ۽ مردن جي آزادي ٿو چاهيان. جيڪي پرتاب سنگهه جي قيد ۾ آهن.

ڏاهر: تون بهادر هجڻ سان گڏوگڏ بي وقوف به آهين نوجوان، موت تنهنجي اکين آڏو اچي بيٺو آهي پر توکي اجان تائين جاڻ نه پئي آهي.

زبير: اسان موت کان هرگز نه ڊڄندا آهيون.

ڏاهر: منهنجي هر سپاهيءَ جي هٿ ۾ نيزا ۽ تلوارون آهن. ڀالا ۽ برڇيون آهن. ۽ تون؟ هٿين خالي ۽ اڪيلو. هڪ تلوار اٿئي. اسان جو وڏ ۾ وڏ هڪ ئي ماڻهو ماريءِ سنگهنديون نه؟

زبير: اسان جو ڏوهاري به هيءُ ئي آهي.

ڏاهر: ۽ پوءِ تون ييهر گرفتار ڪيو ويندين. ان کان بعد تنهنجي عورتن ۽ مردن جو ڇا حشر ٿيندو سو توکان ڳجهو ناهي. اجان به وقت اٿئي خود غرض نه ٿيءُ، تلوار اُڇلي ڇڏ.

(مجمعي ۾ بي چينيءَ جو تاثر)

مان چوانءِ ٿو تلوار اڇلي ڇڏ ۽ پاڻ کي اسان جي حوالي ڪري ڇڏ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مجمعي جو آواز)

زنجيرن ۾ جڪڙيل پنهنجي هنن ساٿين ڏانهن نهار.

(وقفو)

تلوار اڇلائي ڇڏ (وقفو)

(تلوار اڇلائڻ جو آواز)

(ڏاهر شيطاني ٽهڪ ڏئي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _2

(ڇهبڪن لڳڻ جو آواز- زبير ڇنگهي ٿو)

ڏاهر: هٽو اڃان هٽو.

زبير: (ڇنگهندي) پاڻي- (خاموشي) پاڻي (ساهه کڻي) پا- پاڻي

(قدمن جو آواز)

ڏاهر: هون.

زبير: پاڻي- پاڻي

ڏاهر: هن کي پاڻي ڏنو وڃي (پاڻي پيالي ۾ وجهڻ جو آواز) پيالو هن جي ويجهو ڪيو (زبير بي قراريءَ مان پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پيالي ڪرڻ جو آواز).

ڏاهر: (شيطاني ٽهڪ ڏيندي) ڏاڍو آرام سان پاڻي پيئڻ ٿو چاهين؟ (ٽهڪ) ٻڌاءِ هاڻي ان اڻ ڏٺي خدا جو پوٽ سر تان لٿئي يا اڃان به سوار اٿئي؟

زبير: (وڏا وڏا ساهه کڻي آهستي آهستي، ان رب العالمين جو خيال ته منهنجي ساهه پساهه ۾ سمايل آهي.

ڏاهر: هن جو مطلب اهو آهي ته هن اڃا تائين خالد ۽ ناهيد جو ڏس نه ٻڌايو آهي.

پرتاب: نه مهاراج، بس هن جو صرف هڪ ئي جواب آهي ته مون کي ڄاڻ ڪانهي. منهنجو ته خيال آهي مهاراج ته اهي ٻئي هندوستان مان ٻاهر وڃي چڪا آمن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: پرتاب سنگهه: تون هي ڇا چئي رهيو آهين؟ تنهنجو تہ خيال هو تہ هوا جان تائين هٿ ئي آهن.

پرتاب: خبر پئي آهي مهاراج تہ ڪانياواڙ جي ڪانري وٽان هڪ سرڪاري غوراب گم ٿي ويو آهي.

ڏاهر: ۽ توکي پڪ ٿي وئي تہ اهو غوراب انهن ئي چوراين ئي چورايو هوندو (قدمن جو آواز) ٻڌ پرتاب.

پرتاب: جي

ڏاهر: هنن سيني مسلمان عورتن ۽ مردن کي سڀاڻي صبح ٿيڻ کان اڳ قتل ڪري ڇڏ. ان لاءِ تہ مسلمان بادشاهن وٽ ان ڳالهہ جو ڪو بہ ثبوت نہ رهي تہ اسان سندن جهاز ڦريو آهي.

پرتاب: جو حڪم مهاراج.

ڏاهر: شايد اُهي مڪران جي واليءَ جي پناهہ ۾ هلايا ويا آهن.

اُڏي سنگهہ: مهاراج منهنجي خيال ۾ اسان سرانديپ جو جهاز ڦري وڏي غلطي ڪئي آهي. هاڻي مسلمان فوجن جو رخ ضرور هندوستان طرف ٿيندو.

ڏاهر: اُڏي سنگهہ. تنهنجي ڳالهين مان مون کي بزدليءَ جي بوءِ ٿي اچي، ڏاهر پنهنجي غلطين تي پڇتائڻ کي پاپ سمجهندو آهي. سڀاڻي صبح ٿيڻ کان اڳ ئي اسان جي حڪم جي تعميل ٿيڻ گهرجي.

زبير: ترسو. ترسو. توهان چند مسلمانن کي شهيد ڪري پنهنجي انجام کان بچي نٿا سگهو. ظلم جي انتها ظالم جو موت بڻجي ويندي آهي. خدا هر فرعون لاءِ موسيٰ ۽ هر نمرود لاءِ ابراهيم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئدا ڪندو آهي.

ڏاهر: (ڪاوڙ ۾) او۔ خدا۔ خدا۔ خدا ڪٿي آهي تنهنجو خدا؟

زبير: هو هر هنڌ موجود آهي.

ڏاهر: (ٽهڪ) هر هنڌ موجود آهي، مگر ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هونهہ! (ٽهڪ) سڏ ڪر پنهنجي خدا کي۔ پڪار پنهنجي خدا کي آواز ڏئي کيس مدد لاءِ ٻاڏاءِ تہ هو توکي سنهنجي عذاب مان ڇڏائي. مان توکي اٺ ڪلاڪ ڏيان ٿو. پنهنجي خدا سان صلاح سباب ڪري وٺ. صبح ٿيڻ کان اڳ، (چپ پڪوڙي) ائين نہ ٿئي تہ مان (ٽهڪ).

(ٽهڪن جو آواز پري هليو ٿو وڃي .. ڏاهر جي وڃڻ جو آواز)

(خاموشيءَ ۾ قدمن جو آواز اچي ٿو۔ آواز آهستي آهستي ويجهو اچي ٿو)

زبير: آهہ۔ آهہ

جيرام: (آهستي) زبير۔ زبير

زبير: (ڪمزور آواز) ڪير؟

جيرام: مان جيرام آهيان، تنهنجو دوست.

زبير: (ڪمزور ۽ نفرت واري آواز) دوست! پنهنجي نالي سان گڏ دوست جو لفظ شامل ڪري دوستيءَ کي بدنام نہ ڪر جيرام. چئہ۔ هاڻي ڪهڙي چال کيڏڻ آيو آهين؟

جيرام: زبير۔ ڀڳوان لڳ مون تي ڀروسو ڪر. مونتي اعتبار ڪر. مون توکي هرگز ڌوکو نہ ڏنو آهي. پر مون کي بہ ڌوکو ڏنو ويو هو. ديبل جي گورنر پرتاب مون کي ان وقت قيد ڪري رکيو هو ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ توهان جو جهاز ڦريو. جيڪڏهن مون کي ڄاڻ هجي ها تہ جان جي بازي لڳائي بہ دوستي ملهايان ها.

زبير: هون۔ خير، مون کي اهو ٻڌاءِ تہ خالد ۽ ناهيد ڪٿي آهن؟

جيرام: اهي گنگوءَ وٽ آهن. تون سندن فڪر نہ ڪر. هيڏي ڪر هٿ تہ مان تنهنجا زنجير کوليان.

زبير: جيرام، مون کي تنهنجي ڪنهن بہ ڳالهہ تي اعتبار ئي نٿو اچي، ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ بہ ڪا سازش هجي.

جيرام: مون تي اعتبار ڪر زبير، مان بي ڏوهي آهيان، مان مڃان ٿو تہ جيڪو ڪجهہ تي گذريو اهو سڀ منهنجي ڪري ئي ٿيو پر مان ان لاءِ بي حد پشيمان آهيان.

زبير: جيرام: جيڪڏهن هن دفعي بہ ڪا گڙٻڙ ٿي تہ پوءِ..

جيرام: اوهہ۔ جلدي ڪر تہ ڪو اچي نہ وڃي، ٻاهر ڪوٽ جي پٺ وٽ گنگوءَ جا ماڻهو بيٺا آهن، اهي توکي حفاظت سان مڪران جي حدن ۾ پهچائيندا ۽ پوءِ اتان تون نهايت آسانيءَ سان بصره وڃي سگهين ٿو.

زبير: پر۔ پر منهنجي هنن ساٿين جو ڇا ٿيندو جيڪي هت قيد ۾ آهن. تنهن کانسواءِ خالد ۽ ناهيد ڪٿي آهن.

جيرام: اوهہ۔ وقت تمام ٿورو آهي، جلدي ڪر زبير، سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو اچي هيءَ وٺ ناهيد جو خط، رستي ۾ وڃي پڙهجانءِ. توکي سڀ ڪجهہ معلوم ٿي ويندو. وڃ۔ هاڻي وڏيڪ ترسڻ خطري کان خالي ناهي. دير نہ ڪر۔ هتان هليو وڃ.

زبير: چڱو دوست۔ خدا حافظ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _3

(قدمن جو آواز- جيئن ڪو شخص ڪمري ۾ هيڏي هوڏي هلي رهيو آهي)

دربان: (ڪمري ۾ داخل ٿي) سائين- ترڪستان مان ايلچي آيو آهي.

حجاج: مون کي سندس ئي انتظار هو. ڪيس جلدي اندر موڪل

دربان: جو حڪم سرڪار.

(قدمن جي ٿهلڻ جو آواز)

(وقفو)

(سليوٽ ڪندڙ قدمن جو آواز)

حجاج: (حيرت مان) تون ڪير آهين؟ هتي ڇو آيو آهين؟

محمد بن قاسم: مون کي قتيبه بن مسلم بابلي توهان جي خدمت ۾ موڪليو آهي.

حجاج: (ڪاوڙ ۾) مگر توکي ڇو موڪليو اٿائين؟ اوهه- قتيبه کي آخر ڇا ٿي ويو آهي؟

محمد بن قاسم: مون هيءَ خط اوهان جي لاءِ آندو آهي.

(ڪاغذ جي ڪڙڪڻ جو آواز)

حجاج: هون- ڪٿي آهي اهو؟

نوجوان: توهان ڪنهن جي متعلق پڇي رهيا آهيو؟

حجاج: (چڙ ۾) انهيءَ بيوقوف جي باري ۾ جنهن جي متعلق قتيبه لکيو آهي ته مان پنهنجو بهترين جرنيل موڪلي رهيو آهيان.

نوجوان: قتيبه جي خط ۾ جنهن جرنيل جو ذڪر ڪيل آهي، اهو اوهان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سامهون موجود آهي، جيڪڏهن توهان کي ڪنهن بيوقوف سان ٺي ملڻو آهي ته پوءِ مون کي اجازت ڏيندا.

حجاج: (حيرت مان) تون؟ جرنيل؟ خوب! جيڪڏهن ترڪستان جي محاذ تي توجهڙا وات ڳاڙها ڇوڪرا جرنيل هجڻ جي دعويٰ ڪندا ته پوءِ ترڪستان جي سرحد جو خدا حافظ آهي.

نوجوان: منهنجي عمر سترنهن سال آهي جناب

حجاج: هون. (ٺهلندي) بلخ کي ڇڏي، بخارا جهڙي مضبوط قلعي تي حملي ڪرڻ واري صلاح ٻه توجهڙي ٺي ڪنهن جرنيل جي ڏنل ٿي معلوم ٿئي.

نوجوان: توهان جو چوڻ صحيح آهي. جيڪڏهن اوهان ٿوري دير لاءِ ضبط کان ڪم وٺو ته مان توهان کي ان رٿ جي باري ۾ دليل ڏئي سمجهايان.

حجاج: هون. جيڪا فوج هرات جهڙي معمولي شهر کي فتح نٿي ڪري سگهي سا خبر ناهي بخارا جهڙي پڪي ۽ مضبوط قلعي کي فتح ڪرڻ جا خواب ڇو ٿي ڏسي (وقفو). نوجوان، جيڪڏهن تون مون کي ڪجهه سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئين ته مان سمجهندس ته اجان عرب مائن جي ٿڃ مان تاثير ختم نه ٿيو آ. اچ. هيءُ نقشو اچي ڏس. تون نقشو پڙهڻ ڄاڻندو آهين؟

نوجوان: هي بلخ آهي ۽ هي بخارا. ظاهري طرح ته بلخ جو قلعو فتح ڪرڻ نهايت آسان ٿو لڳي. ليڪن حقيقت ۾ ان جي ابتڙ آهي. بلخ ٽڪرين جي وچ ۾ آهي. سڀ کان پهريون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيستائين پهچڻ ئي مشڪل ڪم آهي. ڇو تہ دشمن جو معمولي لشڪر بہ جبلن کي ڍال بڻائي اسان کي گهيري سگهي ٿو. ۽ ٻيو تہ هنن جبلن تان ڳڙڪايل پٿر، منجنيق سان اڇلايل پٿرن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيندا ۽ جيڪڏهن اسان ڪنهن نہ ڪنهن طرح اتي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي بہ وڃون تہ پوءِ رسد ۽ امداد جي رستن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ، اڌ کان وڌيڪ فوج انهن رستن تي بيهارڻي پوندي ۽ اها ڳالهہ اسان لاءِ ممڪن ناهي. ٽيون تہ بلخ جيئن تہ اوچائي تي آهي، انڪري اسان جون منجنيقون ايتري بلندي لاءِ بيڪار ثابت ٿينديون.

حجاج: هون۔ بس ڇو تي وئين؟ مان غور سان ٻڌي رهيو آهيان.

نوجوان: ان جي ڀيٽ ۾ بخارا ميداني علائقو آهي ۽ منجنيقن جي پٿرن آڏو ان قلعي جون ديوارون گهڻي دير بيهي نہ سگهنديون. اسان جي رسد ۽ امداد جا رستا بہ محفوظ رهندا. گهيري کان پوءِ بخارا۔ بلخ ۽ قوقند کان بلڪل ڪٽجي ويندو. منهنجي خيال ۾ قلعن ۾ اهي فوجون ئي بند ٿي ويهي رهنديون آهن، جن کي مدد پهچڻ جي پڪ هوندي آهي ۽ جيڪڏهن اها اميد ختم ڪئي وڃي تہ پوءِ هو ڏاڍي سولائيءَ سان پيش پونديون آهن.

حجاج: ليڪن بخارا فوجي اعتبار کان، وڌيڪ مضبوط آهي.

نوجوان: اوهان ٺيڪ فرمايو فوجي اعتبار کان تہ برابر مضبوط آهي. پر جنگي اعتبار کان بلڪل مضبوط ناهي. اهو ئي سبب آهي جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پهرين بخارا فتح ڪرڻ جي صلاح ڏئي رهيو آهيان. چاڪاڻ تہ آس پاس جي شهرن لاءِ بخارا هڪ اهم فوجي حيثيت رکي ٿو. جيڪڏهن بخارا ئي ختم ٿي ويو تہ پوءِ ٺيڪ اهڙوئي اثر پوندو جهڙو مدائن جي فتح سبب ايران تي پيو ۽ فتح يرموڪ جي ڪري روم تي پيو هو.

حجاج: هون۔ (وقفو) تون فوج ۾ ڪهڙي عهدي تي آهين؟

نوجوان: مان وچين دستي جو سالار آهيان.

حجاج: تنهنجو نالو

نوجوان: محمد

حجاج: بن

نوجوان: قاسم

حجاج: (حيرت ۾) قاسم۔ تہ تون محمد بن قاسم آهين.! قاسم جي پٽ کي واقعي توجهڙو ئي هئڻ گهربو هو (وقفو) مون کي سڃاڻين ٿو؟

نوجوان: جي ها۔ توهان۔ بصري جا گورنر آهيو.

حجاج: (ڌڪ ۾) بس۔ منهنجي متعلق صرف ايتري ئي ڄاڻ اٿئي؟

نوجوان: ۽ اها بہ خبر اٿم تہ حجاج بن يوسف جڏهن بصري جي بغاوت کي روڪڻ لاءِ اٿيو تڏهن هُن اسلام جي گلشن کي ڪيترن ئي زهريلن ۽ نوڪدار ڪنڊن کان هميشہ هميشہ لاءِ پاڪ ڪري ڇڏيو اتي هن ڪيترن ئي خوشبودار مرڪندڙ مکڙين کي پڻ پامال ڪري ڇڏيو.

حجاج: مطلب؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان: منهنجو مطلب عمر بن العاص سان آهي.

حجاج: (ڏڳهو ساهہ کڻي) هائو. تون ٺيڪ ٿو چوين (وقفو) تڏهن تنهنجي ماءُ توکي سيڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي (وقفو) پيو ڪجهہ نہ ٻڌائي، تنهنجي ماءُ؟ اهو بہ نہ ٻڌايائين تہ مان تنهنجو چاچو آهيان؟

(خاموشي) خدائي برتر جو قسم -حجاج جا ڪن ڪڏهن بہ هن قسم جي گستاخيءَ واري گفتگو ٻڌڻ تي هريل نہ آهن (نرمي سان) پر- تون بهادر آهين. منهنجي مرحوم ڀاءُ جي آخري نشاني آهين. تنهنجي ڳالهين ۾ حقيقت جي هيڪار مون کي مجبور ٿي ڪري تہ مان خاموش رهان. چوندو رهہ محمد جو الزام بہ مونتي ڌرڻ چاهين ٿو ڏيندو وڃ. ان حد تائين جو تنهنجي دل ۾ نفرت جي اجهاميل چڻنگ، هڪ دفعو وري شعلو بڻجي وڃي، تہ منهنجي اکين مان وهندڙ هي پشيماني جا لڙڪ ئي ڪيس وسائي سگهن.

(ڏکاري آواز ۾) تو اهڙي زخم کي ٻيهر تازو ڪيو آهي، جنهن کي وقت جي مرهم ڇيني ڇڏيو هو. تو اهو درد ٻيهر جاڳايو آهي، جنهن کي مان لولي ڏئي اندر ۾ سمهاري ڇڪوهوس.

نوجوان: وقت هڪ مرهم ضرور آهي، اها زخمن کي ڀري سگهي ٿي، درد کي لولي ڏئي سمهاري سگهجي ٿو پر حقيقت هڪ اهڙو ناسور آهي جو هميشہ ڏکندو رهندو آهي. هڪ اهڙي آڳ آهي، جيڪا هميشہ دونهون ڪندي رهندي آهي. تاريخ صرف حقيقتن جي ئي ڳولائو هوندي آهي. چاچا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حجاج: (خوش ٿيندي) چاچا! تو مون کي چاچو چئي پڪاريو آهي محمد! غلطيون انسان جي قسمت آهن ۽ پشيماني جا لڙڪ انهن کي مٽائي ڇڏيندا آهن. محمد اچ منهنجي سيني ۾ سمائجي وڃ ـ اچ محمد.

نوجوان: چاچا.

حجاج: محمد ـ منهنجا ٻچا!

(دربان اچي ٿو)

دربان: حضور هندوستان کان هڪ نوجوان آيو آهي، توهان سان ملڻ لاءِ بيتاب آهي.

حجاج: ڪير آهي؟ شايد منعم هوندو.

دربان: سائين ـ هو پنهنجو نالو زبير ٿو ڏسي.

حجاج: ڪيس جلدي اندر وٺي اچ (وقفو) خدا خدا ڪري منعم کان پوءِ زبير هندوستان ويو هو. شايد سندس جهاز ـ

زبير: يا امير!

حجاج: زبير! آخر تون هيترو وقت ڪٿي هئين؟ تو ايتري دير ڇو لڳائي ڇڏي توسان گڏ ويل مسلمان مرد ۽ عورتون ڪٿي آهن، تنهنجو جهاز ڪٿي آهي؟

زبير: سنڌ جي راجا ڏاهر اسان جو جهاز ڦري لٽي ڇڏيو. مون سان گڏ ويل سڀ ماڻهو ٻه سندس قيد ۾ آهن ۽ اهي سڀ قيمتي سوکڙيون پڻ جيڪي سرانديپ جي حڪمران توهان لاءِ ڏنيون هيون.

حجاج: پر تون واپس ڪيئن‌ءَ پهتين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبير: مان قيد مان ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. خدا جي واسطي
اسان جي ساٿين لاءِ ڪجهه ڪيو. نه ته هو ظالم ضرور کين
قتل ڪرائي ڇڏيندو.

هو بي حد ظالم انسان آهي.

حجاج: ڇا هو مسلمانن جي ڪارنامن کان بي خبر آهي؟

زبير: هو سڀڪجهه ڄاڻي ٿو. مگر کيس خوش فهمي آهي ته هو
مسلمانن کي شڪست ڏئي سگهندو. اسان کي ڪو انتظام
ڪرڻو پوندو. هيءُ ونو.

حجاج: هيءُ ڇا آهي؟

زبير: منعم جي ڌيءُ ناهيد جو خط آهي. توهان جي نالي.

حجاج: هون- (ڪاغذن جو آواز)

ناهيد جو آواز: حاڪم بصره- خدا وند تعاليٰ توهان کي فتح ۽
نصرت سان نوازي

اسلام جي هڪ مظلوم ڌيءُ سلام عرض ٿي ڪري. اوهان جي
عزت ۽ عظمت جا قصا چئني طرفن ڦهليل آهن. اوهان جي
بهادري ۽ شجاعت جا داستان هر فرد جي زبان تي آهن.
مظلومن جي داد رسي، بيڪسن جي مدد، غاصبن کي سزا ڏيڻ
اوهان جو شيوو آهي. مان توهان کان صرف هڪ سوال پڇڻ
جي جرئت ڪيان ٿي.

ڇا توهان جي ڪا جوان نياڻي آهي. ڪا جوان ننهن آهي؟ ۽
جيڪڏهن ڪي ناپاڪ نگاهون ڏانهنس اٿن، ڪو گستاخ
هٿ سندن عزت ڏانهن وڌي ته پوءِ توهان ڇا ڪندؤ؟ جڏهن ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان وٽ تلوار به هجي ۽ ان تلوار کي استعمال ڪرڻ وارو طاقتور هٿ به ۽ تلوار جي ڌار به تيز هجي. مان به اسلام جي هڪ مظلوم ڌيءُ آهيان ۽ مون سان گڏ منهنجون بيون ڀينرون به آهن. جي پنهنجي غيرتمند پيءُ ۽ باعزت ڀائرن ڏانهن لڙڪ لاڙي نماڻين نگاهن سان ڏسي رهيون آهن.

انهن تلوارن جي جهنڪار جون منتظر آهن. جيڪي مظلومن، بيڪسن ۽ ڪمزورن جي حفاظت لاءِ مياڻ مان نڪرنديون آهن، ڪاش! توهان جي به ڪا ڌيءَ هجي- جواب ڏيءَ- والسلام... توهان جي فوجن جي منتظر.. هڪ مظلوم نياڻي. ناهيد.

حجاج: خدائي برتر جو قسم- ظالمن جي سِرَن جو فصل پچي راس تي ويو آهي. هاڻي کين لاباري جي ضرورت آهي. زبير جي زخمن جي ملم پٽي ڪئي وڃي. هندستان جي راجائن جو وجود رُوئي زمين تي بار ٿيندو ٿو وڃي. هاڻي کين ختم ڪرڻو ئي پوندو. ناهيد ڌيءَ توکي ڪجهه ڏينهن بيا به ظلم سهڻا پوندا. هن وقت مان مجبور آهيان. منهنجون فوجون جدا جدا محاذن تي پکڙيل آهن. خدائي عزوجل شاهد آهي ته ناهيد ڌيءَ تنهنجي خط منهنجي دل چيري ڇڏي آهي. تنهنجي تحرير جو هڪ هڪ لفظ زهر ۾ ٻڏل تير هو جو منهنجي سيني مان پار ٿي ويو. تنهنجو هر جملو منهنجي غيرت لاءِ للڪار آهي (ڏکويل آواز ۾) منهنجي ٻچڙي.. اجان ڪجهه وقت بيو به صبر ڪرڻو پوندو. مان مجبور آهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد: ليڪن چاچا۔ ان دوران تہ راجا ڏاهر سيني مسلمان قيدين کي ختم ڪري ڇڏيندو.

حجاج: تہ پوءِ تون ئي ٻڌاءِ محمد۔ ڪا راهہ ٻڌاءِ

محمد: جرائت جي معافي ٿو گهران. انهن ڪافرن کي سزا ڏيڻ ۾ دير هرگز نہ ڪرڻ گهرجي.

حجاج: اهو تہ مان بہ سمجهي سگهان ٿو. پر مان ڪيان سو آخر ڇا ڪيان؟ تون عقلمند نوجوان آهين. هر محاذ ۽ ان جي حالتن کان بہ واقف آهين. انهن حالتن ۾ مان هڪ نئون محاذ ڪيئن ٿو کولي سگهان. فوج ڪٿان آڻيندس؟

محمد: اهو سمورو ڪم توهان مونتي ڇڏي ڏيو.

حجاج: مون کي تنهنجي سمجهہ ۽ سياڻپ تي پورو ڀروسو آهي محمد۔ پر مان اهو ضرور ڄاڻڻ چاهيندس تہ هن نئين محاذ جون جنگي ضرورتون ڪهڙيءَ ريت پوريون ٿينديون.

محمد: توهان صرف ڪافرن جي خلاف اعلان جهاد جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

حجاج: پوءِ۔؟

محمد: مان شام ۽ مصر جي هر رستي، هر گهٽيءَ هر ڳليءَ ۾ هندن جي ظلم ۽ ستم جا داستان ٻڌائي مسلمانن جي غيرت کي جاڳائيندس. انهن مظلوم مسلمان مردن ۽ عورتن جو فرياد گهر گهر پهچائيندس، جيڪي هندن جي ڏاڍ جو نشانو بڻجي رهيا آهن. ناهيد جي خط جو هڪ هڪ لفظ ان فاتح قوم جي ڳلي ۾ طوق بنائي وجهندس جنهن کي لاهڻ لاءِ صرف اوهان جو اعلان جهاد ئي ڪافي هوندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حجاج: (سوچيندي) شايد تون جذبات جي رو ۾ وهي ويو آهين.

محمد: گستاخي معاف مسلمان قوم جا جذبات ئي سندس فتح جا اهڃاڻ آهن. مثال توهان جي سامهون موجود آهن. مون کي نہ صرف يقين پر منهنجو ايمان آهي تہ اڄان بہ اهي عرب مائرون، ڀينرون ۽ زالون زنده آهن جن پنهنجن هٿن سان، اڪيلن ٻچن، ڀائرن ۽ مڙسن کي مرڪندي ميدانِ جنگ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

مون کي پنهنجي قوم جي جذبات تي ناز آهي. مون کي صرف توهان جي حڪم جي ضرورت آهي.

حجاج: (جذباتي انداز ۾) مرحبا۔ محمد مرحبا۔ مان هندوستان جي خلاف اعلان جنگ ٿو ڪيان.

محمد: مهرباني۔ هاڻي اجازت ڏيندا.

حجاج: منهنجي طرفان اجازت آهي. رب العزت جو قسم جيڪڏهن مسلمان مائرون توجهڙا پٽ ڄڻينديون رهن تہ هيءَ قوم قيامت تائين مات تي نہ سگهندي.

محمد: خدا حافظ

حجاج: في امان الله.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 4

(شور ۽ غل _ نعره تڪبير الله اڪبر جا آواز)

زبير: مان اندر اچي سگهان ٿو؟

محمد: اڄ زبير ڪهڙي خوشخبري آندي اٿئي؟

زبير: اڄ ٻه هزار ٻيا به مجاهد ڀرتي ٿيا آهن.

محمد: مرحبا_ زبير_ اڄ مان بي حد خوش آهيان. انشاءَ الله تعاليٰ هاڻي اسان ان قابل آهيون ته راجا ڏاهر کي سندس گناهن جي سزا ڏئي سگهون. ڪل ڪيترو تعداد آهي اسان جي مجاهدن جو؟

زبير: ڏهه هزار.

محمد: هاڻي تون هيئن ڪر زبيرا جو هڪ تيز رفتار گهوڙو ڪٺي بصري پهچي وڃ ۽ اسان جي ڪوچ جو اجازت نامون حجاج بن يوسف کان وٺي اچ.

زبير: ڏاڍو سٺو.

محمد: مان چاهيان ٿو ته سياڻي پرهه ڦٽيءَ کان اڳ اسان هتان نڪري هلون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 5

(راجا ڏاهر جي دربار_ گڏيل آواز)

راجا ڏاهر: (ٽهڪ) اڄ جشن آهي. اسان بي حد خوش آهيون. اسان حسن جا پوڄاري آهيون. پرتاب سنگهه. اسان سڄي دنيا جو حسن چونڊي، پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ٿا چاهيون. پرتاب، پيم سنگهه، اڏي سنگهه سيني درٻارين کي چٽي چڏيو تہ اڄ اسان جي جشن ڏڻ جي خوشيءَ ۾ خوب عيش ڪيو. اسان عيش جي لاءِ پئدا ٿيا آهيون ۽ هميشہ هميشہ عيش ڪندا رهنداسين.

شنڪر: (گهبرايل آواز) مهاراج_ مهاراج!

ڏاهر: ڇا ڳالهہ آهي شنڪر_ تون ايترو گهبرايل ڇو آهين؟

شنڪر: مهاراج هڪ تمام وڏو لشڪر اسان جي سرحدن ڏانهن وڌندو پيو اچي.

ڏاهر: (ڪاوڙ ۾) سنڌ ڏانهن — اسان ڏانهن؟

شنڪر: هائو_ مهاراج: جاسوسن جي اهائي خبر آهي، تقريباً ويهہ هزار سپاهي آهن.

ڏاهر: (ڪاوڙ ۾) اهو ڪير آهي، جنهن سنڌ ڏانهن اک کڻي ڏسڻ جي جرئت ڪئي آهي. ڪير آهي اهو جنهن پنهنجي موت کي دعوت ڏني آهي؟

پرتاب: اهي مسلمان ٿي هوندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: (رڙ ڪري) پرتاب سنگهه مسلمانن ڪي اسان جي قوم سان
واسطو نه پيو آهي. هو عيسائين ۽ رومين ڪي آڻ مڃائي، پاڻ
کي دنيا جي طاقتور قوم سمجهي ويٺا آهن. هنن مثل شير ڪي
جاڳايو آهي. هنن واسينگ جي وات ۾ هٿ وڌو آهي. ڀيم
سنگهه.

ڀيم سنگهه: مهاراج!

ڏاهر: تون هينئر ئي ويهه هزار جوان وٺي انهن مسلمانن کي ديبل کان
پري ڌڪي ڇڏ ۽ سنڌس سامهون رڪ جي ديوار بڻجي بيهي
رهه ته جيئن سندن ناپاڪ نگاهون منهنجي وطن تائين پهچي
نه سگهن.

ڀيم سنگهه: جا آگيا مهاراج!

ڏاهر: وڃ ۽ سندن سِرَ لُٽي منهنجي سامهون پيش ڪر (ٺهڪ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيک _6

(گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ ۽ تلوار ٽڪرائڻ جو گوڙ ـ شور غل)

پيمر سنگهہ: وير بهادرو! توهان هڪ بهادر قوم جا بهادر سپوت آهيو. اڄ توهان کي اهو ثابت ڪرڻو آهي تہ هندستاني هڪ بهادر قوم آهن. هو پنهنجي وطن لاءِ جان جي بازي بہ لڳائي ڄاڻن ٿا. اڄ توهان جو واسطو هڪ اهڙي قوم سان پيو آهي، جا پاڻ کي دنيا جو فاتح تصور ڪرڻ لڳي آهي. هنن توهان جي عزت ۽ غيرت کي للڪاريو آهي. توهان کين ثابت ڪري ڏيکاريو تہ توهان پنهنجي ديس جي حفاظت ڪري سگهو ٿا.

(تلوارن جا آواز ـ گوڙ گهمسان ـ گهوڙن جي ٽاپن جا آواز)

محمد: مسلمانو! هيءَ جنگ ٻن قومن يا ٻن بادشاهن جي وچ ۾ ناهي. پر هيءَ حق ۽ باطل جو مقابلو آهي. الله ۽ سندس رسول تي فدا ٿيڻ وارو! اڄ توهان مظلومن کي زندهہ رهڻ جو حق ڏيارڻ آيا آهيو ۽ غاصبن کي سندن پڄاڻيءَ تائين پهچائڻ آيا آهيو. منهنجا بهادر مجاهدو. توهان کي اڄ ٻڌائڻو آهي تہ مسلمان واچوڙي وانگر اٿندا آهن ۽ طوفان وانگر ڇائنجي ويندا آهن. مجاهدو ـ توهان اڄ تائين وڏا وڏا لشڪر ڏسي ڪڏهن خوفزده نہ ٿيا آهيو. توهان جي سامهون صرف رڍن جو ڌڻ آهي. سندن سِرَ ڪٽي سرخرو ٿيو. اڳتي وڌو منهنجا بهادرو ـ مجاهدو ـ الله توهان سان ساڻ آهي.

(نعره تڪبير جا آواز ـ جنگ جو تاثر ـ فيڊ آئوٽ)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 7

(رات جو وقت_ قدمن جو آواز)

محمد: زخمين کي جلدي ڪيمپن ۾ کڻي وڃو.

زبير: دشمن جو ڪافي نقصان ٿيو آهي.

محمد: ها زبير_ پر اسان جا مجاهد بہ تہ شهيد ٿيا آهن.

زبير: پر هنن جي مقابلي ۾ تمام گهٽ_ هي ڏسو_ هي ميدان دشمن جي لاشن سان سٿيو پيو آهي.

ڀيم سنگهہ: هائي_ هائي_ پاڻي_ پاڻي

محمد: زبير_ جلدي ڪر_ اها ڏيائي هيڏانہ کڻي اچ_ شايد ڪو زخمي اڃان زندهہ هجي.

زبير: اڇهو_ آڻيان ٿو_ (قدمن جو آواز)

ڀيم سنگهہ: هائي_ آهہ_ آهہ_ پاڻي

محمد: هيڏانهن ڏس. هن لاش جي هيٺان_ ساڄي طرف_ او هيءُ اٿئي_ ڏاڍو سخت زخمي آهي. هن کي جلدي خيمي ۾ کڻي هلو. شايد بچي وڃي.

زبير: ليڪن سالاراعظم هيءُ تہ ڪافر آهي

محمد: زخمي ڪافر هجي يا مسلمان, اسلام ۾ ان جو ڪو بہ فرق ناهي. ورديءَ مان ڪو آفيسر ٿو معلوم ٿئي_ زبير هيءُ ڏس, ڪريو پيو آهي, پر پنهنجو جهنڊو مضبوطيءَ سان جهليو اٿائين.

زبير: جي ها_ مگر هيءُ تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد: مون کي مجاهدن سان عقيدت آهي ۽ بهادرن سان محبت. هن کي جلدي هتان کڻو.

آواز: آهہ۔ آهہ۔ پاڻي

محمد: هن کي پاڻي ڏنو وڃي (پاڻي پيئڻ جو آواز)

آواز: آهہ۔ توهان۔ ڪير آهيو؟

زبير: هيءُ مسلمان فوج جو سپهہ سالار آهي. محمد بن قاسم.

آواز: پر۔ مان تہ۔ مان تہ توهان جي دشمنن مان آهيان ۽ توهان مون کي پاڻي پياريو آهي!

محمد: (ڪلندي). دوست۔ جنگ ختم ٿي چڪي آهي ۽ تون زخمي آهين. تنهنجي سار سنڀال لهڻ هاڻي اسان جو فرض آهي.

آواز: پر منهنجا سپاهي تہ مون کي۔

محمد: تون سخت زخمي آهين، رت ڪافي وهي چڪو آهي، زبير هن کي منهنجي خيمي ۾ پهچايو وڃي۔ جلدي ملم پٽيءَ جو انتظام ڪيو. اڙي۔ هيءُ تہ وري بيهوش ٿي ويو۔! اٺ دوست، هتي تنهنجو ڪو بہ دشمن ناهي (ميوزڪ)

The lapse

آواز: مان ڪٿي آهيان. توهان ڪير آهيو؟

زبير: اسان مسلمان آهيون ۽ توهان اسان جي سپهہ سالار جي خيمي ۾ آهيو. شڪر آهي جو توهان هوش ۾ اچي ويا. اسان جو سپهہ سالار توهان لاءِ ڏاڍو پريشان هو.

آواز: منهنجي لاءِ؟ پر ڇو؟

زبير: ان لاءِ تہ توهان بهادر آهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد (اندر ايندي) ٻڌاءِ دوست ـ ڇا حال آهي؟

آواز: جي ـ نيڪ آهيان.

محمد: ڏس زبير هن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ٿئي. هن جي زخمن جي چڱيءَ طرح سار سنڀال لڌي وڃي. دوست ـ توکي ڪا تڪليف ته ناهي؟

آواز: جي ـ بلڪل نه.

مجمد: منهنجي ڪنهن ماڻهوءَ کان ڪا شڪايت؟

آواز: بلڪل نه. هنن جو سلوڪ ته ڀائرن جهڙو آهي.

محمد: رب العزت تنهنجا لک لک شڪرانا جو منهنجا ماڻهو صحيح مسلمان آهن.

آواز: ڇا توهان جو مذهب اها ئي سکيا ڏئي ٿو ته دشمن سان به پيار سان پيش اچو.

محمد: (کلندي) ها ـ اسان جو دين ٻيو به گهڻو ڪجهه سمجهائي ٿو. تون اڃا ڪمزور آهين آرام ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 8

(راجا ڏاهر جي دربار)

ڏاهر: (ڪاوڙ ۾) خاموش_ مان ڇاڻان ٿو تہ تون پنهنجي پٽ ڀيم سنگهہ جي ڏوهہ کي لڪائڻ ٿو چاهين.

اَڏي سنگهہ: نہ مهاراج_ ڀيم سنگهہ غدار ٿي نٿو سگهي. هو جنگ ۾ مارجي ويو ٿو ڏسجي. نہ تہ_

ڏاهر: اڏي سنگهہ_ تون ٿو مون کي ٻڌائين تہ مسلمان ايڏا بهادر آهن جو پاڻ کان چوڻي فوج کي شڪست ڏئي سگهن ٿا. اهو ناممڪن آهي. هو ديبل جي قلعي تي قبضو ڪري چڪا آهن. هنن جو ٻيو قدم راجڌانيءَ ڏانهن وڌندو. هنن جا حوصلا وڌي ويا آهن ۽ اهو صرف ڀيم سنگهہ جو قصور آهي.

ديوراج: مهاراج_ خبر پئي آهي تہ ديبل جا ماڻهو بہ مسلمانن جي فوج ۾ شامل ٿي ويا آهن.

ڏاهر: سيني کي سندن غداريءَ جو مزو چکايو ويندو. ديوراج_ تو ٻين راجائن کان مدد طلبي آهي؟

ديوراج: جي مهاراج!

ڏاهر: ٺيڪ آهي_ تنهنجي هٿ هيٺ هي ٻيو معرڪو ٿيندو.

ديوراج: جا آگيا مهاراج!

ڏاهر: ڀڳوان ڪري توکي فتح نصيب ٿئي. مگر ڪن کولي ٻڌي ڇڏ. مان شڪست جي خبر ٻڌڻ کان وڌيڪ تنهنجي موت جي خبر ٻڌڻ پسند ڪندس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_9

محمد: پيم سنگهه_ هاڻي تون بلڪل ٺيڪ آهين؟
پيم سنگهه: جي_ بلڪل ٺيڪ .
محمد: ڪمزوري تہ باقي ناهي؟
پيم سنگهه: جي نہ.
محمد: دل تہ نٿي چوي مگر هي چوڻ تي مجبور آهيان تہ هاڻي تون آزاد آهين.
پيم سنگهه: ڇا_ مان_ آزاد آهيان؟
محمد: ها_ ڪاش! تون مون وٽ رهي سگهين ها. هميشہ جي لاءِ پر مان توکي زبردستيءَ رهائڻ نٿو چاهيان.
پيم سنگهه: تہ ڇا_ مان واپس وڃي سگهان ٿو؟
محمد: ها ها_ ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟
پيم سنگهه: پر جيڪڏهن هن کان پوءِ توهان منهنجي قبضي ۾ اچي ويا تہ پوءِ اها اميد نہ رکجو تہ مان بہ اوهان سان اهو ئي سلوڪ ڪندس. جيڪو.....
محمد: (ڳالهہ ڪاٽيندي) نہ پيم سنگهہ_ اهو توهان جو اصول آهي ۽ هيءُ اسان جو. اسان پنهنجي اصول تي قائم رهڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهيون. خدائي عزوجل جو قسم، مان توهان کان پنهنجي سلوڪ جو عيوضو هرگز ڪو نہ گهرندس. چڱو_ هاڻي خدا حافظ .
پيم سنگهه: (پنهنجو پاڻ سان) ڀڳوان جو سوڳند ڪٿي چوان ٿو محمد تہ جنهن قوم جا اهي اصول آهن اها ڪڏهن بہ فنا تي نہ سگهندي، ڪڏهن بہ ختم تي نہ سگهندي ، اها قوم هميشہ زنده رهندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_10

ڏاهر: (ڌرائيندي) ڀيم سنگهہ زخمي ٿي ويو. گرفتار ٿي ويو ۽ مسلمانن جي قبضي ۾ آهي. ان ڪانسواءِ توکي ڪو ٻيو اطلاع مليو آهي؟

درباري1 : نہ مهاراج!

ڏاهر: (ٿڪ) جي راج سنگهہ- تنهنجو ڇا خيال آهي. مسلمان هاڻي ڇا ڪندا.

جي راج: مسلمان ڇا ٿا ڪري سگهن مهاراج- هنن ڪي ڀيم سنگهہ (جي مقابلي ۾ فتح ضرور حاصل ٿي آهي. مگر ڀڳوان جي ڪرپا سان جڏهن مهاراج جا شيوڪ سندن مقابلو ڪرڻ ويندا، تہ ڪين معلوم ٿيندو تہ اسان سان مقابلو ڪرڻ رُڪ جا چڻا چٻاڻا آهن.

ڏاهر: تنهنجو مطلب آهي، مسلمانن جي مقابلي لاءِ تون ويندين؟

جي راج: ڀڳوان جو سوڳنڌ ڪين بچڙي شڪست نہ ڏيان تہ پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيندس.

ڏاهر: ڀڳوان داس- تنهنجو ڇا خيال آهي؟ اسان کي اڳتي وڌي مسلمانن تي حملو ڪرڻ گهرجي.

ڀڳوان داس: نہ مهاراج- اسان کي انتظار ڪرڻ گهرجي.

ڏاهر: ڇو؟

ڀڳوان داس: فتح جي پڪ نہ هجي تہ پوءِ قلعي ۾ بند ٿي وڙهڻ وڌيڪ سٺو هوندو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: ها ـ اهو ٺيڪ آهي. پر ڇا فتح اسان کي نصيب نہ ٿيندي؟

ڀڳوانداس: نہ مهاراج! منهنجو هرگز اهو مطلب ناهي.

ڏاهر: (ڪاوڙ ۾) تہ پوءِ ڇا مطلب آهي؟ ڀڳوانداس! تون ڪانئر آهين. بزدل ۽ گيدي آهين. تون ڇئہ سنگرام سنگهہ.

سنگرام سنگهہ: مهاراج جي حڪم. تي اسان باهہ ۾ ٽپي سگهون ٿا. مگر مهاراج!...

ڏاهر: ها ها ـ ڇئہ ٻيهي چو رهئين.

سنگرام سنگهہ: صلاح ڀڳوانداس واري وزنائتي آهي.

ڏاهر: بڪواس بند ڪر.

آواز: مهاراج ـ ڀيم سنگهہ راج محل ڏانهن اچي رهيو آهي.

(ڀيم سنگهہ جي اچڻ جو آواز)

ڏاهر: ڀيم سنگهہ تون اچي ويئين؟

ڀڳوانداس: معافي وٺي آيو هوندو (ٽهڪ)

سنگرام سنگهہ: ڀڳوان داس تون ڪڏهن بہ ڀيم سنگهہ کي معاف نہ ڪري سگهندين.

ڀيم سنگهہ: مهاراج جي جئي ـ شيوڪ حاضر آهي.

ڏاهر: ڀيم سنگهہ توکي تہ مسلمانن قيد ڪري ورتو هو. پوءِ ڪيئن ٻاهر نڪري آئين.

ڀيم: مسلمانن مون کي ڇڏي ڏنو مهاراج.

ڏاهر: ڇا ٿو بڪين؟

ڀيم: مسلمان اهڙا بنهہ ناهن جهڙو اسان کين سمجهون ٿا.

ڀڳوان داس: تہ پوءِ ڪهڙا آهن ڀيم سنگهہ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيمر: نيڪ ـ شريف ـ احسان ڪرڻ وارا ۽ دشمن کي بہ معاف ڪرڻ وارا.

سنگرام: چئن ڏينهن ۾ تنهنجي راءِ بدلجي وئي.

ڀڳوانداس: مسلمانن هن کي پڪ معافي ڏئي ڇڏي هوندي.

پيمر: ڀڳوانداس ـ دربار ۾ ويهي ٽوڪ ڪرڻ ہي ڳالهہ آهي ۽ مسلمانن جي سامهون وڃي سندن قوت جو مقابلو ڪرڻ ہي ڳالهہ آهي.

ڀڳوانداس: ان ڪري شڪست کائي ڀڳو آهين؟

پيمر: مسلمانن هٿان شڪست کائڻ مون لاءِ ذلت جي ڳالهہ ناهي. عزت جو سبب آهي. مسلمان اهڙا آهن. جو سندن مقابلي لاءِ صرف بهادر ئي بيهي سگهن ٿا ۽ بهادر ئي شڪست کائي سگهن ٿا.

ڏاهر: اهو ڪوڙ آهي ـ تون اسان کي مسلمانن جي بهادري، سندن ڪردار ۽ سندن اخلاق جا ڪوڙا قصا ٻڌائي، مرعوب ڪري نٿو سگهين. تون چاهين ٿو تہ اسان جي فوج جا حوصلا پست ٿي وڃن. تون بزدل آهين. پيمر سنگهہ.

پيمر: مان بزدل ناهيان مهاراج ـ مونتي ڪائرتا جي تهمت نہ هڻو ـ مان بهادر آهيان. پر مهاراج مان ڀڳوان جو سوڳنڌ کڻي ٿو چوان تہ هنن جو سلوڪ ڏسي منهنجي تہ ڇا، هر ماڻهوءَ جي دل مسلمان ٿيڻ چاهيندي.

ڏاهر: پيمر سنگهہ ـ تون ڀريءَ دربار ۾ اسان جي درٻارين ۽ رعايا کي بغاوت جو سبق ڏئي رهيو آهين.

اُڏي سنگهہ: پٽ پيمر سنگهہ ـ مهاراج جي سامهون جهڪي پنهنجي غلطي جي معافي گهر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيم: پتا جي۔ ڪھڙن گناھن جي معافي گھران؟

ڏاھر: اُڏي سنگھہ۔ اسان کي تنھنجي مداخلت پسند ناھي. پيم سنگھہ۔ اسان توکي تنھنجي پيءُ جي ڪمان ۾ ھڪ دفعو ٻيھر محمد بن قاسم کان بدلو وٺڻ جو موقعو ڏيون ٿا. وچ ۾ اسان کي پنھنجي بھادريءَ جو ٻيھر يقين ڏيار.

پيم: مھاراج۔ محمد بن قاسم منھنجو دوست آھي. ھن منھنجي جان بچائي آھي. ھاڻي مان سنڌس خلاف تلوار کڻي نٿو سگھان.

اڏي سنگھہ: پٽ پيم سنگھہ۔ ھي تون ڇا چئي رھيو آھين؟

پيم: مان پنھنجي عھدي تان دستبردار ٿو ٿيان. ھي وٺو مھاراج (تلوار اڇلڻ جو آواز) ھيءَ آھي، اھا تلوار جنھن لکھا بي گناھہ ۽ معصوم انسان جون جانيون ورتيون. اڄ مان ان کي واپس ٿو ڪيان. مان وڃي رھيو آھيان. مون کي آگيا ڏيندا (قدمن جو آواز)

ڏاھر: ٻيھي رھہ پيم سنگھہ۔ (قدمن جو آواز)

اڏي سنگھہ: پيم سنگھہ ٻيھي رھہ۔ اھو مھاراج جو حڪم آھي.

پيم سنگھہ: مھاراج جو حڪم پڳون جو حڪم ناھي.

ڏاھر: (رڙ ڪري) گرفتار ڪيو ھن کي ۽ ڪيس اھڙي سزا ڏيو جو سڀ ماڻھو عبرت حاصل ڪن. ٻئي وڃو. وٺي وڃو ھن باغيءَ کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_11

ناهيد: يا رب العزت پنهنجي حبيب جي صدقي محمد بن قاسم کي فتح عطا ڪر. هو اسان جي خاطر ٿوري فوج سان هندستان تي حملو ڪري آيو آهي. کيس نصرت ۽ ڪاميابيءَ سان نواز- تون ڪمزورن جي مدد ڪرڻ وارو آهين. مظلومن جو فرياد ٻڌڻ وارو آهين. اڄ هڪ مظلوم ڇوڪري تنهنجي سامهون جهولي ڦهلائي فرياد ڪري رهي آهي. اي خدا.

ڏاهر: (ٽهڪ) خدا_ خدا_ خدا. ناهيد تون اڃا به ان خدا کي ٿي پوڄين جيڪو اڄ تائين تنهنجي ڪا به مدد ڪري نه سگهيو منهنجي قيد مان آزاد ڪرائي نه سگهيو (ڪلندي) اهڙو ڪمزور خدا ڪهڙي ڪم جو؟ اڄ_ منهنجي ويجهو اچ.

ناهيد: تون_ تون هتي ڇو آيو آهين؟ اتي ئي بيٺو رهه_ خبردار جو منهنجي ويجهو آيو آهين. پروردگار مون کي هن ظالم جي چنبي کان محفوظ رک.

ڏاهر: (ٽهڪ) تمام گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن_ پر اڄ توکي ڪو به ڇڏائي نه سگهندو. ڪا به تدبير ڪارگر نه ٿي سگهندي

درباري: مهاراج_ مهاراج!

ڏاهر: ڪير آهي هن وقت_ هليو وڃ هتان.

درباري: مهاراج محمد بن قاسم شهر ۾ داخل ٿي چڪو آهي. پڳوان لڳ توهان جلدي تيار ٿي وڃو. گهوڙا تيار آهن. توهان ملتان ڏانهن هليا وڃو مهاراج!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: ۽ اسان جي فوج

درباري: فوج هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. ڪجهه وري مسلمانن جي فوج سان وڃي مليا آهن. ۽ ڀيم سنگهه به قيد مان ڀڄي ويو آهي.

ڏاهر: هون_ ته هُن هِن جاءِ جو ڏس ڪين ضرور ڏنو هوندو. هل ناهيد_ تون مونسان هل.

ناهيد: ڇڏي ڏي مون کي ظالم انسان،

ڏاهر: اوهه_ توکي مونسان گڏ هلڻ ئي پوندو. هو محمد صرف توکي بچائڻ لاءِ عرب کان هت آيو آهي. مان هيءَ خنجر سندس سيني ۾ هميشه لاءِ ڇڀيل ڏسڻ ٿو چاهيان. _هل.

ناهيد: مان نه هلندس_ مون کي ڇڏي ڏي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک ـ 12

محمد: پوءِ ڇا ٿيو؟

پيمر: مان حياتيءَ مان تنگ اچي چڪو هوس. ليڪن ان نااميديءَ ۾ منهنجي مدد جيرام ڪئي. هو ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي. هن ئي مون کي جيل مان آزادي ڏياري.

محمد: جي رام؟

زبير: جيرام منهنجو دوست آهي.

محمد: خدا سندس عاقبت سنواري ـ پوءِ ڇا ٿيو پيمر سنگهه.

پيمر: (ڪلنديءَ) پوءِ مان توهان جي سامهون بيٺو آهيان.

محمد: مون کي خوشي آهي. اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان ـ ۽ اداس؟

پيمر: اداس؟ اهو ڪيئن؟

محمد: پيمر سنگهه مان پنهنجي قوم جي ان نياڻيءَ کي ڀُولي نـ سگهيو آهيان، جنهن عربن جي دلين ۾ غيرت جي لاٽ روشن ڪئي. ڪاش! هوءَ مون کي ملي وڃي. ناهيد ـ ناهيد پيڻ ـ مان فاتح هندوستان هوندي بہ اداس آهيان. غمگين آهيان.

پيمر: ناهيد؟ توهان ڪهڙيءَ ناهيد جي باري ۾ ٿا ڳالهايو؟

محمد: هوءَ راجا ڏاهر جي قيد ۾ هئي. پر هاڻي شايد هوءَ..

پيمر: هوءَ زنده آهي.

محمد: زنده آهي؟ توکي ڪيئن خبر پئي.

پيمر: مان ساڻس ملي چڪو آهيان. جيل مان ڀڄڻ وقت مون کي خبر پئي تہ راجا ڏاهر ڪيس ساڻ ڪٺي ويو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد: ڪيڏانهن؟

پيمر: ملتان- بي حد مضبوط قلعو آهي. ان کي فتح ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

محمد: اسان سان گڏ رهي توکي اهڙي سوچ ڏارڻ نہ گهرجي. پيمر سنگهہ تون منهنجي مدد ڪر. مان هنن رستن کان اڻ واقف آهيان. مان پنهنجي جان ڏئي بہ ان چوڪريءَ کي بچائڻ چاهيان ٿو.

پيمر: مان توهان سان گڏ ضرور هلندس. مان هتان جي هر رستي کان واقف آهيان.

محمد: (خوشيءَ ۾) پيمر سنگهہ!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_13

ناهيد: (غمگين آواز ۾) اي پنهي جهانن جا مالڪ- غريبن، مسڪينن ۽ مظلومن جي فرياد ٻڌڻ وارا- منهنجي مدد فرماءِ مون کي هن ظالم جي چنبي مان نجات ڏيار. مان پنهنجي وطن کان دور- عزيزن کان وڇڙيل آهيان. بي وس ۽ مجبور آهيان. مان تنهنجي ئي عبادت تي ڪيان ۽ توکان ئي مدد تي گهران. مان ظلم جي انڌيري ۾ ڀٽڪي رهي آهيان. مون کي ڪجهه به نظر نٿو اچي. ڪو رستو.

ڏاهر: (ڪٽيندي) رستو مان تو ٻڌايانءِ.

ناهيد: تون هن وقت ڇو آيو آهين.

ڏاهر: جيڪڏهن تون منهنجي ٻڌايل راهه تي هلندينءَ ته خوشيون تنهنجا قدم چمنديون، سڄي زندگي عيش ۽ عشرت ۾ بسر ڪندينءَ.

ناهيد: نه نه! مون کي اهڙيون خوشيون نه گهرجن.

(آهستي آهستي هلڻ جو آواز)

ناهيد: خبردار- منهنجي ويجهو نه اچجانءِ. تون بدڪردار آهين- شرابي آهين.

ڏاهر: شرابي- اڄ ته مان تنهنجي انهن گهاتين گهرين نيرين اکين مان اوتي پيئندس. اڄ مان مدهوش ٿي وڃڻ ٿو چاهيان.

ناهيد: پري ٿي وڃ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: نہ۔ اڄ نہ.

ناهيد: مان چوان ٿي منهنجي ويجهو اچڻ جي جرئت نہ ڪجانءِ ورنہ.

ڏاهر: تون غصي ۾ اڃان بہ وڌيڪ خوبصورت ٿي وئي آهين (چماٽ جو آواز) ڇوڪري! تو مون کي ٿڦڙ هڻئين آهي. تو منهنجو پيار ڏٺو آهي. منهنجي ڌڪار نہ ڏٺي آهي. منهنجي غضب کي آواز نہ ڏي ڇوڪري (نرميءَ سان) منهنجي سيني ۾ سمائجي وڃ. منهنجي ڪاوڙ ڪافور ٿي ويندي.

ناهيد: نہ۔ نہ۔نہ

ڏاهر: اڄ تون ڪنهن بہ قيمت تي بچي نہ سگهندينءَ

ناهيد: اي منهنجا خدا منهنجي مدد ڪر.

ڏاهر: (ٽهڪ) خدا۔ خدا۔ خدا. اڄ پڪاري ڏس پنهنجي خدا کي, سڏ ڪرينس (رڙ ڪري) سڏ ڪرينس تہ توکي مون کان بچائي وٺي. (زوردار ٽهڪ ڏئي ٿو ۽ پوءِ فوران هڪدم ماٺ ٿي وڃي ٿو) ڪير آهين تون؟ هتي ڇو آيو آهين؟ توکي هت اچڻ جي اجازت ڪنهن ڏني؟

محمد: منهنجو نالو محمد آهي.

ڏاهر: محمد بن قاسم؟

محمد: ها.

ڏاهر: توکي تنهنجو موت مون وٽ ڇڪي وٺي آيو آهي. مون کي تنهنجوئي انتظار هو.

محمد: ڏاهر پڪ ڄاڻ تہ تنهنجو خاتمو قريب آهي. اڄ شايد تنهنجو آخري ڏينهن آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهر: آخري ڏينهن تنهنجو آهي يا منهنجو ان جو فيصلو وقت ڪندو. تيار ٿي وڃ.

محمد: منهنجي آخري حسرت به اڄ پوري ٿي وئي. (تلوارن ٽڪرائڻ جو آواز)

تنهنجي تلوار تنهنجو ساٿ ڇڏ وئي هاڻي ٻڌاءِ.

ڏاهر: مان۔ مان

محمد: تون خوفزده آهين. ڏاهر جيڪڏهن جيئڻ نٿو اچئي ته مرڻ سک.

ڏاهر: محمد۔ مان آخري دفعو.

محمد: تنهنجو خيال آهي ته مان توکي قتل ڪري ڇڏيندس. نه مسلمان خالي هٿن تي وار نه ڪندا آهن. اچي وٺ هي تلوار ۽ پنهنجي حسرت پوري ڪر.

ڏاهر: تو هيءَ تلوار واپس ڪري پنهنجي بيوقوفي جو ثبوت ڏنو آهي. (تلوار ٽڪرائڻ جو آواز)

محمد: ڏاهر مسلمان بي خبر دشمن تي وار نه ڪندا آهن. شينهن کي جاڳائي وڙهندا آهن.

ڏاهر: (ٽهڪ) تنهنجي اها بهادري توکي مهانگي پوندي. تيار ٿيءُ (تلوارن جو آواز)

آهه۔ او۔ محمد (ڪرڻ جو آواز) مسلمان ڪٿي ويا.

محمد: پروردگار تنهنجا لک لک شڪرانا. تو مونکي اڄ هڪ وڏي امتحان ۾ ڪامياب ڪيو آهي. اڄ مان بي حد خوش آهيان. بي حد خوش.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_14

محمد: خدا توکي هيءَ نئين زندگي مبارڪ ڪري منهنجا دوست. اڄ
کان تون پيم نه غلام علي آهين.

پيم: غلام علي ـ ڪيڏو نه سنو نالو آهي.

محمد: ۽ اڄ کان سڄي سنڌ جي فوج تنهنجي ڪمان هيٺ رهندي.

(در تي کڙڪو)

ڪير؟ اندر اچ زبير (کلندي) ڪڙي ڏڙڪائڻ جي ڪهڙي ضرورت.
چئه ڇا ڳالهه آهي؟ تون سرجهڪائي چپ جو بيٺو آهين.

زبير: شرم زبان کي اهو چوڻ نٿو ڏئي جو دل چوڻ گهري ٿي.

محمد: آخر اها ڪهڙي ڳالهه آهي زبير. جيڪا تون منهنجي سامهون
چئي نٿو سگهين.

زبير: (شرمائيندي) جي هوءَ ناهيد منهنجو مطلب آهي. ناهيد آهي

محمد: اوهو ـ ته اها ڳالهه آهي ته اهو سمورو وقت تون مون کان دل ئي
دل ۾ لڪائيندو وتئين. خير ـ (کلندي) سنڌ فتح ڪرڻ جي
خوشيءَ ۾ ناهيد ۽ تنهنجو وهانءُ اسان سڀني جي خوشين ۾
اضافو ڪندو. ناهيد جي راءِ پڇڻ به ته ضروري آهي.

زبير: جي ان جو توهان ڪو به فڪر نه ڪيو. هوءَ راضي آهي. منهنجو
مطلب آهي، راضي ٿي ويندي

محمد: (کلندي) ته پوءِ قاضي ويچارو ڇا ڏو ڪري سگهي؟

*نوٽ: هي ڊراموُ اصل اردو ٻوليءَ ۾ لکيل هو جنهن جو ترجمو قمر شهباز
سنڌيءَ ۾ ڪيو هو.*

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_3

گلدستو_I

ڪردار

1. سامعين
2. استاد
3. گدو
4. جمعو
5. ملوڪان
6. مٺر
7. مجيد
8. سفوران
9. ملوڪان
10. ساجد
11. ڪدو
12. ڊاڪٽر
13. مريض

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلدستو

سامعين: انگريزي شاعر وردس ورٿ چيو آهي ته ٻار انسان جو پيءُ آهي. اڄ جو ننڍڙو سيان جو وڏڙو. نيٺ ته جوان ٿيندو. نيٺ ته سمورا ٻار پنهنجي ڪلهي تي کڻندو. ڌرتيءَ جو وڻنوار جو اسان جتي ڇڏيو. اسان جو اولاد: اتان کيس اڳتي وڌائيندو. اتي ۾ چاڙهه چانهه ۾ ٻورو ۽ مرچن ۾ ڪتيل سرون جيتريون اسان وجهي سگهياسين. اوتريون نٻڪ. باقي ايندڙ نسل وجهندو. رشوت جي ماڙي جيڪڏهين اڌ ۾ رهي ته پولو ڪونهي. اڄ جاڻا سيان وڏا ٿي ان کي ضرور مڪمل ڪندا. هونءَ به زمانو جيئن پوءِ تيئن ترقي تي آهي. اڳئين زماني ۾ ماڻهو سادا سودا ۽ بي سمجهه هوندا هئا. اڄ جه ٻار وڏن جا به ڪن ٽا ڪپين. امتحان جو ئي ڪٽي مثال وٺو نقل ڪرڻ جا اهي اهي انوکا نمونا نڪري پيا آهن جو وڏن جا به وڙ وڃي ويا آهن.

هڪ امتحان حال ۾ هي مختصر گفتگو هلي رهي هئي. مون ته ٻڌي- پر توهان به ٻڌو.

❊❊

استاد: گدو توکي پرچو مليو؟

گدو: جي سائين.

استاد: ڪئيسچن پيپر به مليئي؟

گدو: جي سائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استاد: پوءِ ڇپ ڪيو ڇو ويٺو آهين؟

گدو: ائين ئي.

استاد: سوال ڏکيا آهن ڇا؟

گدو: نہ سائين.

اساتد: تہ پوءِ آخر ڇا ڳالھہ آهي؟

گدو: جواب ڏکيا ٿا لڳن!.

ٺهڪ.

❊❊

اهو تہ هو امتحان هال جو احوال امتحان کان پوءِ ڇا ٿيو. ڪجھہ احوال ان جو بہ ٿي وڃي.

(گدوءَ جي روئڻ جو آواز)

جمعو: اڙي روئين ٿو. شرم نٿو اچئي؟

(گدوءَ جو روئڻ جاري)

جمعو: تو تہ ڇيو هو تہ پيپر ڏاڍا سٺا ڪيا اٿم. پهريون نمبر ايندس. انعام کٽندس. هي انعام کنيو اٿئي؟

(گدوءَ جو روئڻ)

جمعو: ڪلاس ۾ ڪل شاگرد ڪيترا هئا؟

گدو: اٺاويهہ.

جمعو: تون ڪائون نمبر آيو آهين ڪلاس ۾؟

گدو: اٺاويهون.

جمعو: آخري نمبر آيو آهين نہ بدبخت۔ خدا جي مار پوئي انهيءَ لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڏا سارا خرچ ڪندا آهيون ته تون 28 شاگرن ۾ 28 نمبر اچين.

گدو: بابا توهان نه اجايو ڪاوڙ ڪندا آهيو 28 نمبر به ڪو خراب توروئي آهي.

جمعو: هان ـ هي ڇا تو چوي ڇورو؟ 28 نمبر سٺو آهي؟

گدو: ها نه ته ٻيو ڇا؟ جي ڪلاس ۾ 55 ڇوڪرا هجن ها ته پوءِ؟ (ٽهڪ)

***

راوي: چوندا آهن ته ڪارو ٻڌجي ڪمري سان ـ رنگ نه مٽائي ته عادت ضرور مٽائي. ننڍيا به اهو ئي ڪندا جو وڏن کي ڏسندا. ها البته ڪجهه اضافو پنهنجي طرفان ضرور ڪندا آهن ۽ اهو اضافو ايندڙ نسل ڏانهن سندن نماڻي سوڪڙي هوندي آهي. تجربي اهو به ٻڌايو آهي ته حاضر جوابي هر دؤر ۾ پشت به پشت جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ڪڙندي تڙندي نکرندي رهندي آهي. ڪنهن گهر جي ٻالهه تا ڪن ته گهر جا سمورا ڀاتي ڪاٺ جي ميز تي ماني کائي رهيا هئا. ننڍڙي گلوءَ کي ڇانور کپندا هئا. پر ڇانورن جي پليٽ هئي هڪڙي ڇيڙي تي ۽ گلو ويٺو هو ٻئي ڇيڙي تي. کپندو ته ائين هو ته گلو ڪنهن کي چوي ها ته مهرباني ڪري مون کي ٿورا ڇانور ڪڍي ڏيو. پر هن ائين ڪو نه ڪيو. هٿ وڌائي ڇانورن جي پليٽ گهلي ورتائين ۽ لڳو کائڻ. سندس پيءُ جو اهو حال ڏٺو سو نهايت ئي نرميءَ سان چيائين، ”پٽ هٿ وڌائڻ کان بهتر آهي ته زبان استعمال ڪجي“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلوءَ هڪدم وراڻيو ”زبان تہ مون کي بہ آهي پر منهنجي ٻانهن زبان کان وڌيڪ ڊگهي آهي“.

(گدوءَ جي روئڻ جو آواز پري کان)

ملوڪان: منٺر۔ اڙي او ڇورا منٺر

منٺر: جي امان.

ملوڪان: تنگ پڇئي نٽيڙي ڀاءُ کي ڇو ٿو روئارين.

منٺر: امان مون تہ ڪجھ بہ ڪونہ چيو اٿس.

ملوڪان: تہ پوءِ ڳري ويا آخر ڇو ٿو روئي.

منٺر: امان چوي ٿو تہ اڱڻ ۾ ڪڏ کوٽي ڏي

ملوڪان: تہ پوءِ ڳاتي لٽا کوٽي ڏينس ها. ٻچڙي کي اڱڻ ۾ ڪڏ.

منٺر: اها تہ کوٽي ڏني مانس امان.

ملوڪان: تہ پوءِ هاڻي ڇو ٿو روئي.

منٺر: هاڻي چوي ٿو تہ اها ڪڏ اندر ڪمري ۾ کڻي هل! (ٽهڪ)

❊❊

مون هڪ بار کان پڇيو۔ ”تون وڏو ٿي ڇا ڪندين“

جواب ڏنائين: ”سڪس ملين ڊالر مين“

پڇيم: ”پوءِ ڇا ڪندين؟

چيائين: اميرن جون تجوريون ٽوڙي انهن جي سموري دولت غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندس.

چيم: اميرن تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي.

چيائين: غريبن وٽ تجوريون ئي ڪو نہ هونديون تہ ڦريندس ڪنهن کي؟

(ٽهڪ)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

***

راوي: انهيءَ بار جي گهر ۾ اڄ شايد ڪو مهمان اچڻ وارو آهي انهيءَ ڪري ئي زور شور سان تياريون ٿي رهيون آهن اچو ته پاڻ به ڏسون.

مجيد: مهمان جي اچڻ ۾ بس هاڻي دير ڪانهي. اڃا آيو ڪي آيو. هن جي اچڻ کان اڳ سڀ ڪم تيار هئڻ گهرجي.

سفوران: مهمان نه ٿيو چٽي ٿي. هنتي ڪان پئي ٿي تياري هلي.

مجيد: اڙي چري، هي ڪو جهڙو تهڙو مهمان ڪونهي خاص ماڻهو آهي خاص. هن جي لاءِ ته جيتري تياري ڪجي اوتري چڱي.

سفوران: تو ته ڪڏهين مون کي گهر جو ڀاتي سمجهيو ئي ناهي. ڪڏهين آرام سان ويهي ٻڌايو به نه اٿئي ته ڪير آهي. چوتو اچي، ڪٿان ٿو اچي. رڳو تڪڙ پئي ٿي پوئي ته مهمان ٿو اچي. مهمان ٿو اچي، اها ته مون کي به خبر آهي ته مهمان ٿو اچي. پوءِ پلا مان ڇا ڪيان؟

مجيد: تون ميرڪرءِ ويهي قدرت جو رنگ ڏس.

سفوران: رنگ ته مان تنهنجا پئي ٿي ڏسان. چتو ته ڪو نه ٿيو آهين. باقي سڀ رنگ بدلايا اٿيئي.

مجيد: سفوران توکي لک دفعا چيو اٿم ته منهنجي ڪم ۾ دخل نه ڏيندي ڪر. مان توکان وڏيڪ سياڻو آهيان ۽ ظاهر آهي ته جيڪو ڪم ڪندس سو تنهنجي ڀلي جي لاءِ ڪندس.

سفوران: سڄي عمر منهنجي ڀلي جا ڪم ڪيا اٿيئي. ڪڏهن پنهنجي ڀلي جو به ڪٿي سوچ.

مجيد: ڏاڍي بي صبري آهين. ته پوءِ ٻڌ. اسان جي گهر ۾ ڪراچيءَ جو سڀ کان دولتمند نوجوان ساجد اچي رهيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: ساجد؟ ڪهڙو ساجد؟

مجيد: اهو ئي ساجد جنهنجا ٿي ڪپڙن جا ڪارخانا آهن. چار ڊوائن جا دوڪان آهن ۽ پنج هوٽل آهن.

سفوران: ان مٿي ڪي ڪهڙيءَ ڪٿيءَ ڪنيو آهي جو اسان وٽ ٿو اچي.

مجيد: جنهن ڪٿيءَ مون کي ڪنيون هو.

سفوران: ڇا مطلب.

مجيد: مطلب اهو ته ساجد ۽ سندس ماءُ اسان جي ڌيءَ زرينه کي ڏسڻ لاءِ اچي رهيا آهن.

سفوران: ماڻس ڇو ٿي اچي؟

مجيد: جيئن منهنجي ماءُ اوهان جي گهر آئي هئي؟

سفوران: ماڻهين ته آئي هئي اکين جو علاج ڪرائڻ ۽ جڏهين اکيون نيڪ ٿي ويس ته ويندي وقت اسان جون چار چادرون چورائي وئي هئي.

مجيد: سفوران!

سفوران: ۽ انهن چادرن مان ماڻهين پنهنجي گهر جا پڙدا ناهيا هئا.

مجيد: سفوران هي وقت انهن ڳالهين جو ناهي. هو تمام وڏا ماڻهو آهن. خدا ڪري ته اهو ڪم ٿي وڃي ته اسان جا وارا نيارا ٿي ويندا.

سفوران: شادي ٿيندي ڇوڪريءَ جي. توکي ڪهڙو فائدو پوندو؟

مجيد: وڏا ماڻهو آهن. ڪجهه نه ڪجهه فائدو ته اسان کي به پوندو.

سفوران: ته پوءِ تو ايترا ڏينهن مون کان اها ڳالهه ڇو لڪائي. مان ڪائي توروئي وڃان ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيد: ڳالهہ ان ڪري لڪايم تہ هن گهر ۾ مون کي تہ ڪو ڍنگ جو
ماڻهو نظر نٿو اچي. هڪڙو هوڪو ڏين ها شهر ۾ تنهنجون
گلاخور ساهيڙيون اچي سڪڻ جيان گڏ ٿين ها ۽ پوءِ
ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪري ڦٽي وجي ها

سفوران: اڳي تنهنجا ڪهڙا ڪم ڦٽ يا اٿم جو هاڻي ڦٽاياڻ ها.

مجيد: اڳي بہ گهڻا ئي ڪم ڦٽايا. تيئي ڪو هڪ هجي تہ ٻڌايان.
جڏهين بہ ڪٿي پنهنجي شاديءَ جي ڳالهہ ڇوريان ٿي مس تہ
تون پهچيو وڃين.

سفوران: هن اچيءَ ڏاڙهيءَ ۾ شادي ڪندين؟

مجيد: ڇو نہ ڪندس بابي تہ ان عمر ۾ ٻہ شاديون ڪيون هيون.

سفوران: پوءِ پڻهين مئو بہ تہ سهڪي جي بيماريءَ کان هئو نہ.

مجيد: نہ- بابي کوهہ ۾ ٽپو ڏنو هو.

سفوران: چڱو ڪيائين جو اڳوات ئي کوهہ ۾ ٽپو ڏيئي ڇڏيائين نہ تہ
سندس سپ ڪراڙيون زالون اهو ڪم ڪن ها.

مجيد: چڱو هاڻي ڇڏ گهپي- وڃي ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڏسي اچ ۽
ها مون جيڪو نندي هونديءَ هرڻ ماريو هو. ان جي مُنڍي تہ
پٽ تي ٽنگائي ڇڏ.

سفوران: ۽ هو جيڪي هرڻ جي پُل ۾ ني ماڻهو ماريا هئي.

مجيد: ماڻهو تہ نڪاءُ تي مئا هئا.

سفوران: توکي ڪهڙي خبر- تون تہ سڄو سارو هفتو بيهوش پيو هئين.

مجيد: سفوران بحث نہ ڪر، هرڻ جي مُنڍي ڳولي آ.

سفوران: ۽ جي نہ لڀي تہ؟

مجيد: تہ پوءِ ان جو فوٽو ئي ڪٽي آ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران جي اهو بہ نہ ليي تہ.

مجيد: تہ پوءِ اها رسيد ئي ڪٽي آ جيڪا دوڪاندار ڏني هئي.

سفوران: جي اها بہ نہ ليي تہ پوءِ؟

مجيد: تہ پوءِ منهنجي مُنڊي لاهي پٽ تي ٺنگي ڇڏ.

سفوران: هاڻي ڪيئي نہ ڪم جي ڳالهہ. پر هڪڙي ڳالهہ آهي.

مجيد: ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

سفوران: جيڪڏهن ڪنهن پڇيو تہ اهو گدڙ ڪنهن ماريو آهي تہ پوءِ؟

مجيد: سفوران خدا جي واسطي مون کي وڌيڪ تنگ نہ ڪر. جلدي ڪر. مهمان اچڻ وارا آهن.

سفوران: ها سچي - تون مهمانن جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هئين. چوري جي ماءُ جو نالو ڇا آهي؟

مجيد: ملوڪان مستاني.

سفوران: چري آهي ڇا؟

مجيد: چري تہ ناهي. مستاني سندس تخلص آهي.

سفوران: شاعري ڪندي آهي ڇا؟

مجيد: شاعري ڇا ڪندي ويچاري، توسان رهندي تہ ڏوهيڙا ڏيڻ بہ سکي ويندي.

سفوران: ورتئي منهنجي ڳٽيءَ؟

مجيد: چڱو هاڻي ڳالهہ کي ڪتاءِ - ۽ ها ڳالهہ ٻڌ. هنن جي خدمت ۾ ڪا بہ ڪثر نہ ڇڏجانءِ. تمام وڏا ماڻهو آهن، ڪتي ڪنهن ڳالهہ تي ناراض نہ ٿي وڃن. پلا هو ڪتي اڻئي تنهنجو سوڪڙي پٽ؟

سفوران: متر لاءِ ٿو پڇين؟

سيجد: ها ها - انهيءَ سياڻي -سهڻي، سمجهو پٽ لاءِ ٿو پڇانءِ. آهي ڪٿي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: ٻئي ڪمري ۾ ويٺو تو پڙهي ٻچڙو صدقي وڃانس پڙهڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا ڳالهه وٽيس ئي ڪو نه ٿي.

مجيد: هائو هائو- ٻيو ته ڪجهه ئي ڪو نه ٿو وٽيس. هاڻي ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ.

مجيد: جيڪڏهن تنهنجي انهيءَ واڻڙي پٽ مهمانن جي سامهون ڪا بيوقوفي ڪئي آهي ته پوءِ مان بندوق ئي هڪڙي هڻندو مانس.

سفوران: هائي الا وائي ته ڪا سوائي ڪيڊ.

مجيد: بس اهو منهنجو آخري فيصلو آهي. مان اڳي ئي ان جي ٻي وقوفين کان بيزار آهيان.

سفوران: ته پوءِ پاڻ ڇو نٿو سمجهائينس ڪٿي. مان سڏ ٿي ڪري وٺانس. (سڏڪندي). مٺو- او پٽ مٺو.

مٺو: (پري کان) جي منهنجي امان.

سفوران: هيڏي آ پٽ. تنهنجو پيءُ ٿو سڏي.

مٺو: اڇهو حاضر ٿيس منهنجي امان

سفوران: اچئي ٿو منهنجو ٻچڙو. خبردار جو ڪيس دڙڪو ڏنو اٿيئي. جو ڪجهه چوڻو اٿيس پيار سان چئجانس.

مٺو: (ايندي) حاضر ٿي ويس منهنجي امان. حڪم ڪيو.

سفوران: صدقي- او ائين- يلا ڇا پئي ڪيو منهنجي ٻچڙي.

مٺو: مون پڙهيو پئي منهنجي امان. ٻڌايان؟

سوفران: ها ها- ٻڌاءِ.

مجيد: اڙي پوءِ ڪٿي ٻڌائجانءِ. پهريون منهنجي ڳالهه ٻڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: نه ٻچڙا نه... هن جي ڳالهه تي ڌيان نه ڏي تون ٻڌاءِ.

متر: ته پوءِ ٻڌايان نو منهنجي امان. قاف واءُ پيش ڇُو... لام زير بِ قاسم.

مجيد: اڙي بس ڪر چورا. اجايو اچي مٿو ڪاڏو اٿيئي.

متر (روئندي) منهنجي امان... ماري ٿو.

سفوران: نه رو پٽ... نه رو منهنجا ٻچا... نه رو.

متر: ماري ٿو... الا اڙي ماري ٿو.

مجيد: اڙي خدا جي واسطي پهريون منهنجي ڳالهه ٻڌ.

متر: پهريون روپيو ڏي ته پوءِ.

مجيد: هان وٺ روپيو. هاڻي ته بس ڪر.

متر: بس ڪيم.

مجيد: غور سان ٻڌ... اڄ گهر ۾ مهمان پيا اچن. تمام وڏا ماڻهو آهن. ، سمجهيئي؟

متر: ها... سمجهيم.

مجيد: تون انهن جي سامهون ڪا به بڪواس نه ڪندين.

متر: سمجهيم.

مجيد: ڪا به بيوقوفيءَ جي ڳالهه زبان مان نه ڪڍندين.

متر: سمجهيم.

مجيد: ۽ مهمانن جي ڳالهين ۾ دخل نه ڏيندين.

متر: اهو به سمجهيم.

مجيد: ته پوءِ هتان هڪدم دفع ٿي وڃ. وڃ. وڃ.

متر: (روئندي) منهنجي امان ماري ٿو.

(مهمان اچي ويا)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملوڪان: ائي ادي سفوران خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي. لکا پتي آهيون. لڪاپتي. پر چيم تہ نہ ملوڪان مستاني پٽ پرٿائجي تہ ڪنهن شريف گهر منجهان، پوءِ پلي فقير چو نہ هجن.

سفوران: ائي ادي خير گُهر. خدا نہ ڪندو اسان کي فقير.

ملوڪان: مون تہ ائين پي چيو. تنهنجي مڙس جي شڪل سان جي پاڙي جي هڪ پينوءَ سان ڪجهہ مڙئي ملي ٿي.

سفوران: ائين تہ تنهنجي شڪل بہ هوبهو مائيءَ گيدوڙي جهڙي آهي.

ملوڪان: اها ڪير آهي؟

سفوران: اها اسان جي نوڪرياڻي آهي.

ملوڪان: مان تنهنجي نوڪرياڻيءَ جهڙي آهيان چورا پڏين ٿو.

مجيد: (وچ ۾) منهنجي خيال ۾ سفوران پنهنجي ڳالهہ سمجهائي نہ سگهي آهي. دراصل هن جو مطلب اهو تہ وڏن ماڻهن جي هر ڳالهہ جو نقل ٿيندو رهندو آهي هن نوڪرياڻيءَ بہ اوهان جي شڪل جو نقل ڪيو هوندو. ڇا ڪيئن ساجد صاحب.

ساجد: ها_ها_ ڪتي آهي اها نوڪرياڻي؟

مجيد: ڇڏيو انهن ڳالهين کي اوهان پنهنجي واپار جي ڳالهہ ڪيو.

ساجد: واپار؟ ڳڙ جو تہ اڳهہ پڌايم نہ توهان کي سرنهن جو تيل.

ملوڪان: ٽڙين ٿو چورا. خبردار ٽجانءِ.

ساجد: (چڙ ڪندي) نہ نہ امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ بلڪل ٺيڪ پيو هلي. اسان ڪپڙو ٻاهر امپورٽ ڪندا آهيون ۽ ٻاهران مشينيون ايڪسپورٽ ڪندا آهيون (کلي ٿو).

ملوڪان: وري ٿو ٽڙين چورا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجد: تو تہ ڀڏايو هو تہ ائين چئجانءِ. وري ٿي بي عزتي خراب ڪرينم نہ. هل مان توسان نٽو ڳالهايان. ڪٿي اٿيئي.

ملوڪان: پٽ سياڻو ٿيءُ. هي ماڻهو چا چوندا.

ساجد: هي ماڻهو آهن؟

مجيد: ماڻهو ناهيون تہ توکي چا ٿا نظر اچون.

ساجد: امان هن کي جهلين نٿي. هل مان هن سان بہ ڪو نہ ڳالهائيندس. ڪٿي اٿئي.

(مٺراچي ٿو)

مٺر: امان۔ امان۔ منهنجي امان. پاڙي واري آهي نہ اها چوي ٿي تہ پنهنجي ماءُ کي چئہ تہ هار تہ تنهنجو آهي. پر خيال رکجانءِ ڪڙو ڊرو اٿس. ڪٿي ڪري نہ پوي.

سفوران: مٺر۔ وڃ وڃي ٻاهر راند ڪر. وڏن ۾ ويهڻ جو تنهنجو ڪو ڪم ناهي.

مٺر: ءِ هي جو وينو آهي وات ڦاڙيو اوهان جي وچ ۾.

ساجد: امان۔ هن کي جهلين نٿي هل مان توسان نٽو ڳالهايان. ڪٿي اٿئي.

ملوڪان: پٽ هيڏي تہ آ

مٺر: مون کي ٿي چوين.

ملوڪان: ها ها۔ توکي ٿي چوان نالو چا آهي منهنجي پٽ جو.

مٺر: مٺر

ملوڪان: ڪيڏو نہ پيارو نالو آهي. اچي هي روپيو وٺ. تنهنجي خرچي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺر: مهرباني.

ملوڪان: ڪيڏو نہ فرمانبردار ٻار آهي تنهنجي واتان مهرباني ڪيڏ ۽ نہ سنو ٿو لڳي. وري تہ چئہ.

مٺر: اهڙو وڏي ٿو تہ هڪ روپيو پيو ڏينم. تہ ٻيهر چئي ٻڌايانءِ.

سفوران: مٺر- هاڻي هل پٽ- وڃ وڃي ٻاهر راند ڪر.

مٺر: وڃان ٿو. تون هلنديون موڳا. هل تہ پوري ڏيکاريانءِ.

ساجد: هل هل- مان توسان نٿو ڳالهايان.

مٺر: نہ هل تہ نہ هل تون تہ آهين ماءُ جو مٺو وينو رهہ.

ساجد: پلا جي هلان تہ پوءِ ماريندين تہ نہ.

مٺر: ماريندو مانءِ ڇو؟ هل تہ ٻير پٽي هلي کائون.

ساجد: امان وڃان؟

ملوڪان: وڃ منهنجا ٻچا ڪپڙا خراب نہ ڪجانءِ. (وڃن ٿا)

مجيد: (ڪلنديءَ) ڏاڍو شرميلو آهي. اوهان جو پٽ خدا حياتي ڏئيس فرمانبردار بہ ڏاڍو آهي.

ملوڪان: بس ادا لکن جي ڪاروبار ڪي 'هو اڪيلي سر منهن ٿو ڏئي. ذهين بہ ڏاڍو آهي.

مجيد: ها ها ڇو نہ. اهو تہ سندس ڳالهائڻ مان ئي صاف ظاهر آهي.

سفوران: ماشاءَ الله ماءُ گهٽ آهي عقل ۾ جو پٽ نہ ٿيندو. سڄي گهر ڪي ڦيري تي ڏسجي.

(ٻاهران ساجد جي روئڻ جو آواز- مٺر اندر اچي ٿو)

مٺر: امان امان- منهنجي امان- ساجد آهي نہ ساجو روئي ٿو.

ملوڪان: ڇو ٿو روئي منهنجو ٻچڙو- ماريہ هونديس مٺا ڏندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺر: نہ پوڙهي مان چوماريندومانس.

ملوڪان: تہ پوءِ چو ٿو روئي.

مٺر: چوي پيو تہ اگهڻ ۾ ڪڏ ڪٽي ڏينم.

ملوڪان: پوءِ ڇا ٿيو.

مٺر: مون ڪڏ ڪوٺي ڏني مانس.

ملوڪان: تہ پوءِ چو ٿو روئي.

مٺر: هاڻي چوي ٿو تہ اها ڪڏ اندر ڪمري ۾ ڪٽي هل تہ امان کي ڏيکاريان (ٽهڪ).

مجيد: چڱو چڱو هاڻي وڃ وڃي پرچاءِ ياءِ کي، خبردار جو ڪيس رٺاريو اٿيئي. هل (ڪلندي) ٻار آهن. پاڻ ۾ وڙهندا تہ ضرور.

ملوڪان: منهنجو ساجد تہ لکن ۾ هڪ آهي. پري پري کان ماٺهو رڳو صلاح پڇڻ ايندا اٿس.

سفوران: چونہ. چونہ. سياڻو سياڻي کي سو ڪوهہ تي ڳولي لهندو آهي.

ملوڪان: چوڪري نظر نٿي اچي. گهر ۾ ڪانهي ڇا؟ نياڻيءَ کي ڏسڻ لاءِ دل ٿي ٿاٿي.

سفوران: نياڻي اسان کي بہ پياري آهي ادي. ڏنو وائنو ڇوڪريءَ کي ڪوهہ ۾ ڪونہ اچلائيندا سين.

مجيد: سفوران هي ڇا ٿي چوين؟

سفوران: تون ماٺ ڪري ويهہ مٺر جا پيءُ.

ملوڪان: پر مائي. توهان تہ.

سفوران: اسان کي خبر تہ هئي تہ اوهان جو ڇورو واٽڙو آهي.

ملوڪان: واٽڙو هوندو تنهنجو ڇورو، مئو ڇوويهہ ڪلاڪ ڇريو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: خبردار جو منهنجي مٺڙ لاءِ ڪجهه چيو اٿيئي. مهمان ٿي پئي آهين نه ته ڏيکاريانءِ ها ڏينهن جا تارا.

ملوڪان: ڏينهن جا تارا وڃي پنهنجن کي ڏيکار. منهنجو نالو ورتو اٿيئي ته پوءِ پتا پئجي ويندا ٻتا. ملوڪان مستاني منهنجو نالو اٿيئي.

سفوران: اڙي هل سڄاٽانءِ ٿي، سڄاٽانءِ، شهر ۾ اٿيئي سيڏي جو دڪان ۽ هتي ٻتاڪ مٿان ٻتاڪ پئي ٿي پوي.

مجيد: سفوران سياڻي ٿيءُ.

ملوڪان: مائي ته ڪا چتي ٿي ڏسجي. مون مڙندي ٿي وڃانس ته بس.

سفوران: هل مائي هل، ناهي اسان کي مٺي ڪرڻي. وڃ وڃي ڪنهن ٻئي کي بيوقوف بڻاءِ.

ملوڪان: تون سنگ نه ڏينديئن ته ڇا ٿي پيو. منهنجي ٻچي لاءِ ڪي ڇوريون ڪٿيون آهن ڇا؟ سوين سڏ ڪري ڏيندا.

سفوران: انهيءَ چرئي کي ته ڪو پير ۾ ويهڻ به ڪو نه ڏيندو مٺو اُٺ ڪنهن جاءِ جو.

(مٺو اچي ٿو)

مٺو: امان امان_ منهنجي امان

سفوران: (بيزاريءَ مان) ڇا آهي؟ تو ڇو مٿو ڪاڏو آهي؟

مٺو: امان امان_ هو موڳو آهي نه موڳو اهو مهمان.

ملوڪان: منهنجو سڄاد.

مٺو: ها ها_ اهو سڄاد.

سفوران: ڇا ٿيو ان مُئي مست کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺو: ان جي تو ڳچي ڏني آهي نہ ڳچي.

سفوران: هائو هائو. سجاد جي ڳچي

ملوڪان: سدا سهڻي ڳچي آهي منهنجي ٻچڙي جي.

مٺو: تہ اهوان سدا سهڻيءَ ڳچيءَ تائين ٽلاءَ ۾ ٻڏي ويو آهي. (ٺهڪ).

**

سامعين: مٺو جي ملاقات کان پوءِ اچو تہ ڪجهہ مريضن جي ۽ ڪجهہ ڊاڪٽرن جي خبر وٺون. هڪ ماڻهو ڊاڪٽر وٽ پاڻ تپاسائڻ لاءِ ويو. ڊاڪٽر ڪيس چڱي ريت جاچڻ کان پوءِ چيو. توکي ڪا بہ بيماري ناهي. تون بلڪل ٺيڪ آهين. جنهن کي تون بيماري ٿو سمجهين سا دراصل سستي آهي. اهو ٻڌي ان ماڻهوءَ چيو تہ پوءِ داڪٽر صاحب سستي جو انگريزيءَ ۾ ڪو ڏکيو نالو ٻڌائي ڇڏيو تہ جيئن مان پنهنجي زال کي ٻڌائي ڊيڄاري سگهان. (ٺهڪ)

راوي: بيمار مرد کان پوءِ بيمار زال جو قصو بہ ٿي وڃي. هڪ عورت بي حد بيمار ٿي پئي. بيماريءَ جي شدت کان هوءَ بي هوش ٿي ويئي ۽ نبض بند ٿي ويس، ۽ ساهہ کڻڻ ڇڏي ڏنائين. مائٽ مٽ سڀ روئڻ پٽڻ لڳا تہ هاءِ هاءِ سدوري ويچاري گذاري ويئي. ايتري ۾ ڊاڪٽر کي خيال آيو تہ ڇو نہ مريض جي منهن وٽ آئينو جهلي ڏسجي تہ ساهہ کڻي ٿي يا سچي پچي مري وئي. اهو سوچي داڪٽر آئينو گهرائي مريض جي مُنهن وٽ جهليو. سدوريءَ ڦهريون آهستگيءَ سان هڪ اک کولي پوءِ ٻي کولي آئيني ۾ ڏٺو ۽ پوءِ هٿ وڌائي پرس مان لپ اسٽڪ ڪڍي چپن کي هڻڻ لڳي. (ٺهڪ)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**

ڪدو: هاءِ۔ هاءِ۔ الاڙي۔ الا ۔ الا.

ڊاڪٽر: دلجاءِ ڪر خدا بخش خان۔ الله ڪندو تہ جلدي ٺيڪ ٿي ويندين.

ڪدو: سچي ڊاڪٽر صاحب.

ڊاڪٽر: ها۔ چو نہ۔ دوا باقاعدگيءَ سان پيئندو رهندين. تہ بلڪل نوبنو ٿي پوندين.

ڪدو: ڀلا مان ڪيستائين ٺيڪ ٿي ويندس؟

ڊاڪٽر: بس هفتي ڪن ۾.

ڪدو: ڀلا ڊاڪٽر صاحب اهو تہ ٻڌاءِ تہ منهنجي عمر ڪيتري ٿيندي؟

ڊاڪٽر: زندگي تہ خدا جي هٿ ۾ آهي، خدابخش خان. نہ تنهنجي هٿ ۾ آهي نہ منهنجي ۾ آهي.

ڪدو: پوءِ بہ اهو تہ ٻڌاءِ ڊاڪٽر صاحب تہ مان سؤ سالن تائين جيئرو رهي سگهندس؟

ڊاڪٽر: هاڻي عمر گهڻي اٿئي؟

گدو: پنجاهہ سال.

ڊاڪٽر: سگريٽ پيئندو آهين؟

ڪدو: نہ سائين.

ڊاڪٽر: نشو پتو ڪندو آهين؟

ڪدو: نہ سائين.

ڊاڪٽر جوئا کيڏندو آهين؟

ڪدو: نہ سائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر: ڪاڏو اوچو ڪائيندو آهين؟

ڪدو: نہ سائين.

ڊاڪٽر: رڪشا تي چڙهندو آهين؟

ڪدو: نہ سائين.

ڊاڪٽر جي انهن مان ڪجهہ بہ نہ ڪندؤ آهين تہ پوءِ خدا بخش خان وڏيڪ پنجاهہ سال جي چا ڪندين؟ (ٺهڪ)

**

راوي: هڪ ڏندن جي ڊاڪٽر وٽ هڪ مريض ڏند ڪڍائڻ آيو. ڊاڪٽر ڪي تياري ڪندو ڏسي مريض اچي رڙيون مچايون. جيسين ڏند نڪري ئي نڪري تيسين آسمان مٿي تي کڻي ڏنائين. آخر ڪار جڏهن ڊاڪٽر سندس ڏند ڪڍي ٻاهر ڪيو تڏهين سؤ رپين جو بل کڻي مريض جي هٿ تي رکيائين.

مريض: سؤ رپيہ؟ سائين هي تہ ظلم آهي.

ڊاڪٽر: اهو منهنجو بل آهي.

مريض: پر سائين هڪ ڏند ڪڍائڻ جا سؤ روپيہ؟ توهان تہ رڳو ويهہ رپيا وٺندا آهيو.

ڊاڪٽر: صحيح آهي. ويهہ روپيہ منهنجي في ۽ اسي روپيہ انهن چئن گراهڪن جا، جيڪي تنهنجون رڙيون ٻڌي اسپتال ڇڏي ڀڄي ويا. (ٺهڪ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❊❊

سفوران: ڊاڪٽر صاحب، ڊاڪٽر صاحب_ ظلم ٿي ويو. ڊاڪٽر صاحب_ مون سان ناحق ٿي ويو. (روئندي)هاءِ هاءِ مان برباد ٿي ويس.

ڊاڪٽر: ڇا ھي مائي_ ڇا ٿيو آھي توکي.

سفوران: مون کي ته ڪجهه ڪو نه ٿيو آهي. ڊاڪٽر صاحب. پر منهنجي ٻچڙي کي.

ڊاڪٽر: ڇا ٿيو آهي تنهنجي پٽ کي مائي.

سفوران: اڙي هاءِ هاءِ منهنجي ننڍڙي پنجاهه پئسي ڳهي ڇڏي آهي ڏس سائين ساهه به نٿو ڪڍي سگهي منهنجو ٻچڙو.

ڊاڪٽر: ڪڏهين ڳهيا اٿس اٺ آنا.

سفوران: صبح کان وني چوڪري جي نڙيءَ ۾ ڦاٿا پيا آهن. ڊاڪٽر صاحب مهرباني ڪري جلدي ڪيو. منهنجو اڪيلو پٽ آهي. سائين.

ڊاڪٽر: (ڏسندي) هون هون_ مائي سڪو ڦاٿو ته برابر پيو آهي نڙيءَ ۾ پر ايستائين منهنجا اوزار پڇي نه سگهندا.

سفوران: ڪجهه ته ڪر ڊاڪٽر صاحب_ واسطو اٿئي خدا جو.

ڊاڪٽر: مون کان ڳالهه زور آهي مائي.

سفوران: اڙي هاءِ هاءِ هاڻي ڇا ڪيان. ڪاڏي وڃان.

ڊاڪٽر: هڪڙو طريقو آهي.

سفوران: ڪهڙو؟

ڊاڪٽر هن کي منهنجي زال ڏي وني وڃ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: تنهنجي زال ڏي ڇو وني وڃانئس؟

ڊاڪٽر: ان ڪري جو پئسو ڪتي بہ لڪل هجي. منهنجي زال نهايت آسانيءَ سان ڪيي وٺندي آهي. (ٽهڪ)

**

راوي: ان ئي ڊاڪٽر صاحب وٽ هڪ ٻيو مريض آيو. ڪجهہ احوال ان جو بہ ٻڌي وڃي.

مريض: ڊاڪٽر صاحب وينا آهيو ڪچهري مچايو؟

ڊاڪٽر: ڪچهري- ڇاجي ڪچهري؟ هيءَ اسپتال آهي ميان.

مريض: اڙي ها ها- وسري ويم تہ اهو اسڪول آهي.

ڊاڪٽر: ڇيم تہ هيءَ اسپتال آهي. اسڪول ناهي.

مريض: ڏنئي وري وسري ويم. ڊاڪٽر صاحب مهرباني ڪري مون کي ڏسو- مان بيمار آهيان.

ڊاڪٽر: اهو تہ تنهنجي شڪل مان ظاهر آهي، ڪهڙي بيماري آهي توکي..

مريض: ويسر- سائين ويسر ماري وڌو اٿم. ڪا بہ شيءِ ياد ئي نٿي بيهي.

ڊاڪٽر: گهڻي عرصي کان اها تڪليف اٿيئي؟

مريض: گهڻي عرصي کان ڪهڙي تڪليف اٿم؟

ڊاڪٽر: اهائي ويسر جي.

مريض: ها ها- ياد آيم ويسر جي. ڊاڪٽر صاحب ويهارو کن سال تہ ٿي ويا اٿم.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر: علاج ڪرايو اٿيئي.

مريض: ڇا جو علاج؟

ڊاڪٽر: وبسر جو علاج؟

مريض: اڙي ها ها۔ ياد آيم. وبسر جو علاج، اهو علاج ته ڪرائڻ آيو آهيان تو وٽ.

ڊاڪٽر: ٺهيو۔ ته پوءِ ميان صاحب هڪ ڪم ڪر.

مريض: ڪهڙو ڪم.

ڊاڪٽر: ڪم اهو ڪر ته ان ڪان اڳ جو تو ڪان وسري وڃي منهنجي اجورڪي في ڪڍي ڪر ٻاهر (ٽهڪ).

❊❊

راوي: ساڳئي ڊاڪٽر وٽ سندس هڪ مريض بلڪل خوش ۽ خورم آيو. ڳالهه ڳالهه تي پيو ٽري، ٽينگ ٽپا پيو ڏي. ڊاڪٽر پڇيس ته هاڻي طبيعت ڪيئن اٿيئي؟

مريض: هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان.

ڊاڪٽر چيس: دوا هدايتن موجب استعمال ڪندو آهين؟

چيائين: جي ها. بلڪل شيشي تي، لکيل هدايت تي پورو پورو عمل ڪيو اٿم.

ڊاڪٽر پڇيو: شيشي تي ڪهڙي هدايت لکيل آهي.

مريض چيو: لکيل آهي ته شيشيءَ جي ٻجيءَ کي مضبوطيءَ سان بند رکو. (ٽهڪ).

۽ آخر ۾ سامعين، موڪلائڻ ڪان اڳ، اڄ جو آخري لطيفو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**

راوي: هڪ ماڻهو ڏند ڪيڏائڻ لاءِ ڊاڪٽر وٽ ويو ڊاڪٽر صاحب ٻَل ۾ ٻئي چيڙي جو پهريون نمبر ڏند ڪڍي وڌو. مريض وٺي هاءِ گهوڙا ڪئي.

مريض: الاڙي باباڙي گهوڙاڙي، هي ڇا ڪيوَ ڊاڪٽر. هيءَ ته چڱو ڀلو ڏند هو.

ڊاڪٽر: صبر ڪر ٻچا.

مريض: پر ڊاڪٽر منهنجو سور وارو ڏند ته اجان به بينو آهي.

ڊاڪٽر: صبر ڪر ٻچا.

مريض: پر ڊاڪٽر منهنجو سور وارو ڏند ته اوـهن ٻئي چيڙي تي آهي.

ڊاڪٽر: صبر ڪر ٻچا. آهستي آهستي انهيءَ تائين به پهچي ويندا سين. (ٺهڪ).

سامعين: انهيءَ سان گڏ اجوڪو پروگرام پورو ٿيو. اجازت ڏيندا وري ايندڙ پروگرام ۾ ملاقات ٿيندي.

خدا حافظ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_4

گلدستو_II

ڪردار

1. راوي
2. الهڏنو
3. الهبچائي
4. نوڪر
5. ڊاڪٽر
6. سفوران
7. وڪيو
8. حميد
9. روزي
10. ملڪي
11. گدو
12. صادق
13. بلبل
14. گهرام
15. ياڳي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16. سيٺ
17. رمون

سامعين: اسان جا سادا سودا ڳوٺاڻا علاج جي باري ۾ بلڪل جدا سوچ جا مالڪ آهن. وس پڄندي بيماري سيماريءَ جو حال گهر وارن سان به نه ڪندا. جڏهين هلڻ کان هلاک ٿيندا، تڏهين لاچار ڪنهن ويجهي عزيز کي ٻاڦور ڏيندا. ۽ اهو وري حڪيم، طبيب، پسارين، ڪمپائونڊرن کان پوءِ جڏهين ڏسندو ته مريض بس اڄهو آيو ڪي آيو، تڏهين وڃي ڪنهن ڊاڪٽر جي صلاح ڏيندو. سو به جي ڊاڪٽر ڏسي ڪوڙي دوا ته همراهه انهيءَ ئي گهڙيءَ پيرِ ڊانهيندا. پر جي ملين منبون گوريون ۽ شربت ته پوءِ ته سگهي ٿ ته چوويهه ڪلاڪ پيا به علاج جاري رکن. چون ٿا ته اڄوڪا بيمار ڊاڪٽر ڏانهن ويندي رستي تي ئي چاق ٿي ويندا آهن. باقي جو اڌ سئي تيار ٿيندي ڏسي نوينو ٿي ويندو آهي ۽ جيڪي بچيا سي اول خير بل کي ڏسندي ئي نينگ ٽپا ڏيڻ شروع ڪندا آهن. هڪ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي فيءِ بڌائي رهيو هو، چيائين! مان مريض جي گهر تائين وڃي ڏسڻ جا سؤ رپيه وٺندو آهيان.. جيڪڏهن مريض مون وٽ ڪلينڪ ۾ ايندو ته پنجهتر روپيه فيءَ جا، جي فون تي صلاح پڇندو ته پنجاهه روپيه ۽ جي ماڻهو موڪلي مشورو ڪندو ته ڇهه روپيه لڳندس.

اتي ويٺلن مان ڪنهن پڇيس، "ڊاڪٽر صاحب"، پلا جي رستي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي. ڪو ماڻهو اوهان جي پرسان لنگهي وڃي ته ان کان گهٽو ونندا آهيو؟ اهو ته مسئلو هو ئي ڪونه. ڏک هي مسئلو آهي علاج جو ويچارو الهڏنو خان رتائرڊ حضور مختيارڪار سخت بيمار آهي. گهر واري آسرو لاهي ويٺي آهي. آخري سهاري طور ڊاڪٽر ڏانهن ماڻهو موڪليو اٿن. جيسين ڊاڪٽر پهچي. تيسين پاڻ تا پهچي وڃون. سندن گهر تي.

الهڏنو: (ڪنجهندي) هاءِ۔ مران۔ الهه بچائي صرف گاڏ سيوڊ اِنِ 1926ع وين آءِ واز حضور مختيارڪار...

الهبچائي: هاڻي گهٽو ته نه ڳالهاءِ. سخت بيمار آهين.

الهڏنو: هاءِ مران۔ مران۔ مران.

الهبچائي: ڪو نه ٿو مرين۔ رک الله تي چڙهي ويندين.

الهڏنو: ان 1926ع وين آءِ واز حضور مختيارڪار. مون کي ڪاري ڪنگهه ٿي پيئي هئي. بليڪ ڪف. ان زماني ۾ منهنجي ڪنگهه جي آواز تي هڪ اندر ڪنسٽرڪشن بلڊنگ ڊهي پئي هئي.

الهبچائي: هاڻي ته ڪاري ڪنگهه ڪانهي.

الهڏنو: نو۔ نو۔ هاڻي مون کي سائي يعني گرين جي بيماري آهي. هٿ پير پيلا ٿي ويا اٿم. يعني پيلو چٽ نيرا. يعني بلو ٿي ويا اٿم ۽ وار اڇا ٿي ويا اٿم يعني وائيٽ.

الهبچائي: ماڻهو ته نه ٿئين. اندلٽ ٿئين. هر رنگ جي بيماري اٿيئي.

الهڏنو: الهه بچائي يعني گاڊ سيوڊ. چوندا آهن ته بيمارن سان چرچا نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا آهن. ڊونٽ ڪٽ جوڪس. وٽ ال پيپلس. سمجهين ٿو هاءِ- مران.

الهبچائي: اڙ بيماري تہ توکي گهڻي ڳالهائڻ ڏني آهي.

الهڏنو: ٿرو- ٿرو هنڊريڊ پرسينٽ ٿرو- مون کي اڙ چا سچي بيماري تنهنجي گهڻي ڳالهائڻ ڏني، آهي. بہ منٽ بس ڪرين تہ جيڪر ڪوائيٽ ويل ٿي وڃان.

الهبچائي: توبهہ توبهہ هن ماڻهوءَ سان ڳچڻ تہ محال آهي.

الهڏنو: ان نائينٽين هنڊريڊ- هاءِ-هاءِ-هاءِ مران- اڙي مران- ڊائنگ ڊائنگ-ڊيڊ.

الهبچائي: جانوءَ جا پيءُ، جانوءَ جا پيءُ، هڏ هڏ هي چا ٿي ويو توکي. ڪجھ تہ ڳالهاءِ. زبان تہ ڪڍ- اکيون پٽ- جانوءَ جا پيءُ. جانوءَ جا پيءُ.

(نوڪر ڊوڙندو اچي ٿو)

نوڪر: بيگم صاحب، بيگم صاحب، ڊاڪٽر صاحب اچي ويو.

الهہ بچائي: (رئندي) اڙي هڏ هڏ. مان لٽجي ويس. مري ويس. ڊاڪٽر صاحب مان برباد ٿي ويس. (سڏڪا).

ڊاڪٽر: صبر ڪر امان. مون کي ڏسڻ تہ ڏي.

الهبچائي: اڙي ڪلندي ڪائيندي چپ ٿي ويو. ساهہ بہ نٿو ڪڍي. هاءِ هاءِ.

ڊاڪٽر: مون کي افسوس آهي، امان، اوهان جو مڙس گذاري ويو.

الهبچائي: هائي.

الهڏنو: ڪوڙو اتيئي الهبچائي عرف گڊ سيوڊ- مان مئو ناهيان. جيئرو آهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الهه بچائي: هائي تون تہ وڃ مر نہ ڳالهاءِ. ڊاڪٽر کي وڏيڪ خبر يا توکي..! (ٽهڪ)

**

راوي: سائين موت جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ پوءِ ان حوالي جي ڳالهہ بہ ڪندا هلون. جنهن کي زندگي ڏاڍي پياري هئي. تيو هيمٿ ۽ جو هڪ صاحب جوتشيءَ وٽ آيو ۽ چيائين. جوتشي صاحب پورا هڪ هزار روپيہ ڏيندو ماڻ. صرف ايترو ٻڌايئم تہ منهنجو موت ڪٿي ٿيندو.

جوتشيءَ حيران ٿي چيو پر آخر ان مان فائدو؟

ماڻهو وراڻيو. فائدو اهو ٿيندو جو مان پلجي بہ ان طرف ڪونہ ويندس! (ٽهڪ).

مون کي هڪ ٻي ڳالهہ ٿي ياد اچي جنهن ۾ بہ هڪ ڊاڪٽر جو ذڪر آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب وٽ موجود آهي پنهنجي جاتل سڃاتل مشهور ۽ معروف نامور پاڙيواري سفوران ستّ سُري!

(اسپتال جو ناٽر)

سفوران: اڙي ابا۔ او ابا۔ ڇوڪر..

وڪيو: ڪمپائونڊر چئہ مائي..

سفوران: اڙي هائو ابا ڪمپونڊر. ڊاڪٽر صاحب آهي؟

وڪيو: پري ٿي ڳالهاءِ مائي. تون تہ صفا مٿان چڙهندي ٿا اچين.

سفوران: صدقي وڃانءِ پٽ. رڳو اهو ٻڌاءِ تہ ڊاڪٽر صاحب آهي؟

وڪيو: چيو مانءِ تہ ڪمپائونڊر چئہ مائي.

سفوران: ڪري چا ٿو مٺو تنگ پڳو عزت سان ٿي ڳالهايانس تہ وچي ٿو شينگ ٿيندو سڃاڻاءِ ٿي سڃاڻانءِ. گهٽو گوڙ ڪيئي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارا ڪڍي تريءَ تي رکندي ماڻ مٿا سمجهين چاٺو پاڻ ڪي.

وڪيو: مائي

سفوران: مائي مائي نہ ڪر. سفوران سڏ، شري منهنجو نالو اٿيئي. هتي پري ٿيءَ منهنجي اڳيان مٿو گهوڙو منهنجو ڏاڏر تہ ٿو ڪري. ڊاڪٽر صاحب جا بہ انڌير آهن. ههڙا چورا چورا ڪٽي پاڻ وٽ نوڪر بيهاريا اٿائين. مُئو لهي ٻاءِ بصرن جو بہ نہ، وات تہ ڪٽي ڪيو اٿائين.

ڊاڪٽر: مائي سفوران آهين ڇا؟ ڪنهن تي ڪاوڙي آهين؟

سفوران: ڊاڪٽر صاحب ڪمپونڊر تہ ڏکو سريلو رکندو ڪر. هن مُئي جي تہ سلائي اُڌڙي پئي آهي.

ڊاڪٽر: ڪمپائونڊر تي ڪاوڙي آهين مائي؟ نهيو ڪائي ڳالهہ ڪانهي. مان پاڻهي سمجهائي ڇڏيندومانس. تون ويهہ ويهہ اتي ويهہ.

سفوران: چنڊو ڪنهن جاءِ جو.

ڊاڪٽر: بلڪل- بلڪل- بلڪل چنڊو آهي. تون ڪر خبر مائي، ڪهڙي تڪليف اٿيئي.

سفوران: مون کي ڇو تڪليف ٿيندي، تڪليف هوندي تنهنجي انهيءَ گهوڙي مُنهين ڪمپائونڊر کي.

ڊاڪٽر: تہ پوءِ پلا- پلا هت ڪيئن آئي آهين؟

سفوران: ڪم سان آئي آهيان.

ڊاڪٽر: اهو تہ مان بہ ڏسان ٿو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم سان تہ ضرور آئي آهين. پر ڪم ڪهڙو اٿئي مائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: اهو ٻڌاءِ ڊاڪٽر صاحب تہ ڏنڊو ڪيئن ٿو هلي؟

ڊاڪٽر: شڪر آهي. سنو پيو هلي. پر پر تون ڇو ٿي پڇين. شادي ڪرائيندينءِ ڇا.؟

سفوران: شادي ڪرائينديءِ اهو مئو ماريو گهوڙي مُنهنو مان ڇو شادي ڪرائيندي مانءِ. ها پلا اهو تہ ٻڌاءِ ڊاڪٽر صاحب تہ وڏيري جي ڇوڪر جو متو قاتي پيو هو اهو هاڻي ٺيڪ آهي.

ڊاڪٽر: ها ٺيڪ آهي، پر اڃان بلڪل ٺيڪ ٿيڻ ۾ مهينو کن لڳندس.

سفوران: پئسا تہ وڏيرو جام ڏيندو هوندءِ علاج جا.

ڊاڪٽر: شڪر آهي. روز پٽي ڪري دوا ڏئي ايندو آهيانس. روپيہ پنجويهہ هر روز ڏيندو اٿم.

سفوران: وڏيري مان اتڪل گهڻو ڪمائيندين. ڊاڪٽر صاحب.

ڊاڪٽر : مڙئي هزار کن تہ ملي ويندو. پر پرمائي تنهنجو ان ڳالهہ سان کهڙو واسطو تون ڇو ٿي پڇين؟

سفوران: ڇو نہ پڇان.. منهنجو واسطو آهي.

ڊاڪٽر: آخر مان بہ تہ ٻڌان.

سفوران: مان پنهنجو حصو وٺڻ آئي آهيان، حصو.

ڊاڪٽر: حصو؟ ڇا جو حصو؟

سفوران: ڪهاڻيءَ جو حصو وڏيري جي ڇوڪري کي مغز واري سِرَ منهنجي ٻچڙي هنئي هئي. (ٺهڪ).

※※

راوي: سفوران سٺ سُريءَ جو ٻچڙو ڪو ڪم ڪار بہ ڪندو آهي يا نہ، سا تہ خبر خدا کي، باقي مون کي سو هن وقت هڪ اهڙي نوجوان جي ڳالهہ ياد آئي آهي جو ڪم ڪان ڀڄندو هو ءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀهرين نمبر جو ڪاهل هو. دراصل هو هڪ ڪارخاني ۾ مزوري ڪندو هو. ڪلاڪ اٺ ڪم ڪندو هو ۽ پوءِ لڪي ڇپي ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي سمهي رهندو هو. هڪ ڏينهن هو شميم جڏهن ڪم جي وقت ننڊ ڪري رهيو هو ته ايتري ۾ سيٺ صاحب اچي اتان لنگهيو. غور سان نوجوان ڏانهن ڏنائين ۽ پوءِ چيائين "موج ڪريٽ موج ڪر." جيترو گهڻو سمهڻو اٿيئي سمهي وٺ. ان لاءِ جو جيتري دير ننڊ ۾ هوندين. نوڪري قائم هوندئي. اڪ پٽبندي ٿي بيروزگار ٿي ويندين. (ٽهڪ).

روزگار به ڪن تورن کي پيارو هوندو آهي. دراصل ڪن جي

پويان روزي ڊوڙندي آهي ۽ ڪي وري روزيءَ جي پويان ڊوڙندا آهن.

حميد: روزي تون سمجهين ڇو نٿي. مون کي تو سان بي انتها محبت آهي.

روزي: اهو ڪوڙ آهي.

حميد: ته پوءِ سچ ڇا آهي؟

روزي: سچ اهو آهي ته توکي مون سان ڪا به دلچسپي ڪانهي. تون مڪار آهين. فريبي ۽ دغاباز آهين. مان وچان ٿي.

حميد: توکي منهنجي لاش تان لنگهي پوءِ وڃڻو پوندو.

روزي: مان ايترو انتظار ڪري نٿي سگهان.

حميد: ايڏي سنگدل نه ٿي روزي مان بي موت مري ويندس.

روزي: شڪر آهي ڪا ته چڱي ڳالهه ڪيئي. چڱو مان وڃان ٿي، باءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باءِ (وڃي ٿي).

حميد: روزي... روزي... روزي پليز.

ملڪي: اڙي ڇاچا رانياٿ لاتا اٿيئي ڇورا!؟ ڇو ٿو منهنجي ڌيءَ کي بدنام ڪرين خوامخواهه.

حميد: ڏس آنٽي. اسان زال مڙس جي وچ ۾ تنهنجو ڪم ناهي.

ملڪي: ڪم ڇو نه آهي؟ هوءَ منهنجي ڌيءَ آهي.

حميد: هوءَ منهنجي زال آهي.

ملڪي: تون ته ڪو ڦڏيباز ماڻهو آهين. مون کي اهڙي خبر هجي ها ته شاديءَ کان اڳ ئي توکي گولي هڻان ها يا روزي کي شوٽ ڪري ڇڏيان ها.

حميد: مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي آنٽي.

ملڪي: تون نالائق آهين.

حميد: اهو ته تون پنهنجي مڙس لاءِ به چوندي آهين.

ملڪي: منهنجو مڙس توجهڙو هجي ها ته مان کيس زهر ڏيئي ڇڏيان ها.

حميد: ۽ جي منهنجي زال توجهڙي هجي ها ته مان اهو زهر خوشيءَ سان پي ڇڏيان ها. (ٺهڪ).

(بازار جو تاثر)

گدو: ڇاچا، ڇاچا

صادق: ڇا هي ڇوڪرا، مٿو ڇو کاڌو اٿيئي.

گدو: مٿو ڪو نه ٿو کاوان ڇاچا، مان ته ڳنڊيريون ٿو کاوان. اچي. ڪائي ڏس ڇاچا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صادق: وچ با با وچ. پنهنجو ڪم ڪر.

گدو: پنهنجو ڪم تہ وينو ڪيان. ٻيو ڀلا ڪهڙو ڪم ڪيان؟

صادق: آخر چورڻ چا ٿو چاهين؟

گدو: چورڻ اهو ٿو چاهيان چاچا! تہ اوهان ڪنهنجي انتظار ۾ بيٺا آهيو نہ؟

صادق: ها ـ پر.

گدو: اوهان پنهنجي زال جو انتظار ڪري رهيا آهيو نہ چاچا؟

صادق: ها ـ پر.

گدو: اوهان جي زال سامهون مارڪيٽ ۾ خريداري ڪرڻ ويئي هئي نہ چاچا.

صادق: اهو بہ صحيح آهي پر آخر.

گدو: اوهان جي زال قد جي ڊينڊي، بدن جي ٿلهي ۽ نڪ جي بيٺي آهي نہ چاچا؟

صادق: هائو چورا. آهستي تہ ڳالهاءِ پر اهو ٻڌاءِ تہ توکي ڪيئن خبر پئي.

گدو: مون کي سچي خبر آهي چاچا.

صادق: سچي خبر اٿيئي؟ ٻي ڪهڙي خبر اٿيئي؟

گدو: ٻي اها اخبر اٿم چاچا تہ اوهان جي زال اوهان جو انتظار ڪري ڪري هاڻي گهر موٽي ويئي آهي ۽ توهان کي چيو اٿس تہ اوهان بہ گهر پهچي وڃو.

صادق: پر توکي ڪيئن خبر پئي تہ اها منهنجي زال هئي؟

گدو: چاچا اوهان جي زال مون کي چٽي وئي هئي تہ جنهن ماڻهوءَ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واڱڙو اڏ مغزي ڏسين تہ پڪ سمجهجانءِ تہ منهنجو مڙس آهي (ٺهڪ).

❊❊

راوي: سائين زالون بہ عجيب آهن، پل ۾ تولو پل ۾ ماسو. ڪڏهن ڏسو تہ ٻاڙي اوڙي تان قربان پيون ويندين. سنگت ساٿ لاءِ اول گهول پيون ٿينديون ۽ ڪڏهن وري نالي ٻڌڻ ڪان نابري واري ويهنديون، سچاڻڻ ڪان ئي انڪار. شاعر بلبل بي قرار جي زباني ان سلسلي ۾ هڪ مختصر بيان ٻڌو. ويچارو ٻڌائڻ لاءِ ڏاڍو بي قرار آهي.

بلبل: سائين پنهنجي ڳالهہ هن ريت هئي تہ زال مون واري مسمات ملوڪان ۽ ٻاڙي واري سفوران ست سُري پنهنجو ڪڏهن ڪو نہ نهيون. سدائين پنهنجو پيون وڙهنديون هيون. صبح ساڻ جو پنهنجو جهيڙو شروع ڪن تہ مٿان پنهنجو اچي رات ٿئي. سچا سارا ويهہ سال پنهنجو اهو جهيڙو اهڙي طرح هلندو رهيو.

صادق: ويهہ سال؟

بلبل: پورا ويهہ سال پنهنجو.

صادق: پوءِ ڇا ٿيو؟

بلبل: پوءِ پنهنجو ناپر ٿي وئي.

صادق: تو جهيڙي ڪي دفنائي ڇڏيو هوندو.

بلبل: جهيڙي ڪي نہ ملوڪان ڪي. (ٺهڪ).

صادق: تنهنجي گهر واري گذاري وئي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل: توکي منهنجي منهن مان پنهنجو سرهائي نظر نٿي اچي ڇا؟ (ٽهڪ).

صادق: مون ٻڌو هو تہ تون اڪثر شام جو سفوران ست سُري جي گهر ويندو آهين ۽ شام جي چانهہ ۽ رات جي ماني بہ هر روز اتي ئي کائيندو آهين.

بلبل: ها بس واندو هوندو آهيان پنهنجو تہ هليو ويندو آهيان.

صادق: تہ پوءِ شادي ڇو نٿو ڪرينس ٽٽي؟

بلبل: شادي ڪيانس تہ پوءِ شام جي چانهہ ڪنهن وٽ پيئندس پنهنجو؟ (ٽهڪ).

❊❊

سامعين: ان ڪان اڳ جو اڳتي وڌون. مون کي ياد آيو آهي تہ اسان الهڏني خان کي مرٽينگ حالت ۾ بستري تي ليٽيل ڇڏيو هو ۽ سندس پرسان ڊاڪٽر موجود هو ۽ ان جي پرسان بيٺي هئي سندس (الهڏني خان جي) گهر واري الهہ بچائي. مرڻ وارن کي اڪيلو نہ ڇڏبو آهي. هلو تہ هڪ ڦيرو اُتان جو بہ ڪري اچون.

(الهڏني خان جي ڪنجهڻ جو آواز)

الهڏنو: هاءِ هاءِ — مران مران.

ڊاڪٽر: الله تي رک، الهڏنا خان، اجهوڻ چاق ٿئين.

الهڏنو: نہ ڊاڪٽر صاحب، مان مشڪل بچان اٿ از امپاسيبل.

ڊاڪٽر: اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي.

الهہ بچائي: ڊاڪٽر صاحب نيڪ تو ڇڙي جانو جا پيءُ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الھڏنو: تون تہ بس ڪر الھبچائي. گاڏ سيوڏ مون ڪي چوڻ ڏي.

ڊاڪٽر: ها ها الھڏنا خان تون بيشڪ چئہ جيڪو چوڻو اٿئي سو چئي ڏي.

الھڏنو: ڊاڪٽر صحب ان 1926ع ۾ وين آءِ واز حضور مختيارڪار. تڏهين منهنجي هڪ دوست جي ٻچڻ جو ڪو بہ آسرو نہ رهيو هو. تڏهين هن وصيعت ڪئي هئي.

الھبچائي: وصيعت؟

الھڏنو: ها وصيعت يعني الا الا ڏس گاڏ سيوڏ الھ بچائي. منهنجي هاڻي بچڻ جي ڪا بہ اميد باقي نہ رهي آهي. مان عنقريب گذاري ويندس. ان ڪري مون کي پنهنجي وصيعت ڪرڻ گهرجي.

الھبچائي: پر تون تہ بيمار آهين، جانو جا پيءُ.

الھڏنو: مان سڪرات ۾ آهيان، گاڏ سيوڏ پر تڏهين بہ بلڪل هوش ۾ آهيان ڏس الھبچائي. مون کان پريل خان پنج سئو روپيہ ورتا هئا اوڊر اهي ڪائونس ضرور وٺجو.

الھبچائي: هئہ هئہ، جانوءَ جي پيءُ کي ڪيترو نہ هوش آهي.

الھڏنو: ڪدوءَ ٺيڪيدار ڏي هڪ هزار روپيہ اٿم. اهي بہ وٺجو.

الھ بچائي: صدقي! يادگيري ڪيڏي نہ چٽي آهي. جانوءَ جي پيءُ جي.

الھڏنو: جمعي جمعدار ڏي ڏيڍ هزار رپيہ اٿم. اهي بہ وٺجو.

الھبچائي: قربان وڃان. آخري گهڙي تائين حافظو تيز اٿس.

الھڏنو: علڻ ڪٽر واري ڏي بہ هزار روپيہ امانتي اٿم. اهي بہ وٺجو.

الھبچائي: ڏسين تو ڊاڪٽر صاحب. هر ڳالھ ياد آهي، جانوءَ جي پيءُ کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الهڏنو: چار هزار روپيه. فور ٿائوزنڊ.

الهبچائي: ها ها چار هزار روپيه ڪنهن کان ونڌا آهن.

الهڏنو: چار هزار روپيه مون قادربخش ڪنير کان ورتا هئا. اهي ڪيس ڏجو.

الهبچائي: گهوڙا ڙيا هاڻي وڦلئي ٿو مئو. ڊاڪٽر صاحب...! (ٺهڪ)

**

راوي: مسئلو اهو آهي سامعين ته ماڻهو وڦلندا ڇو آهن. ڪي نشي ۾ وڦلندا آهن، ڪي هوش ۾ وڦلندا آهن. ڪي پئسو ڏسي وڦلندا آهن. ڪي وري عادتاً وڦلندا آهن. مون ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي منهن کلندو ڳالهائيندو ڏٺو آهي. کلندو ۽ رئندو ڏٺو آهي پر ترسو توهان ڪڏهين ڪنهن کي پنهنجي منهن شاعري ڪندي ڏٺو هجي ته پڪ سمجهو ته اهو بلبل بيقرار آهي. ويچارو شاعر آهي. سندس خوراڪ شاعري آهي. ماني مليس نه مليس پر تي ڪلام سو ملي وڃنس. زنده رهڻ جو سامان مهيا ٿي وينديس.

بلبل: پنهنجو گهرام خان: بيو شعر عرض ڪو اٿم ته:

گهرام: اهي ساوا ڳاڙها ڇاٽا نظر اچني؟

بلبل: پنهنجو شاعر جو تخيل آهي گهرام خان.

گهرام: ڪا ڪم جي ڳالهه ڪر. بلبل بيقرار صاحب.

بلبل: ڪم جي ڳالهه اها ته هي پنهنجو بيو ڪلام ٻڌو.

گهرام: ڇوٽين ڇانهه پيئندين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل: چانهہ؟ هئہ هئہ چانهہ تي بہ شعر آهي تہ ڏس چانهہ چري.

گهرام: ٽائيم الائي گهڻو ٿيو هوندو؟ چڱي رات لڙي ويئي آهي.

بلبل: پنهنجو گهرام خان- مدهوشيءَ ۾ وقت جي خبر ئي نہ رهندي آهي. رات لڙي تہ لڙي چانهہ سڙي تہ سڙي.

گهرام: اڙي ها- چڱو ٿيو جو ياد ڏيارئي. چانهہ اجهو ٿو ڪٽي اچان (وڃي ٿو).

ٻاڳي: هاڻي وري چا ڪپي؟ انهيءَ مٺي تہ تپائي ماريو آهي.

گهرام: چانهہ ڪپي.

ٻاڳي: اڌ رات جو چانهہ- گهر گهاٽ ڪونهيس ڇا؟

گهرام: في الحال تہ هيءُ ئي گهر گهاٽ بڻايو اٿائين.

ٻاڳي: ويندو بہ يا ڪندو اسان جي بہ ننڊ حرام.

گهرام: هاڻي مون کي انهيءَ ڳالهہ جي ڪهڙي خبر. ٿاسڻ کان پوءِ چوندا آهن تہ ڦٽڪڻ ڪهڙو. تاهي وٽ هڪ ڪوپ چانهہ جو تہ ڏيانس.

ٻاڳي: مون کي تہ ننڊ ٿي اچي. آخرڪار اسان بہ انسان آهيون. بہ ٽي ڪلاڪ ننڊ اسان بہ لهڻي يا نہ- اهي تنهنجا دوست سڄي سڄي رات ويٺا هوندا تہ مان بہ ويٺي جاڳنديس ڇا؟

گهرام: منهنجو وري ڏوڙ جو دوست آهي؟ هڪ دفعي ريل گاڏيءَ ۾ مليو هو. اڄ ڳولي اچي لڌو اٿائين. چانهہ تاهي وٽ تہ ڪنهن نموني ڪيونس روانو.

ٻاڳي: چانهہ کان زهر نہ موڪليان مُئي کي.

گهرام: اڙي آهستي ڳالهاءِ ٻاڳي، ڪٿي ٻڌي نہ وٺي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياڳي: ٻڌي تہ چڱو نہ وري تہ نہ ايندءِ. پرائو آرام ٿئائڻ.

گهرام: چڱو چڱو هاڻي اهي ڳالهيون پوءِ ڪجانءِ مان وڃان ٿو. اڪيلو ويٺو هوندو. (وڃي ٿو).

بلبل: توهان اچي ويا. مون سمجهيو تہ وري ملاقات پنهنجو سياڻي ٿيندي شايد.

گهرام: نہ نہ۔ اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي. چانهن پئي چيم.

بلبل: ها تہ مون عرض پئي ڪيو تہ نئون ڪلام لکيو اٿم. چار پنج سو شعر آهن. حڪم ٿئي تہ عرض ڪيان پنهنجو.

گهرام: چار پنج سؤ شعر؟

بلبل: بس تڪڙ ۾ ايترائي ٿي سگهيا پنهنجو.

گهرام: ڪنهن بئي موقعي تي ٿتا رکي سگهو.

بلبل: هيڙو موقعو پنهنجو ڪو بيو؟

گهرام: وري بہ سوچيو.

بلبل: سوچيان ها تہ پوءِ شاعر ڇو هجان ها پنهنجو.

گهرام: ڪا گنجائش هجي تہ.

بلبل (ڪلندي) سمجهيم سمجهيم.

گهرام: ڇا سمجهيو؟

بلبل: اهو ئي تہ پاڙي وارن جي آرام جو خيال ٿو ٿئيو پنهنجو. متان سندن ننڊ نہ ڦٽي پوي، ڪٿي اعتراض نہ ڪن. ائين نہ؟ (ٺهڪ).

٭٭

سامعين: پاڙي وارن کي اعتراض هجي يا نہ هجي. اسان کي ڪو بہ اعتراض ڪونهي نہ اڳ هو نہ هاڻي آهي ۽ نہ وري آئينده ٿي ٿيندو.

(گلڻ ڳائي رهيو آهي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪمزادي: گلڻ

گلڻ (چرڪ ڀري) هان؟ حاڪم زادي آهين ڇا؟

حاڪمزادي: مُئا ڏيوڪو نہ ٿو پوئي ڇا. پڇي ٿو حاڪمزادي آهين ڇا؟

گلڻ: ڏيو تہ واهہ جو ٿو پوي، پر تون جو هر وقت اکين آڏو هوندي آهين. انڪري ڪڏهين ڪڏهين ڀين تي بہ ڀلجي پوندو آهيان.

حاڪمزادي: چڱو چڱو۔ هاڻي ديگهہ ڇڏ۔ ڏاڏو آچر ڪٿي آهي؟

گلڻ: مان نٿو وٺانءِ ڇا؟ جو ڏاڏي جي پڇا ٿي ڪرين. حاڪمزادي بہ ڳالهيون ڪڏهين مونسان بہ ڪندي ڪر، ڏس مان ٿوڪي نچي ٿو ڏيکاريان.

حاڪمزادي: نچجانءِ پوءِ۔ ڀهريون اهو ٻڌاءِ تہ ڏاڏو ڪٿي آهي؟

گلڻ: انهيءَ ڏاڏي مان بہ اچي ڦاٿو آهيان، جيڪو ٿو اچي سو ٿو پڇي تہ ڏاڏو ڪٿي آهي، ڏاڏو ڪٿي آهي؟ گلڻ تہ جڻ ماڻهو ئي ڪونهي.

حاڪمزادي: شڪل تہ ماڻهوءَ جهڙي اٿئي. بس ٿوري عقل جي ڪوٽ اٿيئي.

گلڻ: اها بہ پوري ٿي ويندي. مائي راڻي بہ تہ ڀهريون ائين ئي هئي. پوءِ اوچتو ئي اوچتو ماڻهو ٿي پيئي.

حاڪمزادي: امان جو نالو نہ وٺ اُٺ.

ڏاڏو: اي ڪنهن ورتو راڻيءَ جو نالو؟ گلر پٽ ڪو ٻڌي تہ ڪو نہ ٿو.

گلڻ: ٻڌي پئي ٻڌي

ڏاڏو: راڻي آهي ڇا؟

گلڻ: راڻيءَ جي ڌيءَ آهي. حاڪمزادي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو: هائو؟ ڀلا ڪيئن؟ آئي آهي. حاڪمزادي؟ راڻيءَ موڪليو اٿيئي مونڏانهن؟

حاڪمزادي: هائو ڏاڏا.

ڏاڏو: مونڏانهن؟

حاڪمزادي: هائو ڏاڏا.

ڏاڏو: اي ڪو ٻڌي ته ڪو نه ٿو؟

گلڙ: نه ڏاڏا، ٻيو ته ڪو ڪو نه ٿو ٻڌي.

ڏاڏو: حاڪمزادي ڏي- هيڏي ته آءُ. ويهه- نياپو ڏنو اٿئي راڻي؟

حاڪمزادي: هائو ڏاڏا.

ڏاڏو: منهنجي لاءِ.

حاڪمزادي: هائو ڏاڏا.

ڏاڏو: اي ڪو ٻڌي ته ڪو نه ٿو؟ گلڙ پڻ- ٻڌين ٿو؟ راڻي نياپو موڪليو آهي.

گلڙ: ڏاڏا- هڪڙو نياپو توهان به موڪليوس.

ڏاڏو: واهه جو موڪليونس ٿا. ڇا چيو آهي راڻيءَ منهنجي لاءِ؟

حاڪمزادي: امان چيو آهي ته —

ڏاڏو: ها ها ڇئه

حاڪمزادي: امان چيو آهي ته ڏاڏي کي وڃي چئه ته ڪدوءَ وارن جو ريڊيو پڇي پيو هو ته هنن شهر وڃي ان ۾ نوان پرزا وجهرائي نئون ڪرائي ڇڏيو هو.

ڏاڏو: ها ها ياد اٿم.

حاڪمزادي: امان ٿي چوي ته ڏاڏي کي وڃي چئه ته تون به وڃي پاڻ کي نئون ڪرائي اچ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو: ٻيو ڇا پئي چوي منهنجي لاءِ راڻي؟

حاڪمزادي: ٻيو اهو بہ پئي چوي تہ:

گلڻ: ٺهيو ٺهيو: تون تہ بس ڪر. مان پاڻهي تو ڏاڏي کي سمجهايان (پاسيرو) حاڪمزادي مان اڄ ئي ڏاڏي کي مائيءَ راڻيءَ وٽ وٺي ٿو اچان. تنهنجي لاءِ بس مهيني کن ۾ دهل در تي، هاڻي تون هل گهر (وڃي ٿي)

ڏاڏو: گلڻ پٽ

گلڻ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: دهلن جي بہ ڳالهہ پئي ڪري ڇا؟

گلڻ: ها ڏاڏا.

ڏاڏو: ڀلا ڪنهن ٻڌو تہ ڪو نہ

گلڻ: نہ ڏاڏا.

ڏاڏو: پوءِ ڇا ڪجي گلڻ پٽ.

گلڻ: مائي راڻيءَ جي گهر هلجي ڏاڏا.

ڏاڏو: پوءِ ڇا ڪجي گلڻ پٽ.

گلڻ: شاديءَ جي ڳالهہ ڇورجي ڏاڏا.

ڏاڏو: هارائيندين تہ ڪو نہ گلو ٻٽ.

گلڻ: رک الله تي ڏاڏا. گڏجي ڪتباسين.

ڏاڏو: تہ ڇئبو تہ راڻيءَ کي بہ دل ۾ ڳالهہ آهي. ڪيئن گلر پٽ.

گلڻ: حاڪمزادي کي بہ آهي ڏاڏا (خوشامد) ڏاڏا_ او ڏاڏا_ مائي راڻيءَ ڏي هلندين نہ

ڏاڏو: واهہ جو هلبو گلڻ پٽ، اهڙا موقعا ڪي روز روز ٿوروئي ايندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو: ها تہ راڻي.

حاڪم زادي: مان حاڪمزادي آهيان ڏاڏا.

ڏاڏو: حاڪمزادي؟ تون پٽ هل هتان. تنهنجو ڪم نہ آهي. وڏن جي ڳالهہ آهي. ها تہ راڻي.

گلڙ: مان گلڙ آهيان ڏاڏا.

ڏاڏو: گلڙ پٽ آهين؟ تون هل پٽ هتان تنهنجو بہ ڪم ناهي.

گلڙ: نہ ڏاڏا ڪم ئي منهنجو آهي. مان ڪونہ ويندم ها.

ڏاڏو: ڏاڏو حرڪتي ٿي پيو آهين. گلر پٽ. ها تہ راڻي

گلڙ: اها پت اٿئي ڏاڏا.

ڏاڏو: اي ڪنهن ڏنو تہ ڪونہ.

گلڙ: مائي راڻيءَ ڏنو ڏاڏا.

ڏاڏو: راڻي ويٺي آهي ڪيئن؟

راڻي: مان بيٺي آهيان چئہ چا ٿو چوين ڏاڏا.

ڏاڏو: ڏاڏو تہ نہ چئينم راڻي

راڻي: چونہ چوانءِ ڏاڏو؟

ڏاڏو: ڳالهہ ئي ڪجهہ اهڙي آهي. گلر پٽ.

گلڙ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: گلر پٽ هن کي تون ٻڌاءِ.

گلڙ: مان ڪيئن چاونس ڏاڏا. تون ئي ڪٿي ٻڌائينس.

ڏاڏو: مان ڪيئن چوانس گلر پٽ.

گلڙ: تہ پوءِ ڪير چويس ڏاڏا.

راڻي: اڙي مُئا ڪهڙبون ٿا صلاحون ڪيو؟ ڪلي ڳالهہ ڪريو تہ چا آهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلڻ: مائي راڻي ڳالهہ هن ريت هي تہ. هل مون کي شرم ٿو اچي.

راڻي: هن کي شرم ٿو اچي تہ تون ئي کڻي ٻڌاءِ ڏاڏا.

ڏاڏو: مون کي بہ شرم ٿو اچي راڻي!

راڻي: توهان ۾ شرم جو رواج وري ڪڏهن کان پيو مُٺا؟

گلڻ: مائي راڻي مائي راڻي، ڳالهہ آهي سڱابنديءَ جي هاڻي سمجهيئي.

راڻي: سڱابنديءَ جي ڳالهہ آهي تہ کڻي چئو.

گلڻ: مان ڪيئن چوان پنهنجي منهن سان.

راڻي: هائي الا! اصل اها ڳالهہ آهي ڇا؟ هل بي شرم ڪنهن جاءِ جا.

ڏاڏو: گلر پٽ.

گلڻ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: ڇا ٿي چوي پٽ.

گلڻ: شرمائي ٿي ڏاڏا.

ڏاڏو: تہ پوءِ پڪ راضي آهي. ڪيئن راڻي؟

راڻي: هاءِ هاءِ ڏاڏا حياءُ ڪر. ڇوڪري جي سامهون ڪو پڇبو آهي ڇا؟

ڏاڏو: هاڻي تہ ڏاڏو نہ چوينم راڻي.

راڻي: تہ پيو ڇا چوانءِ ڏاڏا.

گلڻ: اهي تہ فيصلا پوءِ ڪجو. پهريون منهنجي ڳالهہ تہ پوري ڪيو. مان تہ ها سمجهان نہ.

راڻي: الاڙي گلڻ، شرم نٿو اچيئي ڪيچلا.

گلڻ: شرم تہ پوءِ ڪجانءِ مائي راڻي، پهريون.

راڻي: مٺا هوڏانهن سگ ڇڪائڻ آيو آهين. هيڏانهن مائي ٿو چوين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلڙ: سنگ؟ تنهنجو؟ مان تہ حاڪمز دي.

راڻي: حاڪمزادي؟ حاڪمزاديءَ جو انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪهڙو ڪم؟

ڏاڏو: اي پهريون منهنجي/تہ ڳالهہ ڪر.بو. راڻي

راڻي: توڪي وري چا گهرجي ڪڳا. نڪر هتان تہ ٻڏايانءِ نہ ست سُري.

ڏاڏو: گلر پٽ.

گلڙ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: چا تي چوي؟

گلڙ: ست سُري تي ٻڏائي ڏاڏا.

ڏاڏو: اي ڪنهن ٻڏي تہ ڪو نہ؟

گلڙ: پاڻ ٻئي پيءُ ٻڏون ڏاڏا.

**

راوي: ڏينهن جو تہ اڳي ئي روشني هوندي آهي پر ڪي ماڻهو ڏينهن هجي يا رات هر ڳالهہ ۾ اوندهہ ڪيو ويٺا هوندا آهن. هن نوڪر جو ئي مثال وٺو۔ هڪ سيٺ وٽ هڪ نوڪر هوندو هو. سيٺ جو متس، ويساهہ بہ ڏاڍو هوندو هو. انڪري تجوڙيءَ جون چابيون سندس حوالي ڪري ڇڏيون هئائين. ۽ ڪيس هر طرح جي ڇوٽ بہ ڏيئي ڇڏي هئائين. هڪ ڏينهن سيٺ جان ڪٽي پئسا ڳڻي تہ رقم ڪتي پئي. نوڪر کي گهرائي چيائين.

سيٺ: هتان پئسا ڪا ڪتن.

رمون: پئسا؟ سائين پئسا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٺ: ها ها ـ پٽسا ـ تو ڪنيا آهن ڇا؟

رمون: مون؟ سائين مون؟

سيٺ: ها ها – تون سچ سچ ٻڌاءِ ڪنيا اٿيئي ڇا؟

رمون: سائين دراصل سائين مون رڳو گهر وڃڻ لاءِ ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو ڪنيو هو.

سيٺ: هون ٽيڪسيءَ جو ڀاڙو ڪنيو هئي. اهو ته ٻڌاءِ ته ڪراچي مان سکر ڪڏهين لڏي ويو آهين؟ (ٽهڪ)

**

انهيءَ ٿي سيٺ پنهنجي نوڪر کي خوش ٿي ٿي ڏينهن موڪل به ڏني ۽ ڪيسي جي خرچيءَ لاءِ پنجاهه روپيه به ڏنا. هو جڏهن موٽي آيو ته سيٺ پڇيس.

سيٺ: رمون

رمون: جي سائين.

سيٺ: بابا ـ توکي پنجاهه روپيه ڏناهئم, خرچيءَ جا. ڪجهه بچايا به اٿئي يا سڀ خرچي ڇڏيئي.

رمون: سائين سڀ کپي ويا.

سيٺ: فضول خرچيءَ جي عادت پٽجي وئي اٿئي. اجايو سجايو ڏاڍو تو خرچ ڪرين.

رمون: نه سائين مجال آهي جو اجايو خرچ ڪيو هجيم.

سيٺ: ته پوءِ ٻڌاءِ پلا ڪيئن کپايئي اهي پٽسا؟

رمون: سائين هتان ويس ته رستي ۾ هڪ دوست ملي ويو. پراڻو سنگتي هو سو وٺي وڃي هوٽل ۾ چانهه پياري مانس. ٻارهن روپيه بل آيو. اڃا ٻاهر نڪتس ته ٻيو دوست ملي ويو. ان کي به وٺي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي چانهہ پياريم هوٽل ۾. ٻارهن روپيہ بل آيو. ٻاهر نڪتس تہ ٽيون دوست مليو وري ان کي بہ وٺي وچي چانهہ پياريم هوٽل ۾. وري بہ ٻارهن روپيہ بل آيو وري سائين مليو چوٿون دوست ان کي بہ پياريم چانهہ. وري بہ آيو ٻارهن روپيہ بل.

سيٺ: اهي تہ ٿيا 48 روپيہ باقي ٻہ روپيہ ڪاڏي ڪيئي؟

رمون: باقي ٻہ روپيہ- ٻہ روپيہ- ٻہ روپيہ؟ شايد سائين اهي ٻہ روپيہ فضول خرچ ٿي ويا. (ٺهڪ).

**

۽ سامعين، موڪلائڻ کان هميشہ جيان هڪ لطيفو.

هڪ ماڻهو تازو تازو آمريڪا مان موٽي آيو هو. اتان جون ڳالهيون پئي ڪيائين ۽ ٻڌندڙ حيران پئي ٿيا.

چيائين تہ توهان کي خبر آهي آمريڪا جي هڪڙي رياست ٽيڪساز ايڏي تہ وڏي آهي. ايڏي تہ وڏي آهي جو جيڪڏهن هڪ ريل گاڏي فل اسپيڊ ۾ ان جي هڪ ڇيڙي کان هلڻ شروع ڪري تہ 24 ڪلاڪ گذرڻ بعد بہ اها ريل گاڏي ساڳئي اسٽيٽ ۾ هوندي.

هڪ ماڻهو جو اها ڳالهہ ٻڌي رهيو هو تنهن چيو تہ اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟ اسان وٽ بہ اهڙيون ريل گاڏيون آهن، جي ٻن ڏينهن کان پوءِ بہ ساڳي جاءِ تي بيٺيون هونديون آهن. (ٺهڪ).

انهيءَ سان گڏ اڄ جو پروگرام پورو ٿيو. اجازت ڏيندا. خدا حافظ

**

سامعين: ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ٻار جا ماءُ پيءُ بي حد پريشان هئا. ٻار هو ڏاڏلو ۽ پيار مليو هوس گهڻو انڪري تمام گهڻو ضدي ٿي پيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. چئجيس هڪڙي تہ ڪري ڏيکاري بي. آخرڪار تنگ ٿي مائٽ کيس وٺي آيا ڊاڪٽر وٽ. ڊاڪٽر پڇيو تہ هن ٻار کي آخر تڪليف ڪهڙي آهي؟

پيءُ چيو تہ: سائين ڳالهہ ئي نہ پڇو ڇوڪري اصل تپائي ماريو آهي. چئونس ٿا تہ هل تہ ويهو رهي. چئونس تہ ويهہ تہ هلڻ شروع ڪيو ڏي چئونس تہ اوپر وڃ تہ وڃي اولهہ ۾ جي ٿا چئونس تہ هل اتر تہ رخ ٿو رکي ڏکڻ ڏانهن. اسان تہ اڄي آزار ۾ پيا آهيون. ڳڻتي کائي ويئي آهي تہ آخرڪار هي ڇورو وڏو ٿي ڇا ڪندو؟

ڊاڪٽر ڏاڍي آرام سان اها ڳالهہ ٻڌي ۽ پوءِ چيو: گهبرائڻ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي مبارڪ هجيوَ. اوهان جو پٽ وڏو ٿي رڪشا ڊرائيور ٿيندو.

سائين اڳئين زماني ۾ شوقين مٿي کي پانواتي ڏيارڻ خاطر چوڏيلن تي چڙهندا هئا. هاڻي اهو ڪم رڪشا وارا منتن ۾ ڪري ٿا ڏيکارين. گهمريون ئي پہ ڏيندا, لٽي کان پوءِ مڙس پيري. نہ ليندس اوپر نہ ڏکڻ, پتوئي ڪو نہ پوندس تہ ڪهڙي واٽ وڃان. انهيءَ تي ڳالهہ ياد آئي تہ هڪ همراهہ زال سوڌو موٽر ۾ سوار ڪنهن ڳوٺ جي تلاش ۾ وڃي رهيو هو.

(موٽر جو آواز)

ثريا: ڪنهن کان پڇندين بہ سهي يا نڪ سڌو هلندو ويندين؟

روشن: ڪنهن کان پڇان۔ هت تہ نہ ماڻهو نہ ماڻهوءَ جي بوءِ.

ثريا: رستي ۾ هزارين ماڻهو مليا ڪنهن هڪڙي کان پڇي وٺين ها.

روشن: تون تہ صفا ڪا ڇري آهين. ڀلا ڪنهن ڳوناڻي کان موٽر جهلي رستو پڇڻ بہ ڪا عقلمندي آهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثريا: ان ۾ آخر برائي بہ ڪهڙي آهي؟

روشن: سمجهين چو نٿي؟ هن جهنگل ۾ ڪنهن کان بہ رستو پڇڻ پاڻ کي ڏسي وائسي آزار ۾ وجهڻ جي برابر آهي. ماڻهو ڦريندي دير ئي ڪو نہ ڪندا.

ثريا: تہ پوءِ مون کي ڇا آهي؟ ماٺ ڪري هلندو رهہ. جتي پيٽرول کُٽئي اتي پاڻهي ڪو نہ ڪو ڏاڙيل ڦري هليو ويندئي.

روشن: ڳالهہ تہ واهہ جي ڪيئي. اسان کي ڪنهن کان رستو پڇڻ گهرجي.

ثريا: نہ نہ توکي تہ ماڻهو اجهو ٿا ڦرين. نون ڇو ٿو رستو پڇين ڪنهن کان.

روشن: پيلي منهنجو هنيانءُ تہ نہ کاءُ. مان اڳ ئي دل جو مريض آهيان.

ثريا: تہ پوءِ هيئنءَ ڪر جو ڪو ڪمزور، واٽهڙو ڏسي ان کان ڪٿي ڏَس پُڇ.

روشن: اها بہ لک جي ڳالهہ، اوهو سامهون هڪڙو ماڻهو پيو اچي، ګاڏي جهليان.

ثريا: جي دل ٻڌي سگهين تہ پوءِ ضرور جهل.

روشن: يا الله خير ڪجانءِ منهنجا مولا. (موٽر بيهڻ جو تاثر) سڏ ڪيانس؟

ثريا: اهو بہ مون کان ٿو پڇين؟

روشن: نہ نہ— مون تہ ائين ئي پئي ڇيو يلا نالو الائي ڇا اٿس؟

ثريا: نالي سان تنهنجو ڪهڙو واسطو.

روشن: پوءِ بہ ڪجهہ تہ سڏيانس نہ، ڪو تہ نالو هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثريا: گهرام سڏينس بهرام سڏينس. ڏاتر ڏنو واحد ڏنو موليڏنو مڙئي ڪو بہ نالو ڪٽي وٺ.

روشن: ها ها هاڻي سمجهيم. منهنجي خيال ۾ گهرام ٺيڪ رهندو (زور سان) او ادا گهرام خان هو هوءِ. اوياٺو گهرام خان هو هوءِ.

گهرام: اي مون ڪي آهين چا؟

روشن: ها منهنجا ادا گهرام خان توکي آهيان. ٻيلي خدا ڪارڻ ڳوٺ رانجهي خان جو تہ ڏس ڏينم.

گهرام: ڏس جي ڳالهہ تہ ٿي پوءِ. پهريون اهو ٻڌائينم تہ توکي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو؟

روشن: نالو ڪنهن ٻڌايو؟ نالو تہ ائين مون ڏُڪو هنيو هو.

گهرام: تہ پوءِ ڳوٺ جي رستي لاءِ بہ ڏڪو چو نٿو هڻين. (ٺهڪ).

**

سامعين: جيڪڏهن ڏُڪي سان ڪم هلي ها تہ پوءِ ويچاري ويساري پروفيسر جو هيءُ حال نہ ٿئي ها. ڳالهہ هن ريت ٿي جو هڪ پروفيسر صاحب کي ويسر جو مرض تہ اڳ ئي هو. مٿان وري خاص مهمان ٿي ويو. هڪ سنگ بنياد رکڻ واري جلسي ۾. سون تي سهاڳي وارو ڪم ٿي ويو. تقرير لکي رکيائين. ڪيسي ۾ ۽ راهي ٿيو تقريب ڏانهن. آجيان ٿي ويئي. سپاسناما پڙهيا ويا. تعريف ٿي. ان کان پوءِ پروفيسر صاحب سنگ بيناد رکڻ جي رسم ادا ڪئي. آخر ۾ ميزبان اُتي عرض ڪيو تہ قبلا مهرباني فرمائي حاضرين کي موقعي جي مناسبت سان ڪا تقرير ٻڌايو. پروفيسر ويچارو اٿيو. سڀ ڪيسا ڳولي بيٺو پر تقرير هجي تہ هٿ اچي ميزبان پريشان ٿي چيو سائين تقرير.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر لاچاريءَ مان وراڻيون تقرير وارا ڪاغذ سنگ بنياد جي هيٺان رهجي ويا. (ٺهڪ).

اهڙوئي ڪجهه حال هن ريل گاڏيءَ ۾ به ٿي رهيو آهي. اچو ته ٻڌون.

(ريل گاڏيءَ جي هلڻ جو آواز)

ڏاڏو: گلو پٽ.

گلڻ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: ابا ڪو ٻڌي ته ڪونه ٿو؟

گلڻ: نه ڏاڏا. ڪوئي ڪونه ٿو ٻڌي

ڏاڏو: پوءِ تون ته گاڏيءَ ۾ چڙهيو آهين نه؟

گلڻ: ها ڏاڏا.

ڏاڏو: راڻي به چڙهي آهي.

گلڻ: ها ڏاڏا.

ڏاڏو: ٻيا ڪير ڪير آهن؟

گلڻ: گدو آهي، ولو آهي، جنت آهي

ڏاڏو: گلو پٽ.

گلڻ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: گاڏي ته هلي پئي نه پٽ

گلڻ: ها ڏاڏا.

ڏاڏو: پوءِ راڻي ڪٿي آهي؟

راڻي: چو مُئا منهنجي چو اچي لڳي اٿيئي پنهنجي ڪر پنهنجي. ڪٿي پيو نه هجين دريءَ کان ٻاهر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو: گلر پٽ.

گلڙ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: پٽ ڪنهن ٻڌو ته ڪو نه.

گلڙ: نه ڏاڏا.

گدو: ڪوڙ چو ٿو ڳالهائين؟ مون ڪو نه ٻڌو؟

ڏاڏو: اهو ڪير آهي.

گلڙ: گدو آهي ڏاڏا.

ڏاڏو: ڇا ٿو چوي؟

گلڙ: ڪجهه ڪو نه ٿو چوي ڏاڏا. تون دلجاءِ ڪر (وقفو) ڏاڏا _ ڏاڏا.

ڏاڏو: مون کي آهين ڇا گلر پٽ؟

گلڙ: ها ڏاڏا_ هو ڏس پريان ٽي ٽي پيو اچي.

ڏاڏو: ڪير پيو اچي؟

گلڙ: آهستي ڳالهاءِ ڏاڏا ڪٿي ٻڌي نه وٺي، ٽي ٽي پيو اچي.

ڏاڏو: ٽي ٽي پيو اچي؟ ته پوءِ پلي پيو اچي؟

گلڙ: پر پاڻ وٽ ته ٽڪيٽ به ڪانهي.

ڏاڏو: راڻي ته ويٺي آهي نه؟

راڻي: مان باهه ڏيڻ مٿا ڪراڙا جهور. ڳالهه ڳالهه تي راڻي تي ياد اچيئي.

ڏاڏو: راڻي_ دل ۾ نه ڪجاڻ چوندا آهن ته دل کي دل ڏشان راهه ڏيندي آهي.

راڻي تنهنجي دل ته ڪانهي، ڪا دلو اٿئي مٿا.

ڏاڏو: ڪنهن ٻڌو ته ڪو نه؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلڻ: نہ ڏاڏا.

ڏاڏو: ها سو راڻي مون پٺي ڇيو تہ....

راڻي: ڇورا جهلين نٿو پنهنجي ڏاڏي، کي.

گلڻ: ڏاڏي کي رڳو پوليس جهلي سگهي ٿي. ٻئي جي جاءِ ناهي.

راڻي: تہ پوءِ ٻڌائينس ڇو نہ ٿو؟

گلڻ: رک الله تي جي تنهنجي دعا لڳس تہ آيو بيٺو آهي.

ڏاڏو: گلر پٽ ڇا ٿي چوي؟

گلڻ: چوي ٿي تہ ڏاڏي جي دل سچي نہ ٿي ڏسجي.

ڏاڏو: ڏاڏو ٿي چويم ڪيئن؟

گلڻ: نہ.

ڏاڏو (خوش ٿيندي) تہ پوءِ ڇا ٿي چوي؟

گلڻ: مئو ڳري ويو ڳالهائي لٿو؟

ڏاڏو: ڪنهن ٻڌو تہ ڪو نہ؟

گلڻ: اڃا تہ ڪنهن نہ ٻڌو آهي.

گدو: ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين، مون ڇڻ ڪو نہ ٻڌو؟

ڏاڏو: ڇا ٿو چوي؟

گلڻ: ڪجهہ ڪو نہ ٿو چوي ڏاڏا.

ڏاڏو: آهي ڪير؟

گلڻ: گدو آهي ڏاڏا_ پر ڏاڏا هو تي ٿي آهي نہ؟ هو اچي ويجهو پهتو اٿئي.

ڏاڏو: راڻي ڪٿي آهي؟

راڻي: مان باهہ ڏيانءِ مُٺا وري ورتئي منهنجو نالو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو: راڻي ڪجهہ سمجهہ. ڪر هوش ڏار. ٽڪيٽ ڪنهن وٽ ناهي.
ڪجهہ ڪرڻو پوندو. ڪنهن ڦڏو تہ ڪونہ؟

گدو: مون ڦڏو؟

ڏاڏو: اي انهيءَ مان ڪو جان ڇڏائيندو يا نہ؟

گلڻ: انهيءَ مان تہ مان منٿ ۾ جان ڇڏايان پر تي تي اڇي سر تي پهتو آهي.

راڻي: اڙي چريٿ تون ٿيندو ڪير آهين جو منهنجي دادلي کي ائين چئين. پري ٿي بيهہ تہ تارا نہ ڪيانءِ.

گلڻ: مائي ـ مائي ـ چري ٿي آهين ڇا.

راڻي: چريو هوندين تون چريو هوندئي اهو پوڙهو ڏاڏو.

ڏاڏو: گلر پٽ

گلڻ: جي ڏاڏا.

ڏاڏو: ڇا ٿي چوي؟

گلڻ: توکي دعائون ٿي ڪري ڏاڏا.

ڏاڏو: هائو؟ راڻي مون کي تہ اڳ ئي خبر هئي تہ توکي مون سان دل آهي.

راڻي: اڙي پري ٿي بيهہ تہ وجهانءِ نہ ٽانڊو توپيءَ ۾.

ڏاڏو: هاڻي ڇا ٿي چوي.

گلڻ: چوي ٿي تہ منهنجون بہ توسان ڀتيهہ دليون آهن.

ڏاڏو: مون کي نہ ٿي چيو تہ راڻي...

راڻي: منهنجو نالو نہ وٺ پوڙها.

ڏاڏو: گلر پٽ، هينئر ڇا ٿي چوي؟

گلڻ: چوي ٿي تہ...

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻي: تون چپ ڪر چورا.

ڏاڏو: ٻگل ڦريل ٿو ڏسجيس.

راڻي: ٻگل تہ مان توهان جو تي ڦيرايان. اجهو تي ڇڪي تيءَ کي هيڏانهن سڏايان.

گدو: ۽ اهو ٻہ ٻڌائيندا سين تہ توهان ٻئي بنا ٽڪيٽ آهيو.

ڏاڏو: ڇا ٿو چوي؟

گلڻ: ٽڪيٽ جي ٿو ڳالهہ ڪري ڏاڏا.

ڏاڏو: ڪنهن ٻڌو تہ ڪون نہ؟

گلڻ: چاڻ ٻڌائين ويجهو اچي پهتو آهي.

ڏاڏو: ڀلي اچي، مان بہ ٻڌائيندو مانس.

راڻي: بس ڪر گدو پٽ، ڪو ٻڌي نہ وٺي، وجهائيندين ڇا آزار ۾.

گلڻ: ها تہ اها ڳالهہ آهي، ٽڪيٽ تہ هان وٽ بہ ڪانهي، جنت وٽ بہ ڪانهي، ولوءَ وٽ بہ ڪانهي هاڻي ڪر خبر مائي.

راڻي: گلڻ پٽ ٻچو آهين آهستي ڳالهاءِ.

گلڻ: آهستي ڳالهائيندس، پر پهريون اهو ٻڌاءِ تہ وري مون کي چرپٽ سڏيندينءَ؟

راڻي: نہ منهنجا ٻچڙا.

گلڻ: جهيڙو ڪندينءَ؟

راڻي: نہ منهنجا منڙا.

ڏاڏو: اي منهنجي بہ تہ ڳالهہ ڪريو.

راڻي: تون بس ڪر ٻوڙها.

گلڻ: جنت سان ڳالهائڻ تي وري وڙهندينءَ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻي: نہ منهنجا دادلا.

ڏاڏو: اي ڪو منهنجو بہ نالو تہ وٺو.

راڻي: بس نٿو ڪرين ڪڳا.

گلڻ: پلا خرچي ڏيندين ءَ؟

راڻي: چو نہ ڏيندس پنهنجي پياري کي.

ڏاڏو: اڙي مار پوئي چورا گلر مون کي چو ٿو وسارين.

راڻي: چپ نٿي اچيئي جهونا.

گلڻ: ڏاڏي کي ستائيندين ءَ؟

راڻي انهيءَ کي مان باهہ ڏيئي ساڙيان نہ ٿو مري نہ ٿو منجو ڇڏي.

ڏاڏو: چا ٿي چوي؟

گلڻ: چوي ٿي تہ ڏاڏو لکن ۾ هڪ آهي.

ڏاڏو: مون تہ اڳئي ئي ٿي چيو.

گلڻ: ٽي ٽي صاحب اچي ويو ڏاڏا.

ٽي ٽي: چا ٿي جهيڙو لايو بيٺا آهيو اوهان سڀئي؟

گلڻ: چا ٿي بہ ڪو نہ. اسان تہ ڪل خوشيءَ جي ٿي ڳالهہ ڪئي. شادي مرادي جي پئي ڳالهہ ڪئي. ڪيئن مائي راڻي.

راڻي: آئون نہ تہ وري چا؟

ٽي ٽي: ڪنهن جي ٿا شادي ڪرايو ريل ۾؟

گلڻ: مون پنهنجي ڏاڏي جي شادي پئي ڪرائي ۽ ڏاڏي منهنجي پئي شادي ڪرائي. ڪيئن ڏاڏا؟

ڏاڏو: هائو هائو چو نہ.

ٽي ٽي: هن عمر ۾ شادي ٿو ڪرين پوڙها!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏو: ڇا ٿو چوين؟

ٽي ٽي: ڇڱو ڇڱو ٽڪيٽ ڏيکار ڪيڏانهن پنڌ پيو آهين پريا مڙس؟

ڏاڏو: اي ابا ميلي تي پيا وڃون. شاه. پٽائيءَ جي تي.

ٽي ٽي: ڀُلو آهين ڏاڏا. هيءَ گاڏي تہ حيدرآباد ويندي.

گلڻ: حيدرآباد ڇو ويندي. اسان کي تہ ميلي تي وڃڻو آهي.

ٽي ٽي: ڇيمر تہ هي گاڏي حيدرآباد ويندي. اينڊڙ اسٽيشن تي لهي وڃجو.

گلڻ: ڇريا ٿيا آهيون ڇا جو لهي ويندا سين. اسان کي تہ ميلي تي وڃڻو آهي.

ٽي ٽي: اڙي هن کي ڪو سمجهائي. اڙ مغزيءَ اڇي اجايو بيزار ڪيو آهي. بابا هيءَ گاڏي حيدرآباد ويندي حيدرآباد. تون ٻڌاءِ مائي ڪيڏانهن ويندينءَ.

راڻي: صاحب ميلي تي ٿا وڃون. پٽ ڌڻيءَ جي تي.

ٽي ٽي: هي ڇا؟ تون بہ ميلي تي ٿي وڃين مائي؟

راڻي: مون کي ڪا جهل آهي ڇا ميلي گهمڻ جي؟

ٽي ٽي: پر هيءَ گاڏي تہ حيدرآباد پئي وڃي مائي.

راڻي: ڪو نہ ويندي حيدرآباد خدا ڪندو. پهريون اسان کي ميلي تي ڇڏي پوءِ جيڏانهن مرضي پئي پيس تيڏانهن وڃي.

ٽي ٽي: تون تہ ڪا صفا ڇري آهين. مائي. اينڊڙ اسٽيشن تي تون بہ لهي پئجانءِ. تون ڪر خبر ڇور تون ڪيڏانهن ٿو وڃين.

گدو: ميلي تي.

ٽي ٽي: تون بہ ميلي تي؟ توهان ماڻهن سان آهي تہ خير.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گدو: خير آهي.

ٽي ٽي: نہ توهان سان خير ڪونهي. توهان جو متو ڦري ويو آهي. اڙي خدا جا بندا گاڏيءَ ۾ ويهڻ کان اڳ پڇي پڪ تہ ڪندا ڪيو تہ هيءَ گاڏي اوڏاهين ويندي بہ يا نہ. توهان بہ لهجانءِ اينڊڙ اسٽيسن تي، ڇوڪري توهان ڪيڏانهن ٿي وڃين؟

جنت: ميلي تي.

ٽي ٽي: گهوڙا ڙي هنن سڀني تہ گڏجي ڪا صلاح ڪئي آهي، اڙي بابا هيءَ گاڏي حيدرآباد ويندي، ميلي تي ڪا نہ ويندي، لهجانءِ تون بہ اينڊڙ اسٽيشن تي. تون ڪر خبر، تون ڪيڏانهن ٿو وڃين.

گدو: ميلي تي.

ٽي ٽي: تون بہ ميلي تي، پر هي گاڏي تہ .

گلڻ: هيءَ گاڏي ويندي ميلي تي.

ٽي ٽي: پر هي سڀ ڪجهہ ڇا آهي؟

گلڻ: اهو سڀ ڪجهہ بلڪل ٺيڪ آهي.

ٽي ٽي: تہ پوءِ- تہ پوءِ- اڙي ڇورا ڇڪ زنجير ڪي مان لهندس.

گلڻ: ڇو سائين؟

ٽي ٽي: مان غلط گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو آهيان؟ (ٺهڪ).

**

سامعين: انسان خطا جو گهر آهي. غلطي هر ماڻهو ڪندو آهي ۽ جو ماڻهو غلطي نٿو ڪري ان کي هڪدم ڪنهن ڊاڪٽر ڏانهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڻ گهرجي ۽ پاڻ کي چڱيءَ طرح چڪاسائڻ گهرجي. ڇو ته اسان کي ان جي ماڻهو هجڻ ۾ شڪ آهي. پر ترسو ڀيريون هڪ لطيفو ٿي وڃي. هڪ ماڻهو هوٽل ۾ ماني کائڻ آيو.

بيرو: يس سر ـ ڇا حڪم آهي. سائين؟

اقبال: کائڻ لاءِ ڪجهه کڻي اچ.

بيرو: ڇا آڻيان سائين.

اقبال: تيار ڇا ڇا آهي؟

بيرو: هر شيءِ تيار آهي. ٻڪل گوشت کائڻ پسند ڪندا؟

اقبال: ٻڪل گوشت منهنجو گلو خراب ڪندو آهي.

بيرو: ترپل ڪڪڙ متعلق ڇا خيال آهي؟

اقبال: ڪڪڙ سٺي شيءِ آهي پر مون کي پيٽ ۾ سور ڪندو آهي.

بيرو: مڇي آڻيان سائين.

اقبال: مڇي کائڻ سان منهنجو جسم سڄي پوندو آهي.

بيرو: برياني پسند پوندي؟

اقبال: برياني ڏسي منهنجي دل ڪچي ڪچي ٿيندي آهي؟

بيرو: پلا دال کائيندؤ.

اقبال: دال ته مٿي ۾ سور وجهندي اٿم.

بيرو: ته پوءِ هڪڙو ڪم ڪيو سائين.

اقبال: ڪهڙو؟

بيرو: ڀيريون توهان ڊاڪٽر صاحب سان صلاح ڪري اچو پوءِ اچي آرڊر ڏجو. (ٺهڪ)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⁂

سامعين: هڪ طرف تہ ڊاڪٽر صاحب سان صلاح ڪرڻ جا مشورا ٿي رهيا آهن، ۽ ٻئي طرف ڪي ماڻهو سچ پچ ڊاڪٽر وٽ صلاح ڪرڻ لاءِ پهچي بہ ويا آهن. اعتبار نہ اچيو تہ پاڻ ئي ڀڏي وٺو.

(ڊاڪٽر جي ڪلينڪ جو تاثر)

سفوران: اڙي ابا۔ او ڊاڪٽر۔ ابا وينو آهين. دڪان تي.

ڊاڪٽر: اچ مائي اچ، هيڏانهن اچ، خيال ڪجانءِ ڪُتو سُتو پيو اٿيئي. ڪٿي پير نہ اچي وجيس پچ تي. اتائين۔ ويهہ ويهہ.

سفوران: مان باهہ ڏيانءِ تنهنجي دوڪان کي هلي هلي ٽنگن ۾ ئي سور پئجي ويو آهي. وينو تہ خوش آهين نہ بچا.

ڊاڪٽر: دعا آهي امان، تون ڪر خبر.

سفوران: ڪهڙيون تو خبرون پڇين پٽ. ولوءَ کي بلا ڪائي، نہ ڪم ڪري نہ ڪار. سڄو ڏينهن وينو تو پٽين راند ڪري. ٻني ٻارو گهر ٻار سڀ ڪجهہ وسري آهي مئي کان.

ڊاڪٽر: منهنجو مطلب آهي ڪهڙي تڪليف اٿيئي مائي.

سفوران: اها تڪليف ناهي تہ ٻيو ڇاهي ابا تون پٽ وينو آهين. حرام جو ڪا ڪوڙي گهر ۾ هجيم. سڀ ڪجهہ ڪائي ڪپائي ويهي رهيو آهي، اهو ولو.

ڊاڪٽر: ڪا بيماري اٿيئي مائي؟

سفوان: ابا اهي بيماريون ناهن تہ ٻيو ڇا آهن. اهي ڏک ڏسي ڏسي جواني بہ ويم تہ حسن بہ ويم.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر: مون وٽ ڇو آئي آهين مائي؟

سفوران: تو وٽ آئي آهيان صلاح ڪرڻ، ٻيو ڇو آئي آهيان.

ڊاڪٽر: اها صلاح ته پنهنجي مڙس سان ڪر. مون ڪي ڇو ٿي وچ ۾ آڻين.

سفوران: تو سان ئي صلاح ڪرڻي اٿم.

ڊاڪٽر: اها وري ڪهڙي؟

سفوران: آهستي ڳالهاءِ پٽ. ڇوندا آهن ته ڀتين کي به ڪن ٿيندا آهن.

ڊاڪٽر: ها مائي؟ ڪا اهڙي ڳالهه آهي ڇا؟

سفوران: ائون نه ته ٻيو. ڳالهه ئي اهڙي آهي ٻچا، ڪنهن سان ڪندين ته ڪو نه.

ڊاڪٽر: نه مائي چريو ٿيو آهيان ڇا، تون ڳالهه ته ڪر.

سفوران: ابا ڊاڪٽر صاحب منهنجو پٽ آهي نه جيئي شال خدا بخش.

ڊاڪٽر: هوندو، تون ڳالهه ته ڪر. ڇا ٿيو تنهنجي پٽ کي.

سفوران: ٿيندو ڇا ٻچڙي کي مان ته ڇوان پئي ڪو جن ڀوت جو اثر ٿي ويو آهي. منهنجي لال کي.

ڊاڪٽر: پوءِ به ڪا خبر ته پوي مائي.

سفوران: ابا منهنجو خدا بخش سڄو ڏينهن ويٺو ٿو گهر جي اڱڻ ۾ مٽي ڳوهي.

ڊاڪٽر: اها ته ڪا اهڙي وڏي ڳالهه ڪانهي مائي

سفوران: پوري ڳالهه ته ٻڌ ڊاڪٽر. ها سوچيم پئي ته منهنجو ٻچڙو سڄو ڏينهن ويٺو ٿو اڱڻ ۾ مٽي ڳوهي.

ڊاڪٽر: ٻيو ڇا ٿو ڪري؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: اها مٽي ڳوهي ان مان مانيون ناهي وجي ٿو سگهائيندو.

ڊاڪٽر: (ڪلنڊي) ننيڙا ٻار اڪثر اهڙيون رانديون ڪندا آهن، مائي.

سفوران: ننيڙا ٻار؟ اڙي ابا منهنجو خدا بخش تہ خير سان چئن ٻارن جو پيءُ آهي! (ٺهڪ)

❋❋

سامعين: سائين چوندا آهن تہ هڪ ڳئون سڄي ڏينهن ۾ 41000 دفعا وات چورينديءَ آهي، پر ڳلا جو هڪ لفظ بہ زبان مان نہ ڪڍندي آهي. انسان وات چورڻ ڪانسواءِ ئي ڳلا ۾ شروع ٿي ويندو آهي، ڏسو نہ پاڻ بہ جا گهڙي گڏ آهيون، پين جي پچار ۾ ٽا گذاريون، پر ڇا ڪجي، جيڪڏهن اسان ڪنهن جي ڳالهہ نہ ڪنداسين تہ ٻيا ضرور اسان جي ڳالهہ ڪندا. هن هوٽل ۾ اسان جي سامهون واري ٽيبل تي هڪ جهور ڪراڙو جوڙو ويٺو آهي. مانيءَ جو آرڊر ڏنو اٿن. بيرو ماني کڻي آيو آهي. پر هي ڇا؟ ڪراڙو ماني کي لڳي ويو آهي ۽ سندس گهر واري چپ چاپ ڪيس ڏسي رهي آهي.

بيرو: جي بيگم صاحب، ٻيو ڪو حُڪم

بيگم: بس ابا، تنهنجي مهرباني.

بيرو: پر بيگم صاحب توهان کي ماني نٿي وڻي ڇا؟

بيگم: نہ ابا ڳالهہ ناهي.

بيرو: صاحب سان ڪاوڙيا آهيو ڇا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم: اها ڳالھ بہ ناهي.

بيرو: طبيعت ٺيڪ نہ اٿو؟

بيگم: نہ ٻچا اها بہ ڳالھ ناهي.

بيرو: تہ پوءِ بيگم صاحب توهان مانيءَ ڇو نٿا کائو؟

بيگم: ڪيئن کاوان پٽ، ڀيريون صاحب ٻڌيهي تہ واندي ڪري نہ! (ٺهڪ)

⁂

سامعين: جوڙيءَ جي ڳالھ نڪتي آهي تہ هڪ ٻئي جوڙي جي بہ ڳالھ ٿي وڃي. اسلم هڪ شام جو پنهنجي گهر آيو تہ سندس گهر واري ساجده سندس انتظار ۾ ويٺي هئي.

اسلم: (ايندي) افوه_ اڄ تہ آفيس ۾ ٿڪجي پيس.

ساجده: توهان اڄ ڪيا، ڏاڍي دير ڪيو؟

اسلم: آفيس ۾ ڪم تمام گهڻو هو.

ساجده: تہ پوءِ موڪل ونو ها.

اسلم: ڪيترا ڏينهن موڪل ونندس، آخرڪار ڪم بہ تہ ڪرڻو اٿم.

ساجده: اسان جي شاديءَ کي اڃا مهينو بہ ڪونہ ٿيو آهي. توهان کي هاڻي کان ئي آفيس جي فڪر ماري رکيو آهي. شايد توهان جو مون سان پيار ڪونهي.

اسلم: نہ اهڙي تہ ڪا بہ ڳالھ ڪانهي ساجده. منهنجو توسان بي حد پيار آهي.

ساجده: سچ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلم: سچ

ساجده: پلا ماني ڪٽي اچان

اسلم: نہ ماني مان ڪائي آيو آهيان. هڪ هنڌ دعوت هئي.

ساجده: توهان ماني بہ مون سان گڏ نٿا ڪائو. شايد توهان جو مون سان پيار ڪونهي.

اسلم: نہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي. منهنجو توسان بي حد پيار آهي.

ساجده: سچ..

اسلم: سچ..

ساجده: پلا مون توهان کي ٿوت برش آڻڻ لاءِ چيو هو. آندو اٿوَ؟

اسلم: تو هڪ چيو هو مون بہ آندا آهن. هڪ تنهنجي لاءِ ٻيو پنهنجي لاءِ.

ساجده: ڏٺو۔ مون نٿي چيو تہ توهان جو مون سان پيار ڪونهي.

اسلم: وري ڇا ٿيو؟

ساجده: پيار هجيوَ ها تہ پنهنجي لاءِ جدا برش ڇو وٺو ها. (ٽهڪ).

**

سامعين: گهر ٻار جي دنيا بہ عجيب آهي. اسان جي هڪ دوست کي پنهنجي سس کان ڏاڍي شڪايت آهي. هن جو چوڻ آهي تہ خير توهان خود ئي سندس زباني ٻڌي وٺو.

خالد: وڏو آزار آهي. ظلم آهي. بغداد آهي. جڏهن کان شادي ڪئي اٿم. منهنجي سس بہ اسان سان گڏ رهڻ لڳي آهي. پر مان بہ آخر ڇا ڪيان.اسان بہ سندس ئي گهر ۾ رهندا آهيون! (ٽهڪ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**

سامعين: ۽ هڪ ٻئي دوست کي پڻ ڪجهه اهڙي طرح جي شڪايت آهي، هن جو چوڻ آهي تہ:

عارف: منهنجي سس اسان وٽ گهمڻ لاءِ آئي. مون چيس پلي ڪري آيا هن پيو سامان بہ گهرائي ورتو. مون چيس توهان کي ڪا تڪليف تہ ڪانهي؟ هن منهنجي ڪمري تي بہ قبضو ڪري ورتو.مون چيس: هن گهر کي پنهنجو گهر سمجهو. هُن منهنجو گهر ئي وڪڻي ڇڏيو! (ٽهڪ)

**

سامعين: خير سائين. اهي ڳالهيون تہ ڪُتڻ جون ناهن. ڪامياب ماڻهو اهي آهن جيڪي سوڙ آهر پير ڊگهيرن ٿا يا وري پيرن آهر سوڙ نهرائن ٿا. پر اهي سڀ ڳالهيون آهن پيرن جي متعلق سو ڇو نہ پهريون ڳالهيون ڪبون پيرن جي ۽ پوءِ ٿئي ڳالهہ ڪاميابيءَ جي.

هڪ ماڻهو رات جي وقت ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هو. اڌ رات ڌاري سندس اسٽيشن آئي تہ هو لهڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. پر ۾ وينل ماڻهوءَ کي چيائين ادا. اهو منهنجو بوٽ تہ کڻي ڏجانءِ, ماڻهوءَ بوٽ ڏنس تہ ڏسي چيائين, يار هي تہ هڪڙو بوٽ ٻئي ڪنهن جو آهي. ماڻهوءَ حيران ٿي چيو ڪمال آ, تو کان اڳ جيڪو ماڻهو لهي ويو سو بہ اها ساڳي دانهن ڪندو ويو! (ٽهڪ).

۽ هاڻي اچو ڪاميابيءَ تي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لونگ: ڪدڻ خان مرچ تہ ڏجانءِ سير.

ڪدڻ: هان ادا هي وٺ سير مرچ، ٻيو حڪم.

لونگ: لوڻ بہ ڏينم سير ڪن.

ڪدڻ: هي تنهنجو لوڻ سير حڪم ڪر. دير ٿي ٿئي. ڪم گهڻو آ.

لونگ: ٻيلي دوڪان تہ واهہ جو ٿو هلئي ڀاڳن وارو آهين.

ڪدڻ: ادا ڀاڳ تہ پنهنجي جاءِ تي آهن پر ڪاميابيءَ جو راز اجان ڪو ٻيو آهي.

لونگ: هان؟ ٻيلي وارو ڪر، ٻڌائينم تہ سهي. منهنجو تہ سمورو ڪاروبار ئي ٻيهي ويو آهي.

ڪدڻ: ڪاميابيءَ جو راز اهو اٿيئي تہ هميشہ دماغ کان ڪم وٺ.

لونگ: اهو تہ وٺندو آهيان پر پوءِ بہ ڪجهہ وري ئي نٿو.

ڪدڻ: تنهنجو دماغ ڪم ئي ڪو نہ ڪندو هوندو.

لونگ: تہ پوءِ ڀلا ڇا ڪيان؟

ڪدڻ: پوءِ مون وارو نسخو آزمائي ڏس.

لونگ: تو وارو نسخو؟ اهو وري ڪهڙو آهي.

ڪدڻ: تمام سولو آهي. هيءَ مڇي ڏسين ٿو.

لونگ: اها ڪرڙي؟

ڪدڻ: وڏي ڪم واري مڇي اٿيئي. کائڻ کان پوءِ دماغ خود بہ خود ڪم ڪرڻ شروع ڏيندئي.

لونگ: سچي ٿو چوين؟

ڪدڻ: ڪوڙ ڳالهائڻ جو ڪهڙو ضرور اٿم. مون پاڻ کاڌي هئي شهر جا جيڪي بہ سمورا ڪامياب ماڻهو ڏسين ٿو انهن پڻ اها مڇي کاڌي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لونگ: پوءِ تہ ڪا جادوءَ جي مڇي جنئبي پلا گهٽي ڏيندين.

کدڙ: پنجاھہ روپيہ.

لونگ: اهي پئسا بہ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان پر شرط اهو تہ منهنجو دماغ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏئي.

کدڙ: ان جي گارنٽي آهي.

لونگ: تہ پوءِ هي وٺ پنجاھہ روپيہ هيڏي ڪر اها ڪرڙي

کدڙ: اڄ رات پچائي وجي کاءِ، صبح سان احوال ڏيڻ ضرور اچجانءِ.

(موسيقي)

کدڙ: اچي وئين لونگ خان- ڪر خبر مڇي کاڌئي.

لونگ: ها ادا کاڌم.

کدڙ: پوءِ ڪر خبر؟

لونگ: خبر خير جي مڇيءَ جو اثر تئي نہ تئي باقي سڄي رات اهو سوچيندي گذاريم تہ پنجاھہ روپئي ۾ اها ڪرڙي هيلي تو مون کي ڏاڍي مهانگي ڏني آهي.

کدڙ: ڏنئي مون نتي چيو؟ ميان مبارڪ هجيئي، تنهنجي دماغ رات کان وني ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي (ٽهڪ).

سامعين: ان سان گڏ اڄ جو پروگرام پورو ٿيو اجازت ڏيندا. خدا حافظ

**

سامعين: گلدستي سان گڏ نوان رنگ نوان روپ- نوان قصا نيون ڪهاڻيون، نوان خاڪا، لطيفا ۽ چرچا پوڳ ميڙي اوهان جي خدمت ۾ حاضر. اُميد تہ هي گلدستو اوهان کي ضرور پسند

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندو تہ اڇو تہ پهريون هڪ چور جي ڳالهہ ٻڌون. چور تہ گهڻن ئي قسمن جا ٿيندا آهن. ڪي واپارين جي روپ ۾ اگهہ وڌائي ملاوٽ ڪري يا تور ۽ ماپ ۾ بي ايماني ڪري چوري ڪندا آهن. ڪي رشوت وٺي مسڪين ماڻهن جو کيسو ڪپيندا آهن. ۽ ڪي وري ظاهر ظهور چوري سينا زوري کان ڪم وٺندا آهن.

(سيٺ سليمان بي چين آهي نوڪر کي سڏي ٿو)

سيٺ: ڳوڊو۔ او ڳوڊو مري وئين ڇا؟

ڳوڊو: (پري کان ايندي) اچان ٿو سائين اچان.

ڪاڏي وڃان هيڏانهن سيٺ صاحب هوڏانهن سيٺياڻي صاحبہ. ڳوڊو تہ ٻنهي جي وچ ۾ اچي ڦاٿو آهي. (ويجهو اچي) جي سائين حڪم ڪيو.

سيٺ: اڙي اِهو ڇا پئي چيئي؟

ڳوڊو: نہ سائين مڙئي خير آهي. ڪجهہ ڪو نہ ٿي چيم.

سيٺ: اڙي تو سيٺياڻيءَ جو نالو نہ پئي ورتو. سچي ٻڌاءِ ڇا ڳالهہ آهي نہ تہ رت پي ويندوسانءِ.

ڳوڊو: سائين رت بچايو ٿي ڪهڙو اٿو جو پيئندؤ.

سيٺ: مان تنهنجون چالاڪيون خوب ٿو سمجهان. چغلخور ڪنهن جاءِ جو. جڏهن بہ ڏسندو تہ ڪو عملدار ٿو مانيءَ تي اچي تہ ويهندو گلا ڪرڻ.

ڳوڊو: سيٺ صاحب مون کي گلا جو طعنو نہ ڏيندا ڪيو مان خراب آهيان تہ پنهنجي لاءِ. نمڪ حرام ناهيان.

سيٺ: اڙي نمڪ حرامن کي ڪي سڱ ٿيندا آهن. ڇا اڳئين مهيني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ آفيسر چڪاس تي، آيو هو تہ تو چيو هوس تہ سيٺ ڪوڙ ٿو ڳالهائي. مزدورن کي ڀڳهار نہ ڏيندو آهي، گهٽو ڪم وٺندو آهي.

ڳوڏو: ان ۾ چا تي پيو مون تہ سچ پئي ڳالهايو سچ تہ بيٺو نچ.

سيٺ: نچايان مان تہ توکي ناهوڏکو ها پر پراڻو نوڪر آهين. انڪري ڇڏي ڏنومانءِ.

ڳوڏو: ٻي کهڙي نمڪ حرامي ڪيم يلا؟

سيٺ: ٻي اها ڪيئي جو گذريل هفتي صاحب ننڍي جي منٿلي ڪا نہ پهچايئي.

ڳوڏو: اها تہ مون غريبن ۽ يتيمن ۾ خيرات ڪري ڇڏي.

سيٺ: واهہ ڙي واهہ شوقين پرائي، مال تي ٽوپي نراڙ تي. ڀاڻ نہ پالي ڪتا ڏاري

ڳوڏو: چڱو يلا ٻي؟

سيٺ: هاڻي نهيو. ڇڏ انهن ڳالهين کي خبر اٿيئي تہ اڄ وڏو صاحب گهر پيو اچي مانيءَ تي.

ڳوڏو: اهو تہ تن ڏينهن کان پيو ٿو ٻڌان.

سيٺ: اڙي بيوقوف اهو سڀ ان ڪري ٿا ٻڌايون تہ وڏي صاحب جي آڏو ڪا گهٽ وڌائي نہ ڪري، وجهين. آهين ڳالهائڻ جو ملوڪ تڏهين ٿا ڊڄون.

ڳوڏو: ان ڳالهہ کان توهان چٽل آهيو سڀ ڪم مون تي ڇڏيو. پوءِ ويهي ڏسو مزا.

سيٺ: مڙس تہ ملوڪ آهين. پر ڪڏهين ڪڏهين ڪل ٽڙي ويندي اٿيئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوڙو (کلندي) بس سيٺ صاحب ڇا ڪيان توهان جي صحبت جو اثر آهي.

سيٺ: چڱو چڱو گهڻو ٿيو. بيگم صاحبہ کان پڇي وٺ تہ دعوت لاءِ ڪهڙو انتظام ڪرڻو آهي.

ڳوڙو: سائين توهان جي بيگم صاحبہ کان تہ الله پناهہ ڏئي، شاباس آهي توهان جي جگر کي جو ڪيس منهن ٿا ڏيو باقي منهنجو تہ دڙڪي سان ساهہ ٿي ڪڍي.

سيٺ: ڳوڙو يار چوين سچ ٿو پر ڇا ڪجي گاڏو گهلڻو آهي. (سينياٽي سئنڊل سٽڪائيندي اچي ٿي).

بيگم: اڙي اتي ڪهڙيون بينا ٿا صلاحون ڪيو.

ڳوڙو: ڪجهہ بہ نہ بيگم صاحبہ ڪجهہ بہ نہ. اسان تہ توهان جي تعريف پئي ڪئي.

بيگم: سجاڻاڻءِ تي، سجاڻاڻءِ تي مئا. چمچا توئي تہ هن کي بہ خراب ڪيو آهي.

سيٺ: ماتو مون کي گهٽ وڌ نہ ڳالهاءِ بيگم، مان آهيان نازڪ دل جو ماڻهو مرندي دير ڪو نہ ڪندو مانءِ.

بيگم: سجاڻان ٿي توکي بہ، ڪائي پي وجين ٿو ٿلهو ٿيندو وڏو آيو آهي نازڪ دل جو ماڻهو دل تہ ڪا نہ هوندي دلو سو ضرور هوندئي.

سيٺ: ائين ٿي سهي پر دعوت جو ڇا ڪيو اٿيئي، صاحب وڏو اڄ اچڻ وارو آهي.

بيگم: ڪم تہ مئو ڪو بہ ڪو نہ ٿو ڪري رڳو دعوتن کائڻ جي ڏم لائي ڏني اٿائون.

سيٺ: اهو ڇا ٿي چوين بيگم، صاحب وڏي جا تہ مون تي لک احسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. چانهه ۾ رڱيل ڪلون ۽ مرچن ۾ ڪٽيل سرون وجهي پيو وڪرو ڪيان. پر مجال آهي جو ڪٿي روڪي.

بيگم: تہ پوءِ اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي؟ سيپيئي سيڏي وارا ائين پيا ڪن. پاڙي وارن جو ٿي ڪٿي حال ڏس. اجا ڪلهہ تائين تنو پنڙ بہ اسان وٽ ايندا هئا. هاڻي تہ بنگلا ڪٽي نهرايا اٿن.

سيٺ: ڪنهن جي بخت سان ريس ٿوروئي ڪبي.

بيگم: اڙي موڳا هو ڪارائن ٿا تہ ڪم بہ وٺن ٿا. تون رڳو وينو ڪارائجان. ڪم نہ ونجانءِ.

سيٺ: هيترو سارو ڪم تہ ورتو اٿم. ٻيا پيو ڦاهو ڪاوان ڇا؟

بيگم: ذخيرو ڪري مال دٻائي رک. راتون رات دنيا نہ بدلجي وڃي تہ منهنجو نالو بہ خيران ناهي.

سيٺ: اهو تہ سڀ ڪجهہ ڪيان پيو وڏيڪ ڇا ڪيان.

ڳوڏو: سائين. منهنجي مجو تہ ان ڪم ڪان ساجهرئي پاسو ڪيو اج ڪلهہ ماڻهو ڏاڍا سياڻا ٿي ويا آهن.

سيٺ: اي ماڻهو جڏهن سياڻا ٿيا. تڏهن پاڻ هن ملڪ مان ٿي لڏي هلنداسين.

بيگم: ڳوڏو۔ تون هت ڇا بينو ٿو ڪرين؟

ڳوڏو: ڳوڏو حڪم جو ٻندو آهي. بيگم صاحبہ انتظار ۾ آهيان.

بيگم: تون وڃ وڃي سيڏو سامان وٺي آ. گوشت. ڪڪڙ. آنا. گيهہ. بصر وغيره. مطلب تہ جيڪو ڪجهہ لسٽ ۾ لکي ڏنو اٿمانءِ اهو سڀ ڪجهہ ساري سنڀاري وٺي اچجانءِ متان ڪجهہ وساريو اٿيئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوڙو: تون ڳڻتي ئي نہ ڪر بيگم صاحبہ هر شئي وقت تي ملندي.

بيگم: ۽ ها۔ بورچي کو سنو آڻجانءِ ماني چڱي تيندي تہ صاحب خوش تيندو ۽ جي صاحب خوش تيو تہ پوءِ پنجئي گيهہ ۾ آهن.

ڳوڙو: تہ پوءِ مان پلا وچان.

بيگم: وچين وري کيڏانهن تو فروٽ بہ آڻجانءِ ۽ ها سچي صاحب جي لاءِ کو تحفو بہ تہ گهرائڻو آهي.

سيٺ: ان جو تون فکر نہ کر. مان ٻن هزارن جا نوٽ سگريٽ جي پاکيٽ ۾ ناهي وجهي چڏيا آهن. صاحب وڏو ايندو تہ خدمت ۾ پيش کندو مانس. چا تي پانئين اسان جون اٽکلون.

بيگم: هن مئي ڳوڙوءَ جي سامهون تہ اهڙيون ڳالهيون نہ کر. کتي هٽن جي صفائي نہ ڏيکاري وجيئي. وڃ ڙي ڳوڏا وجي پنهنجو کم کر.

ڳوڙو: حاضر بيگم صاحبہ وچان تو (وچي تو).

بيگم: مون چيو ٻڌين تو.

سيٺ: بلکل ٻڌان تو ڳالهہ کر.

بيگم: صاحب وڏو راضي تي وچي تہ پوءِ مون کي هک سونو سيٽ ٺهرائي ڏجانءِ.

سيٺ: ڏهہ سيٽ اڳ ۾ ئي گهر ۾ موجود اٿيئي يارهون چا کندينءِ.

بيگم: تنهنجي گهران توروئي تو وچي. سيڏي ۾ ملاوٽ کنداسين تہ چئن ڏينهن ۾ سيٽ پاهر.

سيٺ: ملاوٽ تہ کيون پيا پيو چا کيون؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم: ٿوري ڪٽي وڏيڪ ڪجو.

سيٺ: باقي بچيو ئي ڇا آهي. جنهن ۾ ملاوٽ ڪيون. ڇا گهر کي ته صاف ڪرائي وٺ.

بيگم: اهو ڪم توهان مون تي ڇڏ. توهان وڃي صاحب وڏي لاءِ سنبت ڪر.

سيٺ: ٺيڪ آهي، پر مانيءَ جو مڙئي خاص خيال رکجانءِ. هي صاحبلوڪ مڙئي طبيعت جا ڪجهه نازڪڙا ٿيندا آهن. ڪا ڳالهه نه وڻيس ته مورڳو ٺهيل ڪم ڊهي ويندو.

بيگم: چيم ته توهان هل باقي ڪم مان پاڻ ڪنديس.

(ڪاڏي ٻيتي جي ٽانون جو آواز ـ ڪلڻ جو آواز)

صاحب: واهه سيٺ صاحب. اڄ ته واهه جي ماني کارايئي.

سيٺ: بس سائين مڙئي جيڪا غريباڻي دال ماني موجود هئي آڻي حاضر ڪيم.

صاحب: نه نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي، توهان ڪر خبر ڪم ڪار ڪيئن پيو هلي.

سيٺ: بس سائين اوهان جي دعا آهي، مڙئي پيٽ گذر پيو ٿئي.

صاحب: چو پلا سيٺ صاحب خير ته آهي.

سيٺ : مڙئي خير آهي سائين پر ملڪ مان مزو نڪري ويو.

صاحب: آخر ڪجهه چئه به ڪٽي.

سيٺ: هي سگريٽن جو پاڪيٽ وٺو.

صاحب: پر مان ته سگريٽ پيئان ئي ڪونه. توکي ته خبر آهي.

سيٺ: هي نوان سگريٽ نڪتا آهن صاحب. پيئڻ جا نه ڏسڻ جا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب: اوهـ..! واهـ جا سگريٽ آهن. رکون ٿا کيسي ۾ گهر وڃي پيئنداسين. ها. تو ڇا پئي چيو.

بيگم: هي ڇا ٻڌائيندو صاحب، هن کي تہ چوندي بہ شرم ٿو اچي.

صاحبہ پر ان ۾ شرمائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي پاڻ ۾ ڪو ويچو تہ آهي ڪو نہ. جو چوڻو اٿس چئي ڏئي.

بيگم: مان ٿي ٻڌايان دراصل صاحب. مهانگائي وڌي وئي آهي وڌي ان ڪري خرچ بہ وڌي ويا آهن. هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ ڪٿان پوري ڪيون.

صاحب: پر بيگم صاحبہ مون تہ سيٺ صاحب کي صفا ڇوٽ ڇڏي ڏنو آهي. جيڪو وڻيس سو ڪري.

بيگم: ڏهي ٿو تہ ڪٿي ملاوٽ جو سيڌو ڪائي ماڻهو مري نہ پون.

صاحب: (کلندي) جنهن کي مرڻو هوندو سو تہ ضرور مرندو. ڪيئن سيٺ؟

سيٺ: بلڪل صاحب، بلڪل سچ ٿا چئو؟

صاحب: تون انهن ننڍين ڳالهين جي ڳڻتي ئي نہ ڪر. اسان جو حصو باقاعدي پهچندو رهي، پوءِ ڪٿي ماڻهن کي زهر ڏي. مجال جو ڪٿي ڪا ڪارروائي ڪيون.

سيٺ: (کلندي) نوازش آهي. سائين جن جي.

بيگم: ڏٺئي مون نٿي چيو تہ صاحب وڏو مهربان ۽ همدرد آهي. اهو مئو ڳوڙو ڪيڏانهن ويو. ڳوڙو... ڳوڙو.

ڳوڙو: آيو بيگم صاحب...

بيگم: مئا ڪٿي ڳري ويو هئين. ڏسين نٿو صاحب وڏو موجود آهي، وڃ وڃي فروٽ ڪٽي آ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوڏو: حاضر بيگم صاحب.

بيگم: اهي تارا ڦاڙي ڇاپيو ڏسين وڃ به ڪٽي.

سيٺ: اڙي هي پيٽ کي هٿ ڏيئي ڇو بيٺو آهين. سور اٿيئي ڇا پيٽ ۾؟

ڳوڏو: سائين مڙئي ڪا تڪليف ٿي پيئي آهي. رکي رکي سور جي سٽ ٿي اُپري.

بيگم: مئا لالچ ڪري بورچيخاني ۾ ٿي. ماني کاڌي هوندئي لڪي.

ڳوڏو: توسان ڪوڙ ڪو نه ڳالهائيندس بيگم صاحب. صبح کان وٺي ماني ڪا نه کاڌي هئم. بک لڳي هئي جام، سو به ٿي گرهه مانيءَ جا هٽي ورتم (سور کان هائي مري ويس.)

صاحب: سور ته مون کي به محسوس پيو ٿئي. اوئي؟

سيٺ: سوڍا پيو صاحب. وڏا گيس جو سور هوندو لهي ويندو.

صاحب: هن کان اڳ ته ڪڏهين به اهڙي تڪيلف ڪا نه ٿي. هاءِ مان مري ويس.

بيگم: پيچ ڙي مئا ڳوڏو ڊوڙپائي صاحب لاءِ ڦڪي ناهي اچ.

ڳوڏو: منهنجو ته پنهنجو دم ٿو نڪري الا ڙي ساهه ٿو نڪري.

سيٺ: سور ته ڪجهه ڪجهه مون کي به ٿو محسوس ٿئي آنڊن ۾ جهٽ چڪ پيا پون. اباڙي

سيٺ: اڙي مان نه مران ٿو. گهوڙا ڙي.

بيگم: هائي! الا – منهنجي به آنڊن ۾ وٽ ٿا پون. اوئي.

سيٺ: اڙي هي سڀ ڪجهه ڇا ٿي پيو ماٽي. سيني کي پيٽ جو سور اچي پيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب: توهان ضرور مون سان ڪجهه ڪيو آهي. مان توتي ڪيس ڪندس سيٺ سليمان. هوئي.

سيٺ: قسم سان مان پاڻ مران ٿو پيو سائين.

بيگم: الاڙي، امان ڙي، گهوڙا ڙي، بچايو بچايو بچايو.

ڳوڏو: (سرسان) اڙي ڳوڏو بہ مري ٿو وڃي. هئہ هئہ.

صاحب: مان هاڻي ٿو پوليس کي گهرايان.

ڳوڏو: اهو تہ صاحب تڏهين گهرائجان. جڏهين جيئرو بچين نہ... هوءِ.

ڳوڏو: مطلب مان چو ٻڌايان. اباڙي

سيٺ: اڙي تو تہ ڪا حرڪت ڪا نہ ڪئي آهي. ڳوڏو.

ڳوڏو: مجال آهي، سائين، مرڻ ڪنڌيءَ تي ويٺا آهيون، ڪوڙ ڪو نہ ڳالهائبو.

بيگم: مرين تہ مٺا ـ اسان کي چو ٿو پٽين؟

صاحب: مان توهان سيني کي ٿاڻي ۾ رلائيندس گهوڙا ڙي.

بيگم: سچ سچ ٻڌاءِ ڳوڏو ڇا ڳالهہ آهي.

ڳوڏو: سچ سچ ٻڌايان.

سيٺ: ٻڌاءِ ڙي چندا جلدي ٻڌاءِ.

ڳوڏو: ٻڌايان.

صاحب: اڙي ڪجهہ ڪُڇ بہ ڪٿي.

ڳوڏو: سائين دراصل توهان سڀ پنهنجون وصيتون لکي ڇڏيو.

صاحب: ڇو زهر کاڌو اٿئون ڇا؟

ڳوڏو: نہ سائين زهر تہ ڪونهي باقي.

صاحب: باقي ڇا؟

ڳوڏو: باقي سمورو سيڌو مان پنهنجي دڪان تان وٺي آيو هوس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**

سامعين: آخري گهڙيءَ وصيعت جا لفظ ٻڌي مون کي چند ماڻهن جا آخري لفظ ياد آيا آهن. اُهي لفظ چوڻ کان پوءِ هو ويچارا هن دنيا ۾ باقي نه رهيا. پر سندن ڳالهيون اڄ به پيون ڳائجن ته اچو ته ٻڌون آخري لفظ

کنجوس جا آخري لفظ

کنجوس: ڇا چيئي؟ ٻه روپيه؟ اڄ هوٽل جو بل ٻه روپيه آيو آهي. خميسا خان جهلجانءِ مون کي ٻه روپيه ٻه روپيه- ٻه روپيه (ڪرڻ جو آواز)

شڪاري جا آخري لفظ

شڪاري: يار سليم، هي جهل نه منهنجو ٿيلهو مان بندوق جي نالي ۾ ڏسان ڪجهه ڦاسي ته نه پيو آهي، ڪاشيءِ ته نظر اچي پيئي. بيهه ته ڏسان (بندوق هلڻ جو آواز)

ڊرائيور جا آخري لفظ (ڪار تيز هلڻ جو آواز)

ڊرائيور: اها گاڏي جي مون کان اڳ نڪري ويئي ته پوءِ مون تي حيف آهي. وڏيرا ڏس ته ڪيئن ٿو اڳ وڃانس. تون رڳو دعا ڪر. (گاڏي جي ڦيٿن جي چرڙاٽ Crash)

مريض جا آخري لفظ

مريض: مان اوهان جو احسان مند آهيان ڊاڪٽر جو توهان مون کي نئين زندگي ڏني (پڃي جو آوز) هي ڇا آهي ڊاڪٽر؟ بل؟ هيترو بل؟ (ٿڙڻ جو آواز پوءِ ڪرڻ جو آواز).

رنگ ماسٽر جا آخري لفظ (شينهن جو آواز)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگ ماسٽر: حضرات۔ هاڻي مان هن خونخوار چيتي جي وات ۾

پنهنجو مٿو وجهندس ۽ صحيح سلامت ٻاهر ڪڍندس. غور سان

ڏسندا (شينهن جي زوردار رڙ)

عاشق جا آخري لفظ (سمنڊ جو شور)

حميده: مان تنهنجي لاءِ آسمان مان تارا ۽ سمنڊ مان موتي آڻي سگهان ٿو توکي حاصل ڪرڻ لاءِ هن خوفناڪ سمنڊ ۾ ٽپي سگهان ٿو. اڙي۔ اڙي۔اڙي مون کي ڌڪو ڪنهن ڏنو؟ (پاڻيءَ ۾ ڪرڻ جو آواز).

ته سامعين اهي ته هئا چند آخري الفاظ. پر خاطري رکو اسان ته اوهان کي اجا وڌيڪ مزيدار ڳالهيون ٻڌائڻ وارا آهيون. مثال طور هي ڳالهه.

مون کي هڪ لطيفو ياد آيو آهي اچو ته ٻڌندا هلون. هڪ نيشنل هوٽل ۾ هڪ ڏينهن هڪ همراهه ڏاڍي رعب تاب سان داخل ٿيو ۽ بيري کي قسمين قسمين کاڌن جو آرڊر ڏيئي موج سان کائڻ ويٺو جڏهن کائي پيٽ پرياٺين ته چپ چاپ اٿي ٻاهر وڃن لڳو. بيري کيس ويندو ڏسي رڙ ڪري چيو پئسا ته ڏيندا وڃو سائين. همراهه چيو. پئسا ته مون وٽ آهن ئي ڪو نه. بيري وڃي مئنيجر کي دانهن ڏني، مئنيجر ته اهڙن ماڻهن کان اڳ ۾ ئي سڙيو ويٺو هو سو نه ڪيائين هم* نه تم. وتندي گراهڪ کي ڳچيءَ کان جهڳي مار ڪڍيائينس ۽ چيائين ته اهو اٿيئي مفت خوريءَ جو انجام. وري اهڙو ڪم نه ڪجانءِ. ويچارو گراهڪ مار کائي جيئن ئي ٻاهر وڃڻ لڳو ته بيري به ٻه ٽي ٺڦڙ وهائي ڪڍيس. تهن تي مئنيجر بيري کي چيو اڙي تو ڇو هن کي ڌڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنيان؟ مون جو ماريومانس. بيري جو ٻ ڏنو سائين توهان ته ٻل نه ڏيڻ جي مار ڏنس. مون پنهنجي ٽپ جا ٽقڙ هنيا مانس (ٺهڪ).

**

خير سائين پاڻ بيري ۽ مئنيجر کي اتي ڇڏي اڳتي ٽا وڌيون جتي هڪ مجمو جمع آهي. شايد ڪو حادثو ٿيو آهي نه- حادثو ته ناهي البته هڪ همراهه کي ڪتي چڪ پاتو آهي ۽ هو تڪليف کان رڙيون ڪري رهيو آهي ۽ ٻيا ماڻهو سندس چوڌاري بيٺا آهن.

نورو: هائي- هائي- هائي- مري ويس.

فيضو: ويچاري کي هٿ ۾ چڪ پائي ويو- رت ته ڪيڏو نه ٿو نڪريس.

ڪدو: چتو ڪتو هوندو. تڏهين ته چڪ پاتائين. چتو نه هجي ها ته جيڪر چڪ ئي نه پائي ها.

نورو: هائي- هائي

فيضو: هن کي ڪنهن ڊاڪٽر ڏانهن وٺي هلڻ گهرجي.

ڪدو: نه اهو غلط ٿيندو پهريون اسان کي ان ڪتي کي ڳولڻ گهرجي ۽ پوءِ سندس مالڪ کي هٿ ڪرڻ گهرجي.

فيضو: پر جيستائين ڪتي جو مالڪ لڀي تيستائين ته هي مري ويندو.

نورو: مري ويس. الاڙي گهوڙا ڙي

ڳُدو: اڙي هن جي لاءِ ڪجهه ڪيو ڪنهن ڏنو هو ان ڪتي کي.

فيضو: اسان پري بيٺا هئاسين پر تڏهين ٻه ڪتو سڃاڻي ونداسين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد ڀوتار پيو اچي. ڀري ٽيو ڀوتار کي اچڻ لاءِ جاءِ ڏيو.

ڀوتار: اڙي هي ڇاجو گوڙ لاتو اٿو خير تہ آهي.

فيضو: سائين نوري کي ڪتي چڪ پاتو آهي.

ڀوتار: چڪ پاتو آهي، ڪتي! ڪنهن جي ڪتي؟

فيضو: سائين ڪتو مون سڃاتو ڪرڙ خان جو اڇو ڪتو هو.

ڀوتار: ڪرڙ خان جو ڪتو هو. ان ماڻهوءَ جو متو مڙئي گهٽو ڦري ويو آهي، ڏسي نٿو تہ ڪتي کي ائين آزاد ڇڏڻ سان عام ماڻهن کي جان جو خطرو ٿي سگهي ٿو. وڏو خطرناڪ ماڻهو آهي. اهو مون کي بہ زمين ڏيڻ کان جواب ڏئي بيٺو آهي.

نورو: هائي مري ويس ڀوتار مري ويس.

ڀوتار: دلجاءِ ڪر نورا. مان هينئر جو هينئر ٿو ڪرڙ خان کي گهرايان گڏهہ ڪنهن جاءِ جو ڪتن کي ائين رستن تي ڇڏي ڏبو آهي. ڪيس لاڪ اپ ۾ نہ وجهايان تہ منهنجو نالي ناهي.

ڪدو: پر ڀوتار.

ڀوتار: ڇا هي ڙي ڪدو؟

ڪدو: ڀوتار مون کي تہ اهو ڪتو ڪرڙ جو نہ پر نواب صاحب جو لڳو.

ماڻهو: ها سائين ها ـ اهو اڇو ڪتو برابر نواب صاحب جو هو.

ڀوتار: نواب صاحب جو هو ـ تہ پوءِ پڪ هن نوري ساڻس ڪيچل ڪئي هوندي.

نورو: نہ سائين نہ ،مان تہ پنهنجو رستو وٺيو پئي ويس.

ڀوتار: رستو وٺيو پئي وئين تہ پوءِ خوامخواهہ توکي چڪ پاتائين؟ ڇتو ٿيو هو؟ ڪل ٿڙي هيس؟ مون کي تہ شڪ آهي تہ تو پاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو هٿ ڪٽي جي وات ۾ ڏنو هوندو ته جيئن بهانو ناهي نواب ڪان چار پئسا ڪيان.

نورو: سائين مان ته ڪم سان پئي ويس منهنجو ڪهڙو ڏوھ.

پوتار: چپ ڪر چورا ـ مان سڀ ڪجھ ٿو سمجهان ڪم سان پئي وئين تو ته لالچ ۾ اچي ڪٽي پاڻ کي چڪ پارايو. پر نواب صاحب جي ڪتي جون عادتون جو خراب ٿيون ان جو جوابدار به ته تون ئي آهين.

فيضو: پر سائين مون کي پڪ آهي ته ڪتو نواب صاحب جو نه پر ڪرڙ جو هو.

پوتار: اڙي پڪ اٿئي فيضو؟

فيضو: ها سائين مون اکين سان ڏٺو اهو ڪرڙ جو ئي ڪتو هو.

پوتار: مان به چوان ته نواب صاحب جو ڪتو هيڏانهن وري ڪيڏانهن ايندو. تنهن ڪانسواءِ نواب صاحب جي ڪتي لاءِ روز پنج سير گوشت ايندو آهي. نوري ۾ رکيو ئي ڇا آهي.

فيضو: سائين ڪرڙ خان کي ضرور سزا ملڻ گهرجي.

پوتار: سزا؟ اڙي ان ڪرڙ تي ته مون کي وڏا ساڙ آهن. ڏس ته هن ويچاري نوري جو هٿ خراب ٿي پيو هي مسڪين ماڻهو جيسين ڪم نه ڪري تيسين کائي ڪٿان؟

نورو: ها سائين توهان سچ ٿا چئو منهنجي ڪراڙي ماءُ آهي. پوڙهو پيءُ آهي. زال آهي ٻار آهن. مان ته ٻي روزگار تي پيس.

پوتار: انساني همدردي به ڪاشيءِ آهي. نورا تون ڏسجانءِ ته مان ڪيئن ٿو ڪرڙ کي تنگايان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نورو: وڏي مهرباني سائين. مان تہ اپاهج تي پيس.

پوتار: نہ رو پٽ. نہ رو. مان ڪرڙ جو مال وڪڻي بہ توکي عيوضو وناڻي ڏيندس. اڙي وچو وچي ڪرڙ کي گهڻي اچو؟

ڪدو: پر سائين

پوتار: ڇا هي ڙي ڪدو.

ڪدو: سائين تڪڙ نہ ڪيو تہ بهتر. مون کي تہ اڃا بہ خاطري آهي تہ اهو ڪتو ڪرڙ ڄڻو نہ هو بلڪ نواب صاحب جو.

پوتار: نواب صاحب جو ڪتو ايڏو بدتميز نہ ٿيندو. هي نورو آهي ٺي واٽڙو وتندو رستي ويندن جانورن سان ڪوسندو. ڇڪ نہ پائيندس تہ ڇا ڪندس. هاٿي وينو آهي. رڙيون ڪرڻ.

نورو: هاءِ۔ هاءِ۔ مران ٿو.

پوتار: مرين پرين ڪو نہ ٿو. مڪر نہ ڪر۔ اُتي سڌو تي بيهہ نواب صاحب جي ڪتي جو پڌي نمونا ٿو ڪرين. اڙي مون اهو ڪتو ڏٺو آهي. اصل نسل جو ڪتو آهي. خوامخواهہ ڪنهن تي پونڪندو بہ ناهي. اجائي بدنامي نہ ڏي ويچاري تي.

فيضو: پر سائين، اهو ڪتو نواب صاحب جو نہ هو ڪرڙ خان جو هو.

پوتار: تہ پوءِ پڪ اُهوئي هوندو ڪرڙ ڏاڍو ڏنگو ماٺهو آهي.

ڪدو: نہ سائين ڪتو نواب صاحب واروئي هو.

پوتار: تہ پوءِ قصور نوري جو هوندو. بيهہ مون کي فيصلو ڪرڻ ڏي.

فيضو: پوتار سائين ڪرڙ خان ۽ منهنجو گهر لڳ و لڳ آهي مان سندس ڪتي کي چڱيءَ ريت سڃاڻان. اهو ڪتو ڪرڙ خان جوئي هو. توهان منهنجي ڳالهہ تي اعتبار ڇو نٿا ڪريون؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوتار: اعتبار آهي. توتي اعتبار آهي. اهي ڪنا ڪم پڪ ڪرڙ جي ڪتي جا آهن. مان پنهي کي ٿو لاڪ اپ ۾ هٽايان.

ڪدو: سائين. مون نواب صاحب جي نوڪري ڪئي آهي، اهو ڪتو نواب صاحب جو ئي هو. توهان مونتي اعتبار ڇو نٿا ڪيو؟

پوتار: اعتبار ڪيئن ڪيان ـ دل سان ته ڳالهه لڳي ئي نٿي نواب صاحب جا ڪتا ڏاڍي ناز سان پليل آهن، اسان ڪين ڏنو آهي. نوري جهڙا بيڪار ماڻهو خوامخواهه وتن پيا پين کي بدنام ڪندا. ڪم ڪار پڇين ڪو نه. چون ته ويهي کائون ۽ ڪارائن پيا.

فيضو: هو پريان نواب صاحب جو نوڪر پيو اچي ان کي خبر هوندي.

پوتار: ها اچي ته پڇونس ٿا. (نوڪر اچي ٿو) ابا خميسا خير ته آهي نه؟

خميسو: پوتار هت ته خير آهي نه، هي ماڻهو ڇو گڏ ٿيا آهن ۽ هي نوري کي ڇا ٿيو آهي رت ته ڏسوس.

پوتار: مڙئي خير آهي. نوري کي ڇا ڪندين. نواب صاحب ڏانهن ته خير آهي نه؟

خميسو: صاحب ته ٻاهر ويل آهي، پوتار سڀاڻي ايندو.

پوتار: صاحب جي ڪتي ڏانهن ته خير آهي نه؟ اهو ئي اڇو ڪتو ولايتي جو صاحب کي تحفي ۾ مليو هو.

خميسو: اهو ته صاحب پنهنجي ياءَ کي ڏيئي ڇڏيو ڪراچيءَ ڪاهي ويس.

پوتار: ڏٺو مون نٿي چيو ته اهو ڪتو نواب صاحب جو ٿي ئي نٿو سگهي. اهو پڪ ڪرڙ جو ڪتو آهي. ڪرڙ کي اچڻ ڏي ته لاک ٿو لاهيانس. ويچاري نوري کي تڪليف هڪ طرف ٿي ۽ بيروزگار ٻئي طرف ٿيو. پئسا نه پرائي ونانس ته منهنجو نالو ناهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيضو: هو ڪرڙ کي وٺيو پيا اچن.

پوتار: اچڻ ڏينس، اچڻ ڏينس. ڏس ته ڪيئن ٿو خبر وٺانس.

ڪرڙ: (اچي ٿو) پوتار جو سلام.

پوتار: پوتار جا ٻچا، هي ڏس هي ڏس پنهنجي ڪتي جا ڪم. ويچاري نوري جو سڄو هٿ ٿي ڪائي ويو آهي. پاڻ نه پالي ڪتا ڏاري.

ڪرڙ: پر سائين.

پوتار: پر ٻر ڪا نه هلندئي، چپ چاپ هن مسڪين کي هزار ٻه پري ڏي، نه ته ڳالهه ڏاڍي خراب ٿيندي.

ڪرڙ: پر پوتار مون کي ته ڪو ڪتوئي ڪونهي.

پوتار: ڪتوئي ڪونهي. ڪوڙ ٿو ڳالهائين؟

ڪرڙ: نه سائين مان سچ ٿو چوان منهنجي ڪتي کي مئي ته ڇهه مهينا ٿي ويا آهن.

پوتار: اڙي فيضو تو جو چيو ته.

فيضو: سائين مون به ائين ڪٿي چيو.

نورو: هائي مري ويس.

پوتار: اڙي تون ته بس ڪر. هي معاملو وري خراب ٿي ويو آهي.

فيضو: پوتار توهان جو نوڪر پيو اچي.

(نوڪر سهڪندو ٿو اچي).

نوڪر: پوتار- پوتار- غضب ٿي ويو ظلم ٿي ويو.

پوتار: ڇا هي ڇورا، ڇو ٿو ساهه نڪرئي؟

نوڪر: سائين پاڻ وارو اچو ڪتو چتو ٿي پيو آهي. شهر ۾ ماڻهن کي کاڌو اٿائين، هاڻي بيگم صاحبه کي به چڪ پاتو اٿس.

پوتار: ڇا ٿو بڪين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڪر: سچ ٿو چوان پوتار، بيگم صاحبہ تي ايڏو تہ اثر ٿيو آهي، جو هوءَ بہ هاڻي ماڻهن کي ڄڪ تي پائي، مان جان ڇڏائي ڀڳو آهيان.

پوتار: اڙي بيهہ تہ هلي ٿا ڪتي کي ڏسون. متان وڏيڪ نقصان پهچائي.

فيضو: پوتار۔ ڏوهاريءَ لاءِ سزا ضروري آهي.

پوتار: اڙي آهي ڪو جو هن چريئي کي بس ڪرائي.

⁂

سامعين: ڏوهاري کي سزا ملي يا نہ ملي تنهن جي خبر ڪانهي. پر ان ڳالهہ تي هڪ لطيفو ياد آيو آهي. اوهان بہ ٻڌندا.

هڪ بس جنهن ۾ تمام ڳهڻا مسافر سوار هئا. لڏندي لمندي جهاڪا کائيندي رستي تي هلي رهي هئي. اجا ميل کن مس اڳتي وڌي تہ ڊرائيور هڪدم بس روڪي ڇڏي ۽ ڪنڊيڪٽر ڊوڙ پائي پاڻيءَ جو هڪ دٻو گاڏيءَ جي ريڊيئٽر ۾ وڌو. بس ٻيهر هلڻ لڳي. ميل کن هلي وري بيهي رهي. وري بہ ڪنڊيڪٽر ڊوڙ پائي پاڻيءَ جو دٻو انجڻ ۾ اوتيو. مسافر ويچارا هن هلت کان ڏاڍا بيزار ٿيا. اهڙيءَ ريت اها بس جڏهن ٽيون ڀيرو بيني تہ هڪ مسافر وڃي ڊرائيور کي جهليو ۽ هڪل ڪري چيائينس ڊرائيور صاحب اها بس گهٽي ورتي اٿو؟ ڊرائيور فخر سان جواب ڏنو بہ لک روپيہ خرچيا اٿئون. تنهن تي مسافر چيو تہ جتي ايترا پئسا خرچ ڪيا اٿو اتي جيڪر سو ڏيڍ خرچ ڪري هڪ نلڪو بہ هڻائي ڇڏيوس ها تہ ڪيڏو نہ چڱو ٿئي ها. وقت پورو ٿي رهيو آهي. اجازت ڏيندا اينڊ پروگرام ۾ وري ملاقات ٿيندي.

خدا حافظ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_5

گلدستو_III

ڪردار

1. راوي
2. پنهون
3. سفوران
4. خيرو
5. سليمان
6. سيٺ
7. اسلم
8. ڊرائيور
9. رشيد
10. حميد
11. خان صاحب
12. بيگم
13. خالد
14. عادل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15. ريحانا
16. نثار
17. عورت
18. جعفر
19. نصيبان
20. ڏتو
21. خانو
22. تپالي
23. بچان
24. ڳودو

سامعين: ڪجهه موسمن جو ذڪر ڪجي. ٻارن کان پڇجي ڏسو ته مُندون ڪيتريون ۽ ڪهڙيون آهن. ته هو جواب ڏيندا. ٿڌڪي جي موسم، لغڙن جي موسم، لاٽن جي موسم ۽ (روئڻهارڪي آواز ۾) پڙهائي جي موسم. عورتن کان پڇو. جواب ملندو.
ساڙهيءَ جي موسم، غراري جي موسم، سلوار جي موسم ۽ (خوشيءَ جي آواز ۾) شاپنگ جي موسم.

ڪاموري کان پڇو چوندو ڪم جي موسم. ڪم جي موسم، ڪم جي موسم. ڪم جي موسم!

نڪمي ماڻهوءَ کان ساڳيو سوال پڇيو: ٻڌائيندو ننڊ جي موسم. زردي جي موسم. اٿڻ جي موسم آرام جي موسم

انهن سڀني موسمن کان سواءِ هڪ موسم ٻي به آهي جا پنهنجي مقرر وقت تي ايندي آهي. جلوو ڏيکاريندي آهي. جهڳاجهڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي آهي ۽ پوءِ ٻيهر موٽي اچڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن واسطي هلي ويندي آهي. اها موسم آهي. شادي جي موسم. جي ها شادي خانہ آبادي
جڏهن بہ شاديءَ جي موسم ايندي آهي. تڏهين دوڪاندار ۽ ديڳين وارا عيش ڪندا آهن. بجلي ۽ بلبن وارا سک جو ساهہ کڻندا آهن ۽ گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا ڇتا ٽي پوندا آهن. ڳالهہ ڳالهہ تي وڙهندا آهن. قدم قدم تي لنيون کڻندا آهن. وک وک تي اُيا ٽي ويندا آهن. ڳالهہ اتي ئي ڪٽي ختم ٿئي تہ چڱو. پر نہ سائين اهو روڳ تہ زندگي ڀرجا آهن. جڏهن جڏهن شاديءَ جي موسم ملڪ ۾ ايندي آهي. تڏهن ڇُتل ڦٽ اکلي پوندا آهن. سُتل سور جاڳندا آهن ۽ پوءِ ستل پاڙي وارا بہ جاڳي پوندا آهن.

پنهون: (ڇرڪ ڀري) بچايو بچايو. بچايو. مري ويس ڙي. الاڙي گهوڙاڙي

سفوران: پنهون. پنهون. هوش ڪر. پنهون، سجاڳ ٿي.

پنهون: اڙي مون کي مارن ٿا. اڙي، مون کي بچايو مون کي بچايو. گهوڙا ڙي مون کي بچايو.

سفوران: سياڻو ٿيءُ پنهون. ماڻهو ٿا ٻڌني، اڪيون کول جاڳ.

پنهون: جا ڳان ٿو.

سفوران: تہ پوءِ ڇو ٿو رڙيون ڪرين.

پنهون: ڊڄان ٿو.

سفوران: ڪنهن کان؟

پنهون: ماڻهن کان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفوران: ڪهڙا ماڻهو؟

پنهون: شاديءَ وارا.

سفوران: ڪنهن جي شاديءَ؟

پنهون: منهنجي شادي

سفوران: تنهنجي شادي؟ مئا ڪل نڙي اٿئي ڇا؟

پنهون: هڪ دفعو ٿڙي هئي.

سفوران: ڪڏهين؟

پنهون: جڏهين شادي ڪئي هئم.

سفوران: هون- ته اها ڳالهه آهي.

پنهون: نه اها ڳالهه ناهي.

سفوران: ته پوءِ ڪهڙي ڳالهه آهي؟

پنهون: ڳالهه هيءَ آهي ته طوطي ٻئي پڃري ۾ ڏسندو آهيان ته روئڻ ايندو اٿم.

سفوران: طوطي جو شاديءَ سان ڪهڙو واسطو؟

پنهون: طوطي جو وڏو واسطو آهي.

سفوران: تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي. ماٺ ڪري سمهي رهه.

پنهون: چڱو سمهان ٿو (وقفو)

سفوران: (رڙ ڪندي) ڇا هي؟

پنهون: (چرڪندي) آهستي آهستي، اڳيئي آندو ڪمزور اٿم.

سفوران: ڇئه- ڇا ٿو چوين.

پنهون: الائي ڇا پئي چيم. دڙڪي سان سڀ ڪجهه وسري ويم.

سفوران: مار-! ڏاڍو نازڪ مزاج ٿي ويو آهين. اڳي ته ائين ڪو نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوندو ڇنيں؟

پنهون. موسم جو اثر آهي

سفوران: ڪهڙي موسم؟

پنهون: شاديءَ جي موسم، اڄ ڪلهه شاديءَ جي موسم آهي. هر طرف شرنايون پيون وڄن. روشنيون پيون ٿين. سهرا پيا ڳائجن. پنهنجي پاڙي ۾ ئي ڪٽي ڏس، سپاٽي سامهون وارن جو ڇوڪرو ٿو پرڻجي.

سفوران: پرڻجي ٿو تہ ڀلي پرڻجي. توکي ڪهڙو اعتراض آهي.

پنهون: مون کي هن جي جُوانيءَ تي رحم ٿو اچي. سڄي حياتي روئندو ڇورو.

سفوران: توسان تہ وڏو ناحق آهي. ائين نہ؟

پنهون: ناحق آهي تڏهين تہ روز رات جو رڙيون ڪري ٿو اُٿان.

سفوران: ڇا ٿو چوين؟

پنهون: ڪجهہ ڪو نہ ٿو چوان، ڪجهہ ڪو نہ ٿو چوان، ڇا جو ناحق - مون تہ چرچا پئي ڪيا.

سفوران: وڏو چرچائي ٿي پيو آهين. تنهنجا وڏا بہ مشڪريون وجهندا هئا.

پنهون: وڏا شوق مان شادي ڪن ها تہ ضرور مشڪريون بہ وجهن ها.

سفوران: چڱي زبان هٽڙ سکي پيو آهين، ويچاري خيروءَ کي شابس آهي سڄو ڏينهن ٿو زال جي حدمت ڪري پر اتس ڪا زبان وات ۾.

پنهون: ويچارو صبر ۽ شڪر وارو ماڻهو آهي. ضرور جنت ۾ جاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملندس.

سفوران: مڙس هجن تہ اهڙا، سڄي گهر جي ڀاري پائي، ماني پچائي ٻار کيڏائي ٿانو ڌوئي، ڪپڙا سٽي، زال جا دڙڪا سهي، پر مجال آهي جو ڪڏهين سندس آواز بہ ٻڌو هجيس.

(خيروءَ جي ڳائڻ جو آواز اچي ٿو)

خيرو: (ڳائيندي) لڳ ڙي هوا، ٺڏڙي هوا،. آئي رات سانوڻ جي، ها ها. لڳ ڙي هوا، وه واهہ ٺڏڙي هوا، شابي لڳ ڙي هوا.!

سفوران: هان۔ هي ڪير ٿو ڳائي آڌيءَ رات جو

خيرو: اهو ئي جنهن جي وات ۾ زبان ئي ڪانهي. خيرو اٿئي.

سفوران: خيرو؟ پر خيرو تہ ڪڏهن چپ بہ نہ چوريا آهن.

خيرو: (پريان) ياجائي، چپ رهڻ وارا ڏينهن ويا، هاڻي تہ ڳائبو. خوب ڳائبو. (ڳائيندي). لڳ ڙي هوا، وه واهہ ٺڏڙي هوا.

پنهون: اڙي خيرو ڇو ٿي ڪتي ڪٽيئي. جوٺهين ٻڌي ورتي تہ لاهہ پٽي ڇڏيندئي..

خيرو: ڪو نہ ٿي ٻڌي۔ اڄ شام جو خيرن ساڻ گذاري ويئي ويچاري. (ٺهڪ).

❊❊

سامعين: ويچارا ڳوناٽا هونءَ تہ هر طرح شهر وارن سان ڪلهو ملائي نٿا سگهن نہ منجهن اها هوشياري نہ چالاڪي، نہ ڦندُ نہ ڦير، نہ تعليم، نہ تربيت نہ قلمون نہ ناٽڪ. پر تنهن هوندي بہ هڪ ڳالهہ اهڙي بہ آهي، جنهن جي ڪري ڳوناٽا شهر وارن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀيٽ ۾ وڌيڪ خوشنصيب آهن. اها آهي "ڏاج". شهر ۾ ڏاج
جو مرض وچي روزبروز وڌندو. گهوٽ کي کو ڏسي کو نہ .
ڪنوار کي کو پڇي کو نہ . سيني جي نظر هوندي آهي ڏاج
تي. فرج مليو تي وي مليو؟ بنگلو مليو؟ ڪار ملي؟ پلا پيو ڇا
مليو؟

ڪڏهين ڪڏهين تہ ائين بہ ٿيندو آهي تہ گهوٽيتا سمورو ڏاج ميڙي سيڙي ڪٺي اچي گهر پيڙا ٿيندا آهن. پر ڪنوار وساري ايندا آهن.

سليمان: سيٺ صاحب جو سلام.

سيٺ: وعليڪم اسلام! اچو سليمان صاحب: ڀلي ڪري آيا. ڀلي ڪري آيا. وڏا ڀاڳ اسان جا جو اوهان خود اسان وٽ هلي آيا. اچو اچو ويهو. آئون نہ؟

سليمان: (ويهندي) مهرباني. ڪر خبر سيٺ ـ ڏنڊو ڪيئن پيو هلي.

سيٺ: دُعا آهي مڙئي پيو گاڏو هلي. ادا ماڻهن وٽ پئسو تي ويو آهي جام. اڄ هر ڪو ٽو گاڏيءَ تي گهمي، آئون نہ؟

سليمان: ڳالهہ تہ سچي ڪئي اٿيئي سيٺ صاحب اڳي سڄي شهر ۾ هوندي هئي هڪڙي گاڏي

سيٺ: هاڻي اها عجائب گهر ۾ پئي آهي، آئون نہ؟.

سليمان: هاڻي گاڏين جو آهي ميلو جن وٽ تہ ڦيٽي سائيڪل بہ ڪو نہ هوندي هئي سي بہ موٽر تي ٿا گهمن.

سيٺ: آئون نہ؟ اسان جي ڳوٺ ۾ اُٺن وارا بہ اُٺ تي موٽر جي سيٽ لڳائي پوءِ ٿا چڙهن. ٽانگي وارن هارن ۽ انڊيڪيٽر لڳايا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليمان: سچو آهين پائو. اوهان موٽرن جي واپارين جا عيش آهن. ڏاڍو ٿا ڪمايو.

سيٺ: بس شڪر آهي. دال روٽي ملي ٿي وڃي. توهان ڪيو خبر. خير ته آيا آهيو ڪا گاڏي باڏي ڏيکاريان ڇا؟ آئون نه؟

سليمان: ها پاءُ ڳالهه مڙئي اهڙي آهي.

سيٺ : ته پوءِ وه واهه. پر سليمان صاحب توهان ڳنڍجا آهيو پڪا. توهان تڏهين اچجو جڏهين گاسليٽ تي گاڏيون ايجاد ٿين.

سليمان: چرچا نه ڪر سيٺ. مجبوري آهي.

سيٺ: مجبوري وري ڪهڙي، نوڪرياڻ ته آهين ڪو نه. جو ڪناري خريدي در تي بيهارين. موٽر ڪار الائونس وٺين.

سليمان: بي مجبوري آهي سيٺ.

سيٺ: آخر مان به ته ٻڌان. آئون نه؟

سليمان: نياڻيءَ جي شادي ٿو ڪرايان. ايندڙ مهيني. گهوٽيتن جا نخرا آهن ته بين شين سان گڏ موٽر به کپي

سيٺ: نياڻي به ڏين ۽ موٽر به ڏين؟ اهو سڄو سودو ڪيو اٿيئي سليمان خان.. آئون نه؟

سليمان: بس سيٺ شهرن جا قائدا ئي پنهنجا آهن. لاچار آهي ڇا ڪيون؟

سيٺ: ته پوءِ بسم الله . هيءُ ڏڻ موٽرن جو بينو اٿيئي. جيڪا وٺيئي سا ڪاهي وڃ.

سليمان: ڏوڪڙ گهڻا لڳندا؟

سيٺ: جدا جدا قيمتون آهن. آئون نه؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليمان: پوءِ بہ ٻڌان تہ سهي. هوريان هوريان ٻڌائجانءِ، دل بہ ڪمزور اٿم. آنڊا بہ ڪمزور اٿم.

سيٺ: قيمت بس اها سمجهہ تہ لک روپين جي لڱ پڱ ڪي گهٽ ڪي وڌ. سليمان خان چا ٿيو؟ ڪلين ٿو يا ڏنڊٿجي وئين؟ هان؟ آنڊو ڦاٽي پيئي چا؟ چيئي تہ ڪمزور آهي.

سليمان: ڏڪ پئي پڇايم.

سيٺ: ائين نہ ڪجانءِ ٻيلي. ڪلهہ بہ هڪڙو ٿلهو متارو همراهہ اڳهہ ٻڌي گذاري ويو او انهيءَ ٽرڪ تي ڪٽائي پوري آياسونس.

سليمان: گهٽ ڪو نہ ڪندين؟

سيٺ: گهٽ بہ ڪنداسين پهريون اوهان پسند تہ ڪيو. اڃا نہ؟

سليمان: سڀ هڪ جهڙيون آهن. پر ٻيلي سيٺ هڪڙي ڳالهہ آهي.

سيٺ: ڪهڙي؟

سليمان: گهوٽ آهي قد جو هلڪو. بريڪ تائين پير پهچي ڪو نہ سگهندس.

سيٺ: وڏو بوٽ وٺي ڏجانس، سليمان خان.

سليمان: بوٽ سان بريڪ تائين تہ پهچي ويندو پر اسٽيئرنگ تائين هٿ ڪيئن پڄندس.

سيٺ: سيٽ تي منجي رکائي ڏجانس، آئون نہ؟

سليمان: ڪا ننڍي گاڏي ڏيکار سيٺ، اهڙي گاڏي هجي جنهن ۾ هٿ بہ سولائيءَ سان پهچي وڃينس ۽ پير بہ آسانيءَ سان پڄنس.

سيٺ: گاڏيون تہ سڀ هڪ جهڙيون آهن. هنن مان جيڪا وڻئي سا کڻ.

سليمان: اهي تہ برابر سُئيون پر مون کي منهنجي گهرج واري گاڏي بدلائي ڏي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٺ: گاڏيون تہ نهن ئي ائين ٿيون. تون گهوٽ ڇو نٿو بدلائي وٺين؟
(ٺهڪ).

**

سامعين: شاديءَ جا بہ ڪجهہ قسم ٿيندا آهن، مثلاً پيار جي شادي۔ واپار جي شادي، وهنوار جي شادي، گهر ٻار جي شادي، سنسار جي شادي وغيره وغيره. اهي شاديون ڪيئن ٿينديون آهن ۽ ڪيترو عرصو هلنديون آهن. اهو هڪ جدا مسئلو آهي، پر ڪنهن بہ شاديءَ ڪرڻ کان اڳ گهوٽ جنهن درجي جو احمق نظر ايندو آهي، ان جو جواب ناهي. شاديءَ جي ڳالهين ٻولهين کان وٺي رسمن رواجن سوڌن، سانن تائين جنهن نموني ويچاري گهوٽ کي بي وس بنائي، ڪيس ظالم ۽ ستم جو نشانو ڪيو ويندو آهي، سو ڪيس ايندڙ پوائتيءَ زندگيءَ کان خبردار ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. پر عاقل لاءِ اشارو ڪافي آهي. بي سمجهہ لاءِ تہ مڱڻو بہ ڪجهہ ناهي. دراصل عقل هِمت۔ شرم اهي ٽيئي شيون تہ ان ڏينهن ئي ڪسجي وينديون آهن، جڏهن شهزادي کي شوق شاديءَ جو ٿيندو آهي، انهيءَ چرپائيءَ جي ابتدا ڪجهہ هن ريت ٿيندي آهي.

(گاڏيءَ هلڻ جو تہ ٿر)

اسلم: ڊرائيور..

ڊرائيور: جي سائين..

اسلم: گاڏي روڪ (گاڏي بند ٿيڻ جو تاثر)

ڊرائيور: جي سائين ـ حڪم ٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلم: منهنجي سيٽ تي هيءَ ڏکهو سونهري وار ڪهڙي خوبصورت نازنين جو آهي؟

ڊرائيور: سائين، دراصل ـ سائين.

اسلم: بي حد سهڻو وار آهي، عطر ۾ ٻڏل هي وار تي سگهي ٿو تہ مون کي منهنجي شريڪ حيات تائين پهچائي. ٻڌاءِ ڊرائيور، ڪير ويٺي هئي. هن گاڏيءَ ۾؟

ڊرائيور: سائين دراصل ڳالهہ سمجهائڻ جهڙي آهي.

اسلم: مون کي سمجهائي نہ، تعارف گهرجي.

ڊرائيور: سائين ڪلهہ مهمانن جو ولايتي ڪتو انهيءَ سيٽ تي ستو هوا (ٺهڪ).

**

سامعين: ڪنهن سياڻي چيو آهي تہ ماءُ پيءُ سالن جا سال محنت ڪري پڙهائي لکائي تعليم ڏياري پنهنجي پٽ کي اڪابر ڪندا آهن. شاديءَ کان پوءِ ڪا ڏاري عورت ٻن ڏينهن ۾ ڪيس پيهر جاهل بنائي ڇڏيندي آهي. پر زال تائين پهچڻ کان اڳ، ڪي ٻيا بہ مرحلا آهن. مومل جي ماڙيءَ وارا طلسم آهن، ڪي نانگ بلائون، وڇون، خيالي درياءُ، تلاءُ ڪوهہ آهن، ڪي فرضي ڊپ ڊاءُ آهن. انهن کي بہ پار تہ ڪرڻو ئي آهي نہ؟

حميد: پيلي مون کي ڊپ ٿو ٿئي.

رشيد: ڊپ نہ ڪر دلبر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حميد: منهنجو ساهه ٿو نڪري.

رشيد: ساهه کي قابوءَ ۾ رک.

حميد: منهنجي دل ٿي ڌڙڪي.

رشيد: دل تي ڪنٽرول ڪر.

حميد: ڪهڙي ڪهڙي شيءِ تي ڪنٽرول ڪيان. ٽنگون ٿيون ڏڪن، مٿو ٿو ڦري، ڪنن مان زوڪاٽ ٿا نڪرن. ڪنهن ڪنهن کي جهليان.

رشيد: تون صرف منهنجي آڱر جهل ۽ چپ چاپ مون سان گڏ هل.

حميد: يلا ترس ته ڏسان ته سهي، ڪراڙو ته بندوق پيو صاف ڪري

رشيد: توکي ڏسڻ کان پوءِ اها بندوق هو پاڻ کي هڻندو.

حميد: ماڻهو خطرناڪ ٿو معلوم ٿئي.

رشيد: مون کي ته سندس ڏيءَ وڌيڪ خطرناڪ ٿي لڳي.

حميد: خبردار جو ان جو نالو ورتو اٿيئي. پنهنجي ٿيندڙ پاچائيءَ خلاف ڳالهائيندي توکي شرم نٿو اچي.

رشيد: هڪڙي ٿيندڙ پاچائي هجي ته واهه. هتي ته هڪ سؤ ٿيندڙ پاچايون آهن.

حميد: ماڻهو انٽرويو گهٽا ڏيندا آهن. ڪجهندا ٿورن ۾ آهن ۽ نوڪري صرف هڪ کي ڏيندا آهن.

رشيد: پر تو صرف انٽرويو ئي ڏنا آهن. ڪجهيو ته هڪ ۾ به ناهين.

حميد: منهنجي قسمت ۾ انٽرويو وٺڻ وارا سهرائي خطرناڪ لکيل آهن. يلا جيڪڏهين ماني کائيندي ڪنهن ڪراڙي جي مٿان پوڙ جو ڏونگو هارجي پيو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه ۽ هن پئي جي زال کي مون سندس نوڪرياڻي سمجهيو ته ان ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ڪهڙو قصور۔ مائيءَ جي شڪل ئي اهڙي هئي. تنهن ڪانسواءِ منهنجي عينڪ بہ تہ گهر رهجي ويئي هئي.

رشيد: آئينده تون عينڪ سان گڏ ٽارچ بہ ساڻ کڻندو ڪر، ٿي سگهي تہ ڪو گولو مسواڙ تي گهرائي وٺ۔ تون آهين، صفا نپٽ. ڪلهوڪي ڳالهہ وسري وئي اٿئي پرائي ڊرائيور کي پيرين پئي ملئين ۽ مالڪ کي بوٽ اگهڻ لاءِ پيو چوين.

حميد: اها تہ فني خرابي چئبي نہ.

رشيد: تون چو پيو وڃ سان ڳالهائين؟

حميد: ان ڪري جو وڃ تي ڪوٽ تنگيل هو ۽ مون سمجهيو تہ ڪو ماڻهو بيٺو آهي.

رشيد: ۽ پلا ٽنيي کي چو سلام ڪيئي؟

حميد: چڱو بابا جان ڇڏ، هلڻو اٿيئي تہ هل نہ تہ مان وڃانءِ ٿو.

رشيد: خوامخواهہ اهو موقعو بہ هٿان ويندئي. چڱا ڀلا ماڻهو آهن، ساموهون گهر اٿن. ڇوڪري بہ ٺيڪ ٺاڪ آهي. تورو رڳو نڪ مان ٿي ڳالهائي ان جو مڙئي خير آهي. ڪيس ڳالهائڻ گهٽ ڏجانءِ. رات جو سندس ڪونگهرا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. ان جو بہ خير آهي. ننڊ ئي نہ ڪرڻ ڏجانس، ساهہ ۾ تورو ڪرڪو اٿس ان جي بہ پرواهہ ناهي، ساهہ کڻڻ ئي نہ ڏجانس.

حميد: چڱو چڱو هاڻي بس ڪر، هل تہ هلون دير ٿي ٿئي.

رشيد: ها پر سوالن جا جواب چڱيءَ طرح ياد اٿيئي نہ؟ ڪوئيٽا جو زلزلو ڪڏهن آيو هو. سکر براج ڪڏهن ٺهيو هو؟ سنڌ ۾ وڏي ڪنگهہ جي بيماري ڪهڙي سن ۾ پيئي هئي؟ اڄ ڪلهہ جا ٽيڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا سهرا گهٽو ڪري اهي ٿي ٿي سوال پڇندا آهن. جيڪڏهن تنهين جا جواب صحيح ڏنئي ته سمجهه ته بيڙا پار آهن.

حميد: پر جي هڪ غلطي ٿي وئي ته پوءِ؟

رشيد: ته پوءِ سيڪنڊ پرائيز يعني، گهر جي چري نوڪرياڻي پرڻ پوندئي! (ٽهڪ)

خان صاحب : هيءَ بندوق؟ هيءَ بندوق مون ان زماني ۾ ورتي هئي جڏهن ڪوئيٽا ۾ زلزلو آيو هو. توهان کي خبر آهي ته اهو زلزلو ڪڏهن آيو هو.

حميد: ها سائين ها_ بلڪل ياد آهي، اهو زلزلو تڏهن آيو هو جڏهن منهنجي پيءُ کي وڏي کنگهه ٿي هئي.

خان صاحب : شاباس_ ۽ تنهنجي پيءُ کي وڏي کنگهه ڪڏهن ٿي هئي. برخوردار؟

حميد: بابا کي کنگهه سائين تڏهن ٿي هئي. جڏهن سکر براج پئي ٺهيو؟

خان صاحب: وه واهه_ وه واهه_ ڪمال آ. يلا سکر براج ڪڏهين ٺهيو هو پٽ؟

حميد: سائين سکر بئراج زلزلي ۽ کنگهه جي وچ ڏاري ٺهيو هو.

خان صاحب: ڇا مطلب؟

حميد: مطلب اهو ته سائين ، مطلب ته.

خان صاحب: ها ها_ ڇا مطلب؟

رشيد: سائين حميد جو مطلب آهي ته سکر بئراج اهڙو ته مضبوط ٺهيل آهي جو مٿس نه زلزلي جو اثر ٿيو ۽ نه کنگهه جو.

خان صاحب: اهو ته ڪو خاص جواب ڪو نه ٿيو. خير اهو ٻڌاءِ ته عمر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيام جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟

حميد: منهنجو ڪهڙو خيال ٿي سگهي ٿو سائين جيڪا توهان جي راءِ.

خان صاحب: پر آخر مان بہ تہ ٻڌان.

حميد: عمر خيام بہ نيڪ آهي پر جيڪو مزو تاڏل ۾ آهي هاءِ هاءِ- ان جو ڪو جواب ئي ناهي.

خان صاحب: تاڏل؟ ڇا مطلب؟

رشيد: ترسو سائين ترسو- دراصل حميد اوهان جو سوال نہ سمجهيو مان ٿو ڪيس سمجهايان (پاسيرو) اڙي بيوقوف عمر خيام شربت جو نالو ناهي ولائتي ڪير اٿيئي ولائتي ڪير. (ٽهڪ).

**

سامعين: عمر خيام ولائتي ڪير هجي يا پينل مصالحو اسان ڪي ان سان بحث ڪونهي، شينهن جهنگل جو بادشاهہ آهي. وٽيس تہ گوشت کائي وٽيس تہ گاهہ کائي. سوال صرف اهو آهي تہ ڏسڻا وائسڻا ماڻهو بہ آخر ڇو اهڙيءَ ريت هوش وڃائي ويهندا آهن. موت جو ڏينهن تہ مقرر آهي. سهري جي هٿان اڇي يا اگهتي هلي زال جي هٿان. ڳالهہ تہ مڙئي ساڳي آهي. پوءِ ٿورو همت ڪان ڪم ڇو نہ وٺجي، ماڻهو موت جي گولي ۾ موٽر سائيڪل بہ تہ هلائيندا آهن. شينهن جي وات ۾ منڍي وجهندا آهن ۽ هن ريت بہ تہ ڪندا آهن جيئن هڪ همراهہ ڪيو. ڳالهہ هن ريت هئي جو هڪ ماڻهو رات جو ڪافي دير تائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستن سان ڪچهري ڪندو رهيو. ڳالهين ۾ وقت جو خيال ئي نہ رهيس. خبر تڏهن پيس جڏهن اڏرات لڙي چڪي هئي. ڊڄندو، ڪنبندو ڏڪندو گهر ۾ گهڙيو پر سندس بدبختي اها ٿي جو جڏهن هو پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ ٺيڪ ان وقت گهڙيال رات جا ٻہ وڄايا.

(گهڙيال ٻن جا ٺڪاءُ هڻي ٿو)

بيگم: ڪير آهي؟

خالد: مان۔ مان۔ مان آهيان، ڊڄي وئينءَ ڇا؟

بيگم: ڊڄڻ جي تہ خبر اجهو هاڻي ئي ٿي پوي، پهريون اهو تہ ٻڌاءِ تہ هئين ڪٿي؟ گهڙيال ٻڌئي؟ گهڻا وڄايائين؟

خالد: (ڦڪي کل) اڇا گهڙيال! گهڙيال تہ ڏهہ پئي وڄايا، پر مون سوچيو تہ متان تنهنجي ننڊ ڦٽي انڪري ٻن تي ئي بند ڪري ڇڏيومانس! (ٽهڪ)

**

سامعين: انهيءَ جوڙي جو ٻيو قصو ڪجهہ هِن ريت آهي تہ ويچاري بيگم کي رڌپچاءُ ٻنهہ ڪو نہ ايندو هو. متان مصيبت اها جو کيس اچي خوش فهميءَ ورايو هو، نهايت لذيذ ڪاڌو ٿي ٺاهي. گهر جا ڀيا ياتي تہ خير، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ٻاهران کائي ايندا هئا. پر ويچارو مڙس ڪيڏانهن وڃي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم: چا ڳالھ آهي! اڄ ڪلھ تون منهنجي ڪاڏي جي ڏاڍي تعريف ٿو ڪرين!

خالد: مان؟ ڪاڏي جي تعريف ٿو ڪيان؟

بيگم: ڪاوڙجي؛ جو اجان ڪلھ جو چيئي ٻئي تہ.....

خالد: ها ها_ اڙي ها_ ياد آيم. ڏس نہ ڪلھ ٿي ٻئي چيم تہ_ چيم پئي تہ.

بيگم: اهو ڪو نہ پئي چيئي تہ تنهنجي پچايل ڪاڏي ايڏو تہ مزو ڏنو آهي جو چوان تہ جيڪر هٿ بہ چٽي وڃان.

خالد: ها ڏٺئي. ائين ٿي چيو هوم نہ؟ ڏاڍي ويسر ٿي پئي اٿم.

بيگم: منهنجي مائي ڏاڍي ٿي وئيئي نہ؟

خالد: ڏاڍي_ ڏاڍي_ ڪا ڳالھ آهي. ڀلا ماءُ ڏي ڪڏهن ويندين؟

بيگم: پهريون خيال هوم وڃڻ جو پر هاڻي مسين مسين توکي وچي منهنجي مائي وٺي آهي. ان ڪري خيال بدلائي ڇڏيو اٿم.

خالد: بورچي مري ويو آهي. چا جو تون ٿي تڪليف ڪرين.

بيگم: بورچيءَ کي مون ڪڍي ڇڏيو. ڪجھ ڏينهن منهنجي مائي ڪاءُ تہ ڪا صحت سڌرئي. سڪي ڪنڊرٿي ويو آهي.

خالد: اهو تہ صحيح آهي. بيگم پر.

بيگم: پر، پر ڪجھ ڪانهي منهنجو تون خيال ٿي تہ ڪر مون کي ڪا بہ تڪليف ڪا نہ ٿيندي

خالد: (بي دليءَ سان) جيڪا تنهنجي مرضي.

بيگم: (پيار مان) خالد او خالد.

خالد: (چڙ مان) چا هي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيگم: هڪ ڳالهه پڇانءِ.

خالد: (بي رخيءَ وچان) پڇ.

بيگم: مهينو ڪن اهڙي ماني ڪارا ٻانءِ تہ پوءِ مون کي ڇا ملندو ڀلا؟

خالد: منهنجي ويمي جا پئسا ملندئي ۽ مون مان ڇوٽڪارو ملندئي؟! (ٺهڪ).

❊❊

سامعين: اسان جو هڪ دوست ڳالهه ڪندو آهي. خدا ڄاڻي سچ يا ڪوڙ بهرحال هن جو چوڻ آهي تہ ڪجهہ عرصو اڳ، پر خير توهان خود ئي سندس زباني ٻڌي وٺو.

عادل: ڳالهہ هن ريت آهي تہ ڪجهہ عرصو اڳ مون کي هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ سان محبت ٿي وئي. هوءَ جڏهن بہ ملندي هئي تہ مان کيس پنهنجي چاچي جي دولت بابت ٻڌائيندو هوس.

ريحانا: ڀلا اهو تہ ٻڌاءِ عادل، توهان وٽ گهڻا بنگلا آهن؟

عادل: بنگلا؟ منهنجي چاچي وٽ ٽي بنگلا آهن. سڄا سارا ٽي بنگلا.

ريحانا: سچي؟ ڀلا گاڏيون گهڻيون، اٿيئي؟

عادل: گاڏيون؟ منهنجي چاچي وٽ چار گاڏيون آهن. سڄيون ساريون چار گاڏيون.

ريحانا: هاءِ الله ڀلا توهان وٽ نوڪر چاڪر بہ هوندا.

عادل: ها ها- ڇو نہ منهنجي چاچي وٽ پنج نوڪر- ڇهہ چوڪيدار ۽ چار ڊرائيور آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريحانا: هان! ڪلر ٽي وي بہ آهي توهان وٽ؟

عادل: ڪلر ٽي وي جي ٽي ڳالهہ ڪرين؟ منهنجي چاچي جون شهر ۾ ڇهہ سئنيمائون آهن. سڄيون ساريون ڇهہ سئنيمائون.

ريحانہ: اوهو! ايتري ساري دولت!

عادل: اڙي اجان تو ٻڌوئي ڇا آهي، منهنجي چاچي کي ڏهہ ڪارخانا آهن. سڄا سارا ڏهہ ڪارخانا.

ريحانا: مار! ايترا سارا ڪارخانا.

عادل: ۽ اڄ ريحانا منهنجي چاچي آهي.

❊❊

نثار: اڄ مون نيڪيءَ جا ٽي ڪم ڪيا آهن. انڪري مان بي حد خوش آهيان. خبر اٿيئي ڇا ٿيو؟ مان صبح ساڻ وڃي رهيو هوس تہ رستي ۾ هڪ غريب عورت مليم. سندس هنج ۾ هڪڙو بي حد بيمار ۽ ڪمزور ٻار هو. هن چيو.

عورت: او صاحب۔ خدا جي واسطي منهنجي ٻار کي بچاءِ..ڏاڍو بيمار آهي. ڊاڪٽر دوا جا بہ روپيہ ٿو گهري ۽ مون وٽ پائي بہ ناهي، الله تنهنجو ڀلو ڪندو صاحب مون مسڪين کي دوا جا پئسا ڏيار.

نثار: مون هڪدم ان عورت کي ڏهين جو نوٽ ڏنو ۽ چيو: مائي هي وٺ ڏهہ روپيہ سامهون واري دڪان تان مٽائي بہ روپيہ تون ڪٽي ۽ اٺ روپيہ مون کي آڻي ڏي مائي هڪدم دعائون ڪندي پئسا مٽائي آئي ۽ مون کي اٺ روپيہ ڏيئي وري بہ دعائون ڪندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي وئي. تيا نہ هڪ ئي ڏک ۾ تي ڪم نيڪيءَ جا ٻار جي جان بچايم. ماءُ جون دعائون ڪتيم ۽ ڪوڙو نوٽ بہ مٽايم.

**

سامعين: نيڪيءَ جي ڪم ڪان پوءِ هاڻي اچو نوڪر جي ڳالهہ تي سامعين. ان نوڪر ۾ هڪ نهايت ئي عجيب ۽ غريب خوبي هئي. اها هيءَ تہ ڪيس ايندڙ واقعن جي اڳواٽ خبر پئجي ويندي هئي. سياڻي چا ٻبندو؟ مهيني ڪان پوءِ چا ٿيندو يا سال ڪان پوءِ چا ٿيڻ وارو آهي. اهو نوڪر اڄ جو اڄ اهي ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيندو هو. اعتبار نہ اچيو تہ پاڻ ئي ڏسو.

جعفر: (اندر ايندي) نصيبان- او نصيبان- اڙي هي تہ ڏس ڪير آندو اٿم پاڻ سان ڪاٿي آهين؟

نصيبان: (پري ڪان) اچان ٿي اچان- چلهو ٻاري ٻاري اکيون ئي سڄي پيون اٿم (ويجهو ايندي). چا آهي؟ هي ڪير آهي؟

جعفر: اهوئي تہ ٻڌائڻ وارو آهيانءِ. هون تنهنجي لاءِ نوڪر آندو آهي.

نصيبان: نوڪر؟ پر هيءُ مئو تہ ڪو چور ٿو ڏسجي.

جعفر: اهو تہ تون شاديءَ ڪان اڳ منهنجي لاءِ بہ چوندي هئينءَ.

نصيبان: مان چا چوندي هئي مانءِ اماں چوندي هيئي.

جعفر: ماڻهين لاءِ تہ سڄي دنيا چور آهي. ڪيس تہ پنهنجا سمورا ساهرا بہ ڏاڙيل نظر ايندا هئا.

نصيبان: چڱو چڱو هاڻي آهستي ڳالهاءِ. امان اڄ اچڻ واري آهي. ٿوري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دير اڳ فون ڪئي هئائين.

جعفر: يا منهنجا مولا خير ڪجانءِ. گهٽ مهينن جو پروگرام اٿس.؟

نصيبان: خبر ناهي جيستائين بابا رهيو.

جعفر: تہ چئبو تہ والد بزرگوار بہ اچي رهيو آهي؟

نصيبان: تہ پلا اهو اڪيلو ڳوٺ ويهي ڇا ڪندو؟ ڪڪڙ جهڙا اتي ويڙهائيندو اهڙا ڪٺي هتي وٺي ڏيندا سونس.

جعفر: ڪڪڙ بہ ويڙهائيندو خيرن سان. پر هت ويڙهائيندو ڪنهن سان؟ شهر ۾ جوڙيوال تہ ڪو نہ ملندس.

نصيبان: تہ پوءِ ڪٺي ڏاندن جي گوءِ ڪندو گهر ۾ قوالي ڪرائيندو يا وري راڳ جي پرئڪٽس ڪندو. پوڙهو ماڻهو آهي. دل وندرايو ويٺو هوندو، توکي ڇا آهي؟

جعفر: مون کي تہ ڪجهہ ڪونهي پر جاءِ جو مالڪ.

نصيبان: جاءِ جي مالڪ جو ڇا وڃي.ا سان ڇاٽون اسان جو ڪم. ڪيس مسواڙ سان ڪم، سو ڪيس وقت تي پيا ڏيندا سين.

جعفر: اهو تہ ٺيڪ آهي پر...

نصيبان: ڇگو ڇگو۔ ڏيگهہ ڇڏ۔ ها تہ هي چور ڇو آندو اٿيئي گهر ۾؟

جعفر: نصيبان۔ هي چور ناهي ڏنو آهي، ڏاڍو سٺو نوڪر آهي. توکي ڪم ۾ تڪليف ٿيندي هئي نہ ان ڪري وٺي آيو آهيانس.

نصيبان: هون۔ اڙي هيڏي آ چور۔ سامهون ٿي بيهہ.

ڏنو: منهنجو نالو ڏنو آهي بيگم صاحب.

نصيبان: نالو ڪهڙو بہ رکين. رهندين تہ چور جو چور نہ. ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو: گهڻا ڪم ڪندو آهيان، بيگم صاحبہ.

نصيبان: اڙي مان بہ تہ ٻڌان آخر.

ڏنو: ماني پچائيندو آهيان، ٻهاري پائيندو آهيان، ڪپڙا ڌوئيندو آهيان،گانو ڳائيندو آهيان، ڪڪڙ پاليندو آهيان، گوڏ ڪندو آهيان.

نصبيان: هون تہ پوءِ نيڪ آهي. غور سان ٻڌ، بابا پيو اچي. ان کي بہ هي ساڳيا شوق آهن. بس تون بابا جي حوالي آهين. سمجهيئي.

دنو: جي بيگم صاحبہ.

جعفر: پر نقيبان هي تہ مون گهر جي ڪم ڪار لاءِ آندو آهي.

نصيبان: بابا بہ گهر جو ڪم ڪار آهي. هل ڙي چور. وڃي گهر صاف ڪري وٺ مهمان ٿا اچن.

ڏنو: (جهونگاريندي) منهنجي ٻارڙي کي لوڏو ڏيو مان پاڻيءَ تي ٿي وڃان.

جعفر: اڙي ڏنا ڪر خبر وينو تہ خوش آهين نہ.

ڏنو: شڪر آهي سائين.

جعفر: ڪم ڪار نيڪ ڪجانءِ، پڳهار دل تي ڏيندو مانءِ ۽ ها، اج مهمان اچڻ وارا آهن. آهن ٻئي ڪراڙا متو تہ کائيندا، پر تون اصل پرواهہ نہ ڪجانءِ.

ڏنو: توهان چڱل آهيو سائين . بس ويهي رنگ ڏسجو. پر هي ڇا؟ مان هي ڇا ڏسي رهيو آهيان؟

جعفر: ڇا ڏسي رهيو آهين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو: هڪ ماڻهو.

جعفر: هڪ ماڻهو؟ ڪٿي آهي ماڻهو؟

ڏنو: گهر جي ٻاهران متي تي ٽوپي، هٿ ۾ بندوق دل ۾ لالچ. ٿلهو آهي، بيڊولو آهي. بي سرو آهي.

جعفر: اهي تہ خانو پساريءَ جا پار- پر توکي ڪيئن خبر پيئي.

ڏنو: ش- ش- ش آهستي ڳالهيو سائين. هو در تائين پهچي چڪو آهي، قرض وٺڻ پيو اچي.

جعفر: ماري وڌئي- هاڻي ڇا ٿيندو؟

ڏنو: توهان ماٺ ڪري ويهو. باقي ڪم مان پاڻ ڪندس.

(در تي ڪڙڪو)

ڏنو: هو اچي ويو آهي. توهان پنهنجي جاءِ تان نہ چرجو سائين. مان در ٿو کوليان.

(وجڻ ۽ در کولڻ جو آواز)

خانو: اڙي بابا- جعفر صاحب گهر ۾ آهي؟

ڏنو: نہ سائين- جعفر صاحب تہ ڪراچيءَ ويو آهي.

خانو: پر مون تہ ڪيس اڄا اڄ صبح جو ڏٺو آهي.

ڏنو: ڏٺو هوندو سائين. مون بہ ڪيس اڄ صبح جو هتي ڏٺو هو.

خانو: پوءِ ڇا ٿيو؟

ڏنو: پوءِ تار مليس

خانو: تار ميلس؟ ڇاجي؟

ڏنو: صاحب جي لک روپين جي لاٽري نڪتي آهي نہ اها وٺڻ ويو.

خانو: لاٽري- لک رپين جي لاٽري- واهہ منهنجا مولا هاڻي تہ سڀ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرض وصول ٿي ويندا. ڇورا سياڳر ٿو معلوم ٿئين. اڄڪلهه سان لک روپيه ڏيارڻ پنهنجي صاحب کي.

خانو: توهان جا پئسا سياڻي تائين توهان کي ملي ويندا، سائين.

خانو: نه نه پئسن جي ته ڪا ڳالهه ڪانهي. پنج سئو روپيه آهن، سو ڪڏهين به ملي پوندا. هاڻ هي وٺ بيا پنج سئو روپيه گهر ڏيئي ڇڏ. مائي صاحبه کي متان گهرج هجيس. سياڻي گڏي وٺندو مانس. چڱو مان هلان ٿو.

(در بند ٿيڻ جو آواز)

جعفر: اڙي واه ڙي ڏنا واهه. تون ته ڪو ڪم جو ماڻهو ٿو ڏسجين. واهه جو ڏنو ڏيئي ڪڍيئيس، نه ته خانو پساري ٿو ڪنهنجي جند ڇڏي. هي ته مورڳو پنج سئو روپيه بيا به ڏيئي ويو.

ڏنو: اڄا ڪٿي ڳالهه آهي سائين لک روپيه جي لاٽري به اچي رهي آهي.

جعفر: اچي رهي آهي؟ ڪٿي؟

ڏنو: بس جاڻ آئي.

جعفر: چرچا ٿو ڪرين ڇا؟

ڏنو: نه سائين اهڙا چرچا ڪيا آهن ڇا؟ توهان جي سچ پچ لک روپين جي لاٽري نڪتي آهي.

(مائي نار تنهن ...ا اچي. بس هو اڄهو اچڻ وارو آهي. هاڻي سائيڪل ٻاهر بيهاري اندر لٿو آهي. در تائين پهتو آهي.)

(در تي کڙڪو).

ڏنو: اچي ويو.

جعفر: پڪ ٽپالي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جعفر: خانو پساري ته ناهي.

ڏنو: نه سائين.

جعفر: وري ٻڌاءِ مهمان ته ناهن؟

ڏنو: نه سائين ٽپالي آهي.

جعفر: ته پوءِ مان در کوليان؟

ڏنو: ضرور کوليو.

جعفر: مارائيندين ته نه؟

(در تي وري کڙڪو).

ڏنو: دير نه ڪيو سائين در کوليو.

جعفر: (ڊڄندي) کوليان ٿو (در کولي ٿو).

ٽپالي: جعفر صاحب توهان کي مبارڪون هجن اوهان جي لاٽري نڪتي آهي. سچا سارا لک روپيه.

جعفر: لک روپيه.

ٽپالي: جي ها ـ هيءَ وٺو تار.

جعفر: تار؟

ٽپالي: اجهو هينئر ئي آئي آهي. مان سائيڪل پاڙي تي ڪري اوهان کي اها خوشخبري ٻڌائڻ آيو آهيان.

جعفر: ڏنا.

ڏنو: جي سائين.

جعفر: ڏنا مان مران ٿو.

ڏنو: متان مئا آهيو.

جعفر: مان پلا بي هوش ته ٿيان نه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو: سائين سائين ـ سائين ـ اڙي هيءَ نہ سچي پچي بيهوش ٿي وئي؟

(گهر ۾ گهڻن ماڻهن جي کلڻ ۽ ڳالهائڻ جو آواز)

بچان: ائي امان تنهنجي سڪ اصل ماري وڌو هو. جوان ٿـ پر ڪري ڏيءَ ڏي اُڏامي وڃان؟

ڳوڏو: ۽ مان بہ چوان تہ پٽ جعفر ڪي ڏني ڏينهن ٿيا آهن. وڃي سائس ملان تہ سهي، بس جڏهين بہ ڏي ڏاند تي نظر پويم تہ پٽ تون ياد اچيو وڃين.

بچان: هئہ هئہ منهنجي ڏيءَ، صدقي وڃ نءِ هاڻي تہ لڪا پٽي بہ تي وئين، ڪڏهين ملندئي پئسا.

نصيبان: بس هاڻي جعفر ڪراچي ويندو تہ وٺي ايندو.

ڳوڏو: ٻيلي مون کي تہ ٻڌن کن ڪڪڙ ٻني ڏجو بہ تي ڏاند يلا ونی ڏجو ۽ هڪ بہ استاد پڪي راڳ وار خريدي ڏجو پوءِ چئنا آهيو.

بچان: اڙي تون تہ بس ڪر، ويٺين پنهنجا قصا ڪٽي، ٻچڙي جعفر جي حالت تہ ڏس هيءَ ڪير آهي. مئو چور.

نصيبان: مئو مون کي بہ چور ٿو لڳي، شڪل ئي ڪا ٺڪن جهڙي اٿس.

جعفر: نوڪر آهي چاچي.

بچان: مان باهہ ڏيانس، مئو جيل مان ڇٽي، آيو آهي ڇا؟

جعفر: نہ چاچي، ڏنو ڏاڍو ڪم وارو ماڻهو آهي.

بچان: هوندو، مون کي تہ بندوق لڳو اصل ڪو نہ ٿو وٽي، ڪڏينس ٻاهر تہ ڪٽي چوراوٺي نہ اهي لک روپيہ.

جعفر: نہ چاچي اهڙي ڳالهہ ڪانهي.

ڳوڏو: تہ پوءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي. مون بہ هڪڙو اهڙو نوڪر رکيو هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ڇانئو ڪڪڙ هو نہ ميل وارو انهيءَ ڪي ڪُهي کائي ويو مردار

جعفر: پر ڇاڇا هيءَ تہ.

ڳوڙو: اڙي بابا اهڙا نوڪر ڪيسي ۾ ڇاقو ڪٽي گهمندا اٿيئي. انهن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. وڃ ڙي نڳ وڃي پنهنجو ڪم ڪر. تارا ڦاڙي ڇا تو ڏسين.

جعفر: ترس ڏنا، مون کي بہ تو ۾ ڪم آهي. گڏيا تا هلون.

(پس مظر ۾ ٺهڪ ڳالهائڻ جاري)

جعفر: هنن جي ڳالهين جو دل ۾ نہ ڪجانءِ ڏنا. هي ڪراڙا آهن ئي اهڙا.

ڏنو: نہ سائين. مان نوڪر ماڻهو مان ڇو ڪندس، دل ۾.

جعفر: پر اهو تہ ٻڌاءِ تہ توکي هر ڳالهہ جي اڳواٽ خبر ڪيئن ٿي پئجي وڃي.

ڏنو: خبر ناهي سائين بس ائين ئي

جعفر: پوءِ بہ آخر ٻڌان تہ سهي.

ڏنو: مون کي پاڻ خبر ناهي سائين. پر هي ڇا؟ مان ڇا ڏسي رهيو آهيان؟

جعفر: ڇا ڏسي رهيو آهين ڏنا؟

ڏنو: مان اوهان جي سس کي ڏسي رهيو آهيان. سائين.

جعفر: ڪٿي آهي منهنجي سَسُ

ڏنو: غسلخاني ۾.

جعفر: اکيون بند ڪر ڇورا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو: هوءَ اوهانجي خلاف ڪا سازش ڪري رهي آهي.

جعفر: سازش؟

ڏنو: ها. هن جي هٿ ۾ ڪا پڙي آهي ۽ هن جي دل ۾ دغا آهي. هوءَ اها پڙي اوهان کي پيارڻ جي ڪوشش ڪندي پر اوهان هرگز هرگز اها نہ پيئجو.

جعفر: بلڪل نہ ڏنا، بلڪل نہ. بيو ڇا ٿو ڏسين.

ڏنو: توهان جو سهرو بہ هاڻي اتي آيو آهي.

جعفر: هان۔ ٻيو ڪير آهي؟

ڏنو: اوهان جي بيگم بہ موجود آهي. سڀيئي گڏجي ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مون کي تہ ڪا سازش ٿي معلوم ٿئي.

جعفر: سازش هاڻي ڇا ٿيندو؟

ڏنو: اوهان هنن جي هٿن جي ڪا بہ شيءِ نہ کائجو.

جعفر: نہ۔ هرگز نہ بلڪل نہ.

بچان: ويچارو ڏيرو ٿي ويو آهي، شايد بک گهڻ ٿي لڳيس.

نصيبان: ها امان، ماني تہ صفا کائي ئي ڪو نہ ٿو.

بچان: هيءَ پڙي مون کي هڪڙي حڪيم ڏسي هئي، جيڪو کائيندو تنهن کي اها بک لڳندي. اها بک لڳندي جو پڇاڙيءَ جو گهر جي ٻاتين کي کائڻ لاءِ ڊوڙندو.

ڳوڏو: تہ پوءِ بچان وارو ڪر، توري تہ مون کي بہ ڏي.

بچان: تون بس ڪري ويهہ چريا، ڇوڪرو ڏيرو ٿي ويو آهي، ان جو فڪر اٿئي ڪو نہ ، اچي پنهنجي لڳي اٿيئي. ڏيءَ ڪٿي شربت ۾ ملائي اڄ تہ مان ٿي پياريان تنهنجي مڙس کي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيبان: هائو امان، اجها ٿي اچان (وچڙ جو آواز)

ڳوڏو: صفا ڪا اصل خود مطلب آهين. بچان، ٿوري ڪٽي مون کي بہ ڏين ها تہ جيڪر.

بچان: ش۔ش۔ش آهستي ڳالهاءِ موڳا. اها پڙي بڪ جي ناهي اها خاڪ مست بابا جي مزار جي آهي. مُجاور چيو هو تہ جنهن کي بہ اها خاڪ پاڻي ۾ ملائي پيارجي اهو پيارڻ واري تي مهربان ٿي پوندو.

ڳوڏو: هان بچان۔ پوءِ تہ وه واهہ.

بچان: جعفر کي لک روپيہ ملڻ وارا آهن. هيءَ پڙي پيئندو ويندو ۽ اسان تي دل ايندي وينديس. بس پوءِ تہ جيڪو گهرنداسونس سو ڪيدي اسان کي ڏيندو.

ڳوڏو: هان بچان۔ پوءِ تہ مان ڏڻ ڪڪڙن جو پيو ڏڻ ڍڳن جو ۽ ٿيون ڏڻ راڳيندڙن جو پاليندس.

بچان: خبردار۔ متان نصيبان کي خبر پوي. هو ڏس اچي پيئي (نصيبان اچي ٿي).

نصيبان: اچي امان۔ هي وٺ شربت۔ جعفر کي شربت ڏاڍو وڻندو آهي. تون ڏينديئنس تہ خوشيءَ سان پي ويندو.

بچان: ها امان چو نہ، بچڙو صفا ڏبرو ٿي ويو آهي، ڪائيندو پيئندنو تہ صحت سڌري پوندس، ڪاڏي پيتي ۾ تہ ڪجهہ رهيو ئي ناهي. چڱا پلا نوجوان بہ پوڙها ٿا لڳن.

ڳوڏو: منهنجو ئي ڪٽي مثال وٺ، وقت ڪان اڳ ڪراڙو ٿو لڳان.

بچان: جڳو۔ هاڻي تون بس ڪر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيبان: جعفر پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻو اٿيئي. وچي ڏئي اچينس.

بچان: مان هاڻي ٿي ٿي وڃان.

ڳوڏو: مان به هلان؟

بچان: اڙي تون تہ بس ڪري ويهہ پنھ ڍ ٿيان مان بس اجهو آيس.

ڏنو: سائين مان ڏسي رهيو آهيان تہ هوءَ اچي رهيو آهي.

جعفر: اچي رهي آهي؟

ڏنو: ها۔ هوءَ اچي رهي آهي، هٿ ۾ شربت جو گلاس اٿس ۽ گلاس ۾ پڙي پيل آهي.

جعفر: ڇاجي پڙي آهي؟

ڏنو: زهر ٿو معلوم ٿئي سائين.

جعفر: زهر؟

ڏنو: ها زهر. اها پوڙهي توهان جي پئسن ۾ اکيون وجهيو ويٺي آهي ۽ ساڻس هن سازش ۾ سندس مڙس ۽ ڌيءَ بہ شامل آهن.

جعفر: منهنجي زال بہ؟ نصيبان بہ؟

ڏنو: ها سائين لالچ بُري بلا آهي.

جعفر: هاڻي ڇا ٿيندو.

ڏنو: خدا مڙئي چڱي ڪندو هوءَ درتائين پهچي چڪي آهي. بس اجهو ٿي اندر اچي.

(بچان اندر اچي ٿي)

بچان: اڙي صدقي وڃانءِ ٻچڙا، تون ڏٺي وڻنو آهين، سدورا؟ مان تہ توکي سڄي گهر ۾ ڳولي ٿڪي آهيان. هئہ هئہ، ڇا تہ حال ٿي ويا آهن، منهنجي ٻچڙي جا. قربان وڃانءِ صفا لهي ويو آهين.

جعفر: (ڏڄندي) ها ڇاچي۔ صفا لهي ويو آهيان. پر...

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچان: اڙي پٽ تندرستي هزار نعمت آهي.

جعفر: ها بلڪل بڪل چاچي، تندرستي هزار نعمت آهي، چڱو مان يلا هلان ٿو.

بچان: ويندين وري ڪيڏانهن مان آئي آهيان سِڪ منجهان تہ ٻچڙي ڪي وڃي ٿي ملي اچان ۽ تون آهين جو وتين ٿو لنوائيندو.

جعفر: نہ چاچي اهڙي تہ ڳالهہ ڪانهي پر- پر بس مان اجهو ٿو اچان.

بچان: نہ ويندين.

جعفر: جي نہ هرگز نہ ويندس.

بچان: ويهي رهہ.

جعفر: ويهان ٿو بس اجهو ٿو ويهان.

بچان: مون چيو ويهي رهہ.

جعفر: ويهي رهيس، ويهي رهيس: اجهو هيءَ ويهي رهيس.

بچان: ٻچا ايڏو هراسيل ڇو آهين؟

جعفر: ڊپ؟ نہ چا جو ڊپ؟ ڪو بہ نہ.

بچان: تہ پوءِ پٽ اچي هيءُ شربت پيءُ.

جعفر: شربت؟ (زور سان) ڏنا

ڏنو: جي سائين.

جعفر: (آهستي) اڙي هيءَ تہ شربت ٿي پياري

ڏنو: دلجاءِ ڪيو سائين خير ٿيندو.

جعفر: خير وري ڇا ٿيندو ڪم تيار آهي.

ڏنو: پرواهہ ناهي. مان ڪجهہ ڏسي رهيو آهيان. خبر ناهي ڇا آهي. پر هر طرف توهان جي سس ئي سس نظر ٿي اچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچان: اڙي کھڙيون ٿو پنيون پڙهائين منهنجي پٽ کي چور؟

ڏنو: مجال آهي مائي جو...

بچان: خبردار جو مون کي مائي سڏيو اٿيئي.

ڏنو: ته پوءِ ڇا سڏيان؟

بچان: وڏي بيگم صاحبه مٺا.

ڏنو: حاضر مائي.

بچان: اڙي گهوڙا اڙي۔ نڪرين ٿو مٺا يا پچانءِ هڏا.

ڏنو: وڃان ٿو.

(وڃڻ جو آواز)

نصيبان: ڏنا.

ڏنو: جي بيگم صاحبه.

وڏو: اڙي ڏنا.

ڏنو: جي سائين.

وڏو: تو واري صاحب شربت پي ڇڏيو.

نصيبان: هي ڇا ٿا ڪيو بابا. هن مئي کي شڪ پئجي ويندو.

ڳوڙو: ته پوءِ تون ئي ڪٽي پچيس پٽ.

نصيبان: ڏنا! صاحب ڇا پيو ڪري.

ڏنو: صاحب اوهان ٻنهي جو انتظار پيو ڪري.

ڳوڙو: پوءِ ته واهه جو هلبو آٿ پٽ ته هلون.

ڏنو: صاحب شربت جو گلاس هٿ ۾ جهليو ويٺو آهي ڇوڙي ٿو ته توهان به اچو ته گڏجي پيئون.

ڳوڙو: پيئڻ جي ڳالهه به خاصي، بس هاڻي دير نه ڪبي. هلبو هائو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيبان: اسان صاحب جي ڪمري ۾ ٿا هلون تون هڪ گلاس شربت جا ٺاهي جلدي اتي اچ.

ڏنو: بس اجهو آيس بيگم صاحب (وڃي ٿو).

نصيبان: بس بابا مون کي ته جعفر جي صحت پريشان ڪري ڇڏيو آهي. خدا ڪري ته ڪنهن نموني ’ها پڙي پي ڇڏي.

ڳوڙو: پي ويندو. پيئندو. واهه جو پيئندو. ماٺين جو ڏڪ ڪاري پيا ماري.

ڳوڙو: (آهستي) اڄا چاچي دير آهي بچان؟

بچان: ڏاڍو ضدي آهي. گهٽائي جتن ڪيا اٿم پر مڃي ئي نٿو.

ڳوڙو: بس ڪنهن به طرح پنهنجن هٿن سان پيارينس. پوءِ ته سڄي عمر زرخريد غلام وانگر پنيان ڦرندئي.

بچان: چڱو هاڻي بس ڪر. ٻڏي نه وڃي (زور سان). ٻچا شربت جهلي منهنجا ته هٿ سڪي پيا هاڻي ڪٽي پيءُ. پٽ!

نصيبان: ها ها جعفر! امان سڪ مان تي پيارئي. هٿ نه موٽائينس. ڏک ٿيندس.

ڳوڙو: ها پٽ آيل روزي موٽائبي ناهي. اچي پلي پلي ڪري اچي.

جعفر: بس چاچا. ڏنو اچڻ وارو ئي هوندو. سڀ ئي گڏجي ٿا پيئون. اجهو هو اچي ويو. جلدي ڪر ڏنا. بيار سڀني کي شربت هيڏي آ. (آهستي) اهو چاچي وارو گلاس ڪنهن نموني ڪيس تي پياري ڏيکار نه ميان.

ڏنو: ائين ئي ٿيندو سائين. سمجهه اسان جي به ڪمال تي ڏسو رهي

جعفر: شاباس.

ڏنو: (زور سان) هيڏانهن ڪر سائين اهو گلاس.

بچان: وري تو مائي چڙين مٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو: معاف ڪر امڙ- پل ٿي ويئي

بچان: پر هيءَ گلاس تہ پٽ جعفر جو آهي. اهو ڪيس ئي ڏجانءِ

ڏنو: تون ڇتل آهين. مائي- او معاف ڪجانءِ ڏاڏي نہ نہ- امڙ.

بچان: ڏوڙ پيئي توکي، هاڻي جلدي ڪر.

ڏنو: هيءَ وٺ منهنجا سائين وڏا.

ڳوڏو: واه واهہ ڪجانس – هيڏي ڏي مون کي.

ڏنو: آ منهنجا سائين هي توهان جو گلاس.

جعفر: مهرباني ڏنا.

ڏنو: آ امڙ منهنجي مائي.

بچان: ڪو نہ مڙنديس مٺا، ڏينهن بہ اڃوڪو اٿيئي. ڪري وٺ من مستيون.

ڏنو: اڇي بيگم صاحبہ.

بچان: اهو مئو ڏنو نہ. اهو منڙو ڏنو نہ. اهو ڏنو ڪاڏي ويو.

بچان: ڏنل- او ڏنل، هيڏي تہ آ ساهہ جا سينگار.

ڳوڏو: بچان.

نصيبان: امان توکي ڇا ٿي ويو آهي امان.

ڏنو: هن پڙيءَ وارو شربت پيتو آهي ۽ سو بہ منهنجي هٿان.

ڳوڏو: اڙي ڪاڏي وئي منهنجي بندوق.

بچان: خبردار جو ڪنهن ڏني کي مٿ لاتو آهي. ڏنل- او ڏنل

ڳوڏو: بندوق کڻي اچو. جلدي ڪيو بندوق کڻي اچو.

نصيبان: امان- امان.

ڏنو: بچايو- بچايو- بچايو.

بچان: ڏنا- او ڏنا- اوڏنا.

ڳوڏو: بندوق- اڙي بندوق

(سڀ آواز ملي هڪ ٿي ٿا وڃن) ٺهڪ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_6

ٻيو ڳهاءُ

ڪردار

شاهد

زبيده

حاڪم علي

زيبو

نوران

ڪولي

مولو

ٽانگي وارو

ٽانگي وارو

ٽانگي وارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_1

(پري کان ريل گاڏيءَ جي اچڻ جو آواز ويجهو اچي ٿرين بيهي ٿي رهي. پليٽ فارم تي گوڙ۽ شورُ)

شاهد: ڪولي_ ڪولي.

ڪولي: جي آيو بابا، ڪهڙو سامان آهي سائين؟

(ٿورو وقفو) بس، هڪڙي بئگ آهي بختاور؟

شاهد: جي ها.

ڪولي: مڙئي خير آ سائين، مڙئي خير آ (ڪٽندي) اچي مٿي. آيو آهين ورهين ڪرهين، آندي اٿئي مورڳو هڪڙي بئگ؟ ابي امان وٽ رهندين ڪو نه ڇا؟

(وقفو هلڻ جو آواز)

زور آور مڙس آهيو سائين. واهڻ ڇڏي وڃي ٿا شهر وسايو ته پوءِ پوين جو الهه واهي، نه خبر نه چار نه پڇا نه ڳاڇا ته ابا مئو يا بچيو.

(هلڻ جو آواز جاري) پليٽ فارم جو آواز آهستي هستي.

پلا سائين امتحان پاس ڪيئي الاڻي نه؟

شاهد: اڃا نه.

ڪولي: هيئن شاباس! اڃان پڙهندين؟ هائو ابا، آهن به ته اُٺ ڪتابن جا پڙهڻا. ماستر جو پٽ پڙهي پڙهي نيٺ چريو ٿي پيو. آئون نه؟ (هلڻ جو آواز)

(ٽانگي وارن جا هوڪا)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽانگي وارو1 : هليو آ سائين پشوريءَ تي.

ٽانگي وارو2: پوٽارن گهر جو نوڪر آهيانءِ، منهنجي ٽانگي تي اَچُ سائين.

ٽانگي وارو3: ڇڏيو بابا ڇڏيو رئيس ننڍي کي. مون ڏانهن ايندو. پراڻو خادم آهيانس.

ڪولي: حُڪم ڪر بختاور ڪهڙي ٽانگي ۾ بئگ رکان؟

شاهد: ڪنهن هِڪَ ۾ رکي ڇڏ.

ڪولي: اڙي مولو ڇا ياد ڪندين، وَٽ هيءَ پيتي پوٽار جي، رکُ ٽانگي ۾، تيءَ ڪکُ پَنُ، آرام سان، ڪيرائي نہ رکين. چورا، لهرائين نہ منهن جي بہ ڪلَ.

مولو: نہ چُتل آهين چرٻٽ.

ڪولي: چڱائيءَ کي مارَ آهي ابا، تنهنجو ڏوهہ ناهي. پڙهين مرهيات بہ تو جهڙو ئي اکين ٻوٽ هو. مان ٿيس چرٻٽ ۽ هيءَ مڙس ٿيو عقل جو اڪابر.

مولو: چڱو چڱو. هاڻي ماٺِ ڪر جزا، وٺ، صاحبُ خرچي تو ڏيئي. وَڃ سُلفي دُکاءِ مست.

ڪولي: مولا خُش رکندئي رئيس ننڍا.

مولو: اچو سائين. ويهو تہ هلون.

(ويهڻ جو تاثر، ٽانگو هلي ٿو)

مولو: پوٽارَ سائين ڏاڍا ڏينهن لاتو هِن ڀيري، اسان تہ آسرو ئي پلي ويهي رهيا هئاسين، هونءَ تہ مهيني اڌ ۾ ڀيا چڪر هڻندا هئو. هاڻي تہ شهر اهڙو وڻيو اٿو جو اسان غريب تہ صفا دل تان ئي لهي ويا آهيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(وقفو)

مولو: سائين شهر جي هوائي اهڙي آهي. هت پلا چا رکيو آهي. واهڻ ۾؟ رڳو ابو امان آهي. سو به فون تي حال احوال وٺيو نوان سنوان ٿيا وينا هوندؤ. باقي رهيا ڏاند ۽ ٻنيون. ٽِن جو مڙئي خيرُ آهي. ڪيئن پوتارَ؟

شاهد: جي ها.

مولو: پلا سائين ٻي ته خبر ڏيو. شهر ۾ منڊمُون ٻنڊمون به ته جام هونديون؟ چون ٿا ته جي فلمي لين اُتي آهي. ابول! توهان جا ته عيش هوندا، عيش، هي ٿو وجي نديم، هي ٿي وجي شبنم، هو ٿو اچي مصطفيٰ قريشي، آئون نه؟

(وقفو)

پلا سائين، شادي ٻادي به ڪئي اٿو اُتي يا اجان نه؟

شاهد: (ڪاوڙ ۾) گهڻي بڪواس چڏ مولو. سڏو تي هلُ حويليءَ ڏانهن.

مولو (ڊچندي) جي سائين.

(ٽانگي جو آواز دور تي فيڊ آئوٽ تي ٿو وجي).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيڪ_2

حاڪم علي: اَچڻ جو اطلاع بہ نہ ڏنئي. پنهنجو گهوڙو گاڏي موڪلي ڏِيانءِ ها. نوڪر چاڪر ساڻ هجئي ها تہ سامان سَڙو ڪڻائڻ ۾ مدد ڪريئي ها.

زبيده: اڳي تہ ايندو هئين تہ هاءِ گهوڙا ڪندو ايندو هئين. هيءُ بہ ڪجو هو بہ ڪجو فلاڻي کي بہ اسٽيشن تي موڪلجو فلاڻي کي بہ ٻڌائجو. ڪاڏو بہ ٺهڙو هجي. پلو ضرور پچائجو سو بہ آنيارو ڪڪڙ جو ٻوڙ نہ ڪجو روسٽ ڪجو مرچ مسالا سجيھ وجهجو بورچيءَ کي هٿُ لائڻ هرگز نہ ڏجو. زيبوءَ جي هٿ جو ڪاڏو کائيندس، هاڻي تہ ڪجھ بہ ڪو نہ چيئي.

حاڪم علي: (کلندي) تڪڙو آيو هوندو ڇري، وقت ئي نہ مليو هوندس.

زبيده: اِهو تہ مان بہ سمجهان ٿي، پٽ اٿم، ڪو ڏاريو ڪونهي، پر ڪا ڳالھ ضرور آهي. منهنجي دِل ٿي چوي تہ ڪجھ مڙيو ئي آهي.

حاڪم علي: ڪجھ وري ڏوڙ هوندو ڇوڪرو آيو آهي اسان سان ملڻ، آخرڪار ماءُ پيءُ جي سِڪَ بہ تہ اولاد کي لڳندي هوندي يا نہ؟

زبيده: اڙي مان صدقي وڃان، ماءُ پيءُ کي بہ اوتري ئي سِڪ لڳندي آهي اولاد جي، اڃان شام ئي وينِي هيم، ٻاهر اڱڻ تي جو اڇي هانءَ ۾ چِڪُ پيم. چوان تہ شاهد پُٽ کي جيڪر ڏِسان، بہ ٽي ڪلاڪ ئي مَس گذريا آهن تہ اچي پهتو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم علي: پوءِ؟ گهرائينس بہ پاڻ، وڙي پڇينس بہ پاڻ.

زبيده: تون ڪٿي ڇا بہ چوين، مون کي ڇوڪرو بدليل تہ نظر اچي، بدليل.

حاڪم علي: اڙي اَبا، هاڻي تون ئي ڪٿي ماءُ کي چئہ تہ خيرُ آهي. اجايو ڪٿي پاڻ کي پريشان ڪيو اٿس.

شاهد: امان تون پريشان نہ ٿيءُ، مان ٺيڪ آهيان.

زبيده: ڏٺئي؟ پيءُ جي چوڻ تي مون کي ٿو دلاسو ڏئي. نہ ابا، مان نہ مڃان، ڪجهہ مڙئي آهي.

حاڪم علي: هاڻي هِن ڇريءَ کي ڪيئن سمجهائي. تون ٻڌاءِ پٽ، شهر ۾ تہ خير هو نہ؟

شاهد: جي ها.

حاڪم علي: ڪا ٻي ڳالهہ تہ ناهي بابا؟

شاهد: (هٻڪندي) نہ.

حاڪم علي: ڇا مطلب؟

شاهد: ڪجهہ بہ ناهي بابا.

زبيده: اِهو تہ تنهنجي ڳالهائڻ مان ظاهر آهي.

شاهد: دير ٿي ويئي آهي، امان مان وڃي ٿو آرام ڪريان.

حاڪم علي: تو منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو شاهد.

شاهد: اِن باري ۾ صبح جو ڳالهائيندا سين (وڃي ٿو).

زبيده: ٻڌين ٿو؟

حاڪم علي: جيءُ.

زبيده: مون کي تہ ڪا ڳالهہ مڙئي ڳري ٿي ڏسجي.

حاڪم علي: لڳي تہ ائين ئي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_ 3

نوران: ڏِسين ڇا ٿي؟ رلهي وجهي سُمهي رَهُه.

زيبو: ڇو سُمهي رهان؟ مون کي تہ ننڊ نٿي اچي.

نوران: پر مون کي تہ ننڊ ٿي اچي.

زيبو: تہ پوءِ تون اکيون پوري پئجي رهُه. پاڻهي ننڊ اچي ويندئي.

نوران: ۽ هيءَ بتي جو پئي ٿي ٻري.

زيبو: اِن جو ڇا هي؟ ٻرڻ ڏئينس.

نوران: مان سَڀُ سمجهان ٿي.

زيبو: ڇا ٿي سمجهين؟

نوران: اهو جو تون مون کان لڪائڻ ٿي چاهين.

زيبو: مون تہ توکان ڪُجهہ بہ لِڪايو ناهي اڄ تائين.

نوران: ڪوڙي۔ بي ايمان.

زيبو: نورَ جو سُنهن۔ تون منهنجي پيڻ ٿي نہ. ساهيڙي پڻ آهين.

نوران: هل هل، مڪريل.

زيبو: تنهنجي طوطي جهڙي نَڪ جو قسم.

نوران: پنهنجو نَڪُ ڏٺو اٿئي؟ لاهوري گجر.

زيبو: (کلندي) پوءِ بہ چڱو آهي. ڪنهن کي بہ تہ وڻي ٿو نہ.

نوران: اوهو ڪنهن کي تہ وَڻي ٿو نہ! اهو ڪنهن کي. ڪير آهي ڀلا؟

زيبو: ڇوانءِ ٿي چُپ ڪري سمهي رهہ.

نوران: بتي بند ڪر پهريون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيبو: بتي بند نہ ٿيندي.

نوران: ڇو نہ ٿيندي بتي بند؟

زيبو: اها منهنجي مرضي آهي.

نوران: مون کي تنهنجي مرضيءَ جي سڀ خبر آهي.

زيبو: آخر ڪٿي ٻڌاءِ بہ تہ ڪهڙي خبر اٿئي؟

نوران: ڇَئي ڏيانءِ؟

زيبو: ڇئي ڏي.

نوران: ڪو ٻڌي ويٺي تہ پوءِ؟

زيبو: ڀلي ٻڌي وٺي

نوران: چاچي زبيده؟

زيبو: اها بہ

نوران: چاچو حاڪم علي؟

زيبو: اهو بہ.

نوران: ڀلا۔ ادا شاهدُ؟

زيبو: واتُ بند ڪر.

نوران: ڇو؟ اتي ڇو وات بند ڪريان؟

زيبو: گهڻو نہ ڳالهاءِ.

نوران: مليوا ٿئي؟

زيبو: نہ.

نوران: ڇو ڀلا؟ هونءَ تہ گهر جي چائنٽ ٽپندو ويندو هوءِ زيبو زيبو پنجي ويندي هيس.

نوران: ماٺ ڪن منهنجا دشمن، صبح ٿيڻ ڏي، مان ڀاڻهي پاسي تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي وڃي چوندي مانس تہ ادا شاهد. زيبو هاڻي توکان سواءِ اڌ پاڳل ٿي پئي آهي. جي پانئين تہ سچي پاڳل نہ ٿئي تہ پنهنجيءَ مڱيڻيءَ سان جلدي لائون لهہ نہ تہ ڏاڍو پڇتائيندين.

زيبو: شرم ڪر بي حيا.

نوران: شرع ۾ شرم ڪهڙو منهنجي پينڙي؟ هونءَ بہ تنهنجي وڏڙي تہ مان ٿي آهيان نہ؟

زيبو: چاچو حاڪم علي جو وينو آهي؟

نوران: اهو تہ ٿيو چاچو ويچاري ڪي شابس آهي جو اسان يتيمن کي پالي وڏو ڪيو اٿس. پر پنهنجي آڪهہ ۾ تہ وڏي مان ٿي آهيان يا نہ؟

نوران: نہ امان نہ ابو۔ نہ ڀاءُ نہ ڀرائي، اڙي شڪر ڪر جو مان بہ آهيانءِ، نہ تہ اڪيلي يتين کي ڇڪ هٽين ها ڇڪ.

زيبو: ائين نہ چوندي ڪر نوران.

نوران: ها سچي وِسري ويم، تنهنجو تہ مون کانسواءِ ڪو بيو بہ آهي.

زيبو: نوران.

نوران: نوران ويچاري ڇا ڪري؟ سَچ چوڻ کانسواءِ رهي ئي نٿي سگهي.

زيبو: (نقلي ڪاوڙ ۾) نوران.

نوران: اڙي بابا مون توبهہ ڪئي، معافي ڏي، بس اڄهو ٿي رلهي وڃهي سُمهي رهان. تون وڃي پنهنجي راڻي جي واٽ واجهاءِ، اسان جي الهہ توهار.

(رلهي وجهي سمهڻ جو تاثر).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_4

شاهد: مون توهان جي آڏو ڪڏهن وڏي واڪي بہ ن ڳالهايو آهي، بابا، هڪ شريف فرمانبردار اولاد وانگر اوهان جي هر حڪم جي تعميل ڪئي اٿم، سا ڳي ڳالهہ مان توهان لاءِ بہ چوندس امان.

زبيده: هاءِ هاءِ پر اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي پئي اٿئي پٽ؟

شاهد: ضرورت آهي امان، ضرورت آهي، اِنڪري تہ مان اوچتو ئي اوچتو بنان ٻڌائڻ جي راتو ڏاهہ توهان وٽ هلي آيو آهيان.

زبيده: ڇا ٿو چوڻ گهرين پٽ.

شاهد: جو ڪجهہ چوڻو اٿم، سو جيڪڏهن آسان هجي ها تہ مان جيڪر روح جي گهرائين تائين گهائل نہ هجان ها.

حاڪم علي: ڪجهہ تہ ٻڌاءِ بابا، ڪهڙي ڳالهہ آهي ؟ خدا نخواستہ ڪا...

شاهد: (وچ ۾) نہ بابا، مون ڪو بہ اهڙو ڏوهہ نہ ڪيو آهي، جو قانون جي نظرن ۾ ملزم هجان، ها گنهگار ضرور آهيان، ضمير جو، توهان جو امان جو ءِ...

زبيده: هاءِ ٻچا، منهنجو تہ ساهہ ٿو نڪري، ڇا ڪيو اٿئي؟ وارو ڪر- ٻڌاءِ.

شاهد: مون شادي ڪري ڇڏي آهي.

زبيده: ڇا؟

حاڪم علي : شادي ڪري ڇڏي اٿئي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهد: جي ها، مون شادي ڪري ڇڏي آهي.

زبيده: ڪٿي؟ ڪڏهن ۽ ڪنهن سان؟

حاڪم علي: مون کي اعتبار نٿو اچي، تون پنهنجي هوش ۾ ناهين.

شاهد: بد قسمتي اها آهي تہ مان پنهنجي هوش ۾ آهيان، بابا، مون کي خبر هئي تہ توهان کي يقين نہ ايندو. توهان کي ڌڪ لڳندو. امان جي دل ٽٽي پوندي، پر مان لاچار هوس.

زبيده: تو شادي ڪري ڇڏي بنان ٻڌائڻ جي.

شاهد: مون تي اعتبار ڪر امان، مان لاچارُ هوس.

زبيده: ڪيرَ آهي هوءَ؟

شاهد: زرينہ.

زبيده: زرينہ؟

شاهد: جي ها. منهنجي پياري دوست جي ڀيڻ آهي. محمود مان اڪثر هُن جو ذڪر توهان سان ڪندا رهندا هئاسون. توهان تہ ڪيس ڪراچيءَ ۾ ڏٺو بہ هو بابا. اهو ٿي منهنجو ڪلائينڊڙ خوبصورت رانديگر دوست محمود جيڪو اڪثر مون سان گڏ هوندو هو.

حاڪم علي: ڪٿي آهي اهو هاڻي؟

شاهد: مري ويو.

حاڪم علي: مري ويو؟

شاهد: جي ها، هو هڪ حادثي ۾ مري ويو. منهنجو دوست مري ويو بابا. منهنجو اڪيلو پيارو دوست محمود. مري ويو. زرينہ سندس اڪيلي ڀيڻ هئي. ٻئي يتيم هئا. دنيا ۾ سندن ٻيو ڪو بہ ڪو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هو. مرڻ وقت محمود پيرڻ جو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏيئي ويو ۽ مان انڪار ڪري نہ سگهيس.

زبيده: تو ڪيس اهو بہ نہ ٻڌايو تہ تنهنجو مڱڻو زيبوءَ سان ٿيل آهي.

شاهد: نہ هُن مون کي مهلت ئي نہ ڏني، هن چيو تہ منهنجي پيرڻ جو دنيا ۾ ڪو بہ ڪونهي.

حاڪم علي: زيبوءَ جو بہ دنيا ۾ ڪو ڪونهي.

شاهد: هُن چيو تہ زرينہ يتيم آهي.

حاڪ علي: زيبو بہ يتيم آهي.

شاهد: پنهنجي پيرڻ سان بي انتها پيار ڪندو هو.

حاڪم علي: زيبو بہ توسان بي حد پيار ڪندي آهي، پٽ. هن جو ڇا ٿيندو؟

شاهد: انهيءَ جهوريءَ تہ جهوري وڌو اٿم، مان زيبوءَ کي ڏکي ڏسڻ نٿو چاهيان.

زبيده: واهہ جو انصاف ڪيو اٿئي پٽ، ڪاتي ڪنڌ تي رکي چوين ٿو تہ مان کيس ڏکي ڏسڻ نٿو چاهيان.

شاهد: مان سچُ ٿو چوان امان، مان ڏاڍو پريشان آهيان. مون جو ڪجهہ ڪيو آهي سو اوچتو ٻنان سوچڻ سمجهڻ جي، انساني همدرديءَ وچان ڪيو آهي.

زبيده: سوريءَ تي چاڙهي چوين ٿو تہ جو ڪجهہ ڪيو اٿم، انساني همدرديءَ وچان ڪيو اٿم.

شاهد: مون کي ڏنڀ نہ ڏي امان، دلاسو ڏي، تو وٽ ماءُ سمجهي آسيس لاءِ آيو آهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبيده: پر زبيوءَ جو ڇا ٿيندو؟ مون ٻہ تہ ڪنهن سان واعدو ڪيو هو

شاهد! هوءَ ڪنهن آسَ تي زنده آهي، ٻڌندي تہ غم جو پهاڙُ نہ ڪري پوندس. متان؟ تڙپي اُٿندي ٻچڙي.

حاڪم علي: زبيوءَ جو غم مون کان ڏٺو نہ ويندو شاهد. تو جو ڪجهہ بہ ڪيو آهي، سُٺو نہ ڪيو آهي پٽ.

شاهد: مان پنهنجي فيصلي تي نادم آهيان. ڏوهاري آهيان. جا سزا مناسبت سمجهو سا ڏيو پر ڪا واٽ تہ ٻڌايو. زبيو منهن جي لاءِ ڇا سوچيندي؟ مان تہ هن سان نظرون ملائڻ جي قابل بہ نہ رهيو آهيان، بابا.

حاڪم علي: ها شاهد توکان وڏي ڀُل تي ويئي آهي پٽ. هوءَ ويچاري تہ تنهنجي سهاري ئي زنده آهي.

زبيده: اُٿندي ويهندي تنهنجو نالو اٿس زبان تي. هن توسان پيارئي نہ، تنهنجي عبادت پڻ ڪئي آهي. مان عورت آهيان. ڄاڻان ٿي تہ سندس اوسيڙي ۾ ڪيترا ارمان لڪل هوندا. ڪيتريون اُميدون، ڪيتريون آسون، ڪيترا خواب. توِ هڪ ئي وارَ سان ڪانئس سڀ ڪجهہ کسي ورتو پٽ. تو کيس جيئري ئي ماري ڇڏيو.

شاهد: مان اڄ بہ کيس ايترو ئي چاهيان ٿو امان جيترو اڳ. مون کي سندس محبت جو احساسُ آهي، جي هن کي صدمو پهچندو تہ ڏُکي مان بہ ٿيندس. جي هن جي دل گهائبي تہ هنياءُ منهنجو بہ اڌ ٿيندو. ڏوهہ جو احساس زندگي ڀر مون کي چين سان ويهڻ نہ ڏيندو پر مان کيس بي سهاري ڪو نہ ڇڏيندس، امان. مان کيس بہ پنهنجي قريبُ رکندس.

زبيده: پيار کان وڌ بي ڪا بہ خود غرضي ڪانهي، شاهد. محبت ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائيواري نہ ٿيندي آهي. بٽ.

شاهد: مان ڪيس يقين ڏياريندس تہ هوءَ منهنجي دل ڪان دور ناهي.

زبيده: هڪ ڳالهہ ڪيئي، ماءُ جي دل معاف ڪري ڇڏي ٿي. پيءُ جي اجازت هرگز نہ ڏيندي مانءِ.

شاهد: مان زيبوءَ کي سڄاڻان ٿو امان، هوءَ نرم دل آهي، همدرد آهي، مخلص آهي. مون کي ساڻس ڳالهائڻ تہ ڏي

زبيده: ڀلي ڳالهائينس، پر اهو نہ وسارجانءِ تہ هوءَ پيار جي آخري ڏاڪي تائين پهچي چڪي آهي، اتان ڪري تہ جيئَ نہ سگهندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_5

شاهد: زيبو

زيبو: مون سڀ ڪجهہ ٻڌو آهي، تون پاڻ کي پريشان نہ ڪر

شاهد: تو ٻڌو آهي؟ پر.

زيبو: چيم نہ، پاڻ کي پريشان نہ ڪر.

شاهد: مان شرمسار آهيان. زيبو اهو سڀ ڪجهہ ايترو تہ اوچتو ٿي ويو جو.

زيبو: توکي شايد احساس نہ هجي. پر اِها حقيقت آهي تہ مان تنهنجو ڏک ڏسي نٿي سگهان. توجو ڪجهہ بہ ڪيو آهي، صحيح ڪيو آهي، يا غلط، خوشيءَ سان ڪيو آهي يا مجبور ٿي مان توکي الزام نہ ڏيندس، مان توکي تنهنجي محبت جا واعدا بہ ياد نہ ڏياريندس، ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين جي خواب اسان گڏجي ڏٺا. سي پڇي پورا پورا ٿي ويا. مان انهن ٽٽل خوابن کي ٻيهر ميڙي، سجائي، توکي پنهنجي ئي نظرن ۾ ڪيرائڻ نٿي چاهيان، مان توکي هميشہ جيان کلندو ڪڏندو ڏسڻ ٿي چاهيان، جيئن تون ننڍپڻ ۾ هئين.

شاهد: مان تنهنجو ڏوهاري آهيان، زيبو.

زيبو. نہ شاهد. مان تنهنجي پيرن جو زنجير نہ ٿيندس.

شاهد: مان توکي اڄ بہ ايترو ئي چاهيان ٿو زيبو جيترو اڳ چاهيندو هوس،

زيبو: مون کي وساري ڇڏ شاهد. اڌوري خواب جيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهد: اهو منهنجي وَس ۾ ناهي زيبو.

زيبو: منهنجي بہ وَس ۾ ناهي. پر تڏهن بہ مان توکي وساري ڇڏينديس، اهو منهنجو توسان وعدو آهي.

شاهد: ڇيان ٿو مان هر سزا جو مستحق آهيان، پر پاڻ کان دور رکڻ جي سزا نہ ڏينم.

زيبو: منهنجي لاءِ تو بيو ڪو رستو ڇڏيو بہ تہ ناهي شاهد.

زيبو: هڪ پل ۾ پرائو ٿي وئين، تون، جنهن لئہ مون زندگيءَ جي هر گهڙي اوسيئڙن ۾ گذاري ڇڏي هئي. جنهن جي واسطي حياتيءَ جو هر پلُ داءَ تي لڳائي ڇڏيو هوم. جو منهن جي لاءِ سڀ ڪجهہ هو منهنجو پنهنجو هو. ساهہ پساهہ هو سو اچتو ئي اوچتو ڏارين جيان منهنجي سامهون اچي بيٺو آهين. نہ شاهد، مان تنهنجي پيار جي قابل نہ سهي، پنهنجي ضمير جي ڌِڪار جي لائق بہ تہ ناهيان.

شاهد: مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر زيبو.

زيبو: مان پاڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنديس شاهد. تون وڃ، موٽي وڃ، شهر ۾ ڪو تنهنجي راهہ نهاريندو هوندو.

شاهد: پر تون، زيبو تون.

زيبو: منهنجي ڳڻتي نہ ڪر چريا، مان عورت آهيان. صرف يادن جي سهاري بہ زندگي گهاري سگهان ٿي، تون مرد آهين. سهاري کانسواءِ جي نہ سگهندين، تون وڃ، دل تان ڏوهہ ۽ ڏاڍائيءَ جو هر بارُ لاهي، بي فڪر ٿي وڃ. خدا توکي خوش رکي، الهہ واهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(شاهد جي وچڻ جو آواز زيبوءَ جا سُڏڪا)

نوران: هيءُ تو ڇا ڪيو زيبو هيءُ ڇا ڪيئي ڇري؟

زيبو: پنهنجي ئي هٿن سان پنهنجي دل ڪوري ڪڍي ڏيڻ ڪيترو نہ ڏکيو ڪم آهي، اها ڄاڻ اڄ پئي اٿم، نوران.

نوران: هو توکي اڄ بہ چاهي ٿو زيبو.

زيبو: مون کي خبر آهي، هو مون کي وڃائڻ نٿو چاهي. پر نوران هو ڪنهن ٻئي جو ٿي چُڪو آهي. مان کيس وساري ڇڏيندس.

نوران: وساري سگهندينءَ؟

زيبو: ها مون ۾ ايتري همت آهي پيڻ. جا عورت ماءُ پيءُ جي پيارَ کانسواءِ زندهہ رهي سگهي ٿي، اها شاهد کانسواءِ زندگي گذاري ويندي

نوران: پر زيبو

زيبو: اڄ مان بي حد گهايل آهيان، پيڻ. اڄ مون کي اهو سڀ ڪجهہ ڇوڙ ڏي جو مان هوندَ ڪڏهن بہ نہ چوان ها. مان شاهد کي وساري ڇڏيندس، ٻڌين ٿي. مان کيس وساري ڇڏيندسيس، هميشہ هميشہ جي لاءِ، زندگي ڀر جي لاءِ، وساري ڇڏيندس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_6

حاڪم علي: شاهد جو خط آيو آهي.

زبيده: ڇا لکيو اٿائين خط ۾؟ خوش ته آهي نه؟

حاڪم علي: ها خوش آهي. گهر واري ئيڪ نٿي رهيس.

زبيده: توبه ته ڪڏهن ڪراچيءَ وڃي پٽ جي خبر نه لڌي آهي.

حاڪم علي: تون ته ماءُ آهينس، تون وڃي آهينس، ڪڏهين؟

زبيده: دل ٿي نه ٿي مڃي شاهد جا پيءُ.

حاڪم علي: ننهن به ته اڄ تائين نه ڏني اٿئون.

زبيده: شاهد پاڻ ٿي نه وٺي آيو اٿس ڳوٺ ۾.

حاڪم علي: ان جو مطلب اهو ٿورو ئي ٿيو ته اسان به نه وڃون.

زبيده: پوءِ تون ئي ڪٿي وڃ.

حاڪم علي: نه زبيده. مون کان اڪيلو نه ٿيندو تون وڃ.

زبيده: مان ڪيئن وڃان، زيبوءَ جي ميار ماري وجهندم.

حاڪم علي: هُنَ ويچاريءَ ته نه شڪوه ڪئي نه شڪايت. اڄ تائين ڪنهن کي دانهن به نه ڏنائين ته ساڻس ڪهڙو ڪيس ٿي ويو. نياڻي نماڻي اندر ئي اندر ۾ ٻئي ٿي گهٽجي.

زبيده: ان ڳالهه ته ويتر ماري وڌو اٿم. جو نه چوي سو گهٽو چوي سوچيان ٿي ته سندس شادي ڪرائي ڇڏين ها. اولاد ٿيندي ته مَن تان ڏک ميسارجي ويندس.

حاڪم علي: ائين ٿئي ته ڏاڍو چڱو. پيرل جو پٽ شهران موٽي آيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. شڪل شبيهه جو چڱو آهي. ڏسڻ ۾ به ڏيا وارو مڙس ماٺهو ٿو لڳي.

زبيده: ڇوڪرا ته منهنجي نظر ۾ به گهڻا آهن. پر هوءَ به ته مڃي نه.

حاڪم علي: ڇا ٿي چوي؟

زبيده چوي ٿي ته مان شادي نه ڪنديس.

حاڪم علي: شادي نه ڪندي؟ چري ڇوڪري! شادي نه ڪندي ته پوءِ ڇا ڪندي؟ تنهنجي منهنجي حياتيءَ به آخر ڪيترا ڏينهن؟ اسان جي اڪ پورئي ڪان پوءِ سندس ڇا ٿيندو؟ هن هيڏي ساري جهان ۾ اڪيلي ڪيئن گذاريندي؟

زبيده: اهو ته تون وڃي ڪانئس پڇ. مون کي ته ڪُتو جواب ڏئي ڇڏيو اٿائين.

حاڪم علي: مان ڪيئن پڇان، زبيده. تون عورت آهين. ڪيس ريهي ريبي سنئين پير تي آڻ. ڇوڪرن جي ڪوٽ ڪانهي. پڙهيل لکيل اڪابر ڇوڪرا ذات برادريءَ ۾ جام آهن. پاڻ رُڳو "ها" ڪري باقي ڪم اسان جو.

زبيده: مون ته گهڻوئي مٿو هنيو آهي. وڌيڪ ڇا ڪيان؟

حاڪم علي: تون هِڪ ڀيرو وري به ساڻس ڳالهائي ڏِسُ. متان مڃي وڃي.

زبيده: تون چوين ٿو ته مان ڪوشش ڪري ٿي ڏسان. باقي آسرو گهٽ ٿو نظر اچيم.

حاڪم علي: خدا چڱي ڪندو همت ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 7

زيبو: ماسي، مون اڳ بہ چيو هو هاڻي بہ چوان ٿي، مان شادي نہ ڪنديس.

زبيده: اڙي هڻ هڻ ڏيءَ، هي ڇا ٿي چوين؟ ڏيءَ ڏڻ ٿي ڪري مون وڏيءَ آڏو ائين ٿي ڳالهائين.

زيبو: ڪو ڏکيو لفظ چيو هجيم تہ اُن لاءِ معافي ٿي وٺان ماسي، پر مون ڪي شادي لاءِ نہ چئہ مون اهو خيال دل تان لاهي ڇڏيو آهي.

زبيده: نہ ڏيءَ نہ، ٻئي جي غلطيءَ ڪي پنهنجي لاءِ سزا بڻائڻ عقلمندي تہ ناهي. مڃان ٿي تہ شاهد منهنجو پٽ آهي. منهنجو خون آهي. پر هن توسان زيادتي ڪئي آهي. هُن اسان کي بہ سخت نااميد ڪيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ مان کيس ڪڏهن بہ معاف ڪري نٿي سگهان.

زيبو: ائين نہ چئہ ماسي، شاهد جو ڪجهہ ڪيو اهو هن جو فرض هو هڪ بي سهاري عورت کي سهارو ڏيئي هن منهنجي نظرن ۾ تمام وڏو ڪارنامو ڪيو آهي.

زبيده: تون ڀلي جو وڏي سو چئہ مان تہ حق جي ڳالهہ ڪنديس. پٽ ٿيو تہ ڇا ٿيو؟

زيبو: منهنجي دل مان هن جي لاءِ هميشہ دعا نڪرندي آهي. ماسي، شل کيس ڪوسو واءُ نہ لڳي. شل دنيا جون سڀ خوشيون ماڻي.

زبيده: خود شاهد بہ توکي سڄي عمر ائين ڏسڻ پسند نہ ڪندو. هو ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط ۾ تنهنجي لاءِ پڇندو آهي. چوندو آهي تہ زيبوءَ جي
ڪنهن چڱي هنڌ شادي ڪرائي ڇڏيو تہ منهنجو دل تان وڏو
بارُ لهي پوي.

زيبو: ڪيس لکي ڇڏيو تہ مون ان ڪان بہ وڏيڪ اهم فيصلو ڪري ڇڏيو
آهي.

زبيده: اهم فيصلو؟ اهو وري ڪهڙو؟

زيبو: اهو هيءُ ماسي تہ مان باقي زندگي يتيم ٻارن جي لاءِ وقف ڪري
ڇڏيندس. مان پاڻ بہ تہ يتيم آهيان نہ. مون کي احساسُ آهي
تہ يتيم جي حياتي ڪيتري نہ اونداهي ۽ اباڻڪي ٿيندي
آهي. خوشيءَ جي هڪ گهڙي لاءِ هو زندگيءَ جو هر هڪ پلُ
اوسيئڙي ۾ گذاري ٿو ڇڏي. هن کي ڪو اهڙو انسان گهر جي
جو ڪيس پيارَ مان مٿي تي هَٿُ رکي. خلوص مان سندس ساٿ
ڏئي. اهڙيءَ طرح جهڙيءَ ريت توهان ۽ چاچا حاڪم عليءَ
اسان ٻنهي ڀينرن کي سهارو ڏنو. پيارُ ڏنو. پنهنجو ڪيو. مان
اِن عظمت کي ڇُهڻ ٿي چاهيان ماسي جا توهان جي حصي ۾
آئي آهي.

زبيده: زيبو ڏيءَ ايڏي سياڻي ٿي وئين آهين، ۽ مون کي خبر ئي نہ پئي.

زيبو: زماني سڀ ڪجهہ سمجهائي ڇڏيو اٿم ماسي.

زبيده: پر ايڏي دلگير تہ نہ ٿيءُ ڏيءَ.

زيبو: نہ ماسي، مان مايوس ناهيان. هاڻي تہ مان هڪ عظيم ڪم
پنهنجي هٿ ۾ کڻي چوڪي آهيان. مون ماسيءَ جنت سان
ڳالهايو آهي. هن جو پوٽو يتيم آهي. اديءَ ياسان جو مڙس بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذاري ويو آهي. هوءَ پنهنجي ڌيءَ کي پالي نٿي سگهي. اِهي ٻئي ٻار ڏينهن ٻن ۾ مون وٽ اچي ويندا. مان انهن کي پاليندس.

زبيده: تون زيبو؟

زيبو: توهان خيال نہ ڪيو ماسي، اهي ٻارَ توهان تي بارُ نہ ٿيندا. مان پاڻ سيبو ڪري سندن پيٽ پاليندس. جڏهن وڏا ٿيندا تہ خود ئي ڪمائيندا.

زبيده: مون کي غلط نہ سمجھہ ڌيءَ. مان بہ توسان اِنَ ڪم ۾ گڏ آهيان. ڏجان رڳوان ڳالهہ ڪان ٿي تہ ايڏو وڏو ڪم تون اڪيلي سر ڪري بہ سگهندينءَ يا نہ.

زيبو: مان شاهد واري سموري محبت يتيم ٻارن کي موٽائي ڏينديس. پيار ۾ وڏي طاقت ٿيندي آهي. ماسي

زبيده: مون کي توتي فخر آهي ڌيءَ.

زيبو: مون کي تنهنجي دعا گهرجي ماسي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک ـ 8

حاڪم علي: ٻڌين ٿي.

زبيده: جيءَ.

حاڪم علي: زيبوءَ جي يتيم خاني جي واڪاڻ ته هنڌين ماڳين پهچي وئي آهي.

زبيده: سچي؟

حاڪم علي: ها ـ اڄ پرواري ڳوٺ مان حاجي هاشم آيو هو چوي پيو ته سندس ڳوٺ ۾ ٻه اهڙا ٻار آهن، جن جا ماءُ پيءُ حادثي ۾ مري ويا آهن. هو انهن ٻارن کي زيبوءَ جي حوالي ڪرڻ پيو چاهي.

زبيده: پوءِ تو ڇا چيُس؟

حاڪم علي: چوندو مانس وري ڇا؟ چيم، جي بسم الله. نيڪيءَ جو ڪم آهي. اسان جي اکين تي.

زبيده: پوءِ؟

حاڪم علي: سڀاڻي کين موڪي ڏيندو. چوي پيو ته ڪجهه پئسا ڳوناڻن جمع ڪيا آهن. اهي به زيبوءَ کي ڏياري موڪليندو ته جيئن سندس مالي مدد ٿي سگهي.

زبيده: متان ورتا اٿئين پئسا.

حاڪم علي: چريو ٿيو آهيان ڇا؟ ثواب ٿوروئي وڪڻندس. جواب ڏيئي ڇڏيو مانس.

زبيده: چڱو ڪيئسين.

حاڪم علي: سچ پڇين ته ڏيءَ زيبوءَ اهڙو ته ڪم ڪيو آهي جو منهن جي ته دل بهارُ بهارُ ٿي وئي آهي

زبيده: هن پنهنجي ڏک کي نيڪيءَ ۾ بدلي ڇڏيو آهي. منهنجي دل ته ڏينهن رات دعائون ٿي ڪريس. شاهد ساڻس تمام گهڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍائي ڪئي آهي.

حاڪم علي: ها سچي، شاهد جو خط آيو آهي.

زبيده: ڇا لکيو اٿائين؟

حاڪم علي: چوي ٿو ته هن جي زال اُميد سان آهي.

زبيده: سچ؟ اي الله تنهنجا شڪرانا.

حاڪم علي: هاڻي ته وڃي ٿي اڄ پٽ وٺان.

زبيده: ها، ضرور ويندس، چو نه ويندس. ڪافي سزا ڏني ٿي مانس. هاڻي ته الله سائين پترو ڏئيس ته وڃي ڏسي ايندي مانس.

حاڪم علي: ۽ ڪاوڙ ڪيڏانهن ويئي؟

زبيده: اولاد سان به ڪا ڪاوڙ ٿيندي آهي. شاهد جا پيءُ؟

حاڪم علي: اهو ته مان به چوندو آهيانءِ.

زبيده: منهنجي مُڃ ته تون به هلي ته هلي ڪراچي مان ٿي اڇون. زبيوءَ جي دل هاڻي بهلجي وئي آهي. هوءَ به ڏل ۾ نه ڪندي

حاڪم علي: ها پر زبيده دل الائي چو ميجي ئي نٿي.

زبيده: مڃي ويندي مڃي ويندي. تون رڳو دل صاف ڪر.

حاڪم علي: نيڪ آهي. جڏهوڪا ميڏهن تڏهوڪا پاڻي.

زبيده: الله اهو ڏينهن به آڻيندو. شاهد جا پيءُ ، الله اهو ڏينهن ضرور آڻيندو تون رکُ ته خدا تي.

حاڪم علي: چڱو چڱو هاڻي هتن مان ته نه نڪر. تڏي ٿيءُ، ڏسي وننداسين، ان ڳالهه کي وڃ وڃي ماني کڻي آءُ. خوشيءَ ۾ پنهنجي ته بک وسري وئي اٿئي، موربگو مون کي ٿي بک مارين.

زبيده: وڃان ٿي وڃان، صبر ڪر. اجهو ٿي ماني ملئي، هاءِ گهوڙا ته اهڙي کٽي ڪئي اٿئي جڙ اگ ڪڏهن بک مئو هجين. (ويندي)به منٽ ڇا دير ٿي آهي، آسمان کڻي مٿي تي کنيو اٿئي.

حاڪم علي: (کلي ٿو).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک ـ 9

رات جو ٽائم، پري کان ٽانگو اچي ٿو بيهي ٿو. پيرن جو آواز. دَر تي ٺڪ ٺڪ وقفي کان پوءِ وري ٺڪ ٺڪ)

حاڪم علي: اچان ٿو اچان. ڪير آهي؟

(درَ کولجي ٿو) تون؟ شاهدُ؟

زبيده: شاهدُ آيو آهي ڇا؟

حاڪم علي: اڙي تون؟ رات جو هن وقت؟ هيءَ ڇا اٿئي؟

زبيده: (ويجهو ايندي) اڙي صدقي وڃانءِ هيءَ ته ٻارُ آهي. منهنجا بچا، مبارڪ هجئي پٽڙا. ڌيءَ آهي پٽ؟

شاهد: پٽ آهي امان.

زبيده: شاهد جا پيءُ مبارڪ هجئي. پوٽو ڄائو اٿئي.

حاڪم علي: گهر واري ڪاٿي اٿئي؟ سڏي وٺينس. اندر ٻاهر ڇو بيٺي آهي؟

شاهد: هوءَ ٻاهر ڪانهي بابا

حاڪم علي: ٻاهر ڪانهي؟ ڪاوڙيا آهيو ڇا؟

شاهد: هوءَ مون کان ڪاوڙجي وئي بابا. هوءَ هلي وئي (سڏڪندي) هوءَ مري ويئي.

زبيده: هائي الا! هي ڇا ٿو چوين پٽ؟

شاهد: هوءَ ته ڪا پلُ ڪن جي مهمان هئي امان. پنهنجي نشاني ڇڏي ويندي رهي. مون هر راند هارائي آهي. امان، مون هر راند هارائي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم علي: دلجاءِ ڪر پٽ، الله تعاليٰ دلين جو حال ڄاڻندڙ آهي. هو پنهنجو ڪرم ڪندو.

شاهد: پر بابا، هن ننڍڙي معصوم جو ڇا ٿيندو؟ هن ته اڃان اکيون مس کوليون آهن. دنيا ۾. هن کي ماءُ جو پيارُ ڪير ڏيندو؟

زيبو: مان ڏينديس هن کي ماءُ جو پيارُ.

شاهد: تون؟

زبيده: زيبو؟

حاڪم علي (خوش ٿيندي) مون کي خبر هئي. هر ڳالهه ۾ الله تعاليٰ جي ڪانڪا مصلحت لڪل هوندي آهي.

شاهد: پر مان تنهنجي لائق ناهيان زيبو.

زيبو: مون کي غلط نه سمجهه شاهد. مان توکي حاصل ته نه ڪري سگهيس پر توکي وڃائي مون اينترو ته پيار حاصل ڪيو آهي جو مون کي هاڻي ڪا به ٻي خواهش باقي نه رهي آهي. مون کي ڏي اهو ٻارُ. اڄ کان پوءِ اهو منهنجي هنج ۾ پلبو. مان کيس اهو سمورو پيارُ موٽائي ڏينديس جو منهنجي اندر ۾ ئي گُهٽجي، ٻُوساٽجي، گهاٽجي ويو هو. اهو پيارُ جو مون ٻي سهاره يتيم ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. مون کي ڏي. ڏي مون کي، ڏي اهو ٻارُ.

شاهد: زيبو.

زيبو: مون کي ٻيهر خالي هٿين نه موٽاءِ شاهد.

شاهد: نه زيبو مان ٻيهر توکي خالي هٿين نه موٽائيندس. مان ئي خالي هٿين هليو ويندس، وٽُ، هيءُ وٺ. منهن جي طرفان ٻيو ڇا گهاءُ؟

(ٻار جي روئڻ جو آواز دور ٿي بيند آئوٽ ٿي وڃي ٿو).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامون-7

پريت جي ريت

ڪردار

ساران
پاڳان
محبت
سانول
ساڄن
شهمير
ڪمدار
هڪ ماڻهو
مختلف آواز
حاجو
خانڻ
حسين يا جمن
جانو
پوتار
ڪانيو

افتتاحي موسيقي، ملاڪڙي جو دهل ۽ شرناءِ، ميلي جو وايو منڊل، ماڻهن جو چوٻول، ملاڪڙي ۾ پهلوانن جي جوڙ ڪان پوءِ تماشبين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ها هاڪار آ. آ. گهماءِ. واه سانول واهه جو وارو ڪيو اٿيئي.

ڪجهه نمايان آواز واهه سانول واهه. اڄ واهه جو جوڙا ميڙا ڪيا اٿيئي.

واهه جون ملهون ماريون اٿيئي. واهه سانول واهه خوش رهه. شل سدائين سوڀارو هوندين.

(ملاڪڙي جو دهل ۽ ڏمال فيڊ آئوٽ ٿيڻ سان ئي اهڙي موسيقي اڀري جنهن سان ڪجهه وقت گذري وڃڻ جو تاثر ذهن تي اڀري اچي.

سين. رات ويلا.

ڳوٺ جي هڪ لانڍيءَ ۾ ڪچهري لڳي پيئي آهي. اوطاق جو مک ڳوناٺو خانڻ ۽ ٻي ڪچهري ڳوٺ جي جوان جماڻ پهلوان سانول جي سوڀ جي ساراهه ۾ ٽٽي ڏا پيس.

خانڻ: (ڪنگهندي) سائين سانول ڪبر سڏائي پهلوان ته نه آهي اصل پهاڙ آ پهاڙ. پلو مڙس ميدان ۾ ايندو ته مانڊاڻ مچائي ڇڏيندو. ڪٽي ٻئي جوڙ جو اسرندڙ ملهه آ!! ته به کهڙو به سگهارو پهلوان سامهون ايندس سنڌ ري ۾ رڳو هٿ ڦٻنس ڦيريائين ته پهلوان کي پٽ تان پٽي چٻڪلي واريون اهڙيون ڦيراٽيون ڏياريندو آهي جو مڙس کي ميڙي جا چوڦير بيٺل ماڻهو گهوماٽيون کائيندي پيا نظر ايندا.

هڪ ماڻهو (ٺهڪ ڏيئي) جهڙو ڪر چوڏيل ۾ وينو هجي...

خانڻ: اي ابا چوڏيل ته ٻاراٽي وندر آ. سانول جو سٽيل مڙس جڻ ته واچوڙي جي ور چڙهي... (ڪچهريءَ ۾ ٽهڪڙو مچي وڃي ٿو).

جمن: گذريل سال به برشا بادشاه وارن ميڙي ۾ سانول واهه جو ملاڪڙو ماريو هو ٿئين ڏينهن ٽيئي ڏمالون سوڀ ڪيائين. پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙ واري ملهه "واحدو وڻ ويڙهيءَ" کي اصل وارو ئي نه ڏيئي. اهي ٺڙتيون هنيائينس، اهي جانئنا هنيائين جو همراهه نيٺ ڦندي سان وڃي وهڪو ڪيو جن ڌرتي ڌبي ويئي اهو ڏينهن اهو ڏينهن واحدو وڻ ويڙهي وري سنئين ڪنڌي ڪو نه ٿيو. اصل ملهه ڪان ئي منهن موڙي ويو.

(ايتري ۾ وڏيري پنهي خان جو ڪمدار لانديءَ ۾ داخل ٿئي ٿو)

ڪمدار: سلام عليڪم، خانڻ سائينءَ جي ڪچهري قائم.

خانڻ: ڀلي ڀلي ڪري آئين ڪمدار وڏا. بسم لاهيون ابا ڪچهري ٿورا ڀِنا ٿيو ته ڪمدار کي جسي ڏيان.

ڪمدار: نه خانڻ سائين مان تو تائين رسان ٿو رڳو ڪچهريءَ سان هٿ ملائي وڃان.

مختلف آواز: ڪمدار وڏا ڀلي ڪري آئين. ڪمدار سائين بسم لاهيون ڪمدار سائين جي سر بخت جو خير. پيرن تي هٿ ڀلي ڪري آئين.

خانڻ: ڪمدار وڏا! ان ٻنديءَ واهه جو پيڙ ڪيو آ. اها مڙئي چڱيءَ طرح اورانگهجو متان ٿاهو نه ا چيو سڙي نه پئو.

ڪمدار: هن باهه جي پيڙ وانگر توهان جي ڪچهري به واهه جو مچي ٻيٺي آهي.

خانڻ: هائو ڀلي ڪري آيئ جيءَ ڪري آيئ مڙئي سياري جون چار راتڙيون آهن گذارڻيون. توهان جي دعائن سان اسان جي ڪچهري ته بارهو ئي متل هوندي آ . هتان سولو ٿي ويهه (هڪ همراهه کي) ابا حاجو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاجو: جي ڏاڏا

خانڻ: پٽ اهو چانهہ جو ٻاٽلو تہ ہڙڪائي وٺ ڪمدار آيو آ قسمت سان سڀ گڏجي چانهہ پيئون.

حاجو: حاضر ڏاڏا.

خانڻ: (خوش خير و عافيت ڪان پوءِ) ڏيو حال احوال. اڄ غريبن جي لانڍ لنگهي ڪيئن ڀال ڀلايون ڪيون اٿو.

ڪمدار: حالي حوالي ٺيون ٿا. جهونا تڪڙ ناهي اڳهون ڪنهن جي پٺي ڳالہ ڪيوَ.

خانڻ: ها ها! ابا اهو حبن؟؟ اڳهون ڪنهن جي پٺي ڳالهہ ڪئيسون؟

حبن: ڏاڏا ـ واحدو وڻ ويڙهي جي پرسال سانول سان جوٽ ڏنائين تہ چيلهہ ۾ ڇُڪ پئجي ويس. اڃا تائين ڇاڪ ڪونهي.

خانڻ: هان ابا! حبن! باقي پنهنجو سانول تہ اڄان بہ پيو ملهون ماري جوڙ ڪٽي، سر سيون ڪري اصل جت بہ ميدان ڪري نہ اٿ سوپارو ٿيو. اڃي ڪالهوڪو ڏينهن آهي اسان ڪڇ تي ڪٽي تي گهمايس، اڄ جنهن بہ ٻانهينءَ جو پهلوان ٿو ڏاڪ تي چڙهيس، تنهن کي ٻوڙيو ڇڏي. ڇا جاننو، ڇا وارو اڏڪ، مننڙي وچين، اندريون، ٻاهريون اصل ملهہ جا سڀ انگ ڇاٽي.

ڪمدار: جهونا، واحدو بہ جل ڦتاڪو پهلوان هو جوانڻ جوانڻ جو مٽ آهي سائين، مجڻ مراد آهي باقي توهان جي ڳالهہ وانگر، سانول ملهہ جا سڀ تڪسات ڇاٽي تڏهين تہ پوتار پنيي خان پنهنجي سٽ جي پهلوانن ۾ شامل ٿي ڪيس. پر هرماهہ مڙئي ٿورو اينٹرو آهي نابري وارڻ بيهي رهيو. نہ تہ اصل ويهي ڪائي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها تہ هيلتائين پهرين جوڙ جي پهلوانن ۾ پيو ڳائجي ها!.

خانڻ: پر ڪمدار وڏا ڳالهہ ڪبي منهان منهن اڄ ڪلهہ پاڻ اتي جو سيڪو ٿو ڪائي اسان پارو غريب بہ ٻڪ تي بادشاهہ آهي. ويهي ڪائڻ واري ڳالهہ ڳڻپ ڪان ٻاهر آهي. رب پاڪ جو بہ اهو فرمان آهي تہ خفو ڪيو تہ نفعو ٿئي. سانول اڄ بہ ملهن جو مهندار آهي. ويچارو ڪڙميءَ جو ٻار ڳيو جوئر جي مانيءَ جو ڪائي ۽ ونو لسيءَ جو پي ڪنهن بہ ملاکڙي ۾ سندرو ساهي ست جوڙ وڙهندو تہ بہ سهڪو ڪو نہ ٿيندس. ڏرڙي پٽي پوندس.

(ڪمدار کي اهي ڳالهيون ناگوار ٿيون لڳن هو چڙ ضبط ڪري اتي ٿو)

ڪمدار: چڱو جهونا. موڪلاٽي ڪانهي پرٿينءَ چنڊ جي چوڏهين تي برشا بادشاهہ تي ميلو ملاکڙو ٿيندو ڪير سانول ڪير سوپارو اڃا ڪارا اتي پڌرا ٿي ويندا. هيل پوتار سائين جي سٽ جا اُهي ملهہ سنبريا هِن جو چڱن پلن جو خير ڪونهي، جي سانول مليو تہ نياپو ڪري چڏجوس تہ چيلهہ جو سنڌرو مٿي سان خفن ڪري ٻڌيون اچي.

خانڻ: اي ڪمدار وڏا ـ ويهو تہ سهي ايڏو ڏمر. نہ حال ڏنئي. نہ احوال. اسان مسڪينن جو تڏو اٿين تنگ ڪونهي جو تو پارو ڪو مزمان ڏمرجي ٽاڪ ٽوڪاري هليو وڃي. اٿين تہ نہ ڪيو. ڪجهہ هوش ڪريو جوش سان ڪي ڪين ورندو. تو وارو نياپو سانول تائين پهچائي ڇڏيندا سين. دلجاءِ ڪر. ويهہ. اجهو چانهہ بہ تيار ٿي آهي پيو. احوال ڏيو. پوءِ الله واهي توهان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كي ڳم تمام گهٽا آهن. واندا ڪو نہ آهيون جو توهان جو
ويهي وقت سيڙايون.

ڪمدار: (تورو تڏو ٿيندي) حال احوال خير جا، پرينءَ برشا بادشاهہ تي
ملاڪڙو ٿيندو. رڳ ڪتن جي بہ بچ بہ ٿيندي پوتار پنهنجي خان
وڏي ووڙ ڪري وڏا خرچ ڪري بہ ڪتا بہ هٿ ڪيا هن. اسان
جي همراهن جهنگ ۾ هڪ سوئر جو ٿم ڳولي لڌو آهي.
سڀاڻي صبح کان سوئر تي باهوڙ ڪرائي جيئرو جهلڻو آهي.
سو همراهہ گهربا هئا. سي سڀ وينا آهن. صبحاڻي باهوڙ ۾
مدد ڪرائيندا تہ سوئر جهلبو. پوتار سائينءَ جو حڪم آ تہ
ميلي ۾ سوئر ۽ ڪتن جو تماشو نہ ٿيو تہ پوءِ ميلو ڇا جو.

خانڻ: (ڏک ڀرئي انداز ۾) پيرل! ڪالهہ جڏهن تون اسان جهڙو هئين
تہ هن ئي لانڍ ۾ اهڙين ئي ڀاري جهڙين راتين ۾ باهہ تي هٿ
سيڪيندي ڪچهريون ڪندي راتيون وهائي ڇڏيندو هئين،
اڄ ڪٽي تو ڪمداريءَ جا دڪات ڪهاڙا ڪنيا هن! . پر تون تہ
اڄ بہ منهنجي لاءِ اهو ساڳيو پيرل آهين. جنهن کي مان پيار
مان پيارل سڏيندو هوس. توکي ڇا ٿي ويو آهي.

ڪمدار : (ڳالهہ اٿبڌي ڪري) مار هلان ٿو. (وينل ڪچهريءَ کي)
توهان سڀ سڀاڻي صبح جو پوتار جي ويهڪ تي حاضري
پر جو اهو پوتار جو حڪم آهي (خانڻ کي) جهونا — سانول کي
نياپو پهچائي ڇڏجانءِ

خانڻ : ڪمدار پيرل خان. سانول اهو سامهون اچيئي پيو اچي بہ
هيڏانهن لانڍ ڏانهن پيو ـ تون پوتار جو نياپو پاڻ ڏيندينس تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تان اهو بار هلڪو ٿي پوندو.

ڪمدار : (هٻڪندي) نه نه پوتار جو نياپو توهان ٿي پهچائي ڇڏ جوس مان هلان ٿو – الله واهي نڪري وڃي ٿو (سانول لانڍ ۾ داخل ٿئي ٿو.)

سانول: ڏاڏا خانڻ ۽ ڪچهري اسلام عليڪم.

ملبل آواز ماليڪم اسلام – ڀلي ڪري آئين سانول ڀلي ڀلي ڪري آئين.

خانڻ : ابا سانول! ڀچا هيڏانهن اچي ويهه منهنجي پرسان ابا ٿورو چٽا ٿيو. جاءِ ڪيو ته سانول سولائي سان لانگهائو ٿئي اصل توکي پئي ياد ڪيوسين. جواني ماڻين. حياتي وڏي اٿيئي ڪر خبرون.

سانول : لک لائق ٿورا پنهنجا ڀاڳ ڀلا آهن جو ياد پئي ڪيو وِيُس پراڙ پرينءَ چنڊ جي چوڏهين ٻرشاهه بادشاهه تي ميڙو آهي، هيل ملاکڙو به ڏم ڏاڙڪي سان لڳندو. سوچيم جورو وڃي جو نهرائي وٺان. هتان لانگهائو ٿيس سوچيم الاهي ڏينهن تي ويا آهن مهندار جو منهن ئي ڪو نه ڏٺو اٿئون سڪ به سوائي ٿي.سو لڙي پيس سنگت سان ڪل ڪيڪار ڪئي سون توهان جي پيرين پياسين ٻيو مڙئي خير.

خانڻ : ڪيپي به خير – پنهنجن پراون جو شل دوست دشمن جو. ڀلا ڏي ته خبر چار؟

سانول : خبرون کوڙ جهڙي ڀچو.

خانڻ : پرينءَ برشاهه بادشاهه واري ميڙي ۾ ملاکڙو جو به واه جو چوٻول

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي شهر مان خاص اخبار گهرائي ڏني سون ٻين پهلوانن سان تنهنجو فوٽو بہ ڇاپيل هو. ڏاڍو خوش ٿياسين. ٻڌو اٿئون تہ هيل سٺ جا ناميارا ملهہ بہ پاڻ ملهائڻ اچن پيا. ڏيکارجائين ڪي وچ جا پاٽي.

سانول: اي جهونا دعا ڪر. تڪبر کان سو دفعا توبهہ آهي. باقي جيڪو بہ ملهہ ور چڙهيو پٽ تان پٽي گهوماتيون ڏيئي ميڙي جي ماٺهن ۾ ائين ڦٿو ڪندوسانس، ائين ڦٿو ڪندو سانس جيئن ڪا نياڻيءَ جو ڳوڙهو جهار هاڪڙ مهل پوک ۾.

(ڪچهريءَ ۾ هاها ڪار ۽ واهہ واهہ ٿي وڃي ٿي.)

سانول : جهونا لوڙهي وٺ ڪمدار دويدو ٿيو هو ڏاڍو ڇوهہ مان پي ويو. آيو خيرن مان هو؟

خانڻ : (ڪنگهڪار ڪري) ڳالهہ ڪي، لنوائيندي ابا ڪمدار شل خيرن سان منهن چڙهي — پروڪي سال تو پاڻ واري رئيس ينيي خان واري سٺ جي پهلوانن کي ملهہ ماري پاڻ موڪيو هو سي تہ ٻڌون ٿا تہ هيل ڏاڍين تيارين ۾ آهن، چون ٿا تہ سانول سان پٺلو جي جوٽ ٿيندي.

سانول: ڏاڏا دعا ڪر تڪبر کان توبهہ آهي، پوتار ينيي خان جي ٻانهيءَ جو ڪو بہ ملهہ رڳو ڏاڪ تي چڙهي، جي ڏو وڃي ڏوڙ ۾ نہ ڪري ۽ پوتار وڃي ڪي ڪنير پچائي تہ نالو سانول نہ آهي. پوتار واري ٻانهيءَ جا ملهہ تہ پيا پلجن اسين تہ ٿياسين پوتار جا ڪڙمي هاري ۽ وانگاري ماٺهو پيا لوچون پرجي نہ پيٽ ٻڪئي ملهہ جوٽيسين تہ بہ ڏاڏا دعا ڪر سوپارا آهيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪچهريءَ ۾ واه واه ٿي رچي ٿي سڀ سانول کي دعائون ڏيندا ٿا ڪن)

سانول : (موڪلائيندي) چڱو جهونا ڪچهريون قائم دائم

پاڻ هلئون ٿا. اتر جا ڪي پهلوان اچرڪي ڏينهن تي آجا مي هئا. مي

اڄ منهنجا مزمان آهن، تن جي بہ ڪا پهر لهان — موڪلائي

ڪانهي سدائين گڏ

خانڻ : چڱو ابا جيڏانهن پير تيڏانهن خير پر منهنجو هڪ عرضڙو

اگهاءِ

سانول : حڪم ڏاڏا جيءَ ڪيان.

خانڻ : ابا انهن مزمان پهلواڻن جو سياڻي مانجهاندو ۽ ماني مون وٽ

اٿئي اڇي پير پري وڃجو لاڏ لنگهي ايندو تہ من سرهو ٿيندو.

سانول : حاضر ڏاڏا! اڪين تي سياڻي ماني تو وٽ چڱو سدائين گڏ.

خانڻ ۽ ڪچهري : بيڙائي پار سدائين گڏ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_1

(پوتار پنهنجي خان جي ويهڪ)

پوتار ڏاڍو تَوائِيءَ ۾ آهي ۽ پنهنجي سٽ جي پهلوان نيو تي ڏمريو بيٺو آهي ڪمدار به موجود آهي

پوتار: منهنجا پاليل ڪتا به ٿم ۾ اڪيلا سوئر کي مارڻ ۾ دير ڪو نه ڪندا آهن. توهان کان سانول رسيو ڪو نه ٿو ٿئي. ڪائي ڪائي رهوڙ تي پيا آهيو ويٺي ويٺي هڏ حرام ٿي ويا اٿو. جي هن ڀيري به سانول سان جوڙ ڏيندي جوڪو ڪاڏئو ته هڏي لوڏ ڪتن جي باهوڙ سان بڇ ڪرائيندو سانو.

ڪانيو : پوتار سائين پلائي ڪري ڏاڍو ڏمر نه ڪيو سانول کي ملاڪڙي جي پهرين ڏينهن اها سيڪٽ ڏبي اها سيڪٽ ڏبي جو ٻي ملهه وڙهڻ کان ائين وٺون ويندو ائين وٺون ويندو. جيئن ڪانو پڇي ڪمان کان

پوتار: ڪانيوءَ جي سانول کان ملهه ڪٽي ميدان ماريئي ته مالا مال ڪري ڇڏيندو سانءِ— پر ياد رک جي پاڻ مرايئي ته مونن کان مندو ڪري هلڻ کان هلاڪ ڪري ڇڏيندو سانءِ

ڪانيو : توهان جو سر سلامت هجي پوتارا سانول اسان کان وڌ سگهارو ڪونهي. جي سنڌ روتنگي سيهنو ساهيائين ته ميدان مان چوڪنيو ڪٽائي ويندس.

پوتار : شاباس! پاڻ سان گڏ مونکي لوڪ لڄا کان بچائجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانيو: دل نہ لاهيو پوتار سائين جي پهرين ملهہ ماريائين تہ ٻئي ۾ نبري پوندو مانس، اهڙو ٻوڙيندو سانس اهڙو ٻوڙيندو سانس جو مٿان مٽ پاڻيءَ جو هارنس تہ بہ هوش نہ ايندس. موليٰ ٿو جاڻي.

پوتار: او ائين.. هاڻي وڃ ... پر ٻڌ!! جهڙو ڪانيو آن تہ ڪانپ ڪڍي نہ وجي ويهجانءِ. پنهنجي سٽ جا سڀ پهلوان وجي تيار ڪر محنت ڪر جيئن سياڻي ملاکڙي ۾ پاڻ موڪڻ جهڙا ٿيون.

ڪانيو: پوتار سائين اها ڳالهہ مون کي بہ هرکي ٿي. ڪالهہ پاڻ واري جهوني خانڻ جي لانڍ ۾ توهان جو نياپو ڪٽي ويو هوس، اتي بہ سانول جي سوڀ جي هاهاڪار هئي، پاڻ وارن چاڙن تي چيو تہ منهنجي وڃڻ کانپوءِ سانول خانڻ جي ڪچهري ۾ لباڙ هڻي چيو هو تہ پوتار جي پانهيءَ جو ڪو بہ ملهہ رڳو ڍاڪ تي چڙهي ميڙاڪي ۾ ائين ڦٽو ڪندو مانس جيئن ڪانياڻي جو ڳوڙهو جهار هلڪڻ لاءِ پوک ۾ اڇلبو آهي.

(اهو ٻڌي پوتار ڪروڌ ۾ اچي وڃي ٿو)

پوتار: ايڏي مڳي ڪري ويو آهي، اي موت موت پيو ڪري چا. پاتاريءَ جا بہ رڳو جن بچي چڏيانس نہ تہ منڍي لاهي لال واهہ ۾ لوڙهي ڇڏنس.

ڪمدار: (چمچہ گيريءَ انداز ۾) جيڪا ننهن سان ڇڄي تنهن تي ڪاتي ڇو وهائجي – ڪو نہ ڏنو

پوتار: اي ڪمدار ڪڏهين ڪا ڪم جي ڳالهہ بہ ڪندو ڪر. سانول جي سوچ ليلا وارو هار ناهي، جنهن تي هو هر ڪجي پوي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪمدار ڪي) ائين ڪو مائجي چو ويو آن ڪمدار وڏا. تنهنجي ان صلاح ڪي ٻہ ونون ٿا. جي سانول اهو سودو ڪري تہ مان هيڪوڙ جي ٻيڻ تي ٻول ٻريندو مانس ڳالهہ ٻہ ايتري نہ. تون ٻنا دير سانول ڪي سڏائي وٺ.

ڪمدار: جيڪو حڪم حاڪم جو.

(ڪمار نڪري وڃي ٿو)

ٻوتار: (پنهنجي منهن ڳالهائيندي) سانول ڪي شايد اها خبر ناهي تہ پنهنجي خان سان وير ڪاريهر تي ٻيبر آهي. مان تہ هڻ ڪڻ ئي ڪٽائي ڇڏيندو مانس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_2

(سانول جو گهر)

ساجن: ادا محبت ميڙا ملاڪڙا بہ مند جا پاڻ اها وهي ڪائي چڙهيا آهيون جو ورڪنجي پتو ڏنل پنڪا بڌي اجرڪون اوڍي هلي ميڙا ڏسندا هئاسين. زيارتون پيئيندا هئاسين. هاڻي مڙئي بارهين مهيني ميڙو ملاڪڙو ڏسڻ جو حيلو بہ هانو ڪري اچي ملندا آهيون. ساهہ تي ڪو وسيلو ڪونهي، ڪهڙي خبر سياڻي ڪانپ ڪدي ويهي حالي حوالي ٿيون يا نہ ٿيون يا نصيب. پير قبر ۾ لڙڪايو وينا آهيون. ڏيءُ مهرو بہ اچي لائق ٿي آهي پهہ ڪري آيو هوس تہ ياد گيرو ڏياربندو سانوءَ تہ پنهنجي امانت پاڻ پري ڪيو تہ سک جو ساهہ کڻون يا سک سان ساهہ ڏيون.

محبت : ادا ساجن! تنهنجو سر سلامت هجي اهڙيون ولڙيون وايون نہ ڪبيون آهن پائر آهيون ولهون ڪو نہ ويندا سين خاطري ڪر اميد الله ۾ تہ ڏيءُ مهرو سست ٿي مهر جا پير پري اچي اڱڻ اجاربندي سياڻي ملاڪڙو آ دعا ڪر تہ پٽ سانول سوپارو ٿي اچي تہ پوءِ ڪا صلاح سولي ڪري بندوبست ڪنداسين اول خير.

ساجن : ڪپي خير سانول اچا دير سان موٽندو ڪيئن؟

محبت: اسرلاڪون ديري تي ويو آهي جو اج وائريل آن گاڏا پراڻي شهر اناج منديءَ تي موڪلڻو هو ۽ پوک پٽيءَ جو بہ حساب چڪتو ڪرڻو هوس. بس پنڌ ۾ هوندو.

(موسيقي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک 3

ٻني ٻاري ۽ آس پاس وسندڙ ۾ ڏور ڍڳن جي رنبن جا آواز، کوهه تي نار جو رينگٽ ۽ پري ڪان ڪنهن ڪنهن ٽيوب ويل هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. ڪو ماڻهو ڍور ڍڳن تي هلڪون ڏينڊو ٺڪري وجي ٿو ۽ هڪ ٽرالي سوڌو ٽريڪٽر ڊوڙيا ڪندو فيڊ آئوٽ ٿئي ٿو. سانول نهايت خوشگوار موڊ ۾ ڳالهائيندو اچي ٿو.

سانول: ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهين ڳاڙها گل الو ميان! تڏهين ملنداسين الو ميان! تڏهين ملنداسين (سانول کي مائي ساران ڪاڪي شهمير جي زال ۽ پاڳان جي ماءُ سڏي توجهه ڇڪائيس ٿي.)

ساران : ابا سانول او ابا سانول ....!! (سانول ڳائڻ ڇڏي)

سانول: هو هوءِ ڪير ؟ ؟ ماسي ساران؟ ها ها ماسي اجهو آيس هتان واه جو پيٽ آ ٽورو وڏو سو ٽپي ڊڪو نه سگهندس هن ٻنڌي کان اڪري ٿو اچان (سانول جهٽ پل ۾ واهه اڪري ماسي ساران وٽ پهچي ٿو) جي ماسي.

ساران : اڙي ابا جواني ماڻين هيءَ گاهه جي پيري نه ڪٽائي. شل ڳاڙهي ڪنوار آڻين.

سانول : اي ماسي تنهنجي وات ۾ گلاب، ۽ گلقند وري نه ڇئجانءِ وري نه ڇئجانءِ

ساران : (خوب کلڪار ڪري) ڇورا شاديءَ جو ايڏو شوق ٿئي ڇا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانول : واهه ماسي واهه !! پلا شاديءَ جو شوق ڪنهن کي ڪونهي. ڪاڪي شهمير به زالون ماريون. ٽين تو به ڏنس پوءِ به تنهنجي جيئري چوي ٿو چوٿين شادي ڪيان.

ساران : بلي !!! ابا ڪا ڪهين شهمير هاڻي ڏند ڪائي چپن کي لڳو آ. وات جهڙو ڪنهن کات هنيو هجيس. هڪ اڻ هوند پيو افعال بچڙا. اڇي ڏاڙهي اٿو خراب. هاڻي هن سان ڪهڙي ڪونج شادي ڪندي. نه اٿس ٽڪا ءِ ٽيڙ جو وڪڻي ڪا پوڙهي سوڙهي پڪڙي اچي.

سانول: چوين جائي ٿي ماسي اها شادي ته ڪا نه ٿي تعدي ٿي پيو. آ پلا پري سنبراءِ (زورلڳائين ٿا) اي ماسي جهل جهل! ايري ته پڪوڙي پڌ.

ساران: ابا اها ڳاٽي پڳي، پري ڪا هڪ جٽي کان پڌبي هونديون آهيون به جٽيون ته اندر ٻاهر جا ٻني ٻاري جا سڀ ڪم نبيري ونديون آهيون. هاڻي مان هڪ جٽي وجان ته وجان ڪاڏي.

سانول: ها ماسي اڄ توسان پاڳان نظر نه ٿي اچي.

ساران: اي ابا ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين. جت چاوا پليا آهيون. سا جوءِ چڏڻ ڏاڍي ڏکي هوندي آ ابا !! مارئي پجاڻان مڙهه به اباڻي پار پورجي. باقي هن ڳوٺ ۾ هاڻي رهڻ ڪونهي، اهو ڪمدار جڏهين ڏس گهوڙيءَ تي چرهي پيو هرون پرون چڪر ڏيندو. نه پنڌ نه پيچرو. گهوڙي وبچاري ڏس ته ڪيڙين ۾ پئي ٽابرجي. هڪل گهوڙيءَکي اڇل اسان کي، ماري ڦتو ڪندو سانءِ ته لاش ڳجهون پيون کائيندءِ اي ابا سانول! اسان به عمر آندي آهي، اهي هڪلون هنبوچيون دڙڪا دهمان سيکي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهون ٿا. اسين غريب ماڻهو کهڙا بيهي ان ڳجهه ڳجهارتن جا جواب ڏيون. مٺي به مانَ مٺي به ماٺ. سو ابا الله توکي چڱائي ڏئي، ڏيءَ ياڳان کي ڪٿي گهر ويهاريم.

سانول: (ٿڌو شوڪارو ڀري) هون ڀلا ڪمون ڪٿي آ؟

ساران: اي بابا ان پٽ کان ته نپٽي چڱي هيس نه ڪري ڪم نه ڪار سڄو ڏينهن جوا جي پوبان. ڪلهه ڪاڪهين ويچارو شهر ويو. ڀتنيءَ جي وند وڪٽي س گهر پهتو ته ڪمون ڪهاڙي ڪٽي بيهي رهيس. چئي ڏوڪڙ هلاءِ نه ته اڳي ڪهاڙي جا پاها هنيا هئا مانءِ اڄ منهائيون وهائيندوسانءِ. سو ابا چوندا آهن سر بچائڻ سنت آهي ڏوڪڙ ڏيئي جان بچائي سون ڪٽي ڪمائي ڪٽ. گهر ۾ ٻي نين اهو باڪر ڪتو هوندو آ. منهنجو ته هاٿي پٽ آ. ڪهڙا ويهي پاراتا ڏيانس. باقي اندر ساڙي خاڪ ڪري ڏيو اٿائين.

سانول: ڀلا ماسي ڪاڪو شهمير ڪٿي؟

ساران: (ٿڌو ساهه کڻي) بس ابا اهو ويچارو به پٽ ڏوهه ۾ لڳو پيو آهي. اسان ته هيل پنهنجي ڪاڻ ڪاڻ ان جو ڪٽو به ڪو ته رکيو ٻنٽيءَ جي وند سان گڏ گندين ۾ رکيل ان به شهر وڪٽي آياسون. ڪمونءَ جا ڪرتوت ٻڌايان مانءِ پينگ ڪري وڃي جوا جي تڪريءَ تي ويٺو. هاڻي ته مال متاع وڪٽي به پيا سنبت ڪريون.

سانول: ڇاجي سنبت ڇاچي؟

ساران : ڏيءَ ياڳان جي شاديءَ جي ابا. زمانو ضعيف آهي ننڍي نيٽي نياڻيءَ کي ڪيترو وقت ويهاري ڪارائبو. ايندڙ مهيني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪريءَ کي پنهنجي سوٽ جي لڙهه لائي ڪلهن تان ٻار هلڪو ڪريون ته ڪا سڪرات سولي ٿئي. جيڪو ڏس پڪل ٻير جيان پيو ڪڙا هڻي. اسان جي ته ننڊ به حرام آ ابا. پلا پري ڪٽاڻ ته وڃي گهر پيڙي ٿيان. (سانول زور ڏيئي ساران کي پري ڪٽائي ٿو. پر پاڳان جي شاديءَ جو ٻڌي هو اندر ئي اندر ۾ پڄي پري پيو آهي. (ساران جي وڃڻ ڪانپوءِ سانول اباڻڪو ۽ ڳنڀير ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي منهن پڻڪي ٿو)

سانول: تنهنجي ايڏي تڪڙي سنبت ته منهنجو ساهه ئي سڪائي ڇڏيو آهي. پاڳان – مان !! جيڪو ڏکن ڏولائن جا ڏونگر ڏوري وينڊو آهيان، مون کي تنهنجي وڇوڙي جو ڏک ڏاڍو ڏکيو. سئو ٿيندو خبر نه آهي پاڳان تون الائي ڪهڙي پونءِ وسائيندينءِ

(پاڳان جا ٺهڪڙا – سانول جا ٺهڪ به شامل ٿي وڃن ٿا)

پاڳان: هون!! نيٺ پيرين وارا پير ڪٽي ڳولهي اچي لڌئي.

سانول: ها . پل تنهنجا رند رائيءَ ۾ لتجي وڃن ته به اندر جو اهاءُ ٻڌائيندو ته تون ڪٿي آهين.

پاڳان : جي پيرين وارا پرڪار اٿيئي ته پوءِ تر ۾ چورين چڪارين جام پيون ٿين. اهو ڏنڏو چو نٿو ڪرين؟

سانول: اسين ته پيار جا پيري آهيون، جت هوندوءَ ات ڪنهن نه ڪنهن حيلي بهاني اچي سلامي ٿينداسين.

پاڳان : (اونهون ساهه کڻي) هاسچ به تون جڏهين به جهٽ پل لاءِ ملندو آهين وڃڻ ڪانپوءِ جڻ تون مونوٽ ئي هوندو آهين جاڳ ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳ ۾ توکي چئو پئو ڏنو اٿم. ٻنهي ويجهو هلندي گهمندي
پوپان ايندڙ پير جي کڙڪي تي به هرويرو شڪجي ڏسندي
آهيان. متان تون هجين؟ !! سچ سانول تون ته منهنجو پاڇولو
بڻجي ويو آهين!!

سانول: پاڇولا ته اونداهين ۾ ساٿ ڇڏي ڏيندا آهن پاڳان! ڪڏهن
ڪڏهن وڇوڙي جو واءُ انڌ انڌو ڪار ۾ اونداهين وارو وراڪو
ڏيئي پوپان پئجي ويندو آهي.

پاڳان: (ڏکوئجي) ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين سانول. ڪڏهن
ڪڏهن زبان مان نڪتل اهڙيون وايون ئي ويري بڻجي
وينديون آهن. خبر اٿيئي! منهنجون ساهيڙيون تنهنجي لاءِ ڇا
چونديون آهن.

سانول (لنوائيندي) اهو اهو چونديون هونديءَ ته سانول اسان کي ڇتائي
ٿو ڏسي. هون!! آهن به ملوڪڙيون ڇوريون کيچليون ڏند پيون
ٽيڙينديون ته جهڙو ميٺ ڪائي آيون هجن پنهنجين ساهيڙين
کي ڇئو ته مساڳ ملڪ ۾ ڪٺي ويو آهي ڇا؟

پاڳان : (ڪلنڌي ۾ هلڪي ڪاوڙ ڪندي) هون ته اها ڳالهه
آهي پوءِ ڏسندو هوندين. توهان مڙدن تي ڪهڙو اعتبار. پري
ڪان سرڻ وانگر پيا ايڪيرا ڏسندا آهيو زالن کي

سانول: پلا ڇا چونديون آهن سائين تنهنجون ساهيڙيون سهڻيون

پاڳان: چونديون آهن ته (شرمائيندي) ته توهان جو جوڙ واهه جو نهندو

سانول: بروبر منهنجا جوڙ ته ملاڪڙن ۾ نهندا آهن پر تون نلهيون پانهون
ڏگهيرينءَ ته مان ڦهڪو اچي ڪندس. پر پنهنجا اهڙا پاڳ
ڪٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اوچتو پاڳان چرڪجي)

پاڳان : ائي الا! الائي ڪير پيو اچي مون کي تہ الاهي دير تي وئي آهي. مان هلان ٿي (پاڳان وڃڻ لڳي ٿي)

سانول: پر هت تہ ڪير بہ ڪونهي ايڏي تڪڙي منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ پاڳان، پاڳان! (آخري سڏ ايڪو ۾ گونجي ٿو)

(اوچتو سانول کي سندس پيءُ محبت جا سڏ ٿين ٿا. سانول جو چاچو ساجن ساڻ اٿس)

محبت : سانول! هو هوءِ او سانول! هو هوءِ! (سانول سڏ ٻڌي جڻ هو گهري ننڊ مان جاڳي چوي ٿو!)

سانول : (پنهنجي منهن) هان! هائو بيلي سچ بہ ڪير اچي پيو. اڙي هي تہ ابو آهي ۽ پيو؟ ها چاچو ساجن بہ ساڻ اٿس. اوهہ !! ؟ مان تہ اڳهون الائي ڪهڙي دنيا ۾ پهچي ويو هوس (اوتهو ساهہ کڻي ٿو) (محبت ۽ ساجن ويجهو اچي)

محبت: ابا اڄ تہ ڪري گذاريئي ايڏي دير؟

سانول: (ساجن کي ڪيڪاري) چاچا ساجن ڀلي ڪري آئين؟

ساجن : ڀلايون هوندءِ ابا! خوش تہ آهين نہ. ڳپل ٽيم ٿيو آ جو گهر ڀيرو ٿيو هوس ادي محبت سان حالي حوالي ٿيس. تنهنجو انتظار پئي ڪيوسين، سوچيم تون اچين تہ توسان احوال اوري جيءُ جاءِ ڪريان. پر ابا!!؟ رونبا ٿيا، ان نسريا، لاب لٿا، ڳاهہ ٿي فصل لهي دنگ ٿيا، پر تون الائي ڪٿي وڃي پيهو کوڙي ويهي رهئين.

محبت: ابا او هُو چئن جريبن کان توتي وڃي نگاهہ پئي، سوچيم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشڪ تون هوندين، وبجهو پهتاسين تہ برابر تون هئين پر آهين ڪهڙن ٻوڏڙن ۾ ان جي ونڊ نبيريئي؟

سانول : (هٻڪندي) ها پر بابا چاچو ساجن ڏس پنڌ جي هٽي مس پهتو تہ گهر تڪڙ ئي ڪو نہ ڏنو اٿو. مورڳو ساڻ ڪٽي سهڪايو اٿوس، مان بہ اجهو گهر تي آيس، چاچي کي پيرين پئي حالي حوالي ٿيان ها. پلا ٻار تہ ڪونہ هوس جو گم تي وڃان ها.

ساجن : پر اسان لاءِ تہ اهو ساڳيو ٻار آهين نہ، رڳو ايترو آهي تہ توکي ڪچ تي ڪٽي هٿ تان شي شگل ونئي ڏيڻ واري وهي ويئي موڪلائي (محبت ۽ ساجن کلڻ لڳن ٿا)

سانول: (ڦڪي کل کلندي) ها چاچا برابر هلو پلا هلون.

محبت: ابا! اهو تو وارو مزمان پهلوان بہ پروارو ڳوٺ گهمي ڦري سنگت ساڻ سان ملي آيا، تن کي بہ جهوني خانڻ واري لانڍ تي پهچائي آيس. اڄ رات جا ادي ساجن جي ماني ۽ رات جي ڪچهري بہ جهوني جي لانڍ تي ٿيندي، چاچهين چيو سياڻي جو سڄ الائي ڏسون الائي نہ، سو توکي ڏاڍو پئي ساريائين، تنهنڪري ساڻ وٺي آيو مانس. ٻيا احوال پوءِ ويهي چڱي پر ڪنداسين. پر رئيس پنيي ٰخان جو ڪمدار پيرل بہ ٽي دفعا اسان واري لوڙهي وٽ ٻيهي هوڪرا ڪري ويو آهي، رئيس توکي ويهڪ تي گهرايو آهي.

سانول: چو خير تہ آهي؟!!

محبت: الائي ابا.! پر ٻيلي تون آهين، ڪجهہ ڦروئي ارڏو ويهڪ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃين ته تورو نياز نوڙت سان ڳالهائجانءِ. اسين ته آهيون مشڪين. هاري ونگاري ماڻهو آهيون. رئيس پنهنجو خان آخر اسان جي ڳوٺ جو چڱو مڙس آهي.

سانول : (ڪروڌ ۾ ڀرجي) چڱا مڙس هوندا آهن چڱائن سان. هاري يا ونگاري ماڻهو آهيون ته لوهه جا لڳ اٿئون. آدي ءَ مانجهيءَ ڪوريون ۾ لوچون ٿا. روز زمين تي آ ڪنهن تي بار ڪو نه آهيون. روز رزاق جو ٿا کائون. رئيس جي گهران ڪو نه ٿا کائون. مان هلان ٿو.

(ٻنهي کي چڏي تڪڙو نڪري وڃي ٿو. ٻئي کيس سمجهائڻ لاءِ سڏيندا رهجي وڃنس ٿا.)

محبت ۽ ساجن : اڙي ابا سانول پٽ ڳالهه ته ٻڌ.

ساجن: ير همراهه ته پاڻيءَ مان نڪرندو ٿو وڃي. هاڻي اسين پوڙها مڙس ڊوڙ پائي کيس پڄي به ڪو نه ٿا سگهونس او ابا.. ير .. ويو هليو.

محبت: موليٰ ماڙ ڪندس رب جي چانو هوندس. ڏاڍي ماڻهوءَ جي جاءِ تي ويو آ.

(موسيقي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_4

(پوتار پنيي خان جي ويهڪ تي سانول جي ڏي وٺ)

پوتار: ڪمدار وڏا. سانول کي تون سمجهائي منهنجي ڪا ڳالهہ نہ ٿو سمجهي.

ڪمدار : پوتار سائين هاڻي ڪونڌر مڙس آهي. ٻار تہ ڪونهي جنهن کي ٻيهي سمجهايون (سانول کي) سانول سوچي وٺ اهڙا وجهہ روز روز نہ ملندا آهن.

سانول: اسين غريب آهيون تہ غيرت بہ اٿئون. پوتار لوپ جي لولي تي ڪو نہ پليا آهيون

پوتار : سانول..!!؟

سانول: پلئون پل جو ڪو چيهہ ناهي پوتار. توهان واري سٽ جي ملهن سان سندرو سانهڻ بہ ڪنهن اوکيءَ سوکيءَ جو ڪم ناهي. مون کي پنهنجو پاڻ تي ويساهہ آهي. جي ويساهہ تي ويساهہ گهاتي ڪريان تہ حيف اٿم. توهان جي سودي کان ميدان ڪبو سر سر تي. پوءِ ڪٽن ياڳ. اها رشوا وجي ڪنهن گيديءَ کي آڇ..

پوتار: (اکيون ڪرڙيون ڪري) پانيان ٿو سر کان تنو آهين سانول! ساڃاهہ ڪر ڳالهائين ڪنهن سان ٿو.

سانول (توڪندي) حق سچ پڌڻ کان وئون چوٿا وجو.

ڪمدار : (ڪمدار تڏي نموني سمجهائيندي) سانول سياڻو ٿيءُ. اڌ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي سڄيءَ ڏي نـ ٻوڙ. اڌ بـ ويندءِ پوءِ سڄي ڪاڻ پيو سگهندين.

سانول: توهان جي اڌ ڪان الله ايمان ڏيندو. باقي سڄيءَ تي ساهـ ڏبو. ڪنڙ هارائڻ جو فصيلو پڙ ۾ تيندو. ڳالهـ آ سنئين سڌي!

پوتار: (ذري گهٽ رڙ ڪري) لهي وچ ان ڳالهـ تان سانول! نـ تـ راتيان سڪ جي ننڊ سمهڻ ڪاڻ سڪي پوندين.

سانول: ويهڪ تي گهرائي دڙڪا نـ ڏي پوتار؟ ملاڪڙي ۾ سر جو سانگو لاهي جوت ڏبي. جوڙو نـ تيو تـ سرسي تيندي نـ تـ ساهي ڪبي. آڻ ڪو نـ مڃيندس. پل پاڻ مارائي مُڄ ڪريان. الله واهي. (نڪري وڃي ٿو).

پوتار: (ڪاوڙ ضبط ڪندي) ويو هليو (هڪل ڪندي) ڪمدار

ڪمدار: پوتار سائين.

پوتار: مون کي اهو واتوڙي ڇورو رات جي پيٽ ۾ رئي ڪري ڏي

ڪمدار: (پوتار کي ٿڌو ڪندي سمجهائيندي) پوتار سائين هجي ڪو لوسي لومڙ تـ ڏرِ تائين نـ ڇڏئونس. سانول ملهن جو نڪ ۾ دوناڙ پهلوان آهي. تنهن کي ماري سرگم ڪرڻ ڪاري هيٺان سج لڪائڻ برابر آهي. الله تي رکو صبحاڻي ملاڪڙي ۾ پنهنجا ماٺهو پرکي ڏسون نـ تـ ڪو نـ ڪو تڪو پنجو ڪري ونداسين (پوتار ڪاوڙ ۾ ڪروڌ ۾ غرڙات ڪندو رهجي وڃي ٿو).

(ملاڪڙي جو ميدان دهل جي ڌمال ماڻهن جو شور ڇوبول سانول ۾ جانو بابت خيالن جي ڏي وٺ)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانڻ: سائين جانو جبل جي هنڌين ماڳهين ها ها ڪار آ. ڪڙو تڙو ملهه آ. سانول ته اجا ڪڙهه ئي ڪونه ڪڍي آهي. ڪالهوڪو ٻار آ. ڇٺيءَ جو کير واڇن کان پيو وهيس.

جمن: پر ڏاڏا! جانو ته ڏاڍو جنوني مهه آ. اکين ۾ نهارينس جڻ ٻاهه جا اُلا پيا نڪرنس. سانول کان مڙئي سگهه ۾ سرس ٿو ڏيکارجي.

خانڻ: برويرا پر ملهه ۾ سگهه يا قاقت (طاقت) تي ڪونه پاڙيو آهي. هي صديون پراڻو فن آ. ابا. ڪو فساد ڪونهي جيئن ٽيلي ويجن ۾ پيا انگريج وڙهندا آهن. اصل جهيڙو ڪر هڪ ٻئي جي رت جا اڃايل ڪڏهين ڏس ته هڪ ٻئي جا مٽڪا پيا مروٽيندا هڏ گڏ پيا ڀڃيندا. انهن انگريج پهلوانن لاءِ ٻڌو اٿئون ته جي انهن کي ايترو ڪجهه منلدو جو انهن جي اولاد به ورهين تائين ويهي کائي.

جمن: ها ڏاڏا. حاجي ڪمال واري لانڍي ۾ رکيل بينٽري تي هلندڙ ٽيلي ويجن تي هر هفتي سيڙ جي هلي اها انگريچن واري ملهه ڏسندا هئاسين. ڏاڍو مزو پيو ايندو هو. پر هاڻي ٽيلي ويجن خراب ٿي ٺلهو کوکو لڳي پيئي آهي.

خانڻ: هائو. ويچارو حاجي ملوڪ دبئي ڪمائي آيو سا به ڪا نه ڦريس گهر کي ڪاٽ هڻي ارڪو ترڪو ڪٽي ويس. جاءِ ٻئي نهراياڻين سا به اڌ ۾ رهجي ويس. رئيس وٽ دانهين ٿيو تنهن به آسرن ۾ رهايس. ويچارو ماٺ ڪري ويهي رهيو.

جمن: ڏاڏا رئيس پنيو خان به سنگت سان آيو آهي، هينئين ٻانهين جي جوٽ سنبت ۾ آهي. ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانڻ: هائو۔ هاڻي ماٺ ڪيو سانول جي سوڀ لاءِ دل ۾ ٻاڏايو رب سوڀارو ڪندس. جانوءَ سان جوٽ ڏيڻي آهيس. جبل جاءِ تان چورڻو.

جمن: الله مالڪ آهي. سڀ سڻايون!!

(هينئين ٻانهين جي جوڙجي هاها ڪار. واهَ واه سانول ۽ جانو جي هڪ ٻئي سامهون ٿيڻ سان ماڻهن ۾ چوٻول ۽ هاهاڪار).

جمن : ڏاڏا هينئين ٻانهين واهہ جو ٻاڻ ملهايو. پر اجهو؟ سانول ۽ جانو جبل اٿيا هن۔ (دهل جي ڏمال تيز ٿي وڃي ٿي ماڻهن جي سانول جي همت افزائيءَ لاءِ هوڪرا)

خانڻ: سانول کي تہ فلڪ ئي ڪانهي. جانوءَ جو سنڌرو ائين پيو ساهي جيئن نہ ارڏي سانَ کي تڪبير ڏيڻ لاءِ واجهہ وجهجي!! او هاڻي جانو بہ سنڌرو ساهي جوٽ ڏني، مالڪ تون مهر ڪجانءِ، سانول سوڀارو ڪجانءِ. آ. آ. واهہ واه.

(ماڻهن جو چوٻول ڪو جانوءَ کي ڪو سانول کي همٿ پيو ڏياري).

خانڻ ۽ جمن جا هوڪرا. وهہ وا. آ آ. هڻ اندرين. هڻ اندرين سانول وارو بچاءِ. واهہ وا. ڏاڏا جانو واهہ جا جاننا پيو هڻي هِتِ.

خانڻ: هائو سانول بچاءَ ڪري ويو. هُت ڏس، جانو جبل زمين تان کڄي ويو آ. (وڏي هاهاڪار) ها ها ها. واهہ جو ٿي جانو گوڏو وجي ڪوڙيو بلي بلي. جانو پهلوان سانول جي پلي پيو ٿپي (اونهو ساهہ کڻي) پهرين ملهہ تہ سانول جي حق ۾ ٿي، هاڻي جوڙو ٿئي تہ ڳالهہ نبري.

جمن: ڏاڏا اهو ڏس. رئيس تہ اصل ڪونچ تي اوڪڙو لڳو وينو آهي، اٺ ويهہ لڳي وئي اٿس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانڻ: بس ابا، پوتار ڪونچن تي پيرن پير پيو ڪڏي پانيان ٿو اڄ اهي ڪونج چڳا پيا هوندا، اصل آنڊا گوندا باهر.

جمن: (ٺهڪ ڏيئي) ها ها ڏاڏا چئين سچ ٿو هو ڏس ڏاڏا، وري ٻنهي پهلوانن سنبت ڪئي آ.

خانڻ: هائو سانول ماري ته سوب ٿيندس، رب سوپارو ڪندس.

جمن: ڏاڏا زور شروع ٿي ويو. ها. آ ” . هت سانول جانني مان جند ڇڏاءِ، ڏاڏا جانو جاننو اهڙو ٿو هٽي جهڙو ونگ وجهيو ڇڏي.

خانڻ: ها۔ سانول جاننو بچائي سولو ٿيو آ. هاڻي ٻئي پهلوان ساهيءَ ٻهاني هڪ ٻئي کي توربن تڪين ۽ داءُ سوچين ته ڪهڙي حرفت ڏيڪاريون. ها ها۔ واهه واهه. جانو جبل سانول کي پٽ تان ڪٽي گهوماتيون پيو ڏئي، ها ها، سانول دسجڻ واري داءُ کان پاڻ بچائي ويو ٻيلي هاڻي ته رڳو ڏڏڙ پئي اڏامي.

حسين: ڏاڏا ٻه ارڏا سانَ هڪ ٻئي سامهون ٿيا هن. هڪ ٻئي تي داءُ ڪندي ميدان ڇڏي وينل پهلوانن جي جٽي وٽ وڃي پهتا آهن.

خانڻ: بس ته ڪر ابا ڏوڙ ۾ رائي ڏهوئي نٿو پوي.

(زبردست هوڪرا ۽ هاهاڪار)

خانڻ: الائي ڇا ٿيو حسين تو ڏٺو ڪير ڪريو؟

حسين: نه ڏاڏا ڏوڙ ۾ خبر ئي نه پئي!

خانڻ: اڙي پتيا پوءِ پاسو وٺي جانچ ته لهي آ؟ هتي ڇا وينو ٿو ڪرين.

حسين: (خوشيءَ وچان) ڏاڏا هو ڏس سانول ڍهل جي ڏمال تي پيو ڪڏي ميڙي جي ماڻهن کي جهڪي هٿ ٻڌي نياز نوڙت پيو ڪري، هاڻي انعام پيو اُڳاڙي واهه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانڻ: هائو ٻيلي مس ڏڏڙ بہ ڊري تي آهي، جانوءَ جا پناڙا متيءَ ۾ ڏوڙ لڳا پيا هن. ڀانيان ٿو سانول جي داءَ ۾ چوڪنيو ٿپن پر اڇي لڳو آهي. واهہ سانول واهہ. (رڙ ڪري) سانول ابا! او ابا پٽ اچي منهنجي گهور بہ وٺ.

سانول: پيرن تي هٿ ڏاڏا (پاڪر ٿو پائيس).

خانڻ: ابا۔ ابا، مڙهو مڙس آهيان، متان زور ڏين.

حسين: سانول مبارڪون هجنئي.

سانول: لک لائق حسين. (ماڻهو جي شاباس ۽ هوڪرا) گڏيل گڏيل آواز واهہ سانول واهہ خوش رهہ. واهہ سائين واهہ. اڄ خوش ڪري ڇڏيئي. (هڪ آواز) واهہ سانول جوان جا پٽ اسان جا پنڊ سجايا ڪري ڇڏيئي.

سانول: بسم الله. بسم الله. لک لائق توهان جون دعائون پائو ٻانهو آهيان ماڻهن جا آوازَ ۽ دهل جي ڏمال (فيڊ آئوٽ)

جانو: اسين پهلوان ماناٽي ماني کائيندا آهيون، پل رکي سکي هجي. ان مانيءَ جو گره ئي ڪين اڪلندو. مان پٽي واري ماني ناهيان کائيندو.

پوتار: (ٺورو ٺڪو ٺيندي) تون منهنجي نيند تي آيو آن جانو صبحاڻي ڊڳن جي گوءِ کان پوءِ ملاکڙي جي آخري ڏمال آهي، سانول سان پلئو ڪري پوءِ وڃجانءِ!!

جانو: ڀُليا آهيو پوتار؟ مان پاڙيٺو ملهہ ناهيان نہ ئي پاڙيو آهيان. ملهہ ۾ مار کائي سانول جي پٺي نپي اٿم. هاڻي سانول سان سينو ڪو نہ ساهيندس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوتار: مڙئي خير آ جانو سانول سان پلئو ٿي ڏيندو هي ڳهيلن جو ڳوٺ ناهي، پوتار پنهنجي خان جو ڳوٺ، آهي.

(اينتري ۾ پري کان پاڳان جو پيءُ شهمير دانهيندو اچي. ڪمدار ان سان جهيڙيندو تو اچي.)

شهمير: پوتار سائين! پوتار سائين! پلائي ڪري امين تيو الله الڳ اسان کي روهه م نہ رلايو.

پوتار: (اوڙڪ سختيءَ سان) ٻڙ ڏڪ چڏ. ڳالهہ کي اڪلائي.

شهمير: (روئنهارڪو ٿي) پوتار سائين منهنجي پٽ ڪمونءَ ملاڪڙي ۾ توهان جي ڪمدار پيرل سان بازي رکي، منهنجي ڌيءَ پاڳان جي ڏاج جا ڳهہ ڳنا هارايا آهن.

پوتار: (ڳالهہ ڪٽيندي) پوءِ؟ مان ڇا ڪريان؟

شهمير: اسان جي نياڻيءَ جو ننگ ڪيو پوتار سائين، ايندڙ مهيني چنڊ جي جوڏهين، نياڻيءَ جي شادي آ، اسان جي نياڻي توهان جو بہ ننگ آهي، پوتار، ٻنگ پري ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، مال متاءُ توهان جي ملڪ آ، ڏيئڙي جا ڳهہ واپس ڪرائي ڏيو.

پوتار: ڪمدار؟

ڪمدار: جي پوتار سائين!!

پوتار: بازي ڪنهن تي رکي هيئي؟!

ڪمدار: (هبڪندي) پوتار سائين.

پوتار: (ڪروڌ ۾) هاڻي وات کان ڏر بہ ڪٽي.

ڪمدار: پوتار ڳالهہ ڳجهہ ۾ ڪرڻي آ جانو مزمان ويٺو آهي. ڳالهہ ڪرڻ نہ ٿي ٿهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوتار: نيڪ آ نيڪ آ. پاڻ ۾ آهيون مڙئي خير آ. ڳالهه ڪر!!

ڪمدار: (هٻڪندي) پوتار سائين، خبر هيم ته سانول سوپ ڪندو. ڪموءَ جانو جبل تي بازي رکي هئي. پر سانول سوپ ڪئي ۽ مون شرط ڪٽي.

پوتار: (نورو لنوائيندي لڄي ٿيندي جانوءَ ڪي ڪلي) هي هي هي جانو دِل ۾ نه ڪجانءِ، توکان ڳالهه ڳجهي ڪو نه رکي سون، ميلن ملاکڙن ۾ ائين ته ٿيندو آ.

جانو: سچ ٿو چئين پوتار سائين چڱو مان هلان ٿو.

پوتار: ويهه ته سهي، ويهه ته سهي، ڳالهه ته ٻڌ.. (پنهنجي منهن) ويو هليو (شهمير کي سختيءَ سان) پوءِ پٺيين اهڙا ڪم ڪري چو ٿو هاڻي ٽري وڃ، منهنجي اکين اڳيان، جيڪو ٿيو سو چٽو هينئر دماغ جاءِ ناهي (شهمير ليلائيندو رهجي وڃي ٿو پوتار ڪمدار کي).

پوتار: ڪمدار ڪڍينس ٻاهر

ڪمدار: ها پوتار سائين (شهمير کي) اڙي هل ٻاهر، نڪر هتان، (ڪمدار جي وٺ پڪڙ ۽ شهمير جا ليلڙاٽ پري ٿي وڃن ٿا.)

(پوتار سانول کي اوچتو ڏسي)

پوتار: ڪمدار پيرل خان

ڪمدار: پوتار سائين.

پوتار: سانول ڪان پڇ ته ويهڪ تي ڪيئن ڏوڪي آيو آ. سِرَ ڪان ٽٽو آڇا؟

سانول: مان توهان کي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان، ته مون کي توهان جو ٻول

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبول آ. مان توهان جي سٽ جي ملهن ڪانيو ۽ منو يا هن ڪوناپل ملهه جانوءَ کان هارائڻ لاءِ تيار آهيان، پر منهنجو بہ هڪ ٻول قبوليو.

پوتار: (چرڪجي)هان، تون هارائڻ لاءِ تيار آهين. (سوچيندي) اهو اهو وري ڇا ٿو ٻڌان. هان، ها ها، نيڪ آهي (ڪمدار کي). ڪمدار وڏا! سانول کان چڱيءَ طرح پڇ تہ ڪهڙو ٻول پريندو؟ اسان تہ توکي ٻڌو ٻول ڏيئي چڪا آهيون تہ ڏهن هزارن ۾ ميدان ڇڏي وڃ.

سانول: مون کي ڏوڪڙن جي ڪاڻ ڪانهي پوتار!!

پوتار: تڏهين ڇا کپئي.

سانول: ٻول ٻڌڻ کان پوءِ جواب هاڪار ۾ ملندو.

پوتار: ٻيجل وانگر سر گهرندين ڇا؟

سانول: ڇوتا راءِ ڏياچ جو روح رنجايو پرئي ميڙي ۾ مار کائڻ مون لاءِ سر ڏيڻ جي برابر آهي. جڏهين تہ ڄُوءِ ۾ مون کان ڪو بہ سگهو ڪونهي.

پوتار: ڳالهہ کي ڳالهيڙو نہ بڻاءِ. سانول جيڪو گهرندين سو ملندءِ.

سانول: مون کي ڪاڪي شهمير جي ڌيءَ ياڳان جي ڏاج جا ڳهہ کپن، جيڪي توهان جي ڪمدار مون تي بازي رکي کٽيا آهن.

(پوتار سوچ واري انداز ۾ ڪمدار کي)

پوتار: ڪمدار ڪهڙي صلاح ٿئي!!

ڪمدار: جيڪا صلاح سائين جن جي پوتار! اهو سودو تہ بنهہ سستو آ.

پوتار: ها تہ پوءِ نيڪ آهي، ٻول قبول ڪيوسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانول: ڪجهه هيٺئين مليندا؟

پوتار: ڪمدار پيرل جواب ڏي!

ڪمدار: هاڻي پوتارا پول قبوليوسين.

سانول: ته پوءِ ڪجهه آٽي ڏيو.

پوتار: ڪمدار ڪجهه ڪٽي آ.

ڪمدار سائين! اجهي ڪجهه منهنجي وَر ۾ آهن.

(سانول ڪجهه وٺي وڃي ٿو سنڌس وڃڻ کان پوءِ پوتار ڪمدار کي.)

پوتار: ڪمدار: ڪمدار وڏا.

ڪمدار: جي پوتار وڏا.

پوتار: سانول تو واري ڪوڙڪي ۾ اهڙو به تنگو ڦاٿو آ. اهڙو به تنگو ڦاٿو آ، جو ٻئي نريون چٽ (ٺهڪ).

ڪمدار: پوتار سائين توهان جو سر سلامت هجي، متان نه ڀانيو. نريون به اهڙيون چٽ جو ملاڪڙي وڙهڻ کان اڳ ئي گوڏا ڪوڙيا اٿائين. (پوتار ۽ ڪمدار ٺهڪ ڏئي کلن ٿا).

(ماڪڙي جو دهل ٿو وڃي، ماڻهن جا آواز)

جانو: (پنهنجي منهن) پل سانول ڪانيوءَ کان ڇاڻي واڻي ملهه ۾ مار ڪائي ڪجهه مالڪ ٿائين پهچن، پوءِ ڪانيوءَ سان پلوَ جي جوٽ ڏيندس پل هينئيون ٻانهيون نبيري بيهن.

(وقفي وقفي ماڻهن جي ها هاڪار)

جانو: اونهون ساهه کڻي اسان پهلوان ڪڏهن ڪڏهن ائين به وڪامندا آهيون، سانول ڳوٺ جي نياڻيءَ جو ننگ رکڻ لاءِ پرئي ميڙي ۾ ڇنو ڪنيو تي لڳو آ. پاڻ تي هوڪرا ڪرايا اٿائين. هاڻي اهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿ ناٿ بند ٽيڻ گهر جن. سگهارو سچٽو ميڙي جا ملوڪڙئو ٻڌو؟ منهنجي ڳالهه ٻڌو ساﻧول کان ڪير به سگهارو ڪونهي، ساﻧول سوپار آهي، ساﻧول سپارو آهي.

پوتار: ڪمدار، جانو چا پيو چئي (زور سان) جانو؟؟

جانو: جانو جڪ نه ٿو هٽي. پوتار پنيا خان، اسان ماٺهو ڪيستائين راندپڪا بڻجي توهان جي هٿن ۾ ڪڌندا پڇندا پرندا رهنداسين. اسين ڪڪڙ ناهيون جي ويڙهاند ۾ ڪڙهون ڪائي ميل مارڻ جهڙا نه ٿيون، ته ڏيهائي ڪباب ڪري کائي ويندؤ اسين رڇ سوئر ناهيون، جن کي ٻڌي چئن چئن ڪتن جي باهوڙ ڪرائيندؤ اسين ملهه "هيون پهلوان آهيون. پرئي ميڙي ۾ پلئو ڪري جاٽون، مون کي ته توهان جي ان ڪانيوءَ لاءِ به وڏو مانُ آيو پوتار! اهو پيٽ خاطر وڪاٽيل ماٺهو پنهنجي وس نه آهي، تڏهين تنهنجي پيرن ۾ پيو آ. توهان جي ڪانيوءَ سولائيءَ سان ساﻧول کي ملهه ماري آ، اهو ساﻧول جنهن مون جهڙي جانو جبل کي پهرين مهه ۾ تئي جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. تنهن کي ڪانيو ڪيئن ڪيرايو؟ سا مون کي سڀ خبر آ، موڪل ڪانيوءَ کي پڙ ۾، پوتار! ته ليڪا هٿ لاهه پاهه ٿين، پهريائين ساﻧول سان جوڙ ڪرڻ پوءِ مون سان سينو ساهي.

(ماٺهن جو چئو ٻول پوتار تپي باهه ٿي وڃي ٿو)

پوتار: (ڪانيوءَ کي) اٿ ڪانيو ڪاهه ڪر!!

ڪانيو (گهبرائجي بدحواس ٿي) پوتار سائين، مون تي مهر ڪيو مون تي رحم ڪيو مون تي ٻچ ڪرايو پر مون کي جانو يا ساﻧول،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سامهون نہ ڪيو پوتار سائين ماڻهن جو ٺهڪڙو.

پوتار: ڪارو اٿيئي منهن (چوندي ڪاوڙ ۾ وجي ٿو هليو).

(ماڻهن جو چوٻول)

خانڻ: بلي بلي، جانب! جانو جبل!! مون اڳ ئي پرکي ورتو هو تہ ڳالهہ ۾ ڪو ڳالهيڙو آهي پر سائين تو تہ پوتار جا وکائي پڌرا ڪري ڇڏيا.

جانو: (ٺهڪ ڏيئي) جهونا، ڊوهہ مان ڪهڙو ڊاپيو. اسين پهلوان سچ تي سر ڏيندا آهيون. جت نياڻي جو ننگ نہ هجي، اُت سانول جهڙا لوئيءَ جا رکوال لڄادار پيدا ٿيندا آهن. جت پاڙيتا پاڙي پلجن اُت سانول جهڙا سوپارا سوين ڪوهين پيا ڀڄبا. پاڻ ڪان خوشامد ڪو نہ پڄي. ڏاڏا خانڻ!! مان جت بہ ويندس، جت بہ هوندس، سانول جي سچائي ۽ سوڀ جي ساراهہ ڪندي ڪين ڍاپندس.

(سانول شهمير جي گهر جي لوڙهي ٻاهران هڪل ڪري)

سانول: ڪاڪا شهمير هو هوءِ، او ڪاڪا شهمير هو هوءِ!

ڀاڳان: ڪير آ.

سانول: ڀاڳان مان آهيان سانول، ڪاڪو شهمير آهي؟

(ڪا گهڙي ماٺ)

سانول: ڀاڳان، ڪاڪي شهمير جو پڇيم.

ڀاڳان: (ڳنڀير تا سان) بابا ڪم سانگي ٻاهر نڪري ويو آ.

سانول: ڀلا ماسي ساران!!

ڀاڳان: امان ڳاهہ ڪرڻ وئي آ. تون اچي اڳڻ ۾ تڙڪي تي ويهہ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امان بابا اڃهو ايندائي هوندا.

(سانول اندر اچي اڱڻ ۾ رکيل کٽ تي ويهي ٿو).

سانول: (ڳالهائڻ بهاني) اِهو پيلا پاٽي چڪو تہ پيار.

پاڳان: سامهون دلو رکيو اٿيئي. وڃي مهن ڏينس.

سانول: مان تہ تنهنجي گهر ۾ مزمان ٿي آيو آهيان پاڳان! تون پاٽي بہ نٿي پيارين.

پاڳان: (ڦڪي کل کلندي) تون ڪهڙي گهر جي ڳالهہ ٿو ڪرين. سانول مزمان تہ مان آهيان، اڄ آهيان، صبحاڻي ڪو نہ هوندم، منهنجو تہ ڪو گهر ڪونهي.

سانول: تنهنجو سهاڳ سلامت رهي، توکي سرتين سامهون ڳاڙهي ڪنوار ڏسڻ لاءِ مون پرئي ميڙي ۾ سر جون سٺون ڏنيون، سانول جا سو سِرَ توتان قربان آهن. پاڳان تون جت بہ هجين خدا ڪري خوش هجين، منهنجا پاڳ مون سان. مان هلان ٿو

(سانول نڪري وڃي ٿو.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_8

هانءِ منهنجو ساٿي

ڪردار

سجاد: قمر شهباز

انجنيئر: نعيم بلوچ

مسافر 1

مسافر 2: ابراهيم چنا

عورت: قيصر نقوي

ساٿي: قربان جيلاني

ڪپتان: جي ايم ڪليم

دارا

روزي: شاهده امان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ۽ منهنجو ساٿي

سامونڊي لهرن جو آواز. ٻري ڪان بحري جهاز Hoot ڪري ٿو.

لهرن جو آواز UP ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح جهاز جو Hoot پڻ ويجهو ڪان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

لهرن جي آواز سان گڏ ڊانس ميوزڪ Mix ٿئي ٿو ۽ آهستي آهستي لهرن جو اواز Back Ground ۾ هليو وڃي ٿو ۽ ڊانس ميوزڪ Forground ۾ اچي ٿو

ڊانس ميوزڪ Cut

تاڙيون

سجاد: ٿينڪ يو ويري مچ ليڊيز اينڊ جنٽلمن. ٿينڪ يو انڊيڊ. مونکي يقين آهي ته اسانجي اڄوڪي پروگرام ڪي اوهان ضرور پسند ڪيو هوندو. جيئن ته اوهان کي ڄاڻ آهي، هوائي بيٽن تائين پهچڻ ۾ اسان کي اڃان ٻه هڪ هفتو لڳندو ان ڪري جيئن ته هن جهاز جي ڪپتان هئڻ جي ناتي. اوهان جي تفريح جو انتظام منهنجو ذمو آهي. مان اوهان سان وعدو ٿو ڪيان. ته ايندڙ هر رات پاڻ سان گڏ موسيقي. ڊانس ۽ ڊنر جي نئين دنيا کڻي ايندس.

تاڙيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد: خواتين وحضرات! اوهان ضرور متنظر هوندا. اڄ جي حسين ترين جوڙي جي اعلان لاءِ تہ اڄ انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون. ججن جي يڪراءِ فيصلي موجب، اڄوڪي رات جو خوبصورت جوڙو آهي مسٽر ۽ مسز آصف علي Give a big hand please

(تاڙيون — تاڙين سان گڏ لهرن ۽ طوفان جو تاثر اڀاري ٿو)

سجاد: معلوم ٿو ٿئي تہ قدرت پڻ ججن جي ان فيصلي تي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري رهي آهي.

بهترين ڪنواري جو انعام حاصل ڪرڻ وارو خوشنصيب آهي اسي سالا جهونو نواب خداداد خان

(تاڙيون — طوفان سان گڏ لهرن ۽ وڄ جو تاثر. بہ شامل ٿئي ٿو)

سجاد: پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، خواتين و حضرات! سمنڊ جي هن حصي ۾ اڪثر طوفاني هوائون هلنديون آهن. اوهان آرام سان پنهنجي جاين تي ويٺا رهو. اڄ جي بهترين ڪنجوس جو انعام مليو آهي سيٺ دمڙو مل کي. هن پنهنجي گهرواريءَ کي ڪائونٽر تان هڪ پيسٽري خريدي ڏني پر ٽي دفعا چپن تي آڻڻ جي باوجود کيس کائڻ نہ ڏنائين ۽ آخر ڪار پيسٽري واپس ڪري پئسا موٽائي ورتائين.

Keep it up seth Damru mal

(تاڙيون — وڄ جو ڪڙڪاءُ، لهرن جو شور، ٽانون ڪرڻ جا آواز عورتن ۽ مردن جون رڙيون)

سجاد: خواتين وحضرات! تحمل کان ڪم وٺو. معمولي طوفان آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان پنهنجين جاين تي ويٺا رهو. مهرباني ڪري پنهنجي جاين تي.

(سجاد جو آواز وچ سمنڊ ۾ ماڻهن جي گوڙ ۾ دٻجي ٿو وڃي)

انجنيئر: ڪپتان طوفان تمام تيز آهي، توهان جلدي برج تي هلو.

سجاد: جهاز جو رخ متايو انجڻيون بند ڪري ڇڏيو. ڪو بہ مسافر ٻاهر نہ نڪري

(طوفان لهرن ۾ ماڻهن جو شور Music)

انجنيئر: انجن روم ۾ پاڻي ڀرجي ويو آهي، جهاز ٻڏي رهيو آهي.

سجاد: خاموش پاڻي ڪيڏانهن جو بند-ويست ڪيو وڃي.

انجنيئر: اهو ممڪن ناهي ڪپتان، تري جا سوراخ وڏا ٿي چڪا آهن.

(جهاز ٻڏي رهيو آهي جهاز ٻڏي رهيو آهي.)

مسافر 1: جهاز ٻڏي رهيو آهي.

مسافر 2: بچايو بچايو. جهاز ٻڏي رهيو آهي.

مسافر 1: يا خدا مدد ڪر.

عورت: منهنجو ٻار ڪيڏانهن ويو: منهنجو انو انو انو

مسافر 1: بچايو ڪوئي بچايو.

مسافر 2: جهاز ٻڏي رهيو آهي.

عورت: انو انو انو.

تيز گجگوڙ لهرون - ڇيخون جهاز ٽٽڻ جو آواز.

(اهو تاثر ڪجهہ دير تائين جاري رهي ٿو. پوءِ آهستي آهستي هلڪي موسيقي Mix ٿئي ٿي.)

(گوڙ Dissolve ٿئي وڃي ٿو)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(هلڪون لهرون ڪناري سان ٽڪرائڻ جو تاثر سامونڊي پکين جا آواز (Beach Music

سجاد: (ڪنجهندي) آ — آهه هون — آ انجڻ بند ڪيو جهاز جو رخ موڙيو تيهه ڊگريون اولهه سڀ وينا رهو سڀ پنهنجين جاين تي (ڇرڪ ڀري) مان ... مان ڪٿي آهيان؟

واري؟ هيءَ واري ڪٿان آئي؟ منهنجو جهاز منهنجو جهاز ڪٿي آهي؟ هان؟ جهاز ڪٿي آهي؟ مسافر ڪيڏانهن ويا؟

هتي ته دور دور تائين ڪو به نظر نٿو اچي؟ ڪٿي؟ نه نه ائين ٿي نٿو سگهي. اهو ناممڪن آهي. اهو ناممڪن آهي.

يا خدا ائين ٿيڻ نه گهرجي. ائين نه ڪجانءِ منهنجا خدا ... ائين نه ڪجانءِ.

(سمنڊ Up — سجاد اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ساموندي پکين جا آواز Up)

سجاد: مونکي ڳولڻ گهرجي، هو ضرور هتي ڪٿي، ڪناري تي ئي هوندا. ها هو ضرور هتي ئي هوندا (ڪنجهندي) اوهه مان ته هلي به نٿو سگهان پر نه مونکي ڳولڻ گهرجي ها، هو ضرور هتي ئي هوندا. ڪوئي ته هوندو سڀ جا سڀ ته نه نه مونکي ائين سوچڻ نه گهرجي. ڳولڻ گهرجي.

(تڪليف سان اٿڻ ۽ پوءِ واريءَ هتي هلڻ جو تاثر)

سجاد: (سهڪندي) هتي دور دور ائين وارياسو ڪنارو آهي ڪو به انسان، ڪو به جاندار نظر نٿو اچي پر مان مايوس نه ٿيندس، مان کين ڳولي ئي لهندس. ڳولي ئي لهندس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(زور سان سڏ ڪندي) ڪو آهي؟

(پڙاڏو گونجي ٿو)

مان پڇان ٿو ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

مان ڪپتان سجاد آهيان جواب ڏيو ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

جواب ڇو نٿا ڏيو؟ مان توهان جو ڪپتان آهيان ٻڌو ٿا؟ مان ڪپتان سجاد آهيان.

(پڙاڏو)

آهي ڪو؟ هن ويران جزيري ۾ ڪو آهي جو منهنجو سڏ ورائي؟

(پڙاڏو)

(خوفزده آواز ۾) ڪو به ناهي؟ سڏ پڙاڏو بڻجي موٽي رهيو آهي.

ڪوئي به ناهي؟ سچ پچ ڪوئي ناهي؟ اڪيلو آهيان؟مان اڪيلو آهيان؟ آ ڪيلو آهيان؟

(آواز پري ٿي Dissolve ٿئي ٿو)

(سمنڊ جو تاثر Up – پکين جو آواز Up)

سجاد: (سڏ ڪندي) اڪيلو آهيان. مان واقعي اڪيلو آهيان، هاڻي ڇا ٿيندو (سوچيندي) هاڻي ڇا ٿيندو؟ (خوفزده) هاڻي ڇا ٿيندو؟

مان ڪيستائين هن ويران بيابان ٻيٽ تي زندگي جو انتظار ڪندو رهندس؟ ڪيستائين رج ۽ راتي جي پويان ڊوڙندي گذاريندس؟

ڪيستائين انساني آواز ٻڌڻ لاءِ سڪندو رهندس؟ تڙپندو رهندس؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦٽڪندو رهندس؟ لڇندو رهندس.؟

اُونداهين راتين ۾ جڏهن ڪٿي به ڪا روشني نه جهلندي. تڏهن منهنجي دل اجهامي نه ويندي؟ خاموشيون منهنجي روح کي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏينديون. تڏهن ڪير منهنجي دلجوئي ڪندو؟ سمونڊ مان ترڪندڙ لهرون جڏهن منهنجي ذهن کي جنجهڙي ڇڏينديون. تڏهن مان ڪنهن کي پڪاريندس؟ ڪهڙي ساٿيءَ کي آواز ڏيندس؟ ڪنهن سان دل جا سور سلنيندس؟ ڪنهن کي من جي ماجرا ٻڌائيندس.؟

شام جا ڀاڇا جڏهن پنهنجن جي ياد ڏياريندا. تڏهن منهنجون اکڙيون ڪنهن لئه واجهائينديون؟

(زورسان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو Music)

(ڏيڪ زور سان) ڪو آهي؟

(پڙاڏو)

(سڏ ڪندي) ڪو آهي؟ ڪو آهي؟ ڪو آهي؟

ساٿي: (مائي آواز ۾) مان آهيان.

سجاد: (ڇرڪي) ڪير؟ تون ڪير آن ڪٿي آهين؟ مون هيئر ڪو آواز ٻڌو

ساٿي: مان تنهنجي سامهون آهيان ڪيپٽن سجاد.

سجاد: ڪيپٽن سجاد؟ منهنجو نالو؟ توکي منهنجو نالو ڪنهن ٻڌايو؟

ساٿي: مان توکي سڃاڻان ٿو.

سجاد: پر پر پر مان توکي ڏسي ڇو نٿو سگهان؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساتي: مان تہ توکي ڏسي سگهان ٿو دوست!

سجاد: دوست؟

ساتي: ها مان تنهنجو دوست آهيان ساتي آهيان.

سجاد: پر تون منهنجي سامهون ڇو نٿو اچين؟

ساتي: مان تنهنجي سامهون ئي آهيان

سجاد: ڪير آهين؟

ساتي تنهنجو پاڇو.

سجاد : اونده ۾ ڇڏي ويندي؟

ساتي: نہ مان اونده ۾ بہ توسان گڏ ئي رهندو آهيان. تو مون کي ڪڏهن ڳولڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي.

سجاد: تون هتي ڪيئن آئين؟

ساتي: مان توکان ڌار ئي ڪڏهن ٿيو آهيان. زندگيءَ جي هر گهڙي توسان گڏ گهاري اٿم.

سجاد: توکي منهنجي متعلق ڪيتري ڄاڻ آهي؟

ساتي: هڪ هڪ پل جي.

سجاد: هن کان اڳ ڇو نہ آيو هئين؟

ساتي: هن کان اڳ تو مون کي ڪڏهن پڪاريو بہ تہ نہ هئو.

سجاد: مون سان گڏ رهندين؟

ساتي: هر گهڙي

سجاد: ڇڏي تہ نہ ويندين؟

ساتي: نہ، مان انسان ناهيان.

سجاد: پاڇا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي: جي.

سجاد: مان توکي ڪهڙي نالي سان سڏيان؟

ساٿي: تون مون کي ساٿي چئه.

سجاد: ۽ تون؟

ساٿي: مان توکي دوست چوندس.

سجاد: ٺيڪ آهي، اٿين وقت آسانيءَ سان ڪٽجي ويندو. جيستائين ڪا مدد پهچي، تيستائين پاڻ گڏ رهنداسين. ڳالهائيندا ٻولهائيندا سين، ڪچهريون ڪنداسين. ڪيئن ساٿي؟

ساٿي: ها دوست.

سجاد: ڪاش مان توکي ڏسي سگهان ها!

ساٿي: سمونڊ جي ڇولين ۾ پنهنجو چهرو ڏسي ڇڏ. تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ پنهنجي صورت پسي ڇڏ. اهوئي مان آهيان.

سجاد: ساٿي.

ساٿي: جي.

سجاد: مان هتي ڪيترو وقت اڪيلو رهندس.

ساٿي: جيستائين مان توسان ساڻ آهيان.

سجاد: ڇا کائيندس؟ ڇا پيئندس؟

ساٿي: ڪناري تي بيشمار ميون جا وڻ آهن. ناريل آهن. مڇيون آهن. مٺي پاڻيءَ جو چشمو آهي. بيٺل پاڻيءَ جو تلاءُ آهي. هو سامهون پهاڙ ۾ غار آهي. تون ان کي صاف ڪري ان ۾ رهي سگهين ٿو توکي ڪا به تڪليف نه ٿيندي دوست.

سجاد: مان ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو آهيان، مون ۾ همت ناهي. مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪجي چڪو آهيان.

ساٿي: تون ٿورو آرام ڪر دوست! سنام جو پاڻ غار ڏانهن هلنداسين. سمهي پئه. آرام سان سمهي پئه.

(ٻن پٿرن ڪي رڳڙڻ جو تاثر)

سجاد: ساٿي، ڏس مون ٻاهه ٻاري آهي. هن تي رکيو هيءُ سِهڙ ۽ جڏهن پچي ويندو تڏهن ڏاڍي آرام سان ويهي کائبو. سجي ٿيل گوشت تون کائيندين ساٿي؟

ساٿي: نه.

سجاد: لاچار آ. مون کي اڪيلوئي کائڻو پوندو.

ساٿي: اهو تنهنجي زندگيءَ لاءِ ضروري آهي دوست!

سجاد: اهو ٻڌاءِ ته تون مون کي ڪيترو ويجهي کان سڃاڻين؟

ساٿي: آئيني جيان، صاف شفاف.

سجاد: اهي ڪم جي مون لڪي ڪيا آهن؟

ساٿي: اهي به.

سجاد: مثلاً؟

ساٿي: مثلا تنهنجي ٻٽوءَ ۾ تنهنجي زال جي فوٽوءَ هيٺان تنهنجي محبوبه جو فوٽو رکيل آهي.

سجاد: اهو ته.

ساٿي: اهو هن توکي تننجي ڪئبن ۾ جهاز هلڻ واري رات ڏنو هو.

سجاد: نيڪ آهي پر هوءَ منهنجي دوست.

ساٿي: (ڪٽيندي) توساڻس شادي جو وعدو ڪيو هو.

سجاد: پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي: اهو ئي سبب آهي جو توهان ڪيس سفر تي ساڻ وٺي آيو هئين.

سجاد: خبر ناهي هوءَ زنده به هوندي يا نه

ساٿي: لنوائين ٿو؟

سجاد: نه ائين ئي خيال اچي ويم.

ساٿي: پنهنجي گهر واريءَ جي ياد اچئي ٿي؟ پنهنجن ٻارن جي؟

سجاد: تمام گهڻي.

ساٿي: ڇا ٿو محسوس ڪرين؟

سجاد: مان سندن ڏوهاري آهيان. ڏاڍا ڏک ڏنا اٿم ڪين. سوچيان ٿو.

ساٿي: ڇا ٿو سوچين؟

سجاد: ڪين جڏهن جهاز ٻڏڻ جي خبر پوندي ته مٿن ڇا گذرنديون. ثريا جو مون سان بي حد پيار آهي، اهو غم سهي نه سگهندي. مري ويندي.

ساٿي: اڳ ڪڏهن سندس پيار جو احساس نه ٿيئي؟

سجاد: نه ـ اڳ ڪڏهن مون پري ويهي سوچيو به ته نه هو.

ساٿي: ۽ هاڻي؟

سجاد: هاڻي مان دنيا کان جيترو پري آهيان. ايترو هر شيءِ کي ويجهو کان ڏسي سگهان ٿو پرکي سگهان ٿو. سوچي سگهان ٿو. سمجهي سگهان ٿو.

ساٿي: ان ڪري ڇئبو ته دنيا کي پرکڻ لاءِ ڪائنس پري رهڻ ضروري آهي؟

سجاد: جي ها. اهو ئي سبب آهي. شايد. جو دنيا جا لڳ ڀڳ سڀ عظيم انسان پنهنجي زندگيءَ جو ڪجهه حصو ايڪانت ۾ گذاريندا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد: فلاسافر تہ مان بہ ناهيان، اڪيلائيءَ ۾ ڪجهہ سوچڻ تي دل ٿيندي آهي.

ساٿي: مثلاً؟

سجاد: مثلا ڪجهہ بہ نہ. بس ائين ئي

ساٿي: مثلا ان پٿونءَ واري تصوير؟

سجاد: (کلندي) ڏاڍو خطرناڪ پاڇو آهين. جي منهنجي زال سامهون نہ هجي ها تہ جيڪر وڏي خرابي ٿي پوي ها.

ساٿي: هوندو تہ مان اتي بہ هوس پر خاموش رهندو هوس.

سجاد: سو ڇو؟

ساٿي: ان لاءِ جو پاڇا ڳالهائيندا ناهن. صرف ڏسندا آهن. ٻڌندا آهن ۽ چپ رهندا آهن.

سجاد: تہ پوءِ هتي ڇو ٿو ڳالهائين؟

ساٿي: تون اڪيلو آهين،انڪري

سجاد: مان واقعي اڪيلو آهيان، ساٿي.

ساٿي: ايترو اڪيلو بہ ناهين، مان توسان گڏ آهيان.

سجاد: ڇڏي تہ نہ ويندين؟

ساٿي: هرگز نہ.

سجاد: مان بہ توکي نہ ڇڏيندس.

ساٿي: پنهنجا لفظ ياد رکجانءِ

سجاد: ياد رهندا.

ساٿي: پڪ؟

سجاد: پڪ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساتي: تہ پوءِ تون ويھي تيار ڪر پنھنجو سِھڙ تہ مان ويھي ڏسان تنھنجي محنت.

سڄاد: (خوشيءَ ۾) ٺيڪ آ.

(سمنڊ جو هلڪو تاثر، سامونڊي پکين جا آواز)

سڄاد: (ننڊ مان اٿڻ، اوٻاسي ڏين ۽ آرس ڀڃڻ جو تاثر) گڊ مارننگ ساتي.

ساتي: گڊمارننگ.

سڄاد: اهو نہ پڇئي تہ صبح صبح ساڻ انگريزي ڇو ڳالهايم؟

ساتي: ڇو ڳالهائي؟

سڄاد: ان لاءِ جو ٿوري دير اڳ انگريزيءَ ۾ خواب ڏسي رهيو هوس.

ساتي: ڇا ڏٺئي خواب ۾؟

سڄاد: ڏٺم تہ انگلينڊ پهچي ويو آهيان.

ساتي: سچي؟

سڄاد: ها ۽ اهو بہ ڏٺم تہ منھنجي جهاز جا سمورا پئسينجر پڻ انگلينڊ ۾ مون سان گڏ آهن.

ساتي: هوءَ فوٽو واري ڇوڪري بہ؟

سڄاد: اها بہ.

ساتي: ڇا نالو آهي سندس؟

سڄاد: راز جي ڳالھ آهي. پر خير، تو کي ٻڌايان ٿو نالو اٿس فرزانہ مان کيس فري سڏيندو آهيان.

ساتي: ڪير آهي؟

سڄاد: خبر ناهي. بس معمولي ملاقات آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي: اها تہ مون کي ڄاڻ آهي.

سجاد: توکان ڪهڙي ڳالهہ ڳجهي هوندي؟ گهر جو ڀيدي آهين

ساٿي: ڄ جو ڇا پروگرام آهي؟

سجاد: سڀ کان پهريون ناشتو ڪبو. ان کان پوءِ آفيس هلبو. پوءِ لنچ ان کان پوءِ ڪجهہ آرام شام جو ڪلفٽن. رات جو ڪلب ۾ ڊنر، ڊانس ۽ ڪڇهريون ۽ اڱارات جو پيهر هن غار ۾.

ساٿي: بزي شيڊيول ڇئبو.

سجاد: بلڪل بزي، پر ائين نہ. جيئڻ مون ڇيو. بلڪل هاڻي جو هاڻي سمنڊ جي ڪناري تي هلبو. خبر ناهي ڇو؟ مون کي هر وقت ائين ٿو لڳي تہ ڪنهن بہ وقت سمونڊ جي تهہ مان منهنجو جهاز سهي سلامت ڪناري تي موٽي ايندو ۽ پوءِ مان ٻيهر ان جهاز تي سوار ٿي موٽي ماڳ وڃندس. تنهنجو ڇا خيال آهي؟

ساٿي: خيال وڻندڙ آهي، پر اهو ممڪن ناهي.

سجاد: ڇو؟

ساٿي: ڇو جو جهاز ٻڏي چڪو آهي ۽ سڀ مسافر. عملي سميت گهري سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا آهن. تنهنجو سهي سلامت بچي نڪرڻ معجزي کان گهٽ ناهي.

سجاد: سو تہ ٺيڪ آهي، پر تڏهن بہ منهنجي دل تي چوي تہ ان اونهي سمونڊ ۾ منهنجي لاءِ ڪا نہ ڪا خوشخبري ضرور لِڪل آهي.

ساٿي: سمنڊ ۾ خوشخبري هجي نہ هجي، باقي هن غار ۾ تنهنجي لاءِ هڪ خوشخبري ضرور لِڪل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد: غار ۾؟ خوشخبري؟ ڪهڙي؟

ساٿي: ٻڌندين ته ٿڙي پوندين دوست.

سجاد: ٻڌاءِ ساٿي- ٻڌاءِ- ڪجهه ته ٻڌاءِ.

ساٿي: تون جڏهن ننڊ پيو هئين تڏهن مون غار جو جائزو ورتو هن وڏي پٿر هيٺان تمام وڏو خزانو دفن آهي.

سجاد: خزانو؟ ڪهڙو خزانو؟

ساٿي: هيرا جواهر، سون چاندي.

سجاد: ڪٿان آيو اهو خزانو؟

ساٿي: خبر ناهي، لڳي ٿو ته ڪئي سَو سال اڳ ڪي ماڻهو اهو خزانو دفن ڪري ويا آهن.

سجاد: ڪير هئا اهي ماڻهو؟

ساٿي: ٿي سگهي ٿو ته اهي به ڪنهن ٻڏل جهاز جا مسافر هجن.

سجاد: ها ها، ائين ٿي هوندو پر پوءِ دير ڇاجي؟ مون کي ان پٿر کي هٽائڻ گهرجي. تون ساٿ نه ڏيندين ساٿي؟

ساٿي: مان ته صرف پاڇو آهيان.

سجاد: ته پوءِ اهو ڪم مون کي اڪيلي سر ڪرڻو پوندو.

(پٿر کي زور ڏئي هٽائڻ جو تاثر)

سجاد: ڏاڍو وزني پٿر آهي، ٿڪائي وڌائين.

(وري زور لڳائڻ جو تاثر)

سجاد: چريو آهي، ها... باقي ٿورو هٽي ويو. هٽي ويو. (تعجب ۾) يا خدا! هيترا سارا هيرا ۽ هي سونيون اشرفيون! ۽ هي هار! مان ته مالا مال ٿي ويس دوست. مان امير ٿي ويس، مان ڪروڙ پتي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارب پتي ٿي ويس. هن خزني مان ته مان ڪيئي جهاز خريدي سگهان ٿو. ٿينڪ يو ساٿي، ٿينڪ يو. يو آر گريٽ (اداس لهجي ۾) پر پر هيءُ سڀ ڪجهه ڪهڙي ڪم جو؟ هن ويراني ۾ هي آبدار موتي واريءَ جي مُٺ کان وڌيڪ قيمتي ته ناهي. هي چمڪندڙ هيرو هن پٿر کان وڌيڪ وڻندڙ ضرور آهي، مهانگو ناهي. ڇا ڪندس؟ ڇا ڪندس مان هي هيرا، هي جواهر، هي خزانا. هن ويراني ۾ ڇا ڪندس ساٿي؟ ٻڌاءِ ساٿي؟

ساٿي: جذباتي نه ٿيءُ دوست. هل ته ٻاهر گهمڻ هلون.

سجاد: ۽ هي خزانو؟

ساٿي: (کلندي) ان کي اتي ئي رهڻ ڏي، ڪو به چور چوري ڪري نه سگهندو. تون اچ، هلي آ.

ساٿي: چپ ڇو آهين دوست؟

سجاد: اداس آهيان.

ساٿي: اداس ارب پتي؟

سجاد: نه ڪنگال ارب پتي.

ساٿي: هڪ ڪم ڪر دوست.

سجاد: ڇا ساٿي؟

ساٿي: ناشتي تي هڪ هيرو کائي ڇڏيندو ڪر. منجهند جو به موتي، رات جو ٿالهه اشرفين جو. پيٽ ڀريل رهندئي.

سجاد: مذاق نه ڪر.

ساٿي: دنيا ۾ هر انسان ٻئي انسان جو گلو ان لاءِ ڪپيندو آهي. پاءُ پاءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو دشمن ان دولت لاءِ ٿيندو آهي. پيءُ اولاد جو ۽ اولاد پيءُ جو ويري به ان ملڪيت لاءِ ٿيندو آهي.

سجاد: دنيا جي ٻي ڳالهه آهي.

ساٿي: دنيا ۽ دولت مان توکي ڪا به هڪ شيءِ چونڊڻ لاءِ چيو وڃي ته تون ڇا چونڊيندين؟

سجاد: پنهنجو گهر. پنهنجا ٻار.

ساٿي: ۽ هيءُ خزانو؟

سجاد: مٽيءَ مٽ آهي.

ساٿي: ڇا ٿو سوچين دوست؟

سجاد: ٽي مهينا ٿي ويا آهن. هاڻي ته ڪين يقين ٿي ويو هوندو.

ساٿي: ڇا جو؟

سجاد: منهنجي موت جو.

ساٿي: اها ته پاڻ سني ڳالهه ٿي

سجاد: ڪئين؟

ساٿي: ان لاءِ جو تون جڏهن اوچتو ٻيهر سندن سامهون ويندين ته هو حيران ٿي ويندا.

سجاد: (ٿڌو ساهه) خبر ناهي اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ ايندو به يا نه؟

ساٿي: اهو ڏينهن ضرور ايندو.

سجاد: ان ڏينهن کي ڏسڻ لاءِ مون کي انتظار جي ڪيترين سورين تي چڙهڻو پوندو؟ ڏهاڳ جا ڪيترا ڏنگ سهڻا پوندا؟ غم جا ڪيترا پهاڙ پار ڪرڻا پوندا. ساٿي اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو ساٿي؟ (سڏڪا) اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڏينهن جو تاثر)

سجاد: ساٿي!

ساٿي: جي دوست!

سجاد: اڄ جو راشن خلاص نہ پاڻي نہ ماني، اڄ پيٽ جي خاطر جهنگل ۾ هلڻو پوندو. تيار آهين؟

ساٿي: بلڪل تيار آهيان.

سجاد: تہ پوءِ هل منجهند تائين ڪو نہ ڪو بندوبست ٿيڻ گهرجي.

ساٿي: ٺيڪ آهي.

(غار مان ٻاهر نڪرڻ جو تاثر)

سجاد: ٻاهر اُس ڏاڍي تيز آهي. هوا بہ گهٽ آهي. سمنڊ خاموش آهي.

(تعجب ۽ خوشيءَ مان) ساٿي.

ساٿي: جي

سجاد: سمنڊ ۾ ڪجهہ ڏسين ٿو؟

ساٿي: نہ ڇا آهي؟

سجاد: ڪو ننڍڙو جهاز آهي.

ساٿي: جهاز؟

سجاد: ها _ هو ڏس، هو ڏس، هن پهاڙ جي ساڄي طرف نظر اچئي ٿو؟

ساٿي: شايد. شايد ڪو جهاز آهي.

سجاد: شايد نہ پڪ ئي پڪ هڪ جهاز آهي. اسان کي کيس روڪڻ گهرجي.

ساٿي: اسان کي ڏسي سگهندا؟

سجاد: ضرور ڏسندا، شايد هتان نڪرڻ جو اهو پهرين ۽ آخري موقعو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اڄ ساٿي، اڄ دير نہ ڪر، هليا نہ وڃن.

(ٻوڙڻ جو تاثر)

سجاد: (زور سان) ترسو۔ ترسو۔ ترسو جھاز وارؤ ٻيھو هيڏانهن ڏسو۔ خدا جي واسطي هيڏانهن نھاريو. منهنجو آواز ٻڌو۔ ٻيھو۔ جھاز ڪي ٻيھاريو (ساٿي ڪي) نٿا ٻڌن. نہ ٻڌندا. شايد نہ ٻڌندا.

(زور سان) ٻڌو۔ منهنجو آواز ٻڌو۔ خدارا منهنجو آواز ٻڌو.

(جھاز جي هوٽ ڪرڻ جو آواز)

سجاد: خوشيءَ مان) ٻڌي ورتائون۔ ڏس هنن ٻڌي ورتو. ساٿي هنن مون کي ڏسي ورتو آهي.

(جھاز ٻيھر هوٽ ڪري ٿو)

ٻڌئي هنن مون کي ڏسي ورتو آهي. مان ڪيڏو نہ خوش آهيان. ساٿي، اڄ مان ڪيڏو نہ خوش آهيان. ڏس. هنن جھاز جو رخ ڦيرائي ڇڏيو آهي. هو اسان ڏانهن اچي رهيا آهن. هو مون ڏانهن اچي رهيا آهن.

(Happy Music)

(سجاد جا ٽھڪ)

(Music Continues)

(Birds Waves_ ship hoots)

(Happy Music)

ڪپتان۔ دارا۔ روزيءِ سجاد جا ٽھڪ.

ڪپتان: (کلندي) سچيءَ زندگيءَ ۾ ان کان وڌيڪ دلچسپ واقعو نہ اگ ڏٺم ۽ نہ ٻڌم. چاليھ سال ٿيا اٿم هن سمونڊ ۾ جھاز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلائيندي هتان جي چپي چپي کان واقف آهيان. ڪهڙيءَ لهر هينان ڪيتريون ساموندي بلائون لڪل آهن. سڀ ڳُٽيل اٿم. ڪمال آ هن ويران ٻيٽ تي ڪو اڪيلو انسان ٻه زنده هوندو ان لاءِ تہ مان سوچي ٻہ نٿو سگهان.

سجاد: سڀ زندگيءَ جا کيل آهن. ڪپتان صاحب ـ ڏاڍو ڀاڳي لکيل هو جو بچي پيس ورنہ هيترن سارن مسافرن ۾ عملي مان ڪو بہ نہ بچيو.

دارا: اسان جهاز جي ٻڏڻ جي خبر برابر ڪجهہ مهينا اڳ اخبار ۾ پڙهي هئي. ڪهڙي خبر هئي تہ هتي هن ريت ملاقات ٿي ويندي.

ڪپتان: هيءُ دارا صاحب آهي. منهنجي جهاز جو مالڪ. هيءُ سندس ڌيءَ روزي آهي، ڪاليج ۾ پڙهندي آهي.

روزي: اوهان سان هن ويراني ۾ ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

سجاد: منهنجو نالو سجاد آهي.

روزي: سٺو نالو آهي.

ساجد: مهرباني.

دارا: تعجب آهي، توهان آخر زنده ڪيئن رهيا. نہ ڪو ڳالهائڻ وارو نہ ٻولهائڻ وارو نہ ساٿي، نہ سنگتي.

سجاد: ساٿي؟ (سوچيندي) ساٿي تہ مون سان هميشہ گڏ هو.

دارا: ڇا مطلب؟

سجاد: جي ڪجهہ بہ نہ. ايترا ڏينهن مون پاڻ کي اڪيلو ٿيڻ ئي نہ ڏنو پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندو رهندو هوس. سوچيندو رهندو هوس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دارا: اوهه! مون سمجهيو.

روزي : اوهان کائيندا ڇا هئا؟ پيئندا ڇا هئا؟

سجاد: کائيندو هوس سمنڊ جي تازي صحت بخش هوا. پيئندو هوس پنهنجي اکين جو کارو پاڻي.

روزي: خوب! پوءِ تہ اسان کي توهان جي خوب خدمت ڪرڻي پوندي. جناب ڪپتان، بورچيخاني مان ڪجهہ گرما گرم ڪاڏو تہ گهرائي وٺو.

ڪپتان: اجهو ٿو انتظام ڪيان مِس روزي.

سجاد: ڪپتان!

ڪپتان: جي سجاد صاحب.

سجاد: سڀ کان پهريون مان شيو ڪري، وهنجي سهنجي صاف ڪپڙا پهرڻ ٿو چاهيان.

ڪپتان: جيڪا اوهان جي صلاح. اوهان جي ماپ جا ڪپڙا آسانيءَ سان ملي ويندا. اسان جي عملي ۾ هڪ بہ نوجوان بلڪل اوهان جي قد ڪاٺ جا آهن.

روزي: ويري گڊ. ۽ پلا هتان هلڻ جو ڇا پروگرام آهي؟

ڪپتان: اڃڻ پنهنجي وس هوندو آهي مس روزي، پر موٽي واپس وڃڻ پرائي وس هوندو آهي.

روزي: ڇا مطلب؟

ڪپتان: هن ڪناري تي سمنڊ ايترو اونهو ڪونهي جو جهاز بيهر اونهي ۾ وڃي سگهي. ان لاءِ اسان کي وير جو انتظار ڪرڻو پوندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزي: ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اسان ھتان جلدي نڪري نہ سگھنداسين؟

دارا: روزي ڊيئر، ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪا بہ ڳالھ ناهي. جھاز ۾ ڪاڏو، پاڻي ۽ تيل جام آهي. جبستائين سٽائي وير اپري، تيسين اسان ھن بيٽ جو سير ڪنداسين هونءَ بہ مون کي ڪجھ ڏينهن آرام جي سخت ضرورت آهي. ھن ريت ئي سهي، ڪجھ سڪون تہ ملي ويندو.

روزي: اوڪي نو پرابلم.

دارا: (کلندي) ديٽ از اي گڊ گرل

ساٿي: دوست!

سجاد: (چرڪي) ھون؟ ڪير؟ تون؟

ساٿي: ڇو ايتري ۾ ئي وساري وينين؟

سجاد: نہ اهڙي تہ ڪا ڳالھ ناهي.

ساٿي: خبر ناهي شايد نوان ساٿي ڏسي پراڻو ساٿي دل تان لهي ويو هجيئي.

سجاد: توکي ڪيئن وساريندس دوست! تون نہ هجين ها تہ مان جيڪر ڪڏھوڪو ڪومائجي مري وڃان ها. توئي تہ مون کي نئين زندگي ڏني. مان تنھنجو احسان لاهي نہ سگھندس.

ساٿي: اهڙيون ڳالهيون نہ ڪبيون آهن. يلا اهو ٻڌاءِ تہ ڪير ڪير آهن ان جهاز ۾؟

سجاد: هو توکي ڏسي نٿا سگھن. تون تہ ڪين ڏسي سگھين ٿو.

ساٿي: تنھنجي زباني ٻڌڻ ٿو چاهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄاد: جهاز جو مالڪ دارا آهي سندس نوجوان ڌيءَ روزي آهي، جهاز جو ڪپتان آهي ۽ سندس اٺ ڏهه خلاصي آهن.

ساٿي: روزي ڪيئن آهي؟

سڄاد: خوبصورت آهي.

ساٿي: ۽ توکي پسند آهي.

سڄاد: مون ائين تہ نہ چيو.

ساٿي: مان ٿو چوان، جڏهن تون ساڻس ڳالهائي رهيو هئين، تڏهن مان توهان جي بلڪل وچ ۾ موجود هوس. مون تنهنجي اکين ۾ آيل چمڪ چڱيءَ ريت ڏسي ورتي هئي.

سڄاد: (شرمائيندي) شٽ اپ.

(روزي ۽ سڄاد جي کلڻ جو آواز)

روزي: تہ چئبو تہ جناب ناريل جو پاڻي پي ۽ کوپرو کائي پورا چار مهينا زنده رهيو آهي.

سڄاد: اوهان بلڪل ٺيڪ سوچيو آهي.

روزي: ۽ اهو بہ تہ هن جهنگل بيابان ۾ ڪو هڪڙو بدنصيب اهڙو بہ باندر نہ هو جيڪو توهان جو ساٿ ڏئي سگهي.

سڄاد: مان اڪيلو ڇا خوبصورت نٿو لڳان، ڪنهن ناريل جي وڻ تي؟

روزي: اهو تہ ڏسڻ کان پوءِ ئي ٻڌائي سگهجي ٿو.

سڄاد: سچ پڇين روزي تہ اهو سمورو عرصو مون هڪ ڀيانڪ خواب جيان گذاريو آهي، سج روز اڀرندو هو. روز لهندو هو چنڊ روز چڙهندو هو روز غائب ٿي ويندو هو. ستارن جا ديپ ٻرندا هئا، اجهامي ويندا هئا. پر مان هن گهري اَجهاڳ سمونڊ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوريندو رهندو هوس. ان آس تي تہ ڪو آسرو ڪا مدد،
ڪو سهارو ڪنهن تمڪندڙ ستاري جيان. ڪتان نہ ڪتان،
ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور اُڀري ايندو اهو سهارو ايڏو
مضبوط هوندو . اهو ستارو ايترو خوبصورت هوندو. اهو تہ
مون ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ سوچيو هو.

روزي: مون بہ تہ ڪڏهن ائين نہ سوچيو هو تہ منهنجي خوابن جو شهزادو
هيترو دور اڪيلو ۽ تنها ملندو.

سجاد: اچ، مان توکي هيءُ جزيرو گهمايان. ڏس، هيءَ آهي اها جاءِ جتي
مون هوش ۾ اچڻ کان پوءِ اک کولي هئي. هتي ئي ويهي مان
ڪنهن مدد جو انتظار ڪندو هوس، هو سامهون مني پاٽيءَ جو
تلاءُ آهي، جنهن کي مان سوئمنگ پول سڏيندو آهيان ۽ هو
متي غار آهي، جيڪا منهنجي ڊرائنگ روم، بيڊ روم ۽
ڊائننگ روم جو ڪم ڏيندي آهي. (ياد ڪندي) ۽ ها، هڪ
ڳالهہ تہ توکي ٻڌائڻ وسري ويم

روزي: ڪهڙي ڳالهہ؟

سجاد: اچ مون سان.

روزي: ڪيڏانهن؟

سجاد: منهنجي ڊرائنگ روم ۾.

روزي: پر ڇو؟

سجاد: آهي ڪا ڳالهہ.

روزي: ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

سجاد: پنهنجي اکين سان ڏس۔ اچ۔ اچ، اندر اچ. هتي هاٽي هن ڪند

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نهار هن پٽر جي پويان.

روزي: اف خدايا! هي ڇا آهي؟

سجاد: (ڪلندي) خزانو دولت، هيرا، جواهر، سون چاندي، ايترو خزانو جيترو دنيا جي امير ترين انسان وٽ بہ نہ هوندو.

روزي: ڪٿان آندئي ايترو خزانو؟

سجاد: مليو منهنجي صبر جو ڦل. تڪليفن، عذابن، ڏکن ڏوجهرن جو انعام.

روزي: سجاد هيءَ تہ تمام گهڻي دولت آهي.

سجاد: ها، بي انتها دولت آهي. پاڻ ٻئي ان جا اڪيلا مالڪ آهيون. اسان هتان نڪرڻ کان پوءِ شادي ڪري ڇڏينداسين.

روزي: پر تنهنجي تہ شادي ٿيل آهي.

سجاد: تون ان جو فڪر نہ ڪر.

روزي: يا خدا، ايتري دولت!

سجاد: (ڪلندي) پر تنهنجي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ناهي.

(ساموندي پکيءَ جي تيز رڙ)

ساٿي: هي تو ڇا ڪيو دوست!

سجاد: ڇا ڪيم؟

ساٿي: خزاني جو راز روزيءَ کي ڇو ٻڌائي؟

سجاد: ان ۾ ڪهڙي برائي آهي؟

ساٿي: برائي آهي.

سجاد: ڪهڙي؟

ساٿي: تون نہ سمجهندين دوست!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد: آخر تہ مون کي انسانن ۾ موتي وچڻو آهي. زندگي ير تہ هن ٻيٺ تي اڪيلو نہ گذاريندس.

ساٿي: تون جن جي ڳالهہ تو ڪرين، اهي تنهنجا پنهنجا آهن.

سجاد: روزيءَ متعلق ڇا خيال اٿئي؟

ساٿي: هوءَ اجنبي آهي.

سجاد: هوءَ مون کي پسند آهي.

ساٿي: هر وڻندڙ شيءِ اعتماد جي قابل نہ هوندي آهي. دوست!

سجاد: مان فلاسافر ناهيان.

ساٿي: زندگي هڪ سادي سودي حقيقت آهي.

سجاد: روزءَ لاءِ منهنجو چاهہ بہ هڪ حقيقت آهي.

ساٿي: ڪي حقيقتون بي حد تڪليف ڏيندڙ هونديون آهن. دوست!

(وقفو۔ موسيقي)

دارا: خزانو!

روزي: جي ها ڊيڊي، ڌرتيءَ جي سيني تي، ڦهليل وڏي ۾ وڏو خزانو.

دارا: شايد تقدير اسان کي وڏيڪ امير ڏسڻ ٿي چاهي.

روزي: شايد نہ يقينن، او ڊيڊي هيرن جواهرن جي چمڪ ڏسي مان تہ دنگ رهجي ويس، اٿين لڳو جڻ مان ڪو خوبصورت خواب ڏسي رهي هجان.

دارا: دارا کي خواب ساپيان ۾ بدلڻ بہ ايندا آهن ڌيءَ. تون ان احمق سجاد کي پنهنجي قبضي ۾ قابو رک، باقي ڪم مون تي ڇڏي ڏي.

روزي: هن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي، ڊيڊي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دارا: سياڻا ماڻهو پنهنجو ڪفن پاڻ سان گڏ ڪٺي نہ گهمندا آهن. ڏيءَ.
ڪيس ڇڏي ڏي تہ هن اڪيلائيءَ ۾ هوساڻجي مري وڃي ۽ ها.
ڪيس ڪنهن بہ قسم جو شڪ پوڻ نہ ڏجانءِ.

روزي: هرگز نہ ڊيڊي پر پاڻ هلنداسين ڪڏهن؟

دارا: ڪنهن بہ وقت. جڏهن بہ وير چڙهي. اسان چپ چاپ هتان روانا
ٿي ويندا سين ۽ پوءِ دارا دنيا جو امير ترين انسان هوندو (کلي
ٿو).

(Music)

سجاد: ڇا ڳالهہ آهي روزي، اڄ ڏاڍي خوش پئي نظر اچين.

روزي: شايد هاڻي تنهنجي آزمائش جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي.
ڪپتان پئي چيو تہ ڏينهن ٻن ۾ اسان هتان روانا ٿي
سگهنداسين.

سجاد: سچ!

روزي: ۽ پوءِ تون ٻيهر سڌريل دنيا ۾ موٽي سگهندين.

سجاد: او ٿينڪ يو ٿينڪ يو روزي.

روزي: واپس ورڻ کان پوءِ وساري تہ نہ ڇڏيندين؟

سجاد: چري آهين. تون تہ منهنجي تقدير آهين. توکان ڌار ٿيڻ جو تہ
مان تصور بہ نٿو ڪري سگهان.

روزي: سچ؟

سجاد: سچ..!

روزي: منهنجو خيال آهي تہ هاڻي تون پنهنجو سامان وغيره ڪٺي جهاز
تي هليو اچ. جڏهن بہ موقعو مليو هليا هلنداسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد: مون وٽ ڪهڙو سامان رکيو آهي؟

روزي: خزانو؟

سجاد: اڙي ها، اهو ته وسري ويم، اهو ته اڄ ئي ڪٽائي جهاز تي رکائي ڇڏيون.

روزي: منهنجو به اهو ئي خيال آهي.

سجاد: نيڪ ڪم ۾ دير ڇا جي؟

روزي: دير نه احتياط جهاز جي ڪپتان ۽ عملي کي ان ڳالهه جي ڪڙڪ به پوڻ نه گهرجي. اهو ڪم ڏيڏي ۽ اسان ٻنهي کي رازداريءَ ۾ ڪرڻو پوندو. زمانو خراب آهي، ڏيڏر.

سجاد: تون ٺيڪ ٿي چوين اهو ڪم اسان کي رات جي اونداهيءَ ۾ ڪرڻو پوندو، جلدي اڄ ئي.

روزي: (ڪلندي) ٺيڪ آهي. اڄ ئي.

(Music)

ساٿي: هي تون ڇا ڪري رهيو آهين، دوست؟

سجاد: وڃڻ جي تياري.

ساٿي: تون پنهنجو هوش و حواس وڃائي ويٺو آهين.

سجاد: مان جو ڪجهه ڪري رهيو آهيان، نهايت سوچي سمجهي ڪري رهيو آهيان.

ساٿي: سوچ ۽ سمجهه توکان موڪلائي وئي آهي.

سجاد: ڇا تو چوڻ چاهين؟

ساٿي: اهو ئي جو تون سمجهڻ نٿو چاهين. روزي هڪ خوبصورت چار آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد: (ڪاوڙ ۾) ساٿي.

ساٿي: سچ ڏاڍو ڪوڙو هوندو آهي، دوست!

سجد: تون منهنجي خوشيءَ ڪان سڙي ويو آهين.

ساٿي: مون تنهنجو غم پنهنجي جهوليءَ ۾ پاتو هو.

سجاد: توکي خوف آهي تہ مان توکان ڌار ٿي ويندس، دور ٿي ويندس.

ساٿي: پر مان تہ تنهنجي ويجهو رهندس.

سجاد: تون نٿو چاهين تہ مان ٻيهر موٽي انساني آباديءَ ۾ وڃان.

ساٿي: مان توکي برباد ٿيندي ڏسي نٿو سگهان.

سجاد: تون ڪوڙو آهين. مڪار آهين، فريبي آهين.

ساٿي: مان تنهنجو ساٿي آهيان، بي غرض آهيان، مخلص آهيان.

سجاد: اهو تنهنجو ڍونگ آهي، مون توکي تنهنجي اصلي روپ ۾ ڏسي ورتو آهي. هاڻي پري ٿي وڃ منهنجي وجود ڪان.

ساٿي: دوست!

سجاد: مون کي دوست نہ چئہ

ساٿي: پر دوست!

سجاد: خاموش، مان وڌيڪ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيان. مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي

ساٿي: پر...

سجاد: (زور سان) مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي

(Music)

دارا: (ٺهڪ) اڄ رات اسان هن ٻوائتي جزيري کان دور هليا ويندا سين. ڇا خيال آهي ڪپتان؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپتان: جي ها. اڄ رات موسم بلڪل موافق آهي.

دارا: سڀ تياري مڪمل ڪئي وڃي.

ڪپتان: تياري ٿي چڪي آهي.

دارا: سجاد صاحب، ڇا خيال آهي، ان خوشيءَ جي موقعي تي ٿي وڃي محفل.

سجاد: واقعي اڄوڪي رات بي حد خوشين ڀري، خوبصورت رات آهي.

دارا: روزي، ڇا رپورٽ آهي؟

روزي: جي ڊيڊي، سامان سمورون جهاز تي اچي ويو!

دارا: تہ پوءِ دير ڇاجي؟ ٿي وڃي.

سجاد: چيئرز

(ٺنهي جي کلڻ جو آواز دارا جي کلِ آهستي آهستي جهڪي ۽ اڪيلي رهجي ٿي وڃي ۽ پوءِ خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي).

(Suspense music up)

(Dissolves slowly)

(صبح جو تاثر- سمنڊ جون لهرون ڀڪي.

سجاد: (ننڊ ۾) اڄوڪي رات نهايت خوبصورت رات آهي، روزي، نهايت خوبصورت. ان ڪان پوءِ، ان ڪان پوءِ. (ڇرڪ ڀري جاڳي) اوهہ- مٿي ۾ سور- صبح ٿي ويو آهي، شايد روزي- روزي- پر هي ڇا؟ جهاز ڪٿي آهي؟ مان ڪناري تي ڪيئن آيس، هت تہ هر طرف واري ئي واري آهي؟ روزي ڪاڏي وئي؟ روزي- روزي- روزي- هي سڀ ڇا ٿي ويو؟ هي سڀ ڪيڏانهن ويا؟ (زور سان) ڪو آهي؟ ڪر آهي؟ ڪو آهي؟ (پڙاڏو اچي ٿو).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا هليا؟ سڀ ويا هليا؟ منهنجو سڀ ڪجهہ لٽي ويا هليا؟ پر روزي تہ اهڙي نہ هئي؟ هوءَ بي وفا نہ هئي. نہ نہ. اهو ناممڪن آهي. اهو ڪوڙ آهي. اهو ڪوڙ آهي؟ ڇا ڪيان؟ هاڻي مان ڇا ڪيان؟ ڪير آهي منهنجو هن ويراني ۾؟ (سوچيندي) ساٿي۔ ها۔ ساٿي. ها ها۔ ساٿي (زور سان).

ساٿي

ساٿي

ساٿي

نہ هو هاڻي موٽي نہ ايندو. هو هرگز موٽي نہ ايندو مون سندس قدر نہ ڪيو. مان ڏوهاري آهيان، پاپي آهيان، گنهگار آهيان، مان نفرت جي قابل آهيان (روئندي) مان نفرت جي قابل آهيان. ساٿي، مون توکي وڃائي ڇڏيو. مون توکي وڃائي ڇڏيو. (سڏڪا).

ساٿي: دوست!

سجاد: (ڇرڪ پري) ساٿي۔ تون؟

ساٿي: ها مان

سجاد: تون ساٿي تون؟

ساٿي: ها دوست. مان ڀلا توکي ڇڏي ڪيڏانهن تو وڃي سگهان، مان تہ تنهنجو پاڇو آهيان، ساٿي آهيان.

سجاد: مون کي معاف ڪر ساٿي، مون کي معاف ڪر، مون کي معاف ڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_9

پريت پراڻي، گهاءُ نئون

ڪردار

ڪرم خان: وڏيءَ عمر جو زميندار

بهادر خان: وڏيءَ عمر جو زميندار (ڪرم خان جو ڀاءُ)

جنت: بهادر جي زال شهزادي

پروين: بهادر جي نوجوان ڌيءَ گل بانو

فريد: ڪرم خان جو ولايت مان موٽيل پٽ، چالاڪ، هوشيار، حرفتي، قربان جمالي

محمود: ڪرم خان جو پٽ، سنجيده، مضبوط، باهمت، اقبال ترين

چنبيلي: بهادر جي شهري زال (ٻي شادي)

ساحره: چنبيلي ۽ بهادر جي نوجوان ڌيءَ، ريحانه

پنهون: نوڪر، غلام مصطفيٰ

مريد: نوڪر: بادل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_1

ڪرم خان: پنهون- اڙي او پنهون، بابا ڏير ڇو ٿو ڪرين، جلدي هٿ
هٽي وٺ. ڪمري کي. سڀ شيءِ پنهنجي جاءِ تي ناهي رک،
شير- ابا اڃا تائين وينو گلدستو ناهين. ٻن ڪلاڪن جي ڪم
تي جي ايتري دير لاتئي ته پوءِ مڙئي خير آهي. جلدي ڪر،
بابا- هو جاڻ ته آيا.

بهادر خان: ريل ته اچي وئي هوندي. ٽائيم ٿي ويو اٿس

ڪرم خان: آئي هوندي، ريل جو پنڌ ڪونه ٿو ماري ادا، هي جي ڪچي
جا ٻه ٽي ڪوهه آهن، اهي هڄائي ٿا رکن.

بهادر خان: جيپ موڪلي اٿئي يا وڏي گاڏي؟

ڪرم خان: پنجن سالن کان پوءِ پٽ ٿو موٽي ولايت مان ۽ مان جيپ
موڪليندو مانس. پائو فريد تان ته ڏهه گاڏيون قربان آهن. دل ۾
چا چوندو ته بابي ڏارين وانگر جيپ موڪلي ڏني.

بهادر: پنج سال- وڏو عرصو آهي.

ڪرم خان: پنج سال- واقعي وڏو عرصو آهي. گذرڻ تي پوي ته ڪن ۾
گذري وڃي. ضد ڪري ته موت کي به مات ڏئي ڇڏي، مون اهي
پنج سال اکين مرڪاتيا آهن ادا!

بهادر: مون کي خبر آهي. ڀاڄائيءَ جي وفات.

ڪرم خان: ڇنڊل ڇاڪ نه ڇڪاءِ ادا، مون انهيءَ گهاءَ کي پيرڻ لاءِ ڪهڙا
نه جتن ڪيا آهن. اهي صرف مان ئي ٿو ڄاڻان. منهنجي دل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي جاڻي.

بهادر: خدا ڪارساز آهي. ڏکن پنيان سک به ته اچڻا آهن.

ڪرم خان: ڪهڙو ڏک آهي مون کي؟ دولت جي ڪمي ڪانهي، اولاد اٿم، عزت آهي، سڀ ڪجهه آهي. توجهڙو پيارو ڀاءُ آهي. صرف هڪ دل جي اڪيلائي آهي.

بهادر: اها به دور ٿي ويندي.

ڪرم خان: شايد، شايد دور ٿي وڃي.

بهادر: فريد جي اچڻ جو انتظار هو سو هو به جاڻ ته آيو منهنجي خيال ۾ هن کان وڌيڪ دير ڪرڻ مناسب نه ٿيندي تنهنجي اڪيلائي به دور ٿي ويندي ۽ منهنجي ڪلهن جو بار به هلڪو ٿي پوندو.

ڪرم: تون نه چوين ها ته جيڪر مان ئي چوان ها.

بهادر: ڀائر آهيون، ساڳي امان ابي جو اولاد آهيون. جهڙو تون چوين تهڙو مان. پروين جهڙي منهنجي نياڻي، تهڙي تنهنجي.

ڪرم: ويچو ئي ڪهڙو آهي، ساڳي حويلي، ساڳيا وٿاڻ، ساڳيو پڏر ساڳيو گهر. محمود به ته پنهنجو ئي پٽ اٿئي. منهنجي لاءِ سيئي اکين جا تارا آهن.

بهادر: محمود نظر ڪو نه ٿو اچي؟ (ڪلندي) شايد ڀاءُ جي آجيان لاءِ ويو هوندو.

ڪرم: نه ڪجهي ويو آهي. زمين جي ڪم سان شام تائين موٽي ايندو. ڏاڍو انتظار هوس ڀاءُ سان ملڻ جو مون کان وڌيڪ اوسيئڙو ته هن ڪئيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهادر: چو نه. آخرڪار پائر ئي ته آهن. جينوٽيڪ منهي ۾ وڏو فرق
آهي، فريد پڙهيل لکيل، هوشيار، دنياداريءَ جو ماڻهو آهي.
محمود سڄي زندگي زمين جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي، پر
ٻئي ڀائر ته آهن.

ڪرم: جهڙا توهان چئو ٿا، ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته خدا
ڪري هنن ٻنهي ڀائرن ۾ به اهڙوئي پيار قائم رهي جهڙو اسان
۾ آهي.

بهادر: اسان ته هڻاسين جاهل. شايد ان ڪري محبت جي سهاري تي
ئي زنده رهياسين.

ڪرم: شايد

بهادر: محمود بردبار آهي، محنتي آهي، سنجيدو آهي ۽ سڀ کان وڏي
ڳالهه ته هن کي زمين سان پيار آهي. هو ابا ڏاڏا وٺان ڇڏي
ڪيڏانهن نه ويندو.

ڪرم: منهنجي دل کي به اهو ئي آٿت آهي ادا، فريد دنيا ڏني آهي. هو
شهري ٿي ويو هوندو. پر محمود اسان جيان ڳوٺاڻو آهي. هن
جي دل ڌرتيءَ جي دامن جيان ڪشادي آهي. هو هتي جو آهي.
هتي ئي رهندو. منهنجو خيال آهي محمود ۽ پروين جي شاديءَ
۾ هاڻي دير ٿيڻ نه گهرجي.

بهادر: اوهان جي پنهنجي شيءِ آهي ادا.

ڪرم: ٻنهي جي هڪ ٻئي سان دل به آهي. خدا ڪندو ته هيءَ جوڙي
اسان جي اڪيلين دلين جو دارون ٿيندي.

پنهون: سائين شايد رئيس ننڍو اچي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرم: فريد اچي ويو؟

بهادر: ڪٿي آهي؟

پنهون: او هو ڏسو سائين، پرئين موڙ تي ڊڏڙ اڏاٽي آهي.

ڪرم: ها ها، هيءَ ته پنهنجي گاڏي آهي. بهادر ياءُ، منهنجو پٽ
مونڏانهن موٽي آيو آهي. پنجن سالن کان پوءِ، فريد مون
ڏانهن موٽي آيو آهي.

(خوشي ۽ غم جو گڏيل تاثر)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_2

فريد: چاچا ٻاهرين دنيا ڏسين تہ حيران ٿي وڃين. مون کي تہ اکين تي اعتبار ئي نہ پيو اچي. ڪيترا ڏينهن واٽرن وانگر ڦرندو وتندو هوس.

بهادر: ابا اتي هينءَ اسان وانگر ڳوناٺا بہ تين؟ ٻنيون ٻارا، ڳوٺ، واهڻ.

فريد: چو نہ چاچا، بلڪل ائين جيئن اسان وٽ آهن. پر ماڻهو سڌريل آهن. پئسو جام آهي. انڪري سهوليتون تمام گهڻيون آهن. ٻئي دفعي هلو تہ توهان ٻنهي کي گهمائي اچان. توهان بہ چا ياد ڪندؤ.

ڪرم: ڏاڍي دنيا گهمي آيو آهي منهنجو پٽ کوڙ سياڻو ٿي ويو آهي.

جنت: سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاسندو آهي. ڪٿي ڪنهن منڊم جي ڦندي ۾ ڦاسي ويو تہ مت مائٽ سڀ وسري ويندس.

ڪرم: فريد اهڙو ناهي. هو هوبهو مون جهڙو آهي ادي.

فريد: چاچي چوين تون بہ سچ ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ مان ٻيهر اوڏاهين موٽي وڃان.

جنت: ائي ابا، اهڙي وائي تہ واتان نہ ڪڍ. ٻن ڏي اهڙي پڙهائيءَ کي.

فريد: پڙهائي تہ پوري ٿي وئي چاچي.

بهادر: تہ پوءِ پٽ هاڻي چا سوچيو اٿئي.

فريد: ڪجهہ ڏينهن تہ ڪبو آرام جاچا، ان کان پوءِ ڪو ڪم ڪار ڪبو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرم: ڪم ڪار ٻيو ڪهڙو ڪندين پٽ. خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي. پنهنجي زمينداري اچي سنڀال. هاڻي مون کان وڌيڪ هڻ هڻ ڪا نه ٿي پڄي.

فريد: انهيءَ ڪم لاءِ ادا محمود نمبر ون موزون آهي. اسان ته شهر وڃي ڪنداسون. بئريسٽري شروع. هي ڀائو محمود صبح کان وٺي نظر ڪو نه آيو آهي. ڪمال آ. مون سمجهيو ته منهنجو ڏاڍو انتظار هوندس.

ڪرم: تنهنجي سڪ ٻه ڪا سڪ هئس. سَلي ڪنهن سان ڪو نه پيو پر اندر ۾ پئي پڪو.

فريد: ته پوءِ آهي ڪٿي؟ انهي ظالم جي سڪ ته ڇڪي آئي آهي هتي.

جنت: بس اچڻ وارو هوندو. شابس آهي انهيءَ ڇوڪري کي. هاري ٻه پاڻ آهي ته ڪمدار ٻه پاڻ ته زميندار ٻه پاڻ. سچو ڏينهن ٿو ڊوڙي ويچارو. خبر اٿئي ڇو ويو آهي ڪچي؟

فريد: چاچي محمود اول ته ڳالهائيندو ئي ڪو ڇهين ٻارهين مهيني ۾ هڪ دفعو آهي. مٿان وري سندس دل جو حال! اسان کان ڳالهه زور آهي.

بهادر: تنهنجي لاءِ تازي ماکي ۽ مکڻ هٿ ڪرڻ ويو آهي. چيائين پئي ته ڀاءُ عرصي کان پوءِ ٿو موٽي.

فريد: (ٽهڪ) ماڻهو اهو ئي مولائي رهيو.

ڪرم: خلوص وارا ماڻهو ائين ئي هوندا آهن پٽ!

فريد: بابا! اسان جو ٻه ته خلوص پرکي ڏسو نه ڪڏهن, اڙي اها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير آهي؟

جنت: پروين آهي. توڪان شرمائي ٿي. شايد.

فريد: واهه سائين واهه. سبحان الله. يعني هاڻي شرمائڻ به سکي وئي آهي. اڙي بيبه ته خبر ٿو وٺانءِ چري. نه سلام نه دعا. شرمائي ٿي.

پروين: (ڪلڻ جو هلڪو آواز ۽ پڇڻ جو تاثر).

فريد: ترس پروين جي (ڊوڙڻ جو تاثر. پريان ٻنهي جي ڪلڻ جو آواز).

جنت: ڇوڪرو ساڳي جو ساڳيو رهيو. ذرو به بدليو ناهي. ساڳي کيچل. ساڳي مستي اٿس. ڪنهن ڳالهه جي پرواهه...

ڪرم: مون گهڻو اڳ، گهڻو اڳ، جڏهن سندس ماءُ جيئري هئي. جڏهن هو اجان ننڍو هو، تڏهن سوچيو هو ته فريد منهنجو پيو روپ آهي. خدا ڪري ته هو مون جهڙي قسمت به ماڻي. هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي.

بهادر: اهي ڳالهيون نه ڪر ادا.

ڪرم: ڇوڙڻ ڏنيم ادا، ٻيهر موقعو ملي نه ملي. ڇوڙڻ ڏنيم.

جنت: خوشيءَ جي موقعي تي غم جون ڳالهيون نه ڪبيون آهن ادا.

ڪرم: مون سوچيو هو فريد جو ڀاڳ به مون جهڙو ٿئي ته ڪيڏو نه چڱو پر اڄ هن کي ڏسي مان ڏڪي ويو آهيان. هو هوبهو مون جهڙو آهي. هوبهو ڊڄان ٿو ڪيس مون جهڙي قسمت نه ملي. دل جي اڪيلائي نه ملي. من جي مونجهه نه ملي.

(فريد ۽ پروين جي ٽهڪن جا آواز)

اهي ٽهڪ مون ڪيس ورثي ۾ ڏنا آهن. منهنجو غم مليس ته پوءِ ڇا ٿيندو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جيپ جو پري کان اچي بيهڻ جو آواز)

جنت: محمود اچي ويو شايد.

بهادر: ها ـ محمود ئي آهي. هيڏانهن پيو اچي.

(محمود جي اچڻ جو آواز)

جنت: اچي وئين پٽ؟

محمود: ها چاچي ـ فريد ڪٿي آهي؟ مان ڪيس دل کولي ڏسڻ ٿو چاهيان. پنهنجي ڀاءُ کي سيني ۾ سمائڻ ٿو چاهيان.

ڪرم: ترس پٽ.

محمود: سنهنجي لاءِ ڪو حڪم آهي بابا؟

ڪرم: چاچهن ۽ اسان صلاح پئي ڪئي تہ هاڻي فريد بہ اچي ويو آهي. ان ڪري تنهنجي شادي ۾ دير ٿيڻ نہ گهرجي.

جنت: ها پٽ گهر جي ڳالهہ آهي. تياريون تہ اڳي ئي ٿيون پيون آهن. باقي اوير ڪهڙي

ڪرم: تنهنجي ڇا صلاح آهي.

محمود: جيڪو توهان جو حڪم.

جنت: دل ۾ تہ ڏاڍو خوش هوندين. ٻاهران ٿو پڪائي ڪرين.

محمود: مان فريد کي ڳولي ٿو اچان. (تڪڙن قدمن جو آواز ـ فريد ۽ پروين جي ڪلڻ ڳالهائڻ جو آواز ويجهو ٿيندو ٿو وڃي ۽ ساڳئي ئي رفتار سان قدمن جو آواز سست ٿيندو ٿو وڃي. قدم خاموش).

فريد: خبر اٿئي پروين ڇا؟

پروين ڇا؟

فريد: مان هڪ ڏينهن بہ توکي وساري نہ سگهيس. پورا پنج سال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ياد ۾ ائين گذاريم، ڄڻ هي انتظار ڪڏهن بہ ڪو نہ
ڪٽندو.

پروين: سچ.

فريد: بلڪل سچ، اڙي نڌيڻ جو پيار آهي. چري، مذاق ٿوري آهي. تون ٻڌاءِ تو بہ ڪيو منهنجو انتظار؟

پروين: بي انتها. قيامت جهڙو انتظار ڪيم، تنهنجو.

فريد: ڪوڙ.

پروين: منهنجي دل کان پڇ.

فريد: ڪينءَ پڇان؟

پروين: اکين جي سهاري.

فريد: ڇا آهي انهن اکين ۾؟

پروين: تنهنجي مورت، مون اها مورت پورا پنج سال اکين ۾ ائين ئي سجائي رکي آهي. توکي ئي ڏسندي رهي آهيان. ٻيو ڪو نظر ئي نہ آيو.

فريد: ۽ محمود؟ ٻڌو اٿم تہ تنهنجي سائنس شادي ٿي رهي آهي.

پروين: هو بي حد سٺو آهي. مون کي تمام گهڻو چاهيندو آهي. پر پر مان سائنس شادي تہ ڪري سگهان ٿي، محبت نٿي ڪري سگهان.

فريد: ڇو؟

پروين: مون سائنس ڪڏهن بہ پيار نہ ڪيو آهي. منهنجي محبت تون آهين.

فريد: پر پوءِ هيءَ شادي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروين: شادي روحن جو ميلاپ آهي. تنهنجا ۽ منهنجا روح گهڻو اڳ ملي چڪا آهن.

فريد: ۽ محمود؟

پروين: محمود لاءِ منهنجي دل ۾ عزت ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ جاءِ ناهي.

(محمود جي بوٽن جو آواز- ڳرا قدم تورو اڳتي وڌن ٿا).

(پروين ڇرڪ پري ٿي)

فريد: ادا تون!

پروين: محمود!

فريد: اسان-اسان تنهنجي ئي ڳالهہ پئي ڪئي ادا. تون تہ ذرو بہ نہ بدليو آهين. اڳتي آ، مونسان مل تہ سهي. سيني سان تہ لڳيم ظالم.

پروين: مان وڃان ٿي.

محمود: ترس پروين، اتي ويٺي رهہ.

فريد: ڇا ڳالهہ آهي محمود، تون تون.

محمود: مون توهان جون ڳالهيون ٻڌي ورتيون آهن.

فريد: پر محمود- پر.

محمود: توهان ٻئي هڪ ٻئي سان پيار ڪيو ٿا؟

فريد: تون سمجهڻ جي ڪوشش ڇو نٿو ڪرين.

محمود: منهنجي ڳالهہ جو جواب ڏي

فريد: جي جي ها.

محمود: ۽ تون بہ پروين...؟

پروين: (سڏڪا).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمود: مون توکان سوال پڇيو هو پروين، مون کي تنهنجي جواب جو انتظار آهي.

پروين: (سڏڪندي) ها.

محمود: مان توهان جي راهہ ۾ رڪاوٽ نہ ٿيندس. توهان جي خوشيءَ خاطر مان قرباني ڏيندس. پنهنجي محبت کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيندس. پر توکي هڪ وعدو ڪرڻو پوندو فريد.

فريد: ڪهڙو وعدو؟

محمود: مون پروين کي دل جي گهرائين سان چاهيو آهي. سندس ئي خوشيءَ خاطر مان کيس تنهنجي حوالي ڪري رهيو آهيان. پر ياد رکجانءِ! جنهن ڏينهن، جنهن گهڙيءَ تو سندس دل ڏکائي، مان توکي پنهنجو نہ ڪندس.

فريد: پر فيصلو تي ڇڪو آهي محمود

محمود: دل وارن جا فيصلا لڙڪن جي لارسان لکبا آهن. منهنجي سوال جو جواب ڏي.

فريد: مان وعدو توکيان تہ پروين کي ڪڏهن بہ غم نہ ڏيندس.

محمود: ۽ تون پروين ـ تون، فريد سان خوش رهي سگهندينءَ

پروين: (خاموشي).

محمود: منهنجي وجود تي وڄ ڪري ڀڪي آهي پروين، منهنجي دل ٽٽڻ جو فڪر نہ ڪر. جواب ڏي.

پروين: ها.

محمود: خدا شل توهان کي سدا خوش رکي، زندگيءَ ۾ مون توهان ٻنهي کي بي انتها چاهيو آهي. توهان جي خاطر مان مرڪي موت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبوليندس. پر هي موت ناهي. مات آهي. موت کان به وڌيڪ
ڏکوئيندڙ مات. محبت جي مات.

(قدمن جو آواز تکڙو تکڙو پري هليو ٿو وڃي).

فريد: ويو هليو.

پروين: هاڻي ڇا ٿيندو؟

فريد: جو ٿيندو بهتر ئي ٿيندو هل ته هلون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_3

ڪرم خان: تون خاموش ڇو آهين, فريد.. تو جهڙو ماڻهو ڇپ ڪري ويهي ته پوءِ اسان پارا پوڙها ڪيڏانهن ويندا.

بهادر: طبيعت نيڪ نه اٿئي ڇا؟ يا ولايت ٿي ياد اچئي پٽ.

فريد: نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي چاچا ائين ئي

بهادر: محمود ماٺ ڪري ويهي ته ڳالهه به آهي. تنهنجي ماٺ نهي ئي نٿي.

فريد: مان ته ڳالهايان پيو حڪم ڪيو.

ڪرم: پٽ ڳالهه دراصل هن ريت آهي ته چاچنهن ۽ اسان تنهنجي ئي انتظار ۾ هئاسين. هاڻي تون آيو آهين ته پوءِ اهو بار به دل تان لاهي ڇڏجي ته چڱو.

فريد: مون توهان جي ڳالهه نه سمجهي بابا.

ڪرم: محمود جي شاديءَ جي ڳالهه ٿو ڪيان پٽ. پروين سان. ڇوڪري پنهنجي آهي. گهر جو گهر ۾ رهندي هونءَ به اها سان جي ريت آهي. گهر ۾ جاءِ هجي ته ٻهر ٻاهر نه اچلجي. تنهنجو ڇا خيال آهي.

فريد: اوهان جي فيصلي کي پلا مان ڪيئنءَ ٿو رد ڪري سگهان.

ڪرم: ته پوءِ هن ئي مهيني ۾ اهو نيڪ ڪم ٿي وڃي ته چڱو.

محمود: پر مون کي اها شادي منظور ناهي بابا.

ڪرم: ڇا ٿو چوين محمود.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمود: ٺيڪ ٿو چوان بابا. مون کي اها شادي منظور ناهي.

بهادر: مان هي ڇا ٻڌي رهيو آهيان. اهي لفظ تون ٿو چوين محمود؟

محمود: جي ها ءِ نهايت سوچي سمجهي چئي رهيو آهيان.

ڪرم: محمود..!!

جنت: ڇريو ٿي پيو آهين ڇا پٽ؟ تو تہ پاڻ چيو هو تہ...

محمود: چيو هوم، پر هاڻي جو ڪجهہ چئي رهيو آهيان، اهو ئي سچ آهي.

ڪرم: گستاخيءَ جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي ڇوڪرا؟

بهادر: تون منهنجي بي عزتي ڪري رهيو آهين.

محمود: ان شادي لاءِ منهنجو هڪ شرط آهي.

ڪرم: شرط؟ ڇا جو شرط؟

محمود: چاچا ڪچي واريون سڀ زمينون منهنجي نالي ڪري.

بهادر: پنهنجي سموري ملڪيت تنهنجي نالي ڪري ڇڏيان؟ ڇو؟ آخر ڇو؟ ڇوڪريءَ ۾ ڪو عيب آهي، جنهن جي قيمت وصول ڪرڻ ٿو چاهين؟

جنت: منهنجي پروين تہ لکن ۾ هڪ آهي.

محمود: هوندي، پر مون کي زمين گهرجي. اهو ئي منهنجو آخري فيصلو آهي.

ڪرم: مون کي خبر نہ هئي تہ تون ان حد تائين بہ ڪري سگهين ٿو. مون کي ڄاڻ نہ هئي تہ تون هڪ لالچي، حرصي، لوڀي انسان بہ آهين. مون تہ توکي شريف ۽ سنجيدو سمجهيو هو.

بهادر: ڳالهہ حد کان وڌي وئي آهي ادا. لوڪ ڇا چوندو؟ راڄ ڀاڳ وارا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا چوندا. مون ۾ مهڻن سهڻ جو تاب ڪٿي آهي.

محمود: مون پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي.

ڪرم: تنهنجو فيصلو خاندان جي بدنامي ۽ بي عزتي جو پروانو آهي. تنهنجو فيصلو اسان جي عزت ۽ غيرت جو نيلام آهي. تنهنجو فيصلو هڪ اهڙي ڪريل حرڪت آهي، جنهن تي ماتم ڪرڻ لاءِ منهنجي دل خون جا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. تون تہ منهنجي پيريءَ جو ڏار هئين محمود. پوءِ تو ائين ڇو ڪيو؟ ٻڌاءِ. تو ائين ڇو ڪيو؛؟

محمود: دولت هر انسان جي گهرجي ٿي بابا. ڇاڇو بهادر خان هن پيريءَ ۾ ملڪيت ماٽي ڇا ڪندو: قبر ۾ ٻئي هٿ خالي ويندا آهن بابا.

ڪرم: (ڇمات) خاموش! ان ڪان اڳ جو تو هڪ لفظ بہ زبان مان ڪڍيو آهي، مان تنهنجو خون پي ويندس. وڃ هليو. هتان وڃ هليو. مان چوان ٿو منهنجي نظرن ڪان ٿري وڃ. مون توکي لادعوي ڪيو. ٻڌين ٿو. مون توکي پنهنجي ملڪيت تان لادعوي ڪيو. اڄ کان پوءِ تنهنجو مونسان، هن گهر سان، اسان مان ڪنهن سان، ڪو بہ تعلق ناهي. وڃ ۽ ٻيهر ڪڏهن بہ پنهنجي مڪورهہ صورت مون کي نہ ڏيکارجانءِ. منهنجي لاءِ تون مري، ڇڪين. مري ڇڪين. محمود مري ويو. مري ويو. منهنجو پٽ مري ويو.

جنت: هوش ڪر ادا. هوشر ڪر.

ڪرم: ويو هليو؟ پنهنجي پيءُ جي عزت کي لتاڙي ويو هليو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهادر: ها ويو هليو.

ڪرم: هاڻي ڇا ٿيندو؟ هاڻي ڇا ٿيندو؟ مان ڦولئين ڪوڙو ڪو نه ٿيندس. مان بهادر ياءُ جو مجرم ڪو نه ٿيندس. مان ڇا ڪيان؟ ٻڌايو مان ڇا ڪيان؟.

فريد: جيڪڏهن اجازت هجي ته عرض ڪيان بابا.

ڪرم: چئه پٽ، تون چئه جلدي چئه. ان ڪان اڳ جو دل ئي اجهامي وڃي، ڪجهه ته چئه.

فريد: مون ڪان اوهان جي حالت ڏٺي نٿي وڃي بابا. جي مان هن موقعي تي خاندان جي ڪنهن به ڪم اچي سگهان ٿو ته مان حاضر آهيان بابا.

ڪرم: تون؟ تون ڇا ٿو ڪري سگهين پٽ؟

فريد: جيڪڏهن چاچا جن کي اعترض نه هجي ته مان محمود جي جاءِ وٺڻ لاءِ تيار آهيان.

ڪرم: سچ!

بهادر: فريد تون؟

فريد: ها چاچا، جيڪڏهن محمود لالچي نڪتو ته ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته فريد به هن گهرجي خوشيءَ کي تباهه ۽ برباد ٿيڻ ڏئي منهنجي جان به حاضر آهي چاچا.

ڪرم: پٽ هجن ته تو جهڙا هجن ٻچا، اولاد هجي ته تو جهڙو هجي.

بهادر: تون واقعي عظيم آهين فريد.

ڪرم: مون نه چيو هو ادا، ته فريد هوبهو مون جهڙو آهي. ياد اٿئي، مون چيو هو نه؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فريد: خاندان جي عزت خاطر ڪڏهن ڪڏهن قربانيون بہ ڏيڻيون پونديون آهن. توهان شادي جي تياري ڪيو. مان تيار آهيان.

جنت: صدقي وڃانءِ پٽ. تون تہ اسان جي لڄ بچائي ورتي.

بهادر: ماٺهو چا چون ها. دوست دشمن ٺٺوليون ڪن ها.

ڪرم: منهنجو پٽ فريد واقعي مون جهڙو آهي. هوبهو مون جهڙو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_4

مريد: اڄ رئيس ننڍي جي شادي آهي، سائين توهان نہ ويندا پوتار.

محمود: مون خوشين کان منهن موڙي ڇڏيو آهي چاچا.

مريد: هو توهان جو پياءُ آهي.

محمود: ها هو منهنجو پياءُ آهي. منهنجو خون آهي.

مريد: تہ پوءِ تہ توهان کي ضرور وڃڻ گهرجي. ڇاڇي پري پري کان کهي آيا آهن. رئيس اڄ ڳوٺ ۾ روشنيون آهن. رنگ آهن. راڳ آهن.

محمود: زندگيءَ جو قافلو رڃ ۾ ڀٽڪي وڃي تہ پوءِ ان کي ڪا بہ روشني، ڪو بہ رنگ، ڪو بہ راڳ راهہ ڏيکاري نہ سگهندو آهي چاچا.

مريد: تنهنجو ڳالهيون منهنجي سمجهہ کان زور آهن رئيس.

محمود: منهنجون ڳالهيون خود منهنجي سمجهہ ۾ نٿيون اچن. تو ڪڏهن بادل کي گجندو ڏٺو آهي چاچا؟ ان آواز ۾ لڪل درد کي محسوس ڪيو اٿئي؟ ڪڏهن شرنائيءَ کي سڏڪندي ٻڌو اٿئي چاچا؟ چنڊ کي پڇرندو ڏٺو اٿئي؟ مون کي ڏس- چڱيءَ طرح ڏس، منهنجي اکين ۾ تر جي واري آهي. پر تون نہ ڏسي سگهندين. تون ڪجہ بہ ڏسي نہ سگهندين. تون ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهندي

مريد: توهان جي طبيعت نيڪ نٿي ڀانئجي- آرام ڇو نٿا ڪيو؟

محمود: آرام! جڏهن ڌرتي اجايل هجي. تڏهن آرام ڪيئن ايندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاچا؟ ڏرتي سڪي نوٽ تي وئي آهي. ڪيس پاڻي گهرجي. پاڻي گهرجي. اڄ چاچا، اچوڪي رات. سڄي رات اسان اڃايل ڌرتي کي ريج ڏيندا سين. هيءَ رات اکين ۾ گذاريندا سين. ڏاڍي اهم آهي هيءَ رات چاچا. اچوڪي رات منهنجو امتحان آهي. مان امتحان ۾ ناڪام ٿيڻ نٿو چاهيان. چاچا، مان سرخرو ٿيڻ ٿو چاهيان. ڪجهه سمجهئي چاچا، ڪجهه سمجهئي.

مريد: نہ رئيس.

محمود: چڱو ٿيو. چڱو ٿيو جو تون ڪجهه بہ نٿو سمجهين. چڱو ٿيو جو ڪو بہ ڪجهه نٿو سمجهي. صرف هيءَ ڌرتي سمجهي ٿي. هيءَ پاڻي سمجهي ٿو. مان سمجهان ٿو. مان امتحان ۾ ناڪام ٿيڻ نٿو چاهيان. هيءَ رات گذري چو نہ ٿي. بادل گجي چو نٿو؟ شرنائي سڏڪي چو نٿي؟ چاچا- مان روئان تہ نٿو؟ سچ ٻڌاءِ چاچا... مان روئان تہ نٿو؟

مريد: نہ رئيس.

محمود: تہ پوءِ شايد... پوءِ شايد مان امتحان ۾ (سُڏڪندي) ڪامياب ٿي ويس. چاچا. مان ڪامياب ٿي ويس چاچا. (ڪلندي ۽ روئندي). ٻڌين ٿو چاچا. ڪجهہ ٻڌين ٿو چاچا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_5

(شرنايون_ سهرا_ ٺهڪ)

بهادر: تون؟ تون هتي ڇو آئي آهين؟

چنبيلي: پنهنجو حق گهرڻ لاءِ.

بهادر: هيءَ ڪير آهي؟

چنبيلي: سڃاڻ_ ڪوشش ڪر بهادر خان_ هيءَ ساحره آهي. تنهنجي ڌيءَ.

بهادر: منهنجي ڌيءَ_ ساحره . پر آخر توهان هتي آيون ڇو آهيو؟ خبر اٿئي اڄ پروين جي شادي آهي. منهنجي ڌيءَ جي شادي آهي.

چنبيلي: انهيءَ لاءِ تہ آيون آهيون. بهادر خان. پنهنجي خوشين ۾ اسان کي شريڪ نہ ڪندين ڇا؟

بهادر: توهان کي هت اچڻ نہ گهربو هو. مون تہ توهان جي کاڌي خوراڪ جو بندوبست شهر ۾ ئي ڪري ڇڏيو آهي. بينڪ مان پئسا ملندا رهندا اٿئي؟

چنبيلي: ملندا آهن پنج هزار روپيہ ماهوار پر پئسا تہ دنيا ۾ هر شيءِ ناهن. تون منهنجو مڙس آهين.

بهادر: آهستي ڳالهاءِ چنبيلي! خدا جي واسطي آهستي ڳالهاءِ. ڪو ٻڌي نہ وٺي.

چنبيلي: سالن کان ماڻهو منهنجي متعلق زور سان ڳالهائيندا رهيا آهن ۽ مون خاموشيءَ سان سيڪجهہ سٺو آهي. پر تون ڪڏهن بہ ائين نہ پڇيو تہ مري وئينءَ يا زنده آهين. مون کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڪٽي ڇڏ. ڪڏهن پنهنجي نياڻيءَ لاءِ پڇيئي تہ ان جو ڇا حال آهي.

بهادر: نياڻي؟ ساحره منهنجي نياڻي.

چنبيلي: اڄ جڏهن هڪ ڌيءَ جي خوشين ۾ ايترو مگن آهين. تڏهن ٻيءَ ڌيءَ جي سر تي بہ تہ هٿ رک. تنهنجوئي خون آهي، بهادر خان.

بهادر: آهستي ڳالهاءِ چنبيلي، هت ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ مون شهر ۾ توسان شادي ڪئي هئي. هت اها بہ ڪنهن کي خبر ناهي تہ مون کي ٻي بہ ڌيءَ آهي. ساحره.

چنبيلي: تہ پوءِ اڄ سيني کي خبر پئجي ويندي تہ تون صرف نالي ۾ بهار آهين. ورنہ تو جهڙو بزدل ٻيو ڪو ئي ناهي. تو مون کي پنهنجي ڪوڙن دلاسن ۾ ڦاسائي شادي ڪئي ۽ پوءِ ٻيهر موٽي اچڻ جو وعدو ڪري شهر ڇڏي آئين.

بهادر: مون تنهنجي هر سک جو بندوبست ڪيو آهي. چنبيلي.

چنبيلي: عورت مڙس کان سواءِ ڪنهن بہ خوشيءَ جو تصور نٿي ڪري سگهي.

بهادر: منهنجون ڪي مجبوريون آهن.

چنبيلي: ۽ منهنجي صرف هڪ مجبوري آهي. مامتا.. مان ماءُ آهيان. هڪ جوان ڌيءَ جي. جنهن جي مٿي تي هٿ رکڻ وارو ڪو بہ ناهي. جنهن جو پيءُ پنهنجن ئي ناهيل ريتن رسمن جو قيدي آهي. ساحره توکان تنهنجي ملڪيت مان پنهنجو حصو وٺڻ آئي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهادر: تون شهر موٽي وڃ، هاڻي جو هاڻي، جو ڪجهه گهرندينءَ اتي ملي ويندئي.

چنبيلي: اهي ڳالهيون مون اڳ بہ ٻڌيون آهن. اڄ مان فيصلو ڪري آئي آهيان تہ پنهنجو حق ونڻ ڏاران هرگز ڪو نہ ويندس.

بهادر: ڪجهہ منهنجي عزت جو خيال ڪر، چنبيلي!

چنبيلي: (ڪلنڌي) عزت! جڏهن تو منهنجي عزت جو خيال نہ ڪيو. پنهنجي ڌيءَ جي عزت جو خيال نہ ڪيو. تہ پوءِ مون مان ڪهڙي اميد ٿو رکين. بهادر خان.

بهادر: ڪو ٻڌي وٺندو... وٺ هي پئسا وڃ هلي.

چنبيلي: پنهنجي دولت پاڻ وٽ رک بهادر خان- مان تنهنجي ڌيءَ تنهنجي حوالي ڪرڻ آئي آهيان.

بهادر: چنبيلي.

(فريد اچي ٿو...!)

فريد: اوهو- چاچا- اوهان هتي بيٺا آهيو. ٻاهر مهمان- هي ڪير آهن؟

بهادر: هي هي مهمان آهن پٽ، شهر کان آيا آهن. چنبيلي بيگم آهي.

فريد: اسلام عليڪم.

بهادر: ۽ هيءَ سندس ڌيءَ آهي. ساحره.

فريد: خوب، جهڙو نالو تهڙو روپ- واهہ.

بهادر: تون وڃ پٽ، وڃي مهمانن جي خبر چار لهہ مان اچان ٿو.

فريد: جي نہ. خانبهادر صاحب جن جي گاڏي تيار بيٺي آهي، صرف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ڪان موڪلائڻ لاءِ بيٺا آهن. جلدي وڃو. مان تيساتئين اوهان جي هنن مهمانن جي سار سنڀال ٿو لهان.

بهادر: ها پر پٽ.

فريد: چاچا دير ٿي رهي آهي. اوهان وڃو.

بهادر: چڱو.. ٺيڪ آهي. مان بس اجهو ٿو اچان. اجهو ٿو اچان.. (وڃي ٿو).

فريد: (ڪلنديءَ) چاچو ويچارو ڏاڍو سادو ماڻهو آهي.

چنبيلي: جي ها. صورت مان ئي سادو ٿو لڳي.

فريد: اوهان ٻڌايو مس سائره، ڪاليج ۾ پڙهندا آهيو؟

سائره: جي نه. يونيورسٽيءَ ۾ مان ايم اي ڪري رهي آهيان.

فريد: اوهو ڀلا سبجيڪٽ ڇا آهي اوهان جو؟

سائره: انگريزي ادب.

فريد: خوب مون کي به ادب سان بي حد لڳاءُ آهي. ڪيٽس منهنجو محبوب شاعر آهي.

سائره: منهنجو پڻ.

فريد: ته پوءِ واهه جو ڪم ٿي ويو. توهان رهندا نه اچا ڪجهه ڏينهن هتي؟

چنبيلي: شايد ڪجهه ڏينهن لڳي وڃن.

فريد: ضرور ضرور رهو. بلڪ هاڻي ته جيڪڏهن اوهان وڃڻ جي ڪندا به ته مان وڃڻ نه ڏيندس.

سائره: اوهان زور ڀريندا ته اسان به انڪار نه ڪري سگهنداسين.

فريد: اسان زور ڇا ڀرينداسين، هٿ ڪڙيون هڻي ڇڏينداسين. پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسون تہ اوهان ڇا ٿا ڪيو؟ (ٺهڪ). مان توهان لاءِ هڪڙو ڪمرو خالي ڪرائي ٿو ڇڏيان. اوهان آرام سان وڃي اتي رهو.

بهادر: (اينديءَ) نہ پٽ نہ، هي ويچارا اڄ ئي وڃڻ وارا آهن. ٽڪڙا اٿن.

فريد: نہ چاچا ائين ڪو نہ ٿيندو. گهر آئي مهمان کي، وڃڻ لاءِ نہ چئبو آهي. (زور سان). پنهون، پنهون.

پنهون: جي سائين.

فريد: اسان جي پرسان وارو ڪمرو مهمانن لاءِ تيار ڪري ڇڏ. جلدي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 6

محمود: (طنزيه ڪل) شرنايون سمهي پيون چاچا، روشنيون اجهامي ويون.

مريد: تون به آرام ڪر رئيس.

محمود: آرام_ آرام_ ڪٿي آهي چاچا_ سڄو ڳوٺ جاڳي پيو.

مريد: هر طرف خاموشي آهي رئيس.

محمود: نه دليون ڳالهائن پيون چاچا، ترن نٿو ٻڌين؟ مان ٻڌان پيو. مان صاف ٻڌان پيو. هر طرف آواز آهن. گوڙ آهي. شور آهي. هنگامون آهي. تون نٿو ٻڌين؟ هون؟ نٿو ٻڌين؟ خبر اٿئي چاچا هر انسان جي اندر ۾ هڪ دل هوندي آهي ۽ هر دل ۾ هڪ چور هوندو آهي. ماڻهن کي ڏسي چور چپ ٿي ويندو آهي. اڪيلو هوندو آهي ته خوب ڳالهيون ڪندو آهي. رات جو سيئي چور هڪ ئي وقت ڳالهائڻ لڳندا آهن. هيءَ شور ٻڌين ٿو؟ اهو سمورو شور انهن چورن جو آهي. ٻڌين ٿو؟ هون؟ ٻڌين ٿو؟ اڙي تون ته سمهي رهئين چاچا... (ٽهڪ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 7

ڪرم: محمود کي ائين ڪرڻ نہ گهرجي ها. مون تہ منجهس گهڻيون اميدون رکيون هيون ادا

بهادر: خبر ناهي ائين ڇو ڪيائين. هئو تہ اهڙو ڪونہ.

ڪرم: هڪڙو هيءَ پٽ اٿم. فريد وقت سر ڪينءَ پانهن پيلي تي بيٺو. سچ چيو اٿن تہ سمونڊ جي پيٽ ۽ انسان جي اندر جي ڪا بہ خبر ڪانهي. اهو انت ڪنهن نہ لڌو آهي.

بهادر: جي_ جي ها. سهي ٿو چوين ادا.

فريد: توهان آرام ڪيو بابا. شاديءَ جي خفن اوهان جي صحت تي ڏاڍو اثر وڌو آهي.

ڪرم: آرام ڪندس پٽ. پهريون توهان کي ڏسي تہ وٺان. ڪهڙي نہ سٺي جوڙي آهي بهادر خان. سج ۽ چنڊ جي جوڙي آهي.

بهادر: ها_ خدا سَلُ سلامت رکين. بي حد فرمانبردار ٻار آهن.

ڪرم. هڪ طرف فريد آهي ۽ ٻئي طرف محمود. ڪيترو نہ فرق آهي. ٻنهي ۾ هو نافرمان. بي مروت ۽ بي حيا نڪتو. خود مطلبي_ لالچي.

فريد: توهان کي گهڻو نہ ڳالهائڻ گهرجي بابا_ اٺ پروين تہ پنهنجي ڪمري ۾ هلون. چاچا. توهان بہ بابا کي اڪيلو ڇڏي ڏيو تہ بهتر.

ڪرم: بهادر_ اهي مهمان عورتون ڪير آهن؟ مون تہ اڳ ڪڏهن بہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي متعلق نہ ٻڌو آهي.

بهادر: منهنجي خيال ۾ مون کي بہ هلڻ گهرجي.

پروين: اسان تہ اڳ ئي اوهان کي پئي چيو. پر اوهان ٻڌوئي نہ پئي.

بهادر: توهان هلو. مان ٿوري دير مهمانن ڏانهن ٿيندو ٿو اچان.

فريد: اڄ پروين (ويندي) بابا جي طبيعت ڪجهہ ٺيڪ نٿي معلوم ٿئي. شاديءَ جي ڪمن ڪارين پريشان ڪري ڇڏيو اٿس.

پروين: سندس هيءَ عمر بہ تہ ناهي ڪم ڪرڻ جي.

فريد: ٻيو ڪير ڪري ها ـ محمود (خاموشي)

پروين: ڪجهہ خبر پئي ڪٿي آهي؟

فريد: محمود؟

پروين: ها.

فريد: ٻڌو اٿم زمينن تي آهي.

پروين: ڪيئن آهي؟

فريد: خبر ناهي.

پروين: ياد ايندو اٿئي؟

فريد: ڪڏهن ڪڏهن. توکي؟

پروين: اڪثر. اسان هن سان زيادتي ڪئي آهي.

فريد: اهو هن جو پنهنجو مسئلو آهي.

پروين: اسان جو ضمير تہ اسان جو پنهنجو مسئلو آهي.

فريد: هوندو في الحال مون ان ڳالهہ تي غور نہ ڪيو آهي. وساري ڇڏ ان سموري قصي کي... چانهہ پيار.

پروين: اڃهو تي ناهي اچان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساحره: او هيلو ايوري باڊي.

فريد: هيلو ساحره: ڪر خبر، اڄ ڪيئن پلجي پئين ۽ اسان وٽ.

ساحره: بس پائي ميزبان پڇندا ئي ڪو نہ تہ پوءِ مهمان ويچارا پاڻ نہ ايندا تہ ڇا ڪندا. هيلو پروين. ٺيڪ تہ آهين نہ؟ چانهہ تيار ٿي رهي آهي شايد؟ ٺيڪ آهي. اسان ٿورو آرٽ ۽ ادب تي ڳالهائي ونون ۽ تون مشرقي عورت وانگر بورچيخاني جي پر گهور لهي وٺ.

فريد: مون سوچيو پئي ساحره تہ چو نہ ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ شهر هليو اچان. سچ پڇين تہ هٽ سخت بور ٿي پيو آهيان.

ساحره: ويل ڪم، واقعي هٽ رکيو ئي ڇا آهي. تو جهڙي ماڻهوءَ لاءِ تہ ڪجهہ بہ ڪونهي نہ سئنيما، نہ ڪلب، نہ لائبرري نہ گئلري، ڪجهہ بہ تہ ناهي. يا ويهي ماڻهو مکيون ماري يا وري اڻ پڙهيل زال سان بوڙياجيءَ تي ڳالهائي.

فريد: ساحره پليز.

ساحره: پائي اسان تہ جا ڳالهہ دل ۾ هوندي آهي. سامهون چئي ڏيندا آهيون. ماڊرن سوسائٽيءَ جو اهو ئي تہ هڪ فائدو آهي. Be bold Be frank.

فريد: سچ پڇين تہ پنج سال ٻاهر رهڻ کان پوءِ منهنجي دل بہ منجهي پئي آهي. توهان جو ڪڏهن پروگرام آهي؟

ساحره: جڏهن تون چوندين.

پروين: ڪيڏانهن جو پروگرام ٺهي رهيو آهي.

ساحره: فريد پئي چيو تہ هٽ بور ٿي پيو آهيان. ڪجهہ ڏينهن شهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلڻ گهرجي.

پروين: اها تہ تمام سني ڳالهہ چئبي. ڪڏهن ٿا هلو تہ مان بہ تياري ڪري وٺان.

ساحره: او نو تون ڪيڏانهن هلندينءَ.

فريد: اها ڳالهہ ناهي پروين. دراصل مون پئي سوچيو تہ ڇو نہ شهر ۾ هلي رهجي ۽ اتي ئي هلي پريڪٽس ڪجي. ان لاءِ آفيس وغيره خريد ڪرڻي پوندي. خيال ڪيم تہ ڇو نہ وڃي هڪ چڪر بہ هڻي اچان ۽ سمورا انتظام بہ مڪمل ڪري اچان.

ساحره: هونءَ بہ تہ تو جهڙو ماڻهو جهنگلي ماحول ۾ هلي ڪو نہ سگهندو. توکي محفلون گهرجن. دوست گهرجن. ترقيءَ جي لاءِ نيون راهون- نوان رستا گهرجن. تو ۾ وڏيون خوبيون آهن. فريد.

فريد: جي ها- پر پروين تون دل نہ لاهہ. مان اڪيلو تہ وڃي ئي نٿو سگهان.

پروين: چانهہ وٺو.

ساحره: اوگاڊ- هيءَ چانهہ آهي؟ نو ٿينڪ يو مان نٿي پي سگهان. ههڙي چانهہ. آ فريد- توکي مان ٿي ناهي پياريان پنهنجن هٿن سان چانهہ. هلي آڊيئر اسان جي ڪمري ۾.

فريد: پروين مان اجهو ٿو اچان هون؟

ساحره (توڪ مان) باءِ باءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_8

ساحره: او هائو ونڊر فل_ خبر اٿئي منهنجو هڪڙو دوست آهي جمي، وڏو بي شرم آهي. هڪڙي ڏينهن چا ڪيائين جو مون کي ڪٽي پاٽيءَ ۾ اچلائي ڇڏيائين (ٺهڪ) ايڏو مزو آيو. ايڏو مزو آيو جو چا ٻڌايانءِ.

فريد: اسان آمريڪا ۾ ائين ئي ڪندا هئاسين.جا ڇوڪري پسند اچي وئي تنهن کي يا تہ پاٽيءَ ۾ ڌڪو ڏئي ڇڏيندا هئاسين يا وري مٿانئس پاٽيءَ جو گلاس هاري ڇڏيندا هئاسين. ڇوريون ڏاڍيون چٽيون ٿينديون هيون.

ساحره: اڇا توکي بہ ڳالهہ ٻڌايان. منهنجي هڪڙي سهيلي آهي ايلزا. ان جو هڪڙي ڇوڪري سان افيئر هلي رهيو آهي. خبر اٿئي ڇا؟ هڪڙي ڏينهن خبر پئي تہ ايلزا جي ماءُ ۽ ڇوڪري جي پيءُ جو؟ پاڻ ۾ افيئر هلي رهيو آهي (ٺهڪ) هائو اسٽريج؟ جڏهن خبر پئي تہ الا ايڏا مزا آيا ايڏا مزا آيا. جو بس.

پروين: فريد، ماني تيار آهي.

ساحره: نہ يائي مون کي تہ بک ئي ڪانهي. اڃان ٿوري دير اڳ تہ فلائنگ ساسر ڪاڌي آهي ۽ ان سان گڏ چپس ۽ سينڊ وچز وٺيا توکي فريد؟ مون پاڻ ٺاهيا هئا اهي سڀ.

فريد: تون ماني کائي ڇڏ پروين. اسان کي بک لڳي تہ پوءِ پاڻهي کائي وٺنداسين.

پروين: اڪيلو کائيندين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساحره: اڪيلو ڇو آهي؟ مان جو گڏ آهيانس. ڪيئن؟ فريد؟

فريد: جي۔ جي ها. جي ها. تون جو گڏ آهين.

ساحره: ها سو مون ٻڌو آهي پنهنجي ڪئي افيئر واري

(ميوزڪ اوور ليپ ڪري ٿو. ڊئلاگ نيڊ آئوٽ ٿي وڃن ٿا).

ميوزڪ سان رکي رکي ٺهڪ مڪس ٿيندا رهن ٿا ۽ پوءِ ٺهڪ بيڪ گرائونڊ ۾ هليا وڃن ٿا).

ڪرم: تون انهن کي واپس موڪلي ڇو نٿو ڇڏين بهادر.

بهادر: همت هجيم ها ته اڄ توکي چوڻ جي ضرورت محسوس نه ٿئي ها.

ڪرم: ڪير آهن اهي، ڪجهه ته ٻڌاءِ.

بهادر: واقف آهن.

ڪرم: ڪڏهن ڪڏهن معمولي واقف زندگيءَ جو رخ موڙي ڇڏيندا آهن.

بهادر: مان پاڻ فريد کي اهو ئي چوڻ وارو هوس ادا.

ڪرم: نه نه۔ فريد اهڙو ناهي. فريد اهڙو ناهي. هو مون جهڙو آهي. هوبهو مون جهڙو.

بهادر: پوءِ به ادا۔ پوءِ به...

ڪرم: نه بهادر۔ فريد جي خلاف هڪ لفظ به نه ٻڌندس. مون کي هن تي مڪمل ڀروسو آهي. پر هنن ڌارين عورتن جو ايترا ڏينهن رهي پوڻ ۽ هن نموني آزاديءَ سان ملڻ جلڻ مون کي پسند ناهي.

بهادر: پسند ته مون کي به ناهي. تنهن هوندي به مان ڪوشش ڪيان ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ميوزڪ اوور ليپ ڪري ٿو پروين جا سڏڪا مڪس ٿين ٿا)

(ميوزڪ صرف سڏڪا رهجي وڃن ٿا)

پروين: (سڏڪا)

جنت: نہ رو ڌيءَ نہ رو. زندگيءَ ۾ اهي معمولي ڳالهيون ٿينديون ئي رهنديون آهن.

پروين: هو پهريون تہ اهڙو نہ هوندو هو. هاڻي ڇو بدلبو ٿو وڃي؟

جنت: اهو تنهنجو وهم بہ ٿي سگهي ٿو.

پروين: وهم جي بهاني دل کي آٿت تہ ڏئي سگهجي ٿو امان. حقيقت کي بدلائي نٿو سگهجي.

جنت: مردن جي طبيعت ئي اهڙي ٿيندي آهي ڌيءَ. ڪا خوبصورت جوان عورت ڏسندا مس تہ ان جي...

پروين: سڀ مرد هڪ جهڙا ناهن امان.

جنت: سڀ مرد هڪ جهڙا ٿيندا آهن ڌيءَ.

پروين: نہ امان. مون کي خبر آهي، هو اهڙو نہ هو. هو انهن ڳالهين کان مٿي هو.

جنت: ڪير ڌيءَ؟

پروين: محمود.

جنت: محمود؟

پروين: ها امان. هو عظيم هو. هن قرباني ڏني هئي. ٻڌين ٿي امان، هن قرباني ڏني هئي (سڏڪا). هن منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ تياڳي ڇڏيو. امان (سڏڪا)

(سڏڪن سان ميوزڪ مڪس)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمود: چاچا ـ جاڳين ٿو؟

مريد: ها رئيس.

محمود: توکجهه ٻڌو چاچا؟

مريد: ڇا رئيس،

محمود: سڏڪا ٻڌئي؟

مريد: ڪنهنجا سڏڪا رئيس؟

محمود: منهنجا سڏڪا. ٿوري دير اڳ بادل رنا هئا. چنڊ جليو هو چاچا.
توکي خبر آهي؟

مريد: نه رئيس.

محمود: توکي ڪا به خبر ناهي؟ ڀلا اها خبر اٿئي ته پروين ڏکي آهي.
منهنجي ياءُ ڪيس ڏک ڏنا آهن چاچا. فريد ساڻس ظلم ڪيا
آهن. مون ڪيس چيو هو ته جنهن گهڙيءَ تو سندس دل ڏکائي،
مان توکي زنده نه ڇڏيندس.

مريد: اهڙيون ڳالهيون نه ڪر رئيس.

محمود: مان توکي زنده نه ڇڏيندس. زنده نه ڇڏيندس... زنده نه
ڇڏيندس.

(سخت بارش ڪنوڻ ـ گوڙ ـ تاثر ڇڳي دير تائين)

فريد: مان صبح جو شهر وڃي رهيو آهيان.

پروين: اڪيلو؟

فريد: نه ساحره به مونسان گڏ هلي رهي آهي.

پروين: ساحره؟

فريد: ان لاءِ جو شهر ۾ هن جا ماڻهن سان تعلقات آهن. اسان گڏجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيس جو انتظام ڪنداسين.

پروين: پرائي عورت سان گڏجي وينديون فريد؟

فريد: پرائي؟ پرائي ڇو آهي؟ او مون سمجهيو.

پروين: ڇا سمجهيئي؟

فريد: اهو تہ تنهنجي زندگي هن ڳوٺ جي چارديواريءَ ۾ گذري آهي.
توکي خبر ناهي تہ شهري زندگيءَ ۾ ڊارين عورتن سان گڏجي
گهمڻ ڪا عيب واري ڳالهہ ناهي.

پروين: تون منهنجو ڊارين مردن سان گهمڻ پسند ڪندين؟

فريد: پروين۔ وڏيڪ ڳالهائڻ جي ضرورت ڪانهي. مان ٻار ناهيان.
پنهنجو برو ڀلو خود سمجهي سگهان ٿو.

پروين: مان بہ پنهنجو برو ڀلو خود سمجهي سگهان ٿي. فريد. مون کي
تنهنجي ساحره سان ان حد تائين دوستي پسند ناهي.

فريد: پروين. تنهنجي اها مجال.

پروين: مان تنهنجي زال آهيان. منهنجا توتي ڪئي حق آهن.

فريد: مان سڀڪجهہ برداشت ڪري سگهان ٿو تنهنجي برتريءَ جو
حق برداشت ڪري نٿو سگهان.

پروين: مان برابريءَ جو بہ حق نٿي گهران. انصاف ٿي گهران.

فريد: انصاف جي نگاهن ۾ اسان ٻئي ڏوهي آهيون

پروين: مان ان ڏوهہ جو احساس ٿي گهران.

فريد: تون ڇا ٿي چاهين؟

پروين: صرف اهو تہ جنهن محبت خاطر محمود قرباني ڏني آهي. ان
محبت کي قربانيءَ جي اڏي نہ بناءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فريد: اوهو۔ تہ تون ڪيس اڃان تائين وساري نہ سگهي آهين.

پروين: پيار سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيندو آهي. پر مون کان منهنجو پيار ڪسجي رهيو آهي.

فريد: ان ڪري جو تون جاهل آهين. منهنجو ساٿ ڏئي نٿي سگهين.

پروين: نہ۔ ان ڪري جو تون مرد آهين. ٻي عورت جي لالچ لڪائي نٿو سگهين.

فريد: پروين، مون کي پنهنجا رستا ڌار ٿيندا نظر اچي رهيا آهن.

پروين: ايترو جلدي؟

فريد: ها۔ ايترو جلدي تنهنجو هٺ، ضد ۽ هوڏ اسان ٻنهي کي تباهيءَ جي ڪناري تيزيءَ سان وٺي وڃي رهيو آهي.

پروين: تون منهنجو آهين فريد، مان توکي تباهي طرف وڃڻ نہ ڏينديس.

فريد: خدا جي واسطي مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي، وڃ هلي. هتان وڃ هلي. مون کي سوچڻ ڏي، مون کي اڪيلائي گهرجي.

پروين: فريد.

فريد: مون کي اڪيلائي گهرجي. (زور سان) مون کي اڪيلائي گهرجي.

(ڪنوڻ۔ بارش۔ ميوزڪ)

چنبيلي: ڇا سوچئي بهادر خان؟

بهادر: سوچيان ٿو هڪ پراڻي پل ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ ۾ زهر ملائي ڇڏيندي آهي.

چنبيلي: مون حصي جي ڳالهہ ڪئي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهادر: مون کي خبر آهي.

چنبيلي: تہ پوءِ تنهنجو فيصلو؟

بهادر: منهنجي لاءِ ٻي ڪا بہ واهہ ڪا نہ رهي آهي. چنبيلي، منهنجي ڪمزوريءَ سبب خاندان جي بدنامي ۽ پروين جو گهر تباهہ ٿي رهيو آهي.

چنبيلي: تون ان تباهيءَ کي روڪي سگهين ٿو.

بهادر: ها مان ان تباهيءَ کي روڪي سگهان ٿو. ان لاءِ ئي تو وٽ آيو آهيان.

چنبيلي: ان ٻئگ ۾ ڇا آندو اٿئي؟

بهادر: تنهنجون خوشيون ۽ پنهنجي آزادي.

چنبيلي: ڪيترا پئسا آهن؟

بهادر: ايترا، جيترو تون سوچي بہ نٿي سگهين.

چنبيلي: تہ هيڏي ڪر.

بهادر: نہ اڃان نہ.

چنبيلي: دير ڇا جي آهي؟

بهادر: پهريون هڪ وعدو ڪر.

چنبيلي: ڪهڙو؟

بهادر: اهو تہ هيءَ ٻئگ ملندي ئي تون ساحره کي ساڻ ڪري هن وقت، هن گهڙيءَ هتان هلي ويندينءَ ۽ ٻيهر موٽي نہ ايندينءَ.

چنبيلي: مون کي ٻيهر اچڻ کان ڪير روڪيندو؟

بهادر: هيءَ طلاق نامون،

چنبيل: اوهہ — ڏاڍو سياڻو ٿي ويو آهين بهادر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهادر: ۽ پيو تہ جلد کان جلد سا-حره جي ڪنهن چڱي هنڌ شادي ڪري ڇڏيندين۔

چنبيلي: مون کي منظور آهي... پر.

بهادر: پر ڇا؟

چنبيلي: هن طوفاني رات ۾

بهادر: ٻاهر جيپ تيار آهي. منهنجا ماڻهو توکي حفاظت سان شهر پهچائي ايندا.

چنبيلي: ان ۾ ڪا ڪيڏ تہ ناهي بهادر؟

بهادر: مان سڀ رانديون هارائي چڪو آهيان. هاڻي ڪا بہ تل، ڪا بہ اٽڪل مون وٽ باقي نہ رهي آهي. وڃ هي سڀ ڪجهہ کڻ ۽ هتان هلي وڃ. وڃ، هلي وڃ.

(ميوزڪ ـ بارش)

ڪرم: محمود بي قصور آهي؟ هي ٽئين ڇا چئي رهي آهين ياجائي؟

جنت: اهو ئي جيڪو سچ آهي.

ڪرم: نہ هُن منهنجي دل ڏکوئي آهي.

جنت: جنهن پنهنجي دل پنهنجن هٿن سان چيري ڇڏي، سو ٻئي جي دل ڇا ڏکوئيندو. ادا.

ڪرم: پر مون تہ ڪيس بي عزت ڪري ڪڍي ڇڏيو.

جنت: ۽ پوءِ بہ هن زبان تي شڪايت، جو هڪ لفظ بہ نہ آندو.

ڪرم: هن نافرماني ڪئي هئي ياجائي.

جنت: هن محبت جو حڪم مڃيو هو ادا.

ڪرم: يا خدا. هي مان ڇا پيو ٻڌان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنت: هن ويچاري پنهنجي سموري زندگي قربانيءَ جي آڙاهه ۾ اڇلي ڇڏي آهي. ادا ڪيس بچايو. هن جو تن من جلي چڪو آهي. ڪيس سهارو ڏيو. هو لڇي لڇي مري ويندو.

ڪرم: ڀاڄائي.

جنت: جي ادا.

ڪرم: خبر اٿئي، محمود هوبهو مون جهڙو آهي. اها خبر مون کي هاڻي پئي آهي. منهنجو پٽ. منهنجي اکين آڏو هوندي به مون کان پري رهيو. منهنجي جسم جو حصو هوندي به مون کان ڌار رهيو ۽ مون کي خبر نه پئي ته هو مون جهڙو آهي. زخمي زخمي، گهائل گهائل ۽ پوءِ به پهاڙ جهڙو اڏول. هن کي گهرايو ڀاڄائي. هن کي گهرايو. هن کي گهرايو.

(ڪٽ- بارش- ميوزڪ)

فريد: ائين هرگز نٿو ٿي سگهي.

پروين: اها حقيقت آهي.

فريد: هوءَ مون کي بڌائڻ ڪانسواءِ وڃي نٿي سگهي.

پروين: هوءَ وئي هلي.

فريد: هن طوفاني رات ۾؟

پروين: جي ها. هن کي جنهن شيءِ سان دلچسپي هئي، سا ڪيس ملي.

فريد: تون اهو سڀڪجهه حسد وچان چئي رهي آهين، تون جلين ٿي.

پروين: مان سچ چئي رهي آهيان.

فريد: توڪيس زوريءَ هتان ڌڪالي ڪڍي ڇڏيو.

پروين: اهو ڪوڙ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فريد: اهو سچ آهي ۽ اهو ئـ سچ آهي تـ هن جي وڃڻ کان پوءِ مون کي توکان وڌيڪ نفرت ٿي وئي آهي. تون منهنجون ننڍڙيون خوشيون ڏسي سهي نـ سگهين ۽ ان ڪري تو هن کي ڪڍائي ڇڏيو.

پروين: اهو الزام آهي.

فريد: تون دل ئي دل ۾ مون کان نفرت ڪرڻ لڳي آهين. منهنجي دل پڇي تون محمود جي شڪست جو بدلو وٺڻ ٿي چاهين.

پروين: فريد.

فريد: فريد تنهنجي لاءِ مري چڪو مان توکي وڌيڪ برداشت ڪري نٿو سگهان. تون منهنجي آزادي، تمنا ۽ خواهشن جي زنجير ثابت ٿي آهين. مان اهو زنجير ڇني، ڇڏيندس، مان توکي طلاق۔ (ڇمات جو آواز) ٿوري خاموشي.

فريد: تون۔ ادا ۔ تون؟

پروين: محمود۔

محمود: ياد اٿئي. مون توکي چيو هو تـ جنهن گهڙيءَ تو هن جي دل ڏکوئي، مان توکي زنده نـ ڇڏيندس۔

فريد: محمود — محمود۔

محمود: مان پنهنجي امانت واپس وٺڻ آيو آهيان۔

فريد: بندوق پري ڪر محمود۔

محمود: مان پنهنجي امانت واپس وٺن آيو آهيان۔

فريد: منهنجي ڳالهه تـ ٻڌ محمود۔

محمود: مون پروين کي خوش ڏسڻ ٿي چاهيو پيار جي اهائي تقاضا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، پر تو کيس لڙڪ ڏنا. طعنا ڏنا. ڏک ڏنا.

فريد: ادا!

محمود: خاموش- مون کي پاڻ نہ کوٺ. مان ڪنهنجو ڀاءُ. ڪنهنجو دوست. ڪنهنجو اولاد ناهيان. مان ڪجهہ بہ ناهيان. ڪجهہ بہ ناهيان. صرف ۽ صرف انتقام آهيان.

پروين: محمود خدا جي واسطي محمود- موٽي وڃ.

محمود: تون نہ ڳالهاءِ پروين. هيءَ تنهنجو ڏوهاري آهي. مان کيس نہ ڇڏيندس.

پروين: توکي منهنجو قسم محمود- موٽي وڃ.

محمود: پروين. هي تو ڇا ڇيو پروين. هي تو ڇا ڇيو. هي تو ڇا ڇيو. ڇا تون زندگي ڀر مون کي اهڙي طرح ڇائنٽ تان موٽائيندي رهندينءَ پروين. مان هر بار هار کائي واپس ويندو رهندس. ڇا تو ڪڏهن بہ مونسان پيار نہ ڪيو آهي. ڇا ڪنهن ڪڏهن بہ مونسان پيار نہ ڪيو آهي؟ ٻاهر ٽوٽ ڌرتي جي اڄ اجهامي رهي آهي. منهنجي دل اڃان پياسي آهي. اجايل آهي. پر نہ... مون کي وڃڻ گهرجي. مون کي وڃڻ گهرجي. ڌرتي مون کي سڏي رهي آهي. ٻڌو ٿا ڌرتي مون کي پڪاري رهي آهي. مٽيءَ جي مونسان محبت آهي. مٽي منهنجي پنهنجي آهي. مان وڃان ٿو. مان وڃان ٿو. مان وڃان ٿو... (وچي ٿو. غمگين موسيقي).

(بارش جو تاثر)

ڪرم: محمود آيو آهي. محمود آيو آهي. ڪٿي آهي محمود؟ ڪٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي منهنجو پٽ. ٻڌايو ڇو نٿا. ڪٿي آهي منهنجو پٽ،
خاموش ڇو آهيو؟ مون جهڙو آهي هو ٻهو مون جهڙو آهي.
اوچو اڏول ۽ مضبوط. فريد جواب ڏي محمود آيو هو؟

فريد: جي ها.

ڪرم: ڪاٿي آ؟

پروين: (سڏڪندي) ويو هليو. هو موٽي ويو.

ڪرم: ها هن کي موٽڻ ئي گهربو هو. هن کي موٽڻ ئي گهربو هو. مٽيءَ
سان محبت ڪرڻ وارا موٽي ويندا آهن. پٽ جلدي موٽي
ويندا آهن.

(ڪنوڻ _ طوفان جو تاثر) غمگين موسيقي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_10

زخم زندگيءَ جا

کردار

رحيم

عارف

ثريا

فرح

مراد

ماءُ

روحي

فرخ

جانو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_1

(ماڻهن جي ڪلڻ ۽ ڳالهائڻ جو آواز)

رحيم: (ڪلندي) هفتي ۾ صرف هڪ ڏينهن ايندو آهي موڪل جو. دل چوندي آهي ته خوب سُمهي ڪجي ننڊ. پر ثريا چوي ٿي ته اهو آرام به چو نصيب ٿئيم. هل ياچي بازار. هل امان وارن ڏي، هل ادا وارن ڏانهن.

عارف: (وچ ۾) ۽ جيڪڏهن اهو به نه ٿئي ته پوءِ ويهي ٿانوَ ڌو. ڪيئن ياپي؟

ثريا: نه ادا_ اهڙي ته ڪا به ڳالهه ڪانهي، هن کي ته اجايو ڳالهين ناهڻ جي عادت ٿي وئي آهي.

رحيم: واهه اها به ڪا ڳالهه چئبي. نيڪ آهي. آئينده ڪٽي شڪايت نه ڪنداسين. ٻيو ڇا؟

عارف: اڙي بابا_ چو ٿو اجايو وهلور وڃين؟ اسان کي توتي اعتبار آهي. سورنهن آنا اعتبار آهي. توسان وڏو ناحق آهي. سچ پڇين ته اڄ مون سان به ڏاڍي زيادتي ٿي آهي.

ثريا: (ڪلندي) هاڻي ٻڌو ٻئي مرد جو قصو. ڪي جلد سان با تصوير.

فرح: هن جا قصا ته ڪنڻ جا ئي ناهن. ڪهڙا ٻڌي ڪهڙا ٻڌندؤ.

عارف: ڏس فرحي مون توسان وعدو ڪيو هو ته جيڪڏهن روز رات جو بهترين قسم جي پڊنگ ڪارائينديءَ ته پوءِ ڏينهن جون سموريون سختيون وساري ويهندس. ياد اٿئي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرح: بلڪل ياد اٿم.

عارف: تہ پوءِ وهہ واهہ ٿي وڃي.

فرح: پر اڄوڪي پڊنگ.

عارف: ڀلو ڪائي ويو؟

فرح: نہ ادا وڏو ڪائي ويو.

عارف: ساڳي ڳالهہ آهي.

رحيم: يار هاڻي ڪائڻ جون ڳالهيون ڇڏ (سڀ کلن ٿا). ٻڌاءِ تہ ڪلب جو ڇا حال آهي؟

(پس منظر ۾ فرح ۽ ثريا جي کلڻ ۽ ڳالهائڻ جو آواز جاري آهي).

عارف: اڙي ياپائي پاڻ کي ڏندي ڪان فرصت هجي تہ ڪلب وڃون. سڄو ڏينهن پيچ ڊڪ ۾ ٿو گذري.

رحيم: ائين چئہ تہ سڄو ڏينهن نوٽ ميڙيندي ٿو گذري.

عارف: يار پئسو بہ پگهر ٿو گهري. محنت نہ ڪبي تہ دولت ڪٿان ايندي.

رحيم: سچ ٿو چوين دوست. هاڻي ڏس نہ هڪ ئي ڪالونيءَ ۾ رهون ٿا. بلڪ هڪ ئي پاڙي ۾ بنگلا آهن. پر ملاقات هفتي ڏيڊ ڪان پوءِ مس ٿئي ٿي.

عارف: اڙي تنهنجي ملاقات ڪرڻ تہ منهنجي لاءِ ڪابي هٿ جو ڪيل آهي.

رحيم: سچ؟ اهو ڪيئن؟

عارف: توکي ڊنر جي دعوت ڏجي. دنيا ۾ اهائي واحد شئي آهي. جنهن کي نڪرائڻ تنهنجي وس جي ڳالهہ ڪانهي. (کلن ٿا).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرح: ها سچي، ياد آيم، سياڻي مسز مراد جي ڊنر آهي.

ثريا: مون کي بہ فون ڪئي هئائين. پر مون چيو تہ مون کي اڳي ئي
ڪنهن ٻئي هنڌ دعوت آهي.

فرح: او ثريا- ڊيئر ائين نہ ڪجانءِ، توکانسواءِ تہ بلڪل ئي مزو ڪو نہ
ايندو.

ثريا: پر مسز مراد تہ بلڪل بور آهي. هڪدم پراڻن خيالن جي ڳوناٺي،
هونهہ، خبر ناهي هن ڪالونيءَ ۾ ڪيئن ٿي رهي.

فرح: پئسو- ثريا- پئسو- ڍڳو ڪو نہ اٿئي تہ جن جي گهر ۾ داڻا، تن جا
چريا بہ سياڻا.

ثريا: پر تڏهن بہ فرحي اسان جي سوسائٽي يارهين صديءَ جي ماڻهن
لاءِ ناهي. جيڪڏهن مسز مراد جهڙا بہ ٿي پيا پاڙيسري مليا تہ
پوءِ پارٽ تہ لڏي ويندا سين. هتان.

عارف: اڙي پاپي اهڙو غضب نہ ڪجو. اسان يتيم ٿي وينداسين.

رحيم: في الحال اهڙو ڪو بہ تڪڙو رادو ڪونهي. ان ڪري تون بي
فڪر رهہ.

عارف: فڪر جي تہ ڳالهہ آهي يار.

رحيم: چو خير تہ آهي.

عارف: خير ئي تہ ڪونهي.

رحيم: پوءِ بہ خبر تہ پوي.

عارف: هن پاڙي ۾ اڄ ئي ڪجهہ پيا مسواڙي رهڻ لاءِ آيا آهن.

ثريا: مسواڙي؟

عارف: جي ها پاپي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثريا: ڪير آهن. ڪٿان آيا آهن؟ ڇو آيا آهن؟

عارف: سوالن جا تير بند ڪيو تہ ڪجھ عرض ڪيان.

ثريا: بند ڪيم. ٻڌايو.

عارف: هڪ ڪراڙي عورت پنهنجي نوجوان خوبصورت ڌيءَ ۽ هڪ نوجوان پٽ سان گڏ.

فرح: ڇوڪري ڏاڍي خوبصورت آهي ڇا؟

عارف: جي ها (گهبرائيندي) نہ نہ. بلڪل نہ. بلڪل بڪواس.

فرح: اهو تہ تنهنجي حالت مان ظاهر آهي (سڀ کلن ٿا)

ثريا: ڪٿي آيا آهن؟

عارف: مراد صاحب جي خالي بنگلي ۾. ان کان وڌيڪ هن بندي کي ڪا بہ خبر ناهي.

رحيم: انهيءَ بندي کي بهرحال چڱي معلومات آهي.

عارف: دراصل اتفاق سان ان وقت.

رحيم: ڏس استاد. اسان سان چالاڪي هرگز نہ هلندي.

ثريا: هن ڪالونيءَ ۾ رهڻ آيا آهن تہ پوءِ ضرور ڪي وڏا ماڻهو هوندا. هت تہ سڀ ڪافي سامان آندو هوندائون.

عارف: مون کي تہ سندن سامان بلڪل معمولي لڳو.

فرح: ڪنهن رٽائرڊ عملدار جو خاندان هوندو.

ثريا: پر اهو رٽائرڊ عملدر آهي ڪير؟ ڪٿي آهي؟

عارف: انهن سمورن سوالن جا جواب صرف هڪ ئي ماڻهو ڏئي سگهي ٿو.

رحيم: مراد صاحب؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عارف: جي ها ۽ هو اسان جي ڳٽتي دور ڪرڻ لاءِ شايد هن طرف اچي رهيو آهي. مون ڪيس پنهنجي گيٽ مان اندر ايندي ڏٺو آهي.

ثريا: او_ هائو اڪيسائيٽينگ!

فرح: ييس ويري ايڪسائيٽنگ

(مراد اندر اچي ٿو)

مراد: او هيلو ايوري باڊي، مسٽر ۽ مسز رحيم به موجود آهي.

سڀ: هيلو هيلو مراد صاحب!

مراد: لنگهي رهيو هوس ته خيال ڪيم ته اوهان وٽان به ٿيندو وڃان. توهان جي ڳالهين ۾ دخل ته نه ڏنم.

عارف: او نو مراد صاحب! يلا اها به ڪا ڳالهه آهي. ڀلي ڪري آيا. اچو ويهو. چانهه هلندي يا ڪافي؟

مراد: نه مهرباني، هن وقت مان آرينج جوس جو گلاس پي پوءِ باهر نڪرندو آهيان. دنيا جا ڏنڌا ايترو ته وڪوڙي ويا آهن. جو پنهنجن پاريسرين وٽ به گهڙيون ويهڻ جو به وقت نٿو ملي.

رحيم: مراد صاحب! توهان ته جڏهن کان ڪلب مان دلچسپي گهٽائي ڇڏي آهي، اسان به وڃڻ بند ڪري ڇڏيو آهي.

مراد: ڇا ڪجي _ بيگم کي وري بلڊ پريشر لو ٿي ويو آهي. مان پاڻ دل جو مريض آهيان. اولاد هجيم ها ته وري به خير هو. ڇڏيو انهن ڳالهين کي ثريا تنهنجي انهيءَ سازهيءَ جو جواب ناهي.

ثريا: سچ مراد صاحب! او ٿينڪ يو.

مراد: ۽ فرح وار سنوارڻ ته ڪو توکان سکي.

فرح: هائي الا مراد صاحب! توهان ڪيڏا نه سٺا آهيو. ها سچي، اهو ته ٻڌايو ته....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مراد: منهنجا نوان مسواڙي ڪير آهن. اهو نہ؟

فرح: جي- جي ها- جي ها.

مراد: مون کي خبر هئي اجوڪي ڏينهن سڄي ڪالونيءَ جي عورتن جو پهريون سوال اهو ئي هوندو.

ثريا: نون پاڙيسرين متعلق ڄاڻ سڃاڻ هئڻ ڪو بُرو تہ ناهي مراد صاحب!

مراد: جي نہ- بلڪل نہ.

ثريا: تہ پوءِ ٻڌايو چو نٿا.

مراد: اوهان خاموش ٿيو تہ ٻڌايان. منهنجي نئين ڪرائيدار آهي. بيگم شجاعت علي. مڙس آفريڪا ۾ ملازم آهي. نوجوان ڌيءَ ڪاليج ۾ پڙهندي آهي ۽ پٽ ڪنهن بينڪ ۾ نوڪري ڪندو آهي. ٽن ڄڻن جو هڪ مختصر خاندان آهي.

ثريا: پر هن محلي ۾ منهنجو مطلب آهي. هن ڪالونيءَ ۾.

مراد: هيءَ اميرن جي ڪالوني آهي، ظاهر آهي هت ڪنهن غريب جو اچڻ ممڪن ناهي. ان ڪري اهو بہ ظاهر آهي تہ چڱيءَ آمدنيءَ وارا ماڻهو آهن. بهرحال، مون وڌيڪ جاچ ڪو نہ ڪئي آهي. پر وارو بنگلو عرصي کان خالي پيو هو. مسواڙ سٺي ملي، ماڻهو چڱا نظر آيا. ان ڪري انڪار ڪو نہ ڪيم.

رحيم: بيسٽ آف لڪ.

عارف: يو رئيلي نيڊ اِٽ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 2

ماءُ: روحي! ڇا ڳالهه آهي ڌيءُ چپ چاپ ڇو آهين؟

روحي: ڪا ڳالهه ناهي امان.

ماءُ: ڪا ڳالهه ضرور آهي، ڏس ماءُ کان ڪجهه به نه لڪائبو آهي. توکي هي نئون ماحول پسند نه آيو؟

روحي: امان.

ماءُ: هيءُ وڏن ماڻهن جي وستي آهي ڌيءَ. ڇڻني پاسي لکا پتي ۽ امير ماڻهو رهن ٿا. ڪٿي پنهنجي غربت جي احساس زبان تي ونگ ته وجهي نه ڇڏيا اٿئي.

روحي: اهڙيون ڳالهيون نه ڪر امان

ماءُ: ته پوءِ منهنجي هڪ ڳالهه غور سان ٻڌ ڌيءَ! مون هي سڀ ڪجهه تنهنجي سٺي مستقبل لاءِ ڪيو آهي ڌيءَ.

روحي: توهان ڪي ائين ڪرڻ نه گهربو هو. امان!

ماءُ: مون ڪي ڇا ڪرڻ گهرجي. سو مان توکان بهتر ٿي ڄاڻان ٿي ڌيءَ.

روحي: غريب هجڻ ڪو عيب ته ناهي امان.

ماءُ: غربت جو احساس سڀ کان وڏو عيب آهي. ڌيءَ مسڪيني جو مهٽو مرت کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهي.

روحي: حقيقت کان منهن موڙي ڇڏڻ به ته ناداني آهي امان!

ماءُ: مان حقيقت کي موڙي ڇڏڻ ٿي چاهيان. مان چاهيان ٿي ته تون هن ماحول جو هڪ حصو ٿي وڃين ڇگن ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيندو. ميل ملاقاتون ٿينديون ۽ پوءِ جي خدا چاهيو تہ...

روحي: اهي خواب نہ ڏس امان جن جي تعبير نہ هجي.

ماءُ: مان ماءُ آهيان روحي! ۽ ماءُ جو هر خواب اولاد جي اميدن جي تعبير هوندو آهي.

روحي: ادا وحيد بہ تہ اوهان جو پٽ آهي امان.

ماءُ: مان هن جو بہ آئيندو اجرو ڏسڻ ٿي چاهيان.

روحي: پر هيءُ سمورو بار هو اڪيلي سر ڪيئن سهي سگهندو؟

ماءُ: وحيد مرد آهي ڌيءَ!

روحي: هو اڃا ٻار آهي امان!

ماءُ: هو منهنجو پٽ آهي. مون ڪيس اهائي تربيت ڏني آهي.

روحي: پر امان!

ماءُ: امان گڏجي هيءَ تين دنيا آباد ڪنداسين روحي. ماضيءَ جا سمورا غم وساري، گذريءَ کي هميشہ لاءِ ميساري هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪنداسين. هيءُ سماج اسان لاءِ اوپرو ضرور آهي پر اسان کي ان مرجذب ٿيڻو ئي پوندو.

روحي: اها خود فريبي آهي امان!

ماءُ: اها زندگي آهي روحي ۽ زندگي سدائين هڪ جهڙي نہ هوندي آهي. وساري ڇڏ تہ اسان ڪير آهيون؟ ڪٿان آيا آهيون؟ ڇو آيا آهيون؟ صرف اهو ياد رک تہ تنهنجو پيءُ آفريڪا ۾ ملازم آهي.

روحي: امان!

ماءُ: اسان سڪئي گهراڻي جا فرد آهيون ۽ پنهنجو بنگلو مسواڙ تي ڏئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائي جي بنگلي ۾ رهڻ لاءِ آيا آهيون.

روحي: پر امان!

ماءُ: ان ۾ ئي اسان سيني جي ڀلائي آهي. هاڻي اٿي تياري ڪر. ڪاليج به ته وڃڻو اٿئي. ۽ ها، پاءُ لاءِ ناشتو ته تيار ڪري وٺ. ان کي به ته نوڪريءَ تي وڃڻو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_3

ثريا: مون کي تہ هي نوان پاڙي وارا ڪجھہ عجيب ٿا لڳن.

فرح: سو وري ڪيئن؟

ثريا: نہ ڪنهن سان ملن ٿا. نہ ڪنهن سان ڳالهائين ٿا. نہ ڪنهن ڏي وڃن ٿا ۽ نہ وري ڪنهن کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ئي ڏين ٿا.

فرح: معلوم ٿو ٿئي تہ ڪجھہ وڏيڪ پئسي وارا آهن.

ثريا: مون کي تہ اعتبار ئي نٿو اچي. گهر ۾ سامان بہ پورو سارو اٿن، گاڏي بہ ڪو نہ اٿن، ڪنجوس ٿا پائنجن.

فرح: شايد ائين ئي هجي پوڙهي تہ ڏسڻ ۾ ئي مڪار آهي.

ثريا: ڇوڪري شڪل صورت جي چڱي آهي.

فرح: ڇوڪرو بہ تہ ڏاڍو سنو ٿو نظر اچي.

ثريا: منهنجو پاءُ فهيم تہ ڏسندي ئي ديوانو ٿي پيو آهي.

فرح: جيڪڏهن ماڻهو واقعي ئي چڱا آهن تہ پوءِ جيڪر منهنجي نندي پيڻ تبسم جي شادي.

ثريا: ها ها_ ڇو نہ جوان ڇوڪريءَ جي نيٽ، شادي ڪٿي تہ ٿيڻي آهي.

فرح: پر هنن جي خبر ڪيئن پوي.

ثريا: اهو ئي تہ پرابلم آهي فرحي، تہ خبر ڪيئن پوي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_4

رحيم: عارف

عارف: هون.

رحيم: پاڙو آباد ٿي ويو آهي.

عارف: جي ها. لڳي ته ائين ٿو.

رحيم: پوءِ.

عارف: مراد صاحب جي هن ۾ دعا ڪرڻ گهرجي.

رحيم: مراد ڪي ڇڏ.

عارف: مون زندگي ۾ چرچو ڪرڻ سکيو ئي ڪونهي.

رحيم: نالو ڇا اٿس؟

عارف: ڪرام خاتون.

رحيم: ڪراڙيءَ جو نه. ڊيٽس جو.

عارف: روحي.

رحيم: صدقي وڃانس نالي تان.

عارف: پاپيءَ جو خيال ڪجانءِ. مٿو نه ڪچو ڪري ڇڏيئي.

رحيم: اڙي ان جي ڪنهن کي پرواهه آهي.

مراد: سائين هي ڪمال ڇٽبو ائين توهان ٻئي نيٺ لڳائي وينا ٿا ڪچهري ڪيو.

رحيم: او اوهان مراد صاحب! در اصل اسان اوهان جو ئي ذڪر پئي ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مراد: چو خير تہ آهي؟

رحيم: بس ائين ئي جڏهن بہ ٽينس کيڏندا آهيون. تہ اوهان ياد اچي ويندا آهيو.

مراد: تہ پوءِ اٿو يارو نيٽ کي خالي نہ ڇڏيو آهي. ۽ ها، اج شام جي چانهہ بيگم شجاعت علي وٽ پيئبي.

رحيم: وري ڇئجو.

مراد: سچ ٿو چوان، اج شام جي چانهن بيگم شجاعت علي وٽ پيئبي. ويچاري پاڻ اوهان وٽ اچي نہ سگهي ان لاءِ معافي گهري اٿائين.

عارف: ان ۾ پلا معافيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. اسان کي تہ خود هن وٽ وڃڻ کپندو هو. آخرڪار تہ هو هاڻي اسان جا پاڙيسري آهن. پر مون تہ رحيم کي چيو پئي تہ جيڪڏهن سندس ڌيءَ کي صبح جو ڪاليج وڃڻ ۾ تڪليف ٿيندي هجي تہ مان آفيس ويندي ڊراپ ڪندو وڃان.

مراد: ان جي هاڻي ڪا ضرورت ڪانهي.

عارف: ڇا مطلب؟

مراد: منهنجو پائيٽيو لاهور مان ڪجهہ ڏينهن ٿيا جو آيو آهي، مون کيس چئي ڇڏيو آهي تہ روحيءَ کي هر روز ڪاليج ۾ ڇڏي اچڻ ۽ وٺي اچڻ سندس ڊيوٽي آهي.

عارف: هل! ڇٽي.

مراد: اوهان ڪجهہ چيو؟

عارف: جي نہ جي نہ، مون تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ٻہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحيم: اهو اوهان جو پائيتو صاحب جيڪو لاهور مان عين هن موقعي تي هت آيو آهي، سو اسان اڳ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي.

مراد: نہ هو مون وٽ ٻهريون دفعو آيو آهي. پيءُ جي گذاري وڃڻ ڪان پوءِ هو لکها روپين جو اڪيلو وارث آهي. لاهور ۾ پنهنجو ڪافي ڪاروبار پڻ اٿس. ڪجھہ ڏينهن لاءِ مون وٽ آيل آهي، دل نہ لاهيو جلدئي موٽي ويندو.

رحيم: موٽي وڃي يا نہ. بهرحال ٻهرين ملهہ ماري ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 5

(گاڏي هلندي رهڻ جو تاثر)

فرخ: لاهور ڏاڍو خوبصورت شهر آهي، مشرق ۽ مغرب جو انوکو ميلاپ آهي. اهو شهر جديد ۽ قديم جو عجيب سنگم آهي. تون ڪڏهين ”لاهور وئي آهين؟

روحي: نه

فرخ: ته پوءِ تنهنجو جيئڻ اجايو آهي. اسان ته ائين چوندا آهيون ته جنهن لاهور نه ڏٺو سو جهڙو ڄائو تهڙو نه.

روحي: ڪهڙا سرخاب جا پَر لڳل آهن تنهنجي لاهور کي. ڪجهه مان به ته ٻڌان.

فرخ: پَر ته تمام گهڻا لڳل آهن.

روحي: ڪو هڪ.

فرخ: انارڪليءَ جي مزار آهي، ان شهر ۾.

روحي: ۽ نورجهان به ته دفن آهي.

فرخ: ها نورجهان به دفن آهي.

روحي: ۽ جهانگير جو مقبرو به ته اتي ئي آهي نه.

فرخ: مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو.

روحي: مطلب سمجهڻ اوکو ته ناهي.

فرخ: مون جهانگير هئڻ جي دعوي ته نه ڪئي هئي روحي.

روحي: ان جي باوجود هر نوجوان جي اندر ۾ شهزادو سليم وسي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرخ: هي تون ڇا چئي رهي آهين؟

روحي: اهو ئي جو ڪجهه دير بعد تون مون کي چئين ها.

فرخ: جي نه، خوش فهمي آهي اوهان کي.

روحي: هون. ڏکندڙ رڳ تي هٿ اچي ويو شايد.

فرخ: مون ڇيو ته مون کي اهڙو ڪو به مذاق پسند ناهي. نه تون ڪا بي حد حسين حور پري آهين ۽ نه مان بيروزگار مجنون آهيان.

روحي: اهو ته اوهان جي ارادن مان ظاهر آهي.

فرخ: مون کي چاچا مجبور ڪيو ورنه مان تو جهڙي خودسر ۽ خود پسند ڇوڪريءَ ڏي اک کڻي به نه نهاريندو آهيان.

روحي: (ٽوڪ مان) هون! (موٽر ڪٽ).

فرخ: جي هي اچي ويو تنهنجو ڪالبج. واپسيءَ ۾ ڪنهن رڪشا ٽئڪسيءَ ۾ اچجانءِ، مان واند ڻاهيان، خدا حافظ

(موٽر اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز پري هليو وڃڻ).

روحي: هونهن! وڏو آيو آهي موٽر وارو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _6

(ڪاليج جو بيل شاگردن جا آواز)

فرخ: ميم صاحب، ٽئڪسي.

روحي: اوهو فرخ صاحب، بنفس نفيس.

فرخ: اوهان جو خادم.

روحي: پر اوهان تہ چئي ويا هئا تہ واپسيءَ ۾.

فرخ: جي ها چيو هوم، پر پوءِ سوچيم تہ جوان جماڻ ڇوڪري آهي، اڪيلي سر ڪٿي وتندي ٽئڪسين جي پويان ٿاٻا کائيندي.

روحي: بس يا اڃا بہ ڪجھ چوڻو اٿو.

فرخ: في الحال تہ اهو ئي ڪافي آهي. باقي احوال گاڏيءَ م ئي ڪري ونداسين.

روحي: جي نہ مون کي شڪيل لفٽ آفر ڪئي آهي. مان ان سان ويندس.

فرخ: اهو شڪيل وري ڪهڙي بلا آهي.

روحي: منهنجو ڪلاس ميٽ آهي. بي حد سمارٽ، بي حد خوبصورت ۽ بي حد امير.

فرخ: اڙي گهٽ تہ ڪنهن کان اسان بہ ڪو نہ آهيون. آزمائي ڏسو.

روحي: اوهان مهرباني ڪري هڪ ڪم ڪيو.

فرخ: ڪهڙو؟

روحي: هڪ عدد آئينو خريد ڪيو ۽ ان ۾ هر روز پنهنجو ديدار ڪندا ڪيو. خدا حافظ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرخ: اڙي، اڙي، اڙي روحي! هي ڇا ٿي ڪرين؟ ترس ته سهي ڏس جيڪڏهين وئين ته پوءِ مان وري توسان ڪڏهين ڪو نه ڳالهائيندس.

روحي: نه ڳالهاءِ مونکي ڪا ڪاڻ پيئي آهي ڇا؟

فرخ: مان ڇاڇا کي چوندو مانءِ.

روحي: تنهنجو ڇاڇو مسواڙ پوري وٺندو. مون کي لڏائي ته ڪو نه ڇڏيندو.

فرخ: اڙي بابا مون توبهه ڪئي. غلطي ٿي وئي. هاڻي ته ڪٿي آ؟

روحي: ائين نه.

فرخ: ته پلا آخر ڪيئن؟

روحي: واعدو ڪر.

فرخ: ڪهڙو واعدو.

روحي: اهو ئي ته پيهر ڪا به ٻاڪ نه هڻندين.

فرخ: واعدو.

روحي: پاڻ کي وڏو ماڻهو نه سمجهندين.

فرخ: بلڪل وعدو پڪو واعدو.

روحي : ته پوءِ ڇا ياد ڪندين ته ڪنهن روحيءَ سان به ڪم پيو هو (گاڏيءَ مر ويهڻ در بند ٿيڻ جو تانر. گاڏي هلي)

فرخ: (ٿڌو شوڪارو) پيلي تو ته منهنجو ڄ ذري گهٽ ساهه ڪڍيو هو.

روحي: (ٽهڪ).

فرخ: (ٽهڪ).

(گاڏي فيڊ آئوٽ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _ 7

عارف: ڪجھ خبر پئي؟

رحيم: ڪھڙي خبر؟

عارف: مراد صاحب جي ڀائٽي جي؟

رحيم: مراد صاحب جو ڀائيٽو فرخ؟

عارف: جي ها_ اهو ئي لاهور جو لڪاپتي نوجوان.

رحيم: ڇا ٿيو ان کي

عارف: عشق.

رحيم: ڪنهن سان؟

عارف: نئين پاريسرڻ جي نوجوان ڌيءَ روحيءَ سان.

رحيم: اهو تہ برو ٿيو.

عارف: ڪنهن جي لاءِ؟

رحيم: اسان لاءِ.

عارف: پر اسان تہ شادي شده آهيون.

رحيم: پوءِ بہ برو ٿيو.

عارف: ڇوين سچ ٿو.

رحيم: قصو ڪيستائين پهتو آهي؟

عارف: ڇون ٿا تہ بئي هر هنڌ گڏ ٿا نظر اچن. عشق آخري منزل تي آهي.

رحيم: خدا رحم ڪندو.

عارف: ڪنهن تي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحيم: اسان جي حال تي.

عارف: پر اسين تہ شادي شده آهيون.

رحيم: پوءِ بہ برو ٿيو.

عارف: چوين سچ ٿو.

(موسيقي)

ثريا: توکي ڪنهن ٻڌايو؟

فرح: مون کي ڪنهن ٻڌايو؟ سڄي ڪالونيءَ ۾ ڳالهہ عام ٿي چڪي آهي، هر هڪ ٻچي ٻار کي خبر آهي.

ثريا: مون کي تہ اڄ ئي خبر هئي.

فرح: ڪهڙي؟

ثريا: اها ئي تہ اهي نوان پاڙيسري ضرور ڪو نہ ڪو رنگ ڏيکاريندا. مون کي تہ اڃا بہ اهي ماڻهو پُراسرار ٿا لڳن.

فرح: اهڙا ماڻهو اڪثر پُراسرار ئي هوندا آهن. هاڻي تہ اهو فيشن ٿي پيو آهي تہ جنهن کي بہ ڏيءَ سٺي هنڌ پرڻائڻي هجي سو ڪنهن نہ ڪنهن طرح وڏن ماڻهن سان تعلق ڏيکاري پنهنجو ڪم ڪڍي ٿو وٺي، ميڪ جي مٽي ۾ ڪو نہ ٺڪر لڳي ويو.

ثريا: منهنجي هڪ ڪزن پڻ اهڙي غلطي ڪئي هئي. پوءِ خبر پئي تہ ڇوڪريءَ جو پيءُ ڪو معمولي دڪاندار آهي.

فرح: خبر ناهي اهي غريب ماڻهو اسان جو سک چين کسڻ لاءِ ايترو بيتاب ڇو آهن.

ثريا: اڙي ٻڌو ڪو نہ اٿئي تہ ڪانءُ هليو مور جي چال، مور گو پنهنجي بہ وسري ويس.

(ٻئي کلن ٿيون).

(موسيقي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحي: مون کي خوف ٿيڻ لڳو آهي. امان!

ماءُ: چري آهين.

روحي: ها مان برابر چري آهيان. شايد اهو ئي سبب آهي جو مون کي پنهنجي هر طرف ديوانگي ئي ديوانگي نظر ٿي اچي.

ماءُ: اهو صرف ان ڪري ڏيءُ جو تو هن کان اڳ حياتيءَ کي ڊنل نگاهن سان ڏٺو آهي.

روحي: مان ڪنهن سان بہ نگاهون ملائڻ جي قابل ناهيان امان.

ماءُ: بيوقوف نہ ٿيءُ روحي. اسان اهي گهٽيون اهي رستا، اهي وستيون گهڻو پري ڇڏي آيا آهيون. هي هڪ نئين زندگي جي شروعات آهي.

روحي: نئين زندگي ڪو سراب تہ ناهي امان؟

ماءُ: حياتيءَ جو هر پل حقيقت آهي ڌيءَ. مون تي اعتبار ڪر پنهنجي ماءُ تي انهيءَ ماءُ تي جنهن سک جا سپنا سجايا آهن. تنهنجي لاءِ، وحيد لاءِ، پنهنجي اولاد لاءِ پنهنجي ٻچن لاءِ.

فرخ: مان اوهان کي ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿو چاچا.

مراد: ڪنهن بہ لکا پتي نوجوان کي ڪجهہ چوڻ لاءِ اجازت جي ضرورت نہ هوندي آهي. فرخ.

فرخ: پوءِ بہ چاچا. پوءِ بہ ڪي ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن. جي دولت جي سرحدن کان دور ئي سٺيون لڳنديون آهن.

مراد: شاهوڪار هئڻ سان گڏوگڏ عقلمند هئڻ وڏي خوبي سمجهي ويندي آهي. پٽ!

فرخ: مون ننڍي ڄمار کان ئي اوهان کي انهن ٻنهين ڳڻن جو مالڪ ڏٺو هو.

مراد: منهنجي ڳالهہ نہ ڪر فرخ. منهنجا رستا اوکا آهن. پلجي بہ انهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهن تي نہ هلجانءِ.

فرخ: اوهان مختلف انسان آهيو. اوهان جي اهائي ڳالهہ مون کي پسند آهي. مان خود مختلف ٿيڻ ٿي چاهيان.

مراد: منهنجي پل مون تائين محدود رهڻ ڏي پٽ! مان نٿو چاهيان تہ منهنجي غلطي ٻيهر دهرائي وڃي، آئيڊل جي ناتي ئي سهي.

فرخ: مان صرف اهو پڇڻ آيو هوس تہ منهنجي غلطي جي گونج اوهان تائين بہ پهتي آهي يا نہ.

مراد: پيار کي غلطي چوڻ وارا گمراهہ هوندا آهن. فرخ.

فرخ: تہ توهان کي سموري ڄاڻ آهي؟

مراد: محبت جي مهڪ پري پري تائين پهچندي آهي پٽ!

فرخ: پر چاچا، مان تہ.

مراد: پيار دنيا جي سڀ کان وڏي دولت آهي. فرخ!

فرخ: پر اسان جي ملاقات صرف چند ڏينهن جي آهي چاچا.

مراد: مان سچ ٿو چوان پٽ، محبت منهنجي من ۾ مهمان بنجي آئي هئي پر مون کيس سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هو غريب هئي ۽ مون وٽ غربت کي پرکڻ جي ساهمي ڪو نہ هئي. هوءَ موٽي ويئي ۽ مان ٻيهر جي نہ سگهيس.

فرخ: مان روحي جي باري ۾ ڳالهائڻ آيو هوس چاچا.

مراد: مون بہ ان جي باري ۾ پئي ڳالهايو پٽ.

فرخ: مون کي هن سان پيار آهي چاچا. مان ساڻس شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.

مراد: ضرور ڪر. مون کي خوشي ٿيندي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _8

(ڪار جو هارون بيهر ٿيهر)

روحي: (پري ڪان) پليز اسٽاپ اٽ، فرخ اچان ٿي. (ويجهو) ڏاڍو بي صبرو آهين، ڇڻ ڇا آهي؟

فرخ: اون هون ائين نہ پهريون ويهہ تہ پوءِ ٻڌائيندو مانءِ.

روحي: (ويهڻ _ دروازو بند ڪرڻ) هاڻي ڇڻ ڇا ڳالهہ آهي؟

فرخ: ائين نہ پهريون هلي منائي ڪاراءِ (گاڏي اسٽارٽ ٿيڻ).

روحي: فرخ پليز -- ٿورو ترس، ممبئيءَ ڪي تہ ٻڌائڻ ڏي.

فرخ: اسان جي حڪم آڏو تنهنجي هڪ بہ نہ هلندي ڇوڪري.

روحي: واهہ شِڪل بہ ٿي شيشا پيچئي.

فرخ: اها خبر توکي ڏاڍي دير سان پئي.

روحي: ڇا مطلب؟

فرخ: مطلب اهو تہ روحي بانو عنقريب جهانگير جي شهر ۾ منهنجي روح جي راحت بنجي ايندي.

روحي: هيئر هيئر. شاعري ٿي رهي آهي.

فرخ: مون ڇاڇا سان فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

روحي: ڊونٽ بي سيلي فرخ!

فرخ: مان سچ ٿو چوان روحي منهنجي لاءِ ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ رستو نہ هو.

روحي: تہ ڇا_ تہ ڇا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرخ: ها روحي- مون چاچا کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو تہ مان توکان سواءِ هڪ پل بہ زندهہ رهي نٿو سگهان. تون منهنجي خوابن جي خوشبو آهين. زندگيءَ جو حاصل آهين.

روحي: فرخ!

فرخ: ۽ چاچا چيو. محبت سڀ کان وڏي عبادت آهي.

روحي: فرخ، توکي ائين ڪرڻ نہ گهربو هو. توکي هرگز ائين ڪرڻ نہ گهربو هو.

فرخ: ڇا ڳالهہ آهي روحي؟ تون خوش ناهين؟

روحي: منهنجي خوشيءَ سان ڇا ٿو ٿئي فرخ. غم جا سبب ٻيا بہ تہ ٿي سگهن ٿا.

فرخ: مون کي صرف تنهنجي خوشي درڪار آهي. مون کي دنيا جي ڪنهن بہ ٻي شيءِ سان دلچسپي ناهي.

روحي: اها تنهنجي ڀُل آهي.

فرخ: تنهنجي خاطر مان هر ڀل کي ڀلائي ڇڏيندس.

روحي: فرخ تون سمجهين ڇو نٿو.

فرخ: سمجهڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ رهيو ئي ڇا آهي پاڻ ٻئي هڪ ٻئي سان پيار ڪيون ٿا. شاديءَ جا خواهان آهيون ۽ روڪڻ وارو ڪو بہ ناهي. معاملو ختم.

روحي: توکي منهنجي ماضيءَ جي ڪا بہ ڄاڻ ناهي فرخ.

فرخ: ماضي وسارڻ لاءِ هوندو آهي روحي.

روحي: پر مان چاهيان ٿي تہ توکي منهنجي ڪٽنب منهنجي ماءُ پيءُ والدين بابت سموري معلومات هئڻ گهرجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرخ: تنھنجي ممي بي حد پياري عورت آهي.

روحي: پر اها سڀ ڪجهه ناهي.

فرخ: ان ڪان وڌيڪ مان ڄاڻي بہ ڇا ڪندس.

روحي: مان چاهيان ٿي تہ.

فرخ: تون ڪجهہ بہ نٿي چاهين.

روحي: فرخ (سڏڪا).

فرخ: خوشيءَ جي موقعي تي سڏا ٻار روئندا ناهن. کلندا آهن.

کل - کل - کل

روحي: (کلي ٿي).

(فرح بہ روحيءَ سان گڏ کل ۾ شامل ٿي ٿو وڃي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک _9

مراد: اڄ مان بي حد خوش آهيان، عاليه بيگم.

ماءُ: خوشي وهمن ۾ ويڙهيل غم جو پيو نالو آهي.

مراد: مون کي پنهنجي ڪوتاهين جو احساس آهي. عاليه بيگم.

ماءُ: غلطي تنهنجي نه هئي مراد.

مراد: مان بزدل هوس، حقيقت جو مقابلو ڪري نه سگهيس.

ماءُ: حقيقت اها هئي ته مان غريب هوس. ڌرتيءَ جي دوڙ کي آسمان جي اوچائي ڏانهن اُڏڻ جو ڪو به حق نه هو.

مراد: اها همت مون توکي ڏني هئي ۽ پوءِ جڏهين تون سچ کي سمجهڻ لائق ٿي وئينءَ تڏهين مون توکي ڇڏي ڏنو.

ماءُ: سچ اهو هو ته اميري ۽ غريبيءَ جو ميلاپ ناممڪن آهي.

مراد: نه عاليه ائين ناهي. پيار ڪنهن به دليل جو محتاج نه هوندو آهي. يقين ڪر عاليه توکان جدا ٿي مون هڪ پل به سک جو نه ماڻيو آهي، زندگيءَ جو هر هڪ لمحو احساس جي نوڪ تي تڙپندي گذاريو اٿم.

ماءُ: مون به تاندن تي تلندي حياتي گهاري آهي، شاديءَ کان پوءِ اولاد جي خوشيءَ خاطر ڇاڇا نه ڪيو آهي مون.

مراد: هاڻي تنهنجي دل جون مرادون پوريون ٿيڻ جي گهڙي آئي آهي عاليه! هاڻي مان سک جو ساهه کڻي سگهندس. ماضيءَ جي ڏکوئيندڙ پَل جو داغ مان پنهنجي دامن تان ڌوئي نه نٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهان. پر تنهنجي جهول ۾ خوشيءَ جا چند گُل تہ وجهي سگهان ٿو

ماءُ: روحي منهنجي زندگيءَ جو آخري مقصد آهي مراد. مان ڪيس پاڻ جيان ڪنهن ڏيڍ ۾ ڪرندو ڏسڻ نٿي چاهيان. جن خوشين کان مان محروم رهيس، مان اهي خوشيون سندس اکڙين ۾ جرڪنديون ڏسڻ ٿي چاهيان.

مراد: اهو ئي ٿيندو جو تون چاهين ٿي عاليہ. روحيءَ جي شادي فرح سان ٿيڻ ڏي تنهنجي منهنجي محرومين جا زخم ڇٽي ويندا.

ماءُ: خدا ڪري شل ائين ئي ٿئي.

مراد: ائين ئي ٿيندو. چڱو مان هلان ٿو. روحي اچڻ واري ئي هوندي عاليہ. تنهنجو منهنجو هيءُ ننڍڙو راز صرف اسان ٻنهي تائين محدود آهي. ان کي عام نہ ڪجانءِ، ايتري قدر جو روحيءَ کي بہ.

ماءُ: مون محبت جو زهر خاموشيءَ سان پيتو آهي، مراد مون زندگيءَ کي موت جي هنج ۾ نپايو آهي. تنهنجو راز راز ئي رهندو.

مراد: خدا حافظ

(قدمن جو آواز فيڊ آئوٽ)

جانو: (ٺهڪ)

ماءُ: ڪير آهي؟ مان پڇان ٿي ڪير آهي؟

جانو: (ڪلڪندي) ڪمال آهي عاليہ بيگم. بنگلي ۾ ايندي ئي مون کي وساري ويٺينءَ.

ماءُ: تون؟ جانو تون؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانو: ڇو؟ مون کي ڏسي ڇرڪي وئين؟ عورتون تہ پنهنجي مڙس جي راهہ نهارينديون آهن. انتظار ڪنديون آهن. اوسيئڙو ڪينديون آهن. ۽ جڏهين هو ايندا آهن تہ خوشيءَ مان ديوانيون ٿي ونديون آهن. پر توکي خوشي نہ ٿي.

ماءُ: هت ڇو آيو آهين؟

جانو: اهو پڇ تہ هت ڪيئن آيو آهيان.

ماءُ: مون کي ان سان ڪا بہ دلچسپي ڪانهي.

جانو: ها، توکي ان سان دلچسپي آهي. مان تنهنجو مڙس آهيان.

ماءُ: تون هڪ چور آهين.

جانو: مان تنهنجو مجازي خدا آهيان.

ماءُ: تون هڪ ڏوهاري آهين.

جانو: (ٺهڪ) ڏاڍي سادي آهين، عاليہ بيگم، منهنجي منڙي پياري عاليہ. تون ذرو بہ بدلي ناهين.

ماءُ: هت ڇو آيو آهين.

جانو: اهو سوال تون اڳ بہ پڇي چڪي آهين.

ماءُ: مون کي ان سوال جو جواب گهرجي.

جانو: مون کي پئسا گهرجن.

ماءُ: منهنجي دولت منهنجو اولاد آهي.

جانو: ڏاڍي سياڻي ٿي وئي آهين، عاليہ بيگم! ڏاڍي سياڻي ٿي وئي آهين؟ تو سچ چيو تو بلڪل سچ چيو. تنهنجي دولت تنهنجو اولاد ئي آهي.

ماءُ: ڇا مطلب.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانو: مطلب اهو تہ روحي بہ تہ تنهنجي دولت آهي نہ.

ماءُ: جانو روحيءَ جو نالو پنهنجي زبان تي نہ آڻ.

جانو: روحي منهنجي ڌيءَ آهي، مان کيس وٺڻ آيو آهيان.

ماءُ: ڪئي سال اڳ تو منهنجي زندگي برباد ڪئي هئي جانو ۽ اڄ جڏهن تنهنجي ڌيءَ خوشين جي هڪ نئين سفر تي رواني ٿيڻ واري آهي. تڏهن تون ٻيهر آيو آهين.

جانو: مون کي پنهنجي خوشي وڌيڪ عزيز آهي.

ماءُ: خدا جي واسطي جانو. خدا جي واسطي اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏي. وڃ هليو. هتان وڃ هليو

جانو (کلندي) هليو ويندس، ضرور هليو ويندس. پر ان کان اڳ هڪ ضروري ڪم ڪرڻو اٿم.

ماءُ: ڪهڙو.

جانو: روحي جي شادي صرف ان صورت ۾ ٿي سگهندي جيڪڏهن مون کي سيٺ مراد جي ڇوڪريءَ مان هڪ لک روپيہ ملندا.

ماءُ: جانو.

جانو: (کلندي) ورنہ سڀاڻي صبح تائين سڄي ڪالوني کي خبر پئجي ويندي تہ روحي هڪ چور ۽ غنڊي جي ڌيءَ آهي. سندس پيءُ آفريڪا ۾ ڪم ڪندڙ ڪو معزز واپاري نہ. بلڪ هڪ بدنام ڌوهاري آهي.

ماءُ: بس ڪر، بس ڪر، خدارا بس ڪر جانو. تنهنجي ڳالهين مان مون کي گناهہ جي بوءِ اچي رهي آهي.

جانو: مون کي ٻي ڪنهن بہ شيءِ سان دلچسپي ناهي، عاليہ بيگم، مون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پسئو گهرجي. پئسو سمجهين ٿي.

ماءُ: تو سجي زندگي پئسي کي ايمان سمجهيو دولت جي دولاب توکي انسان مان حيوان بڻائي ڇڏيو آهي.

جانو: (ڪلندي) اهو لفظ مان اڳ به ٻڌي چڪو آهيان. منهنجي زبان بند ڪرائڻ ٿي چاهين ته پوءِ ڪنهن طرح سيٺ مراد جون چابيون اڄ رات ئي مون تائين پهچڻ گهرجن. سمجهين ٿي.

ماءُ: اهو ناممڪن آهي.

جانو: ته پوءِ بدنامي ۽ رسوائي جا تير سهڻ لاءِ تيار ٿي وڃ.

ماءُ: معاملو منهنجو ناهي جانو مون ته زندگيءَ جو سفر سڏڪندي گذاري ئي ڇڏيو آهي. مسئلو تنهنجي خون جو آهي. روحيءَ جو آهي. تنهنجي ڌيءَ جو آهي.

جانو: دنيا جو هر رشتو ناپائدار آهي.

ماءُ: پيءُ جو خون سفيد ٿي سگهي ٿو جانو. ماءُ جي ممتا امر آهي.

جانو: مون کي ان سان ڪا به دلچسپي ناهي.

ماءُ: ته پوءِ وڃ. وڃي ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجي وڃايل غيرت ۽ وڪاڻل عزت جو ماتم ڪر.

جانو: عزت! غيرت! (ٽهڪ).

(ٻاهر گاڏي جي بيهڻ جو آواز- هارن).

ماءُ: شايد روحي اچي وئي.

جانو: مون کي منهنجي سوال جو جواب، نه مليو.

ماءُ: تنهنجي سوال جو جواب بيحد مختصر آهي.

جانو: تنهنجي معنيٰ توکي انڪار آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ: ھا مون کي انڪار آھي. تون وڃي سمھين ٿو.

جانو: وڃان ٿو پر ياد رکجانءِ تو پنھنجي لاءِ چڱو نہ ڪيو. خدا حافظ

(وڃڻ جو تاثر).

روحي: (اندر ايندي) امان- امان ڪٿي آھين. امان.

ماءُ: مان ھتي آھيان پٽ.

روحي: امان ڇا ڳالھہ آھي. امان تون پريشان ٿي ڏسجين.

ماءُ: نہ ڌيءَ نہ اھڙي تہ ڪا بہ ڳالھہ ڪانھي.

روحي: مون کان نہ لڪاءِ امان -مان تہ توکي ھڪ تمام سٺي خبر ٻڌائڻ واري ھيس.

ماءُ: بدنصيبن جي ڀاڳ ۾ خوشي ڪٿي آھي ڌيءَ.

روحي: ڇا مطلب آھي امان، مان ڪجھہ نٿي سمجھان امان.

ماءُ: تون سمجھي بہ ڇا ڪندينءَ ڌيءَ"! اڄ مون کي پنھنجي ڌيءَ خاطر ھڪ دفعو ٻيھر قرباني ڏيڻي پوندي

روحي: قرباني، ڇا جي قرباني امان.

ماءُ: ڪا ڳالھہ ناھي ڌيءَ، تون وڃي آرام ڪر. اڄوڪي رات ممتا جي رات آھي. مون کي جاڳڻ ڏي

روحي: پر امان.

ماءُ: مان ھڪ دفعو اڳي ڦرجي چڪي آھيان، ٻيھر لٽجڻ نٿي چاھيان. قضا کھڙي بہ روپ ۾ اچي. مان ان جو مقابلو ڪنديس. تون وڃي آرام ڪر ڌيءَ! وڃ. منھنجي روحي. خدا ٿل توکي سدا سکي رکي. (سڏڪا)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيک _ 10

(گھڙيال ٻن جا ٽڪاءَ هڻي ٿو. ماءُ جي قدمن جا آواز. هوءَ بيچينيءَ وچان گھمي رهي آهي)

روحي: امان.

ماءُ: (ڇرڪي) روحي. تون.

روحي: ڇا ڳالهه آهي امان، تون اجان تائين جاڳي رهي آهين.

ماءُ: تون وڃي آرام ڪر روحي. مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي.

روحي: توکي منهنجو قسم امان، مون کان نه لڪاءِ ٻڌائي ڇا ڳالهه آهي.

ماءُ: اڄ ماءُ جي ممتا جو امتحان آهي ڌيءَ.

روحي: مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي امان.

ماءُ: سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪر ڌيءَ. ڏاهپ جا ڏنپ سهي نه سگهندينءَ.

روحي: تنهنجيون ڳالهيون منجهائيندڙ آهن.

ماءُ: منهنجو سمورو وجود منجهيل آهي. منهنجي روح تي رڻ جا پاڇا آهن. منهنجي دل ۾ دردن جو ديرو آهي.

روحي: امان.

ماءُ: ها روحي، مون تقدير کي تدبير سان روڪڻ تي چاهيو. حقيقت کان منهن موڙي خوابن جي خوشبو ۾ گم ٿي وڃڻ ٿي چاهيم. پر نه. شايد قسمت کي اهو منظور نه هو. هو موٽي آيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحي: ڪير امان.

ماءُ: جانو.

روحي: ڪير جانو امان.

ماءُ: تنهنجو پيءُ.

روحي: پر منهنجو پيءُ ته.

ماءُ: مون توکي غلط ٻڌايو هو ڌيءَ. تنهنجو پيءُ سيٺ شجاعت علي نه، هڪ بدنام ڏوهاري جانو آهي.

روحي: امان.

ماءُ: اهو راز مون صرف انڪري راز رکيو ته جيئن تون گناهه جي احساس وچان مرجهائجي نه وڃين. مون توکي خوش ڏسڻ ٿي چاهيو. مون چاهيو ٿي ته تون به ٻين ڇوڪرين جيان مرڪندي رهين ۽ ڪو به تو ڏانهن آڱر کڻي نه سگهي. ان ڪان مون عبادت جو درجو ڏنو هو روحي. هن منهنجي حياتيءَ کي ڪنڊن جي سيج بنايو هو پر مون توکي خوش ڏسڻ خاطر سڀ غم پي ڇڏيا. ماضيءَ کي ميساري ڇڏيم، اج اوچتو هو ٻيهر اسان جي حياتيءَ ۾ ڪاٺ هڻڻ آيو آهي. هو اسان ڪان اسان جون معصوم مسرتون کسڻ ٿو چاهي. هو منهنجي عبادت تي ڌاڙو هڻڻ ٿو چاهي. پر مان ائين ٿيڻ نه ڏينديس. مان هرگز ائين ٿيڻ نه ڏينديس.

روحي: امان ــ امان.

ماءُ: مان ماءُ آهيان. مان ماءُ آهيان. روحي مان ماءُ آهيان. مان ڪيس هميشه هميشه لاءِ رستي تان هٽائي ڇڏينديس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحي: هو کهڙو پيءُ آهي امان. جيڪو پنهنجي اولاد جي خوشين کي دولت خاطر وڪڻڻ ٿو چاهي. هو کهڙو پيءُ آهي. ٻڌاءِ امان هو کهڙو پيءُ آهي.

ماءُ: هن کي پيءُ نہ چئہ ڌيءَ هو انسانيت جي پيشانيءَ تي بدنما داغ آهي. مان اهو داغ هميشہ هميشہ لاءِ ڌوئي ڇڏيندس.

روحي: نہ امان. مان توکي اهو سيڪجهہ ڪرڻ نہ ڏينديس.

ماءُ: روحي.

روحي: ها امان. منهنجي منڙي امان. تو اسان خاطر اڳ ئي گهڻا ڏک ڏٺا آهن. تڪليفون سٺيون آهن. تون اهو ئي ڪر جو هو چاهي ٿو. مان اهو ئي سمجهنديس تہ هڪ خواب هو جو پورو ٿي ويو.

ماءُ: ماءُ جا خواب ڪڏهن بہ اڻ پورا نہ ٿيندا آهن.

روحي: خوابن کي خواب ئي رهڻ ڏي امان.

ماءُ: جانو هڪ دفعو اڳ بہ مون کي مارڻ چڪو آهي. هو ٻيهر مون کي ماري نہ سگهندو. وڃ وڃي آرام ڪر. رات ڪافي گذري چڪي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيک_11

(رات جو تاثر_ ڪڙڪو)

مراد: ڪير آهي؟ مان پڇان ٿو ڪير آهين، تون؟

جانو: ها_ مان جانو.

مراد: ڇو آيو آهين هتي.

جانو: اهو تہ مان خود بہ نٿو ڄاڻان.

مراد: تہ پوءِ هت اچڻ جو مطلب.

جانو: مون دنيا جا سڀ رنگ ڏٺا آهن مراد صاحب. مون محبت ۾ نفرت جا سڀ کيل پنهنجي اکين سان پسيا آهن. مان نهايت خراب ماڻهو آهيان، صاحب، مان بيحد برو آهيان، مون گناهہ جي زندگي بسر ڪئي آهي. پنهنجي زال ۽ ٻارن کي وساري ڇڏيم.

مراد: انهن ڳالهين ورجائڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. مان سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو.

جانو: ها صاحب، تون سڀڪجهہ ڄاڻين ٿو، تڏهن ئي تہ تو وٽ آيو آهيان.

مراد: مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي.

جانو: مان ڪجهہ گهرڻ بہ آيو آهيان، مراد صاحب حياتيءَ جي اونداهي غار مان مون ٻاهرين دنيا کي بيحد روشن ڏٺو آهي. مون کي ان روشني جي تلاش هئي. خوشيءَ جي ڳولا هئي. مون چاهيو ٿي تہ مان هڪ دفعو ٻيهر محبتن جي دنيا ۾ موٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچان. هڪ ننڍڙو خوشحال گهر هجي. پيار ڪندڙ زال هجي. محبت ڪندڙ اولاد هجي. راحت هجي. (ٿڌو ساهه) پر شايد منهنجي قسمت ۾ اهو سيڪجهه ڪونهي.

مراد: ها جانو تون سيڪجهه وڃائي چڪو آهين.

جانو: مون کي ان جو احساس آهي.

مراد: ته پوءِ ڇا ٿو چاهين.

جانو: صرف ايترو ته منهنجي وڃڻ کان پوءِ منهنجي ڪٽنب کي ڪا به تڪليف نه پهچي.

مراد: ان جي توکي اڳ به ضرورت نه هئي.

جانو: مان چاهيان ٿو ته روحيءَ جي شادي اوهان جي پاڻتي سان ٿي وڃي. هوءَ سکي زندگي گذاري ۽ منهنجي گناهه جو پاڇو ڪنهن به هن جي مرڪندڙ زندگي تي نه پوي.

مراد: ائين ئي ٿيندو.

جانو: فرخ کي خبر پوڻ نه گهرجي ته روحي جو پيءُ ڌوهاري آهي.

مراد: مان وعدو ٿو ڪيان.

جانو :۔ ۽ عاليه بيگم جي پارت اٿو. صاحب مون هن کي ڏاڍو ڏکويو آهي.

مراد: هوءَ خوش رهندي.

جانو: ته پوءِ ته پوءِ. مان وڃان ٿو. هاڻي مان اطمينان سان دم ڏيئي سگهندس. صاحب. منهنجون سڀ خطائون معاف ڪري ڇڏجانءِ. خدا حافظ.

(آهستي آهستي وڃڻ جو آواز)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرخ: چاچا

مراد: (چرڪي) هون فرخ تون. اڃان جاڳين پيو. وڃ وڃي آرام ڪر.

فرخ: مون سيڪجهه ٻڌو آهي چاچا.

مراد: فرخ.

فرخ: مان وڃان ٿو چاچا.

مراد: فرخ

فرخ: مان وڃان ٿو.

(ٻاهر هوا جو تاثر)

(سهڪو ڊوڙڻ جو تاثر ٽرين جي اچڻ جو آواز)

جانو: ها، منهنجي زندگي روحيءَ جي خوشين لاءِ موت آهي. مان ڪيس غم ڪانسواءِ ڪجهه بہ ڏئي نہ سگهندس. هوءَ مرجهائجي ويندي هوءَ مري ويندي، هوءَ اها بي عزتي برداشت ڪري نہ سگهندي.

(سهڪو ڊوڙڻ)

مون کي هليو وڃڻ گهرجي. مون کي هليو وڃڻ گهرجي (ٽرين جو آواز ويجهو)

روحي: (پري کان) بابا بابا!

جانو: اهو ڪنهن جو آواز آهي. نہ نہ شايد منهنجو خيال آهي. مون کي وڃڻ گهرجي.

روحي: با با — بابا، ترسو بابا.

جانو: شايد روحي جو آواز آهي، هوءَ مون کي سڏي رهي آهي. نہ نہ مان ڪجهه بہ نہ ٻڌندس. مان هليو ويندس. مان هليو ويندس.

(ٽرين ويجهو)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحي: بابا_ مان روحي آهيان بابا. مان اوهان جي ڌيءَ آهيان بابا.

جانو: منهنجي ڪا بہ ڌيءَ ڪانهي.

روحي: ترس بابا _ ترس بابا

جانو: نہ نہ — نہ نہ

(ترين لنگهي وڃي ٿي)

روحي (سڏڪندي) بابا_ بابا

جانو: ڪير آهين تون.

روحي: مان اوهان جي روحي آهيان

جانو: ۽ هيءُ ڪير آهي.

روحي: هيءُ فرخ آهي بابا.

جانو: مان ڪنهنجو بہ پيءُ ناهيان. مان بي نام نشان انسان آهيان.

فرخ: توهان فڪر نہ ڪيو چاچا. توهان جو ڪجهہ بہ آهيو روحيءَ جا پيءُ آهيو ۽ منهنجي نگاهن ۾ توهان جي بيحد عزت آهي. هلو گهر موٽي هلو.

جانو: گهر

روحي: ها بابا_ گهر. اسان جو گهر. امان اوهان جي انتظار ۾ آهي.

جانو: (سڏڪندي) سچ سچ روحي.. پر مان.

روحي: توهان اسان سان ئي رهندؤ بابا.

جانو: (ڪلندي ۽ روئيندي) توهان مون کي معاف ڪري ڇڏيو. توهان سچ پچ مون کي معاف ڪري ڇڏيو. هلو_ هلو_ جلدي ڪيو. هلو ٻچا مون کي منهنجي گهر وٺي هلو. مون کي منهنجي گهر وٺي هلو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرامو_11

هينئڙو هيرڻ پَنُ الا!

راوي: گهٽا ورهيه ٿيا جو سنڌو درياءَ جي ڪناري هڪ ننڍڙي پر خوبصورت وستي آباد هئي. وستي ڇا هئي، هڪ ننڍڙي دنيا هئي. جا پنهنجي رعنائين ۽ رنگينين سان نهايت ئي آب وتاب سان آباد هئي. قدرت جا خوبصورت نظارا هر طرف ائين ڦهليل هئا جيئن آسمان ۾ ستارا. ڏگها ڏگها سر سبز خوشبودار خوبصورت وڻ. حد نگاهه تائين ڦهليل ساوڪ ۽ سبزي، سنڌو درياءَ جون مست لهرون ڄڻ ساز وڄائينديون هيون ۽ طرح طرح جا پکي وڻن جي ٽارين تي ويهي منٺڙا ٻول ٻوليندا هئا. اونهارو ايندو هو تہ پاڻ سان گڏ برکا جون بوندون ۽ خوشين جا خزانا پڻ کڻي ايندو هو. ماڻهو مرون، پکي پکڻ، سڀ مسرت وچان مست ٿي ويندا هئا. ڪارا ڪڪر ڪيهون ڪندا، بوندون برسائيندا، ترِ بر، جل ٿل ڪندا ايندا هئا تہ ڄڻ سنگهارن ۾ سرمائي ٿي ويندي هئي. ٻار پينگهون ٻڌي لڏندا هئا. جهومندا هئا. ڳائيندا هئا. برسات جو پاڻي نارَ ناهي، ڳليءَ ڳليءَ ۾ وَهي هلندو هو تہ هو تہ ٻار ڪاغذ جون ٻيڙيون ناهي تاريندا هئا. مينهوڳيءَ ۾ پڇندا، مينهن وساڙا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڙيٖ جهول پريندا هئا. انڊلٺ جا ست سهاڻا رنگ ڏسي، ڪيپڙن ۾ نہ ماپندا هئا. دير دير تائين رانديون رونديون ڪري، سومهڻيءَ ڌاري ٿڪجي، ٿڪي، اچي گهر ڪرندا هئا. سندن وڏڙا پڻ محنتي ماڻهو هئا. هو ڌرتيءَ جو سينو چيري، سون جهڙو ان اپائيندا هئا. دريا شاهہ جي دهشت کين ڪڏهن بہ ڪين ڪنبايو. طوفانن جي تيزيءَ ۾ بہ ٻيڙيون هاڪاري اتر طرف اُهرندا هئا. مڇين جا مڻ ۽ جرڪن جا چار پري، اچي ڪنڌيءَ تي ڪيرائيندا هئا. هو پاڻيءَ جا پٽ هئا ان ڪري ڪانئس ڪو بہ خوف خطرو ڪو نہ ڪندا هئا. ڏينهن رات جي جاکوڙ هنن جي حياتيءَ جو اهم جز هئي. سادا سودا ضرور هئا، پر اجاڻ ڪين هئا. علم جا پنڌار هين. چڱي مني جي ساڃهہ هين. قرب ۽ قرار هين آئي ڪي "جي آئين" چوندا هئا ۽ ويندي جي دل وني ڇڏيندا هئا. سندن زندگيءَ ۾ آرام ۽ سڪون هو. پيار ۽ امن هو سچائي ۽ سپتيائي هئي. ان ڪري اها ننڍڙي وستي، مثالي وستي بڻجي وئي.

ان وستيءَ جو چڱو مڙس، رئيس الهداد خان هو. سڀني جو وڏڙو سخي مڙس، عدل ۽ انصف جو ڪوڏيو. ڳوٺاڻن جو ابو امڙ رئيس الهداد خان ئي هو. هن جا وڏڙا پشت بہ پشت انهيءَ وستيءَ جا رئيس رهندا پئي آيا هئا. انڪري اها عزت الهداد خان کي بہ ورثي ۾ ملي هئي. پر سچ پڇو تہ هو پنهنجي لياقت، نئڙت ۽ اخلاق ڪري بہ ان احترام جي لائق هو. هن جو حڪم پٿر تي ليڪو هوندو هو. سندس عدل سڀني ڌرين جي لاءِ قابل قبول هوندو هو. انڪري ئي وستيءَ جو هر ننڍو توڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو سندس بي حد عزت ڪندو هو. رئيس الهداد خان کي ٻه پٽ هئا. ٻئي جوان مڙس ۽ مرداني حسن جا نادر نمونا هئا. طاقت ۾ پنهنجو جوڙ جيس نه رکندا هئا. سڀ ڪان وڏي ڳالهه جا منجهن هئي سا اها ته ٻئي ياٿر هڪ ٻئي تي ساهه چڏيندا هئا. سندن پيار مثالي هو. وسنديءَ وارا ياٿرن جو پاڻ ۾ ايڏو قرب ڏسي ڏندين آڱريون ڏيندا هئا. سڄڻ ته ساراهه جا ڏڪ پريندي ڏاپندائي ڪين هئا. هرڪو ائين چوندو هو ته مهراڻ ۽ سوڍي جا جسم ٻه، پر جان هڪ آهي. رئيس الهداد خان ڪيترائي دفعا پنهنجي وڏي پٽ مهراڻ خان کي گهرائي چيو هو ته،

"پٽ، مان هاڻي پيرسن تي ويو آهيان، سرداريءَ جي ذميواري هاڻي مان وڌيڪ وقت کڻي نٿو سگهان. تون هاڻي جوان ٿيو آهين. مون کي آزاد ڪر ته وچي زندگيءَ جا باقي ڏينهن رب جي ياد ۾ گذاريان"

پر مهراڻ هميشه ڪو نه ڪو بهانو ڏئي ٽاري ڇڏيندو هو. اڄ به جڏهن رئيس پنهنجي پراڻي خدمتگار ڏڳاڻي سان ويٺي وستيءَ جا احوال ورتا، تڏهن اوچتو ڪجهه ياد ڪري، ٿوري دير لاءِ ڪنهن اونهي خيال ۾ گم ٿي ويو. رئيس کي ائين چپ ڏسي، ڏڳاڻي ادب سان عرض ڪيو:

ڏڳاڻو: جيڪڏهن بي ادبي نه سمجهو رئيس وڏا ته هڪ ڳالهه پڇان؟

رئيس (چرڪ پري) هون؟ ها ها ڏڳاڻا پڇ پڇ. ڀلا توکي اجازت وٺڻ جي ڪڏهن کان ضرورت پئي؟ تون ته اسان جو پراڻو خدمتگار آهين. گهر جو ڀاتي آهين.

ڏڳاڻو: رئيس وڏا اهي ته اوهان جا لک لائق ڇٽبا جو نماڻا نوازيا اٿو. نه ته ڪٿي مان ۽ ڪٿي اوهان جا قرب!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس: تو ڪجهه پڇڻ پئي چاهين ڏڳاٽا؟

ڏڳاٽو: ها سائين، مون عرض پئي ڪيو تہ توهان ڪجهه وقت کان مڙئي پريشان ٿا نظر اچو خدانخواستہ سائينءَ جن کي ڪا ڳڻتي تہ ناهي. جيڪڏهن خادم جي لائق ڪو حڪم هجي تہ صرف هڪ وار چپ چوري ڏسو. سر جي ست ڏئي بہ توهان جو منجهيل سُٽ سلجهائيندس.

رئيس: (کلندي) نہ ڏڳاٽا، اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي. سانجهيءَ جا پاڇولا آهن. ڪنهن وقت بہ اونداهي جي اوٽ ۾ لڪي سگهن ٿا. پڌندڙ سج کي ڪنهن نہ روڪيو آهي. ڏڳاٽا. سوچيان ٿو هاڻي پنهنجي هٿن سان راج ڀاڳ جي جوابداري مهراڻ خان جي حوالي ڪري ويهي آخرت جي تياري ڪيان.

ڏڳاٽو: خدا توهان جو پاڇو اسان جي سرن مٿان هميشہ قائم رکي. پر موت مهڻو ناهي رئيس وڏا جا ٻڍي آهي. سا ڌڻي بہ اوس آهي. توهان جو خيال درست آهي.

رئيس: اهو تہ ٺيڪ آهي پر مهراڻ خان خدا ڄاڻي ڇو جوابداريءَ کڻڻ کان ڪيٻائي رهيو آهي. ڪٿي ائين تہ ناهي.

ڏڳاٽو (وچ ۾) رئيس وڏا هي توهان ڇا ٿا چئو؟ مهراڻ خان جي جسم ۾ اوهان جو خون آهي. هن جهڙا شير مڙس تہ مهلون ڳوليندا آهن. ڀلا هو ڇو ڪيٻائيندو؟ (سوچي) ها، باقي اهو ٿي سگهي ٿو تہ شايد هو اهو نہ چاهيندو هجي تہ سوڍي خان کي اهو احساس ٿئي تہ هو ڪانئس ڪجهہ اتانهون آهي. ٻنهي ڀائرن ۾ هڪ ٻئي لاءِ تمام گهڻي سڪ آهي سائين.

رئيس: خدا اها سڪ سدائين سلامت رکين. پر آخر مهراڻ خان کي اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بار اڃي ڪي پوءِ ڪٽٽو تہ ضرور آهي. تون ساڻس اها ڳالهہ چوري تہ ڏس. ڏسون ڪهڙو ٿو جواب ڏئي.

ڏڳاٽو: جيڪو حڪم سائين جن جو مان اڄ ئي ٿو وڃي رئيس ننڍي جي ڪن تي اها ڳالهہ هڻان.

راوي: ڏڳاٽو رئيس وڏي جي حڪم موجب هڪ ڏينهن مهراڻ خان وٽ آيو. ڪيس اڪيلو ڏسي، موقعي جو فائدو وٺندي چيائين:

ڏڳاٽو: رئيس ننڍا ڏچان ٿو ڪٿي مون مسڪين جي گفتگو توکي ناگوار نہ لڳي.

مهراڻ: (ڪلندي) اڙي هي ڇا ڏڳاٽا ـ اڄ تہ تون ڏارين وانگر ٿو ڳالهائين.

ڏڳاٽو: سائين مون اوهان جي خاندان جو سڄي عمر نمڪ کاڌو آهي. ان ڪري جيڪي ڪجھ بہ سوچيندس، سو رئيسن جي ڀلائيءَ لاءِ ئي سوچيندس.

مهراڻ: آخر تون چوڻ ڇا ٿو چاهين ڏڳاٽا؟ پرولين ۾ نہ ڳالهاءِ. صاف صاف ڳالهہ ڪر.

ڏڳاٽو: رئيس ننڍا تون هاڻي خيرن سان جوان ٿيو آهين. تنهنجا مضبوط ڪلها هاڻي بار سهڻ جي قابل ٿي چڪا آهن. رئيس وڏي پنهنجي وٽ ۾ عمر آهر وستيءَ جي خدمت پئي ڪئي آهي. هاڻي هن بہ ڪجھ ڏينهن آرام ۾ سڪون جا لهڻا.

مهراڻ: پر ـ پر بابا جن جي موجودگيءَ ۾ مان اها گستاخي ڪيئن ٿو ڪري سگهان.!

ڏڳاٽو: رئيس وڏي جي خود اها خواهش آهي تہ جيڪر پنهنجي حياتيءَ ۾ ان اهم فرض جي پوئواري ڪري ڇڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهراڻ: ڏڱاٽا ـ اهو تمام مشڪل مسئلو آهي.

ڏڱاٽو: رئيس ننديا، آخر ان ۾ ڏکيائي ڪهڙي آهي؟ ظاهري طرح تہ ڪا بہ ڳالھہ اهڙي نظر نٿي اچي.

مهراڻ: مون کي ڪجھہ وقت مهلت ڏي ڏڱاٽا. مان ان مسئلي تي چڱيءَ طرح سوچڻ چاهيان ٿو.

ڏڱاٽو: جيڪا رئيس ننديءَ جي مرضي.

راوي: ڏڱاٽو موٽي ويو. پر مهراڻ جي من ۾ مانڌاڻ مچائي ويو. رکي رکي هن جي ذهن ۾ اهي لفظ ڪنڊي وانگر چڀي رهيا هئا تہ "آخر ان ۾ ڏکيائي ڪهڙي آهي؟ آخر ان ۾ ڏکيائي ڪهڙي آهي"؟ ڏکيائي؟ هن سوچيو. تڏهن هن جي ذهن تي سنگهارِ جي سونهن جو تصور تري آيو. سنگهارِ جا قدرت جي ڪمال جو هڪ جيئرو جاڳندو مثال هئي. جا آبشارن جيان شوخ ۽ چنچل، ڪرڻن جيان پاڪ ۽ پوتر. درياءَ جي ڇولين جيان الهڙ ۽ البيلي هئي. سنگهارِ جا وستيءَ جي هر نوجوان دل جي ڌڙڪڻ هئي. جا حسن جي هبڪار کڻي ڳليءَ ڳليءَ ۾ جهومندي، نچندي، ڳائيندي ڦرندي هئي. هوءَ هوا جو جهوٽو هئي. صحرا جي صدا هئي. ڳيتن جي گونجار هئي. ساوڻ جي سارَ هئي. هن جي جوانيءَ جا جلوا مهراڻ جي من ۾ ميخون ٺڄي پڪا پختا ڪيي ويا هئا. هو سڀ ڪجھہ وساري سنگهار جي محبت ۾ مدهوش ٿيندو ٿي ويو. ڪيس ڇا ٿيندو ٿي ويو. ان جي جاڻ ڪنهن کي بہ ڪا نہ هئي. هن تہ پنهنجي دل ۾ دکندڙ ان چڻنگ جو احوال پنهنجي پياري پاءُ ۽ عزيز ترين ساٿيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوڍي کان بہ چپائي رکيو هو. هن ڪڏهن پلجي بہ پنهنجي روح جي پيڙا زبان تي نہ آندي هئي. اهو هڪ راز هو. سنگهار ۽ مهراڻ جي وچ ۾ پيار جو اڪيلو ۽ آخري راز. ڪين کهڙي خبر تہ سندن محبت کان اڻ ڄاڻ، سندن ملاقاتن کان بي خبر، سوڍو پڻ پنهنجي دل جو داءُ ساڳي ئي صنم تي لڳائي چڪو آهي. هو چپ چاپ دل ئي دل ۾ دکندو تي رهيو. جلندو ئي رهيو. هن ڪئي دفعا سنگهار سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪرڻ بہ چاهيو پر هميشہ حيا ۽ شرم سندس اوڏو آيا ۽ هو ڪڏهن بہ ٻاڦ ٻاهر ڪڍي نہ سگهيو. ڪيس اها ڄاڻ ئي ڪا نہ هئي تہ هيڏانهن هو جنهن جي ياد ۾ غلطان آهي، سا هوڏانهن مهراڻ خان سان محبت جي مستيءَ ۾ سرشار آهي.

سنگهار: مهراڻ مجان ٿي تہ اسان جو پيار بي غرض ۽ پاڪ آهي. اهو بہ مجان ٿي تہ تون زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي مون کي اڪيلو ڇڏي نہ ويندين. دغا ۽ دولاب هن وستيءَ جو وڙ ناهي. هيءَ تہ محبت، خلوص ۽ پيار جي مثالي آبادي آهي. پر هڪ ڳالهہ جا هر وقت منهنجي دل ۾ ڪنڊي جيان چڀندي رهي ٿي، سا اها تہ آخر اسان کهڙو پاپ ڪيو آهي جو جڳ کان لڪي لڪي هينءَ ملندا رهون. تون رئيس وڏي کي صاف صاف چو نٿو ٻڌائي ڇڏين تہ اسان جو پاڻ ۾ نينهن جو ناتو آهي.

مهراڻ: ڳهيلي آهين سنگهار منهنجون تہ توسان صدين کان لائون لڏل آهن. پنهنجا رشتا درد جا رشتا آهن چري، اهي ڪيئن ٽٽي سگهندا؟ مون توکي پنهنجي دل جي گهراين سان چاهيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. تون درد ٻڌجي منهنجي دل ۾ سمائي آهين ۽ ساهه ٻڌجي سرير کان ڌار ٿيندين.

سنگهار: مهراڻ، ڪڏهن منهنجي دل ۾ ليئو پائي ڏٺو اٿئي؟ مون پنهنجي روح جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تنهنجي تصور جي دنيا آباد ڪئي آهي. زندگيءَ ۾ توسان ملي نه سگهيس ته مان مرڻ کان پوءِ به خوشبو ٻڻجي تنهنجي قريب رهنديس. گيت ٻڻجي فضائن ۾ گهلنديس، ساز ٻڻجي سوز ڦهلائينديس.

مهراڻ: سنگهار، اڄ تون اهڙيون ڳالهيون ڇو پئي ڪرين؟ ڇا توکي مونتي اعتبار ناهي؟ منهنجي محبت جو ڀروسو باقي نه رهيو اٿئي؟ ڇا توکي پنهنجي مهراڻ جي ڳالهين تي يقين نٿو اچي؟

سنگهار: اچي ٿو مهراڻ، منهنجو سڄو وجود تنهنجي اعتبار تي قائم آهي، پر دنيا جي نگاهن کان لڪي لڪي ملڻ مون کي پسند ناهي. ڪنهن ڏسي ورتو ته منهنجي ماءُ پيءُ جي ڇا عزت رهندي؟ هو ويچارا اها بي عزتي ڪيئن برداشت ڪري سگهندا؟

مهراڻ: مون ان متعلق به سوچي ڇڏيو آهي سنگهار. بابا مونتي تمام گهڻو زوربار آڻي رهيو آهي ته سندس جيئري ئي مون کي پڳ ٻڌائي. مان دنيا جي گوڙ گهمسان ۾ الجهڻ نٿو چاهيان. انڪري مون سوچيو آهي ته جلد ئي بابا سان ڳالهه ڪري کيس راضي ڪري ونان ۽ پوءِ تون ۽ مان هميشه جي لاءِ هڪ ٿي وينداسين. باقي رهي راڄ جي جوابداري، سو پائو سوڍل ان جي لاءِ نهايت ئي موزون ٿيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگھار: مهراڻ منهنجي خيال ۾ هاڻ ان ڪم ۾ دير ٿيڻ نہ گهرجي.

مهراڻ: مان اڄ ئي پائو سوڍي سان ان باري ۾ فيصلو ڪري ٿو ڇڏيان.

راوي: مهراڻ جي خاموشي ۽ پريشاني خود سوڍي کي بہ منجهائي وڌو هو. هو تہ مهراڻ جو رازدان هو. هن کي تہ سندس هر آرزو هر اڌيمر. هر آشا ۽ هر امنگ جي خبر هئي. پوءِ بہ سندس هيءَ اوچتي بدليل حالت سوڍي کي سمجهہ ۾ نہ آئي. ان ڪري جڏهن مهراڻ وٽس آيو تہ هن پڇيو:

سوڍو: پائو مهراڻ ڪجهہ وقت کان تنهنجي اوچتي خاموشيءَ هينئون هڇائي رکيو آهي. سوچيان ٿو خدانخواستہ منهنجي پاءُ کي ڪا تڪليف تہ نہ آهي؟

مهراڻ: اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي سوڍل پاءُ، تون ڪا بہ ڳڻتي نہ ڪر.

سوڍو: تہ پوءِ آخر هيءَ اوچتي تبديلي ڇا جي؟

مهراڻ: تبديلي؟ نہ تون پلجين ٿو پائو.

سوڍو: سوڍو پنهنجي ساهہ ساهہ م وسي ٿو مهراڻ، مان تنهنجي پاءُ هجڻ کانسواءِ تنهنجو عزيز ساٿي پڻ آهيان. مون کان نہ لڪاءِ ادا. ٻڌاءِ ڇا ماجرا آهي؟

مهراڻ: ڪجهہ ڪونهي. ڪا خاص ڳالهہ ناهي. دراصل مان خود هڪ گذارش ڪٽي تو وٽ آيو آهيان.

سوڍو: گذارش؟ هيءَ تون ڇا چئي رهيو آهين ادا (ڏک وچان) ڇا مان هن ڏينهن ڏسڻ لاءِ زنده رهيس تہ پنهنجي وڏي پاءُ جي واتان اهي لفظ ٻڌان؟ منهنجو روح ڇو نہ قبض ٿيو؟ منهنجا پساهہ ڇو نہ پورا ٿيا؟ مان مري ڇو نہ ويس؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهراڻ: سوڍل منهنجي ڳالهه جو ڏک نہ ڪر. منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌ ۽ پوءِ فيصلو پاڻ ڪجانءِ.

سوڍو: مان پنهنجي پياري ڀاءُ اڳيان سينو ساهڻ وارو ڪير ٿيندو آهيان؟ ادا، حڪم ڪر.

مهراڻ: منهنجي گذارش مختصر آهي.. اها هيءَ تہ بابا جي عمر هاڻي وڏيڪ ڪشالن ڪڍڻ جي ناهي. هو گوشي نشينيءَ جي زندگي گذارڻ چاهي ٿو. پر وستيءَ کي رئيس جي ضرورت آهي. هو مون کي وڏي پٽ جي حيثيت ۾ اها پڳ پارائڻ چاهي ٿو.

سوڍو: اها تہ خوشيءَ جي ڳالهه چئبي ادا.

مهراڻ: سوڍا، تون نٿو سمجهين. مان رئيس ٿيڻ نٿو چاهيان.

سوڍو: رئيس ٿيڻ نٿو چاهين؟ پر آخر ڇو؟

مهراڻ: اهو منهنجو هڪ ننڍڙو راز آهي. زندگيءَ ۾ جيڪڏهن توکان ڪجهہ لڪائي رکيم تہ بس اهو ئي هڪ ننڍڙو راز ان لاءِ مان تنهنجي آڏو شرمسار آهيان سوڍا. مان وستيءَ جي هڪ نوجوان نينگريءَ سان نينهن جي ناتي ۾ ونگجي چڪو آهيان. مان ان سان شادي ڪري هڪ عام ماڻهوءَ جي زندگي گذارڻ چاهيان ٿو.

سوڍو: ادا هيءَ تون ڇا چئي رهيو آهين؟ تو تہ اڳ ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ ڪا نہ ڪئي هئي؟

مهراڻ: اها منهنجي غلطي سمجهين يا دوراندیشي. بهرحال مان تنهنجو ڏوهي آهيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوڍل: نہ ادا نہ. ائين نہ چئہ. پنهنجي ڀاءُ جي خوشيءَ ۾ پلا مان ڪينءَ ارهو ٿيندس. پر اسان جي ٿيڻ واري ڀاڄائي آهي ڪير؟

مهراڻ: سنگهار.

سوڍو: (غم ۽ حيرت وچان) سنگهار؟

مهراڻ: ها سنگهار. مولوي فضل دين جي ڌيءَ.

سوڍو: اوهہ! (ڌڪ) ادا. توکي مبارڪون هجن.

مهراڻ: ڇو سوڍا توکي خوشي ڪا نہ ٿي؟ تنهنجي خيال ۾ مون ڪا ڀل ڪئي آهي؟ هي تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها؟

سوڍو: نہ نہ ادا. هيءَ تہ خوشيءَ جا لڙڪ آهن. تنهنجي شادي جو ٿي رهي آهي. تو پنهنجي زندگيءَ جو ساٿي جو چونڊي ورتو آهي. خدا شال توهان کي سدا سکي رکي.

راوي: مهراڻ جو اقرار سوڍي جي دل تي وڄ بڻجي ڪريو هو ۽ ڪن ۾ سندس آسن، اميدن، آشائن، امنگن جا محل ڍاهي رک ڪري ڇڏيا هئائين. هن جنهن مورتيءَ کي من جي سنگهاسڻ تي وهاري، پيار ۽ پريت، قرب ۽ قرار جا سهڻا خواب لڌا هئا. سي لحظي ۾ ڪچي ڪچ وانگر ڇٽي ڀُري پرزا پرزا ٿي اچي پٽ پيا هئا. هن جي روح رڙ ڪئي. دل دانهيو من مورچا ٿي ويس. سوچيائين، مهراڻ کي وڏي واڪ چئي ڏئي تہ ادا. جنهن پرينءَ جو تون پوڄاري آهي، مون بہ ان کي ڪڏهوڪو پنهنجي اکڙين جي آکيري ۾ وسائي ڇڏيو آهي. تو چاهہ ڏنو آهي. مان ساهہ بہ صدقي ڪري ڇڏيندس. تو پريت ڪئي آهي. مان ريت پڌائيندس. تو جوت جرڪائي آهي. مان موت کي ڳر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائيندس. هوءَ منهنجي آهي، منهنجي آهي، منهنجي آهي. هوءَ منهنجي رڳ رڳ ۾ رچيل ۽ نس نس ۾ سمايل آهي. پر... پر هو ڪجھ به چئي نه سگھيو. هو خاموشيءَ سان پنهنجي دل جي دنيا لٽجندي ڏسندو رهيو. درد جا قافلا سندس دل جي ويرانيءَ ۾ دور دور تائين پنڌ ڪندا رهيا. سوڍي فيصلو ڪيو ته ياءُ جي خوشيءَ خاطر هو سنگهار جو خيال پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيندو. پنهنجي پيار جي اها قرباني هو پنهنجي پياري ياءُ کي شاديءَ جو تحفو ڪري پيش ڪندو. سندس زخمي دل دانهين اٿي:

(گانو)

هوڏانهن مهراڻ خوش هو. هن کي ڄڻ دنيا جي دولت ملي وئي هئي. سنگهار سان لائون لهڻ جي چاهنا، سندس زندگيءَ ۾ موتئي جي مهڪار بڻجي گهلي وئي. هو سڌو سنگهار وٽ آيو.

سنگهار: (گهٻراهٽ مان) مهراڻ، هيڏو اوير ڪيئن آيو آهين؟ خير ته آهي؟

مهراڻ: ها سنگهار خير آهي. توکي هڪ خوشخبري ٻڌائڻ آيو آهيان.

سنگهار: خوشخبري؟ (خوشيءَ مان) ڇا تون رئيس وڏي کان اجازت وٺي ڇڏي؟

مهراڻ: هاڻي ان ۾ دير نه لڳندي. مون ياءُ سوڍل کي سڀڪجھ ٻڌائي ڇڏيو آهي. هو راضي ٿي ويو آهي. هن جيئن تنهنجي خوشيءَ ۾ منهنجي خوشي آهي. بس هاڻي ڏينهن ٻن ۾ سڀ ڳالهيون طئه ٿي وينديون. ۽ پوءِ ۾ پوءِ تون ۽ مان دنيا جي هنگامن کان دور اڪيلا پرسڪون زندگي گذاريندا سين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگھار: سچ مهراڻ

مهراڻ: تنهنجي سر جو قسم.

راوي: رئيس الهداد تائين ڳالهه سوڏي پهچائي. رئيس کي پلا ڪهڙو اعتراض هو. ڇوڪري سندس ڏٺل وائٺل هئي. سهڻي، موچاري ۽ سگهڙ هئي. ان کان وڌيڪ سگ مهراڻ خان لاءِ پيو ملي به ڪهڙو ها؟ هن انڪار ڪو نه ڪيو بلڪ مهراڻ خان کي گهرائي چيائين:

رئيس: پٽ مهراڻ تنهنجي پسند جو مون کي قدر آهي. سنگھار ڏاڍي سلڇڻي ڇوڪري آهي. سندس اخلاق ۽ شرافت جو مان قائل آهيان. بابا سائين، مون ڪڏهن به اوهان جي اعتماد کي ٺيس نه پهچائي آهي. پنهنجي شاديءَ جي سلسلي ۾ به مون کي اوهان جي آسيس ۽ دعائون گهرجن. ٻچا فرمانبردار اولاد جو اهو ئي فرض هوندو آهي. مون کي فخر آهي ته قدرت مون کي به نهايت ئي لائق پٽ عطا ڪيا آهن. ڪاش! تنهنجي ماءُ اڄ جيئري هجي ها. پرخير، مون توکي ماءُ ٻڌجي به ته پاليو آهي. ها_ هڪ ڏک اڃان به دل ۾ باقي رهندم.

مهراڻ: بابا سائين مون کان ڪا ڀل ٿي؟

رئيس: پٽ، مون کان پوءِ هن وستيءَ جو رئيس تون ئي سونهئين ٿي. تنهنجي انڪار مون کي دلي رنج پهچايو آهي.

مهراڻ: مان معافي جو طلبگار آهيان بابا سائين. پر سنگھار سان شادي ڪرڻ کان پوءِ مان هڪ عام ماڻهوءَ جهڙي گهريلو زندگي گذارڻ ٿو چاهيان. مون کي خوشيءَ سان اجازت ڏيو بابا سائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس: خير- جنهن ۾ تون راضي. مان هاڻي ئي ڏڱاڻي کي گهرائي. ساڻس گڏجي مولوي فضل دين جي گهر وڃان ٿو. ۽ ها. توکي شاديءَ جو سامان سرو ونڻ لاءِ روهڙيءَ به ته وڃڻو پوندو؟

مهراڻ: ها بابا. مون ناڪئي کي اڳي ئي چئي ڇڏيو آهي ته ٻيڙي تيار رکي. مان سياڻي ئي روانو ٿي ويندس.

رئيس: نيڪ آهي. مان مولوي صاحب سان پڪ ڪري اچان ته پوءِ تون اسهڻ جي تياري ڪج.

راوي: مولوي فضل دين کي ڀلا ڪهڙو اعتراض ٿي ٿو سگهي. رئيس وڏي جو وٽس لنگهي اچڻ ئي هن جي لاءِ وڏي فخر جي ڳالهه هئي. هن هڪدم هائو ڪئي. مبارڪ جو شور مچي ويو. هر هڪ جي وات تي اهائي وائي هئي ته شل خدا جوڙي سلامت رکي. سنگهار جي دل جي مکڙي ٽڙي گل ٿي پئي. هن جون اکيون مستقبل جي مسرتن جي خيال کان مرڪي اٿيون ۽ هوءَ جهومي جهومي ڳائڻ لڳي:

گانو

راوي: هڪ طرف خوشيون هيون ته ٻئي طرف غم هو. سوڍو پنهنجا آنسو لڪائي مرڪندو رهيو. هن جي زندگيءَ ۾ درد ڪجهه اهڙيءَ طرح ته پيهي آيو هو جو ڏک تکي ترار جيان سنسد احساسن کي ڪپي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. غم جي ڪٽار هن جي اندر ۾ اونهي لهي وئي. پر هن کي ته ڦٿڪڻ جي به اجازت نه هئي. آهه هن جي چپن تائين پهچي هميشه هميشه ختم ٿي ٿي وئي ۽ هو مجبور ۽ بيڪس انسان ياءُ جي خوشين خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه لٽائي ويٺو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيو ڏينهن آيو. مهراڻ روهڙيءَ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ڪنڌيءَ تي آيو. ناڪئو تہ سندس ئي انتظار ۾ هو. اسهڻ جون سڀ تياريون مڪمل ٿي چڪيون هيون درياءَ مانو ۾ موسم وٽندڙ هئي. موڪلاڻيءَ کان اڳ مهراڻ پاءُ کي ڀَرانٽڙي پائي چيو:

مهراڻ: سوڍا پاءُ. مان جلد ئي موٽي ايندس. تون منهنجي سنگهار جو هر طرح خيال رکجانءِ. ڪيس کا بہ تڪليف ٿيڻ نہ ڏجانءِ.

سوڍو: تون بي فڪر رهہ ادا. مان هر قرباني ڏئي بہ ڪيس خوش رکندس. اهو منهنجو توسان وعدو آهي.

مهراڻ: مون کي توتي پورو پورو ڀروسو آهي. پاءُ. پائر هجن تہ توجهڙا چڱو هاڻي الهہ توهار.

سوڍو: الهہ توهار.

(چولين جو آواز: ناڪئن جو ڳائڻ ايلي الا! آهستي آهستي فيڊ آئوٽ)

راوي: مهراڻ سنڌوءَ جي لهرن تي سوار ٿي اکين کان اوجهل ٿي ويو. وستيءَ وارا سندس انتظار ۾ هر روز صبح کان سانجهيءَ تائين دريا شاهہ ۾ اکيون اٽڪائي ويهندا هئا. ۽ پوءِ جڏهن اونداهيءَ جا پاڇاوان ڪارا پَرَ ڦهلائي وستيءَ کي پنهنجي وَس ڪري ڇڏيندا هئا. تڏهن مايوس ٿي موٽي ايندا هئا. مهراڻ تہ جلد ئي موٽڻ جو وعدو ڪري ويو هو پر هو نہ اچڻو هو. نہ آيو. سڄي وستيءَ ۾ انتظار ۾ اوسيئڙي جي لهھر ڇانئجي وئي. گهر گهر دعائون گهرجڻ لڳيون. سکائون باسيون ويون. راتين جون راتيون ڪناري تي اماڙيون ٻاريون ويون تہ جيئن پتڪيل بيڙيءَ کي وستي سڃاڻن ۾ ڏکيائي نہ ٿئي. پر سڀ بيسود ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڪار ثابت ٿيون. سڀ ڪان وڏيڪ رحم جوڳي حالت ته سنگهار جي هئي. هوءَ مهراڻ جي وڇوڙي ۾ ذري گهٽ چري ٿي پئي هئي. ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نٿي آيو ته آخر ماجرا ڇا آهي؟ مهراڻ ايڏا ڏينهن ڇو وڃي لڳايا؟ لکين وسوسا.. هزارين وهم سنگهار جي وجود کي وڪوڙي ويا. هوءَ ڏينهن رات سنڌوءَ جي ڪناري پنهنجي محبوب جو انتظار ڪرڻ لڳي.

(گانو)

سنگهار مهراڻ جي انتظار ۾ انتظار جي علامت بڻجي چڪي هئي. وڇوڙي جا وڍ سندس ڏيل ڏنگي ويا. ڇڳون ڇيڙهه ٿي ويس. آسائتيون اکيون مايوس ۽ ملول ٿي ويون ۽ آخر اهو ڏينهن به آيو جڏهن سنگهار جي اميدن جو ڏيئو هميشه لاءِ اجهامي ويو. ان ڏينهن ناکئو اڪيلو وستيءَ ۾ موٽي آيو.

سنگهار: (ڊوڙندي خوشيءَ مان) ناکئا چاچا_ ناکئا چاچا_ توهان موٽي آئيو (انتظار وچان) مهراڻ ڪٿي آهي؟

ناکئو: (ڏک مان) سنگهار پٽ.

سنگهار: ها ها ناکئا چاچا. منهنجو مهراڻ ڪٿي آهي؟ توهان سان نه آيو ڇا؟

ناکئو: سنگهار پٽ (روئندي) رئيس نندو اسان کان رسي ويو.

سنگهار: (رڙ ڪندي) ڇاچا! هي توهان ڇا چئي رهيا آهيو چاچا؟ خدايا خير ڪج. مهراڻ رسي ويو آهي. مون کان ڪا خطا ٿي آهي چاچا؟

ناکئو: خطا ته مون اياڳي کان ٿي آهي پٽ. مننجي ٻيڙي روهڙيءَ ويجهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوفان جي لپيٽ ۾ اچي وئي. مون گهڻو ئي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر...

سنگهار :(خوف ۽ حراس ۾) چاچا...

ناڪئو: ٻيڙي هڪ ٽڪر سان ٽڪرائجي پرزا پرزا ٿي وئي ۽...

سنگهار: ۽ مهراڻ؟ مهراڻ جو ڇا ٿيو چاچا؟ تون چپ ڇو آهين؟ ڳالهائين ڇو نه ٿو؟ جواب ڏي ناڪئا؟

ناڪئو: رئيس ننڍو- لهرن ۾ لڙهي ويو (سڏڪا).

سنگهار: چاچا!

ناڪئو: ها پٽ. هو اسان کان هميشهہ هميشہ لاءِ ڌار ٿي ويو.

سنگهار: يا خدا هي ڇا ٿي ويو؟ هي ڇا ٿي ويو؟ مهراڻ مري ويو؟ نہ نہ ائين ٿي نٿو سگهي. ائين هرگز ٿي نٿو سگهي. هو زندهہ آهي. هو زندهہ آهي. (سڏڪا) منهنجو مهراڻ موٽي ايندو. موٽي ايندو.

راوي: مهرڻ جي موت جي خبر ڪن پل ۾ وستيءَ ۾ باهہ جيان پکڙجي وئي. هر اک آلي، هر مَنُ ماندو هو. اهڙو ڪير هو جنهن جو روح ريهون ڪري نہ اٿيوحهو؟ اهڙو ڪير هو جنهن جي نيڻن ۾ نير نہ هو سنگهار جي حالت ڏني نٽي وئي. سوڍو سَمَڪ وڃائي وينو ۽ رئيس الهداد پٽ جي جدائي جو صدمو سهي نہ سگهيو. هن جي دل ڀجي پُري پئي هئي. مرڻ کان اڳ هن سوڍي ۽ سنگهار کي پاڻ وٽ گهرايو.

رئيس: سوڍا پٽ- مهراڻ جي موت منهنجي روح مان زندگيءَ جي آخري روشني بہ کسي ورتي آهي. مان بہ هاڻي گهڙي پل جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهمان آهيان. مرڻ کان اڳ مان پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. اڄ کان تون وستيءَ جو رئيس آهين. عدل ۽ انصاف ڪجانءِ، اهو تنهنجو فرض آهي. پلجي بہ انصاف جو سودو نہ ڪجانءِ ۽ ها، سنگهار جي پارت اٿئي. هن جو هر طرح خيال رکجانءِ. مان- مان هاڻي موڪلايان ٿو. خدا حافظ

راوي: رئيس جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سوڍو سندس جاءِ نشين ٿيو. پاءُ ۽ پيءُ جي جدائي سندس اڪيلي ۽ اباڻڪي زندگي ۾ ويتر ٻاٽ اونداهي ڦهلائي ڇڏي. هو وڏيڪ خاموش ۽ غمزده رهڻ لڳو. اوچيون حويليون، محل، ماڙيون، هاڻي ڪيس ڪائڻ ايندڙيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ ماضيءَ جون خوشگوار ڳالهيون ياد ڪري سندس نيڻن جا بند ٽٽي پوندا هئا ۽ اڪين مان برڪا اوهيڙا ڪري وسندي هيس هاڻي هو پاڻ کي هن وستيءَ ۾ اوپرو محسوس ڪرڻ لڳو هو. ساڻس گڏ هڪ ٻي بہ ڏکويل هستي هن ڌرتيءَ تي زندهہ هئي ۽ اها هئي سنگهار. مهراڻ جي محبت ماري ۽ قرب ڪٺل سنگهار، جنهن جي زندگي چانڊوڪيءَ جو ڇهڪ ٻٽجي چڪي هئي. جنهن جي حياتي هوت پڄاڻان موت جي انتظار ۾ تڙپي رهي هئي. هوءَ بہ پاڻ کي هن پري دنيا ۾ اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳي هئي. ڪڏهن ڪڏهن دل جا درد ونڊڻ لاءِ سوڍو ۽ سنگهار ملندا هئا ۽ پوءِ يادن جا پڙاڏا جڻ جاڳي پوندا هئا ۽ ويرانن ۾ وڄ وراڪا ڏئي چمڪي اٿندي هئي. گهڙي پل لاءِ چوڏس چانڊاڻ ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندي هئي. پر پوءِ جڏهن هو جدا ٿيندا هئا تڏهن ٻنهي جون هيڪلايون کين اداس ۽ ملول ڪري ڇڏينديون هيون. اهو قدرت جو قانون آهي ته جڏهن ٻه ڏکويل آتمائون پاڻ ۾ ملنديون آهن ته پهريون همدردي ۽ پوءِ پيار جنم وٺندو آهي. سوڍي جو گذريل پيار ٻيهر جاڳي اٿيو هو. هن جي دل ۾ اميد جي هلڪي روشني ڦهلجي وئي. ڇا، سنگهار به ڪيس چاهڻ لڳي آهي؟ اهو هو اهو سوال جو هر وقت سوڍي جي ذهن ۾ ڦيرڻ لڳو هو. هو هڪ دفعو ٻيهر پريت جي لهرن ۾ لڙهي ويو. شل محبت وري ڪرَ موڙي سندس سيني ۾ جاڳي اٿي. سنگهار ها، سنگهار ئي سندس منزل، سندس ماڳُ هئي. سنگهار ئي سندس زندگي جو حاصل هئي. قسمت کين عجيب طريقي سان هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ڇڏيو هو. پر تنهن هوندي به هو هڪ ٻئي کان ڪيترو نه دور هئا. اهو سوچي سوڍو پنهنجي ٻي وسيءَ تي من ئي من ۾ لڙڪ لاڙيندو هو. وستيءَ وارن جي سموري همدردي پنهنجي نئين رئيس سان هئي. سوڍو کين ساهه کان به وڌيڪ پيارو هو. هنن کان سندس غم ڏٺو نٿي ويو. هنن محسوس ڪيو ته نئين رئيس جي اڪيلائي دور ڪرڻ جو فقط هڪ ئي علاج آهي ۽ اهو آهي شادي. سنگهار سان شادي. مهراڻ جي موت کان پوءِ هوءَ پڻ اڪيلي ۽ اٻاڻڪي هئي ۽ شايد سوڍي سان لائون لهڻ کان پوءِ هن جي اڪيلائي به دور ٿي وڃي. اهي ڳالهيون ڳٽي ڏڳاٽو سوڍي وٽ آيو ۽ اچي ڪيس وستيءَ جي ماڻهن جي خيالن کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آگاهه ڪيائين. سوڍي پهريون تہ صفا انڪار ڪيو پر پوءِ جڏهن ڏگاڻي ڪيس اهو وعدو ياد ڏياريو جيڪو هن مهراڻ سان ڪيو هو تہ هو سنگهار جي هر طرح سنڀال رکندو. تڏهن آخرڪار هو راضي ٿي ويو. ڏگاڻي سنگهار کي بہ سمجهايو تہ وچڙ وارو تہ ويو هليو. هن وڏي ويڪريءَ دنيا ۾ هڪ نوجوان، عورت جو اڪيلو رهڻ ٺيڪ ناهي. تنهن ڪان سواءِ سوڍي جي حويلي ۾ رهندي هوءَ پاڻ کي مهراڻ جي وڌيڪ قريب سمجهندي ۽ آخر مهراڻ بہ تہ سندس پارت سوڍي کي ئي ڪري ويو هو. سنگهر پڏندڙ دل سان "ها" ڪئي. ۽ اهڙيءَ طرح ڪافي عرصي ڪان پوءِ رئيس جي حويليءَ ۾ بسريلا سهرا گونجيا. شرنايون وڳيون ۽ شادمانا ٿيا.

راوي: وقت گذرندو ويو ۽ اهڙيءَ طرح ٽي سال گذري ويا. سنگهار ۽ سوڍو هاڻي ماضيءَ جا زخم وساري، نئين زندگي سان ناتو جوڙي چڪا هئا. هنن جي غمگين زندگين ۾ هڪ دفعو وري مسرتون مڙي آيون هيون. مهراڻ جو خيال ڏنڌلو ٿي چڪو هو. هن جون يادون ميسار ٿي ويون هيون.

پر اوچتو هڪ رات وستيءَ ۾ سخت طوفان آيو. هوا جي تيزي، وڄن جا چمڪاٽ، ۽ گجگوڙ جا دل ڏاريندڙ آواز وايو منڊل کي هيتناڪ ڪري رهيا هئا. تيز برسات ۾ نديون نالا، ڍنڍون ڍورا، تار ٿي وهي هليا. درياءَ ۾ دهشت مچي وئي. سنگهار ۽ سوڍو ٻئي حويليءَ ۾ وينا دريءَ ڪان ٻاهر قدرت جي قهر جو منظر ڏسي رهيا هئا. تڏهن اوچتو ٻاهريون در کليو ۽ هڪ پاڇو آهستي آهستي اچي چائنٺ وٽ بيٺو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڄڻا ڌهلجي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. تڏهن اوچتو وچ چمڪي ۽ ڪنوڻ جي تيز روشنيءَ ۾ ٻنهي ڏٺو ته اهو مهراڻ هو.

سنگهار: (حيرت مان) مهراڻ!

سوڍو: ڪير آهين تون؟

مهراڻ: مون کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪر سوڍا.

سوڍو: ادا!

مهراڻ: مون کي ڀاءُ سڏي ڀائپيءَ جي مقدس رشتي جي توهين نه ڪر سوڍا. تون هڪ نيچ ۽ دغاباز انسان آهين.

سنگهار: مهراڻ تون زنده آهين؟ پر تون...

مهراڻ (وچ ۾) ها. مان زنده آهيان. عورت جو ٻيو رخ ڏسڻ لاءِ، بيوفائي جي اکين ۾ اکيون وجهي اهو پڇڻ لاءِ ته اي عورت، تنهنجا اڃان ڪيترا روپ آهن. ڪيترا رنگ آهن. ڪيترا ڍنگ آهن؟

سنگهار: يا خدا ـ هيءُ خواب آيا حقيقت ؟ هي مان ڇا ڏسي رهي آهيان؟

مهراڻ: خواب ته مون ڏٺو هو. تنهنجي سونهري ڄار جي خواب، ڪوڙي محبت، ڪوڙن وعدن، ڪوڙن اقرارن جو خواب، خوبصورت مستقبل جو خواب (زور سان کلي ٿو) خواب خواب ٿي ويا ۽ حقيقت منهنجي آڏو آهي.

سنگهار: مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر مهراڻ. مان بي قصور آهيان. (روئندي) مان بيقصور آهيان.

مهراڻ: قصور ته منهنجو ئي آهي سنگهار. جنهن جنون جي حد تائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت ڪئي. اهڙي محبت جنهن جا دل وارا صدين تائين مثال ڏيندا رهندا، قصور منهنجو آهي. جنهن موت جي منهن تائين پهچي بہ جيئڻ جي چاهنا ڪئي. ان لاءِ تہ ڪو منهنجي راهہ تڪيندو هوندو. وٽ نهاريندو هوندو. انتظار ڪندو هوندو.

سنگهار: مونتي اعتبار ڪر مهراڻ، مون تنهنجي لاءِ سالن تائين اوسيئڙا ڪيا. انتظار جي آگ ۾ جلندي رهيس. اکين ۾ اوجاڳا پالي مون تنهنجو انتظار ڪيو. تارن ۾ تارا وجهي مون تنهنجي راهہ نهاري مهراڻ.

مهراڻ: انتظار؟ توبرابر انتظار ڪيو هوندو. منهنجي موت جو منهنجي زندگيءَ جو انتظار ڪرين ها سنگهار تہ اڄ سوڍي جي ٻانهن جي زينت نہ هجين ها.

سنگهار (التجا ڪندي) مهراڻ.

مهراڻ: دغاباز — مڪار- فريبي عورت. دور ٿي منهنجي نگاهن کان. تو پنهنجي ڪوڙي محبت جي ڄار ۾ ڦاسائي منهنجي پيار کي بي وفائي جي رڻ پٽ ۾ رلائي ڇڏيو.

سنگهار: بس بس مهراڻ وڌيڪ نہ چئہ خدارا منهنجي وفا تي الزام نہ ڏي.

مهراڻ: وفا؟ (کلي ٿو) تو بہ تہ وفاداري جو سهڻو ثبوت ڏنو آهي سوڍا. تو پنهنجي هر هڪ وعدي کي خوب نباهيو. پائر هجن تہ توجهڙا.

سوڍو: مهراڻ تون غلط سمجهي رهيو آهين. ناڪئي ٻڌايو تہ تون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهراڻ: تہ مان ٻڌي ويس. ائين نہ. پر تون اهو وساري ويٺين تہ محبت وارا موت کي بہ مات ڏيناد آهن. سوڍا. هو قيامت تائين انتظار ڪندا آهن. جڳ جڳ جاڳندا آهن پر الفت تي اکر اچڻ نہ ڏيندا آهن.

سوڍو: پر مهراڻ تون سمجهين ڇو نہ ٿو. اسان تنهنجو انتظار ڪيو.

مهراڻ: تو منهنجي اعتماد کي گهرا گهاءَ رسايا آهن. تو منهنجي وڏ وڏ ۾ وِهہُ پيري ڇڏيو آهي. منهنجي نس نس ناسور بڻجي چڪي آهي. تون وستيءَ جو رئيس آهين سوڍا. توکي انصاف ڪرڻو پوندو. مان وستيءَ جي رواج موجب سيني ماڻهن جي سامهون توکان انصاف جي تقاضا ڪندس. تون خوني آهين. منهنجي پيار جو قاتل آهين. منهنجي پريت جو. چور آهين. منهنجي سک. چين ۽ آرام جو. توکي عام عدالت ۾ انصاف ڪرڻو پوندو (وڃي ٿو).

اوي: مهراڻ طوفاني رات ۾ باهر هليو ويو. طوفان تہ هن جي دل ۾ بہ متل [illegible] جي حادثي ۾ هو ٻڏو ڪو نہ هئو. پر لهرن ۾ لڙهندو تمام پري [illegible] هو. [illegible] ڇاتن ۾ ٻيڙيءَ ٽڪرجڻ ڪيس سخت زخمي ڪري وڌو هو. هو بي هوش درياءَ ۾ لڙهندو ويو. ڪن ڳوناڻن سندس زندگي تہ بچائي ورتي پر سندس يادداشت موٽائي نہ سگهيا. هو وساري ويٺو هو تہ هو ڪير آهي. ڪٿان آيو آهي. ڪاڏي وڃڻو اٿس. صرف ايترو ياد هوس تہ هن جي بہ ڪا منزل آهي. هن جو بہ ڪو انتظار ڪري رهيو آهي ۽ اهي انتظار ڪندڙ بہ اکيون هن کي ڏينهن رات سُتي جاڳندي پريشان ڪنديون رهيون ۽ هو انهن ٻن اکين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آس تي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ڳوليندو وتيو. پر ڪٿي به سندس من جو ميت نه مليو. اهڙيءَ طرح ڪئي سال گذري ويا.

۽ پوءِ ان رات قسمت ڪيس هڪ دفعو وري پنهنجي وستيءَ ۾ وٺي آئي. جاتل سڃاتل ٿلهرا، رستا، جايون جڳهيون ڏنائين ته ذهن تان ڌنڌلڪي جي دز اڏڻ لڳس. ۽ ماضيءَ جو چٽو عڪس هڪ دفعو وري سندس دماغ جي آئيني تي چمڪڻ لڳو. ماڻهن ٻڌايس ته سوڍي ۽ سنگاهر جي شادي ٿي چڪي آهي. هن کي سنهنجن ڪنن تي، يقين ئي نه آيو. نه نه. سوڍو سندس ياءُ ، هرگز ائين نه ڪندو. اهو ڪوڙ آهي. اهو الزام آهي. اهو بهتان آهي. هو حويلي ڏانهن ڊوڙيو پر اتي جو ڪجهه ڏٺائين، تنهن سندس اندر اڌ ڪري ڇڏيو. قسمت ساڻس عجيب مذاق ڪيو هو. پر هن جي دل انتقام جي آڳ ۾ جلي رهي هئي. هن فيصلو ڪيو ته هو وڏي واڪ دنيا کي ٻڌائيندو ته عورت جي محبت ڪيتري نه ناپائدار آهي. پاڻيءَ جو ڦوٽو آهي. هوا جو جهوٽو آهي. هو ياپيءَ جي نالي ۾ پلجندڙ ڪارا نانگ به جڳ کي ڏيکاريندو. هو ڪوڙ جي ڇهري تان شرافت جو نقلي نقاب لاهي کيس سر عام ظاهر ڪندو. ها هو ائين ڪندو. ائين ئي ڪندو.

ٻئي ڏينهن وستيءَ ۾ چوٻول مچي ويو. هر زبان تي اها ئي ڳالهه هئي. هر وات اها ئي وائي هئي. هر انسان هن عجيب ۽ غريب معاملي جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ آتو هو. ياءُ جي ياءُ سان دغا ۽ مڱينديءَ جي پنهنجي محبوب سان بي وفائي جو هيءُ انوکو مسئلو سيني جي دلچسپيءَ جو مرڪز ٿي پيو. وستيءَ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رواج موجب ان شام جو ڳوٺ جي ٻاهرئين ميدان تي هزارها ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. سڀني جي اکين ۾ تجسس ۽ بي چيني جهلڪي رهي هئي. سڀ منتظر هئا. سڀني جون نگاهون سامهون جڙيل ٿلهي تي ڪٽل هيون، جنهن تي رئيس سوڍو خان انصاف جي ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ سندس سامهون فريادين جي ڪٽهڙي ۾ بيٺو هو سندس پاڻ. مهراڻ. سنگهار پڻ سوڍي جي پر ۾ موجود هئي. سندس حالت عجيب هئي. پيار، وفا، بي وفائي ۽ حالات جي گهاٽي ۾ پيڙهيل هيءَ عورت حياتيءَ جي صحرا ۾ موت جي رڻ پٽ وچ ۾ ٻابري ڪنڌ تي هلي رهي هئي ۽ سندس روح اندر جي گهراين تائين زخمي هو. اوچتو مجمعي ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. رئيس سوڍو خان اٿي بيٺو هو هن جي منهن تي ڇانيل ٿڪاوٽ ۽ زردي ٻڌائي رهي هئي ته هو سخت ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي. پر اکين جي چمڪ ظاهر ڪري رهي هئي ته هو فيصلو ڪري چڪو آهي.

آهستي آهستي هن جا چپ چريا، ۽ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو.

سوڍو: وستيءَ جا واسيو! اڄ اڻ ٽيٽي تي گذري آهي. اڄ ماضي موت ڪاڏي آهي. اڄ ڌرتي ساري ڏانهن. اپ سڄو ئي آڳ آهي. ها اڄ سچائيءَ تي آڱريون اٿيون آهن. خلوص تي الزام لڳا آهن. مون پنهنجي وڇڙيل پاءُ جي ياد ۾ صبح کان سانجهي ۽ اُلٽي کان اسر تائين ڏڳ واجهايا، راهون نهاريون. انتظار ڪيو. ايترو انتظار جو منهنجي جسم جو هر حصو انتظار جي علامت بڻجي پيو. سندس جدائي موت کان بدتر ۽ زندگيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ابتر هئي. مون ان جدائي جي جوالا ۾ جلندي ڏينهن گذاريا. مهينا ۽ سال وهامي، ويا ۽ پوءِ جڏهن هر طرف ڪان مايوسي مقدر بڻجي پئي. تڏهن سندس خواهش جو احترام ڪندي مون اهو ڪجهه ڪيو جنهن ڪي سوچيندي به منهنجي دل خون جا آنسو ڳني هئي. مون سنگهار سان شادي ڪري ڪيس سهارو ڏيڻ جي، ڪوشش ڪئي. ڪيس پنهنجو بنائڻ چاهيو پر- پر هوءَ به منهنجي ٿي نه سگهي (ماڻهن جو گوڙ- وري خاموشي). مان هن جي جسم جو مالڪ ته ٿي ويس پر هن جو روح ريجهائي نه سگهيس. (سڏڪا) ۽ مان- مان بدنصيب انسان تپندڙ سج هيٺان زندگيءَ جو سرمايو چند ساهه کڻي سڙندو رهيس. سگهار منهنجي ٿي نه سگهي. هوءَ ته هڪ خيال، هڪ تصور، هڪ پاڇي جي امانت هئي. هوءَ سوڍي جو ساٿ ڏئي نه سگهي، ۽ مان زخمي پيرن سان صحرا جهاڳيندو رهيس. رتو ڇاڻ روح کڻي مرڪندو رهيس. مان اياڻو پيار جو پياسو ئي رهيس. اجايل انسان، پاڻيءَ مٿان رهندي به اڃارو ئي رهيو. اڄ مان هڪ جوابدار جي حيثيت ۾ توهان جي اڳيان بيٺو آهيان. پر ساڳي وقت رئيس جي حيثيت ۾ منهنجو اهو به فرض آهي ته انصاف ڪريان. فرياديءَ سان انصاف ٿيندو. پر پر منهنجو انصاف ڪير ڪندو؟ مان مڃان ٿو مان ڏوهاري آهيان، گنهگار، غاصب ۽ دغاباز آهيان. ۽ ان جي سزا موت آهي (گوڙ) هي خنجر منهنجي ۽ سنگهار جي وچ ۾ بڏل ڪچي ڌاڳي کي هميشه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همیشہ لاءِ چني چڏيندو خنجر هٿي تو.

سوڍو: آهہ_ آهہ_

سنگھار ((چيخ ڪري) سوڍا.

مهراڻ: ادا_ هيءُ تو ڇا ڪيو سوڍا. هيءُ تو ڇا ڪيو.

سوڍو: مون کي معاف ڪج مهراڻ. سنگھار تنهنجي امانت هئي. هوءَ اج بہ تنهنجي آهي. مان پليل هوس.

مهراڻ: ادا مون توکي غلط سمجهيو. مون کي معاف ڪج.

سوڍو: سنگھار هاڻي آزاد آهي. ڪيس پنهنجي منزل ملي وئي.

مهراڻ: سوڍل ڀاءُ.

سوڍو: ادا. مان اج ڪيڏو نہ خوش آهيان جو تنهنجي ٻانهن ۾ دم ڏئي رهيو آهيان. هاڻي الهہ_ واهي!

مهراڻ: سوڍا

سنگھار: سوڍا_ سوڍا_ (سڏڪا).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتن ڀري ڪهاڻي

انڌيرو اُجالو

راوي: رحيمون چاچا سينٽرل جيل جو سڀ کان پراڻو قيدي هو. هن کي خون جي ڏوهہ ۾ عمر قيد جي سزا ملي هئي. گذريل ٻارنهن سالن کان هو لوهي سيخن جي پويان پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن هڪ هڪ ڪري گذاري رهيو هو. سندس وجود جيل جي خاموش ۽ اڻ وڻندڙ ماحول سان ائين ملي ويو هو جو هاڻي رحيمون چاچا خود قيد ۽ بند جو هڪ اٽل حصو بڻجي چڪو هو سندس موجودگيءَ کانسواءِ جيل جو تصور ڀُسو ۽ ڦڪو پيو لڳندو هو. گذريل ٻارنهن سالن جي عرصي ۾ سندس شخصيت، جيل ۾ ايندڙ هر قيديءَ کي متاثر ڪيو هو. جيتوڻيڪ سندس وار اڇا ٿي ويا هئا ۽ پيشانيءَ تي پوڙهائپ جا پيرا ظاهر ٿي چڪا هئا، پر تڏهن بہ هِنَ جو قداور جسم، ويڪرا ڪلها ۽ مضبوط ٻانهون ڪيس ٻلوان ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي ثبوت هيون. سندس اکين ۾ عزم جي چمڪ ۽ آواز ۾ اعتماد جي اونهائي هئي. چال ۾ وقار ۽ گفتگوءَ ۾ سنجيدگي سمايل هيس، جيتوڻيڪ هن کي تمام گهٽ ڳالهائيندي ڏٺو ويو هو پر تڏهن بہ جڏهن هو ڳالهائيندو هو تہ سيئي قيدي سندس ڳالهہ عزت ۽ احترام سان ٻڌندا هئا. جيل ۾ هر قسم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ماڻهو ايندا رهندا آهن. معمولي ڪاتڪو چور، نڳ ۽ بشني به ايندا آهن ته وڏ خوني، رهزن، ڌاڙيل به هوندا آهن. ڪمزور ۽ بزدل ماڻهو به سزا ڪاٽڻ ايندا آهن ته بهادر، دلير ۽ بي ڊپا انسان به باندي ٿيندا آهن. ڏوهه ۽ سزا جي ان بستيءَ ۾ پانت پانت جا ڪردار اچي گڏ ٿيندا آهن. ۽ پنهنجي پنهنجي ڏوهن جي سزا لوڙي هڪ دفعو وري موٽي آزاد دنيا ۾ ويندا آهن. پر رحيمون چاچا ڪڏهن به ٻاهرينءَ دنيا جو ذڪر ڪنهن سان نه ڪيو. هو ڪير هو؟ ڪٿان آيو هو؟ سندس آتم ڪهاڻي ڇا هئي؟ اهي ۽ ڪيترائي ٻيا اهڙا سوال هئا، جن جي ڄاڻ ڪنهن کي به ڪا نه هئي. سيني کي اهائي خبر هئي ته هو خون جي ڏوهه ۾ عمر قيد جي سزا لوڙي رهيو آهي ۽ بس. رحيمون چاچا، رحمدل به هيڪڙوئي هو. شل نه ڪنهن قيديءَ کي ڪا تڪليف ٿئي. پنهنجو سک ٿڌائي به سندس ڏک لاهيندو هو. راتيون جاڳي بيمارن جي پرگهور لهندو هو ۽ اگهائيءَ سگهائيءَ ۾ هر ڪنهن سان جوڳ وهندو هو. ڪنهن کي پلجي به وين نه ڪيندو هو. ڏکين جي دلجوئي ڪرڻ نه ڪو ڪانئس سکي. اهي سڀ گڻ ڏسي، مڙئي ماڻهو ڏنديون آڱريون ڏيندا هئا ۽ بي اختيار آفرين چوندا هئا. نه رڳو قيدي، پر جيل جا عملدار پڻ رحيمون چاچا جي اخلاق ۽ شرافت جا قائل هئا ۽ ساڻس نرمي ۽ پيار سان پيش ايندا هئا. ڪانئس سخت پورهيو وٺڻ بجاءِ، کيس صرف نظرداريءَ جي ڪم تي مقرر ڪري ڇڏيو هئائون. اهڙيءَ طرح اسيرن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ننڍڙي دنيا هڪ فرشتي صفت انسان جي موجودگيءَ سبب سک ۽ سانت، امن ۽ اطمينان سان هلي رهي هئي. رحيمون چاچا جو ڳنڀير چهرو سيني لاءِ آس ۽ اميد جو اهڃاڻ بڻيو رهيو. هن خاموش زبان انسان جي اندر ۾ ڪهڙا طوفان برپا هئا، ڪهڙا اڌما آتا هئا. ڪهڙا ماتم متل هئا. ان جي ڪنهن کي بہ ڪلَ ڪا نہ هئي. هو هڪ اڏول پهاڙ جيان مضبوط ۽ اوچو ۽ آڪاش جيان چپ چاپ ۽ خاموش رهيو. جيڪڏهن هن هيڏي ساري جهان ۾ ڪو انسان سندس ويجهو هو تہ اهو هو شيرو. شيرو هڪ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان هو. جو غلط صحبت ۽ دولت جي لالچ سبب وڃي سمگلرن جي ٽوليءَ ۾ شامل ٿيو هو. پر سيڪڙات هئڻ سبب سگهوئي قانون جي ڪوڙڪيءَ ۾ سوگهو ٿي پيو هو ۽ رحيمون چاچا جي صحبت ۾ رهي صحيح راهہ سجاتي هئائين ۽ آئينده محنت ڪري زندگي گذارڻ جو پڪو پهہ ڪيو هئائين. رحيمون چاچا ڪيس تمام گهڻو پائيندو هو. اڪيلائيءَ ۾ ويهي ساڻس دنيا پر جون ڳالهيون ڪندو هو. شيروءَ پڻ رحيمون چاچا جي سڪيا کي پنهنجي آئينده زندگي لاءِ روشنيءَ جي لاٽ ڄاتي، ڪيس پنهنجو روحاني رهبر بنائي ڇڏيو هو. پر ڪجهہ ڏينهن کان رحيمون چاچا ۾ اوچتو هڪ عجيب تبديلي اچي وئي هئي. ٻئي ڪنهن اها تبديلي محسوس ڪئي هئي يا نہ. پر شيروءَ يڪدم سمجهي ورتو تہ ڪا ڳالهہ ضرور آهي. جنهن رحيمون چاچا جي دل ۾ اچي واسو ڪيو آهي. هي اهڃاڻ اڳ تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن بہ ظاهر نہ ٿيا هئا. هيءَ اڻ تڻ، هي انتظار هي شوخي، هيءَ بيقراري، رحيمون چاچا جي زندگيءَ ۾ شايد پهريون دفعو پيهي آئي هئي. ڳالهہ ڳالهہ تي خيالن جي خيابانن ۾ گم ٿي وڃڻ، ذري ذري تي ڇرڪ ڀري ڇرڪي اٿڻ، پنهنجي منهن پور پچائڻ، غمن جي درياءَ ۾ غلطان رهڻ، هن جي عادت ٿيندي ٿي وئي. شيروءَ کان پنهنجي محسن جي اها حالت ڏٺي نٿي وئي. ڪانئس ڪجهہ پڇڻ جي همت بہ نٿي ڪري سگهيو. پر آخر هڪ ڏينهن پڪو پهہ ڪري ڪيس چيائين:

شيرو: هڪ سوال اندر ۾ آگر تي ايريو آهي، ڊچان تو ڪٿي توکي ناگوار نہ لڳي رحيمون چاچا!؟

رحيمون: (کلندي) رحيمون زندگيءَ کي نهايت ئي ويجهو وڃي ڏٺو آهي شيرو! مون حياتيءَ جي بدصورتيءَ کي ڇُهي ڏٺو آهي. هاڻي ڪو بہ سوال مون کي حيران ڪري نہ سگهندو پٽ!.

شيرو: توهان جي ڳالهين ۾ تلخي اچي وئي آهي چاچا!.

رحيمون: زماني کان جو ڪجهہ مليو اٿم. سو ڪيس موٽايو پيو ڏيان.

شيرو: مون توهان جو مطلب نہ سمجهيو چاچا.

رحيمون: ڪي ڳالهيون اڻڄاڻائيءَ ۾ ئي چڱيون لڳنديون آهن. شيرو!

شيرو: پر توهان ۾ هيءَ اوچتي تبديلي بي سبب ناهي. ان جي اوٽ ۾ ضرور ڪو راز لڪل آهي.

رحيمون: انسان کي پنهنجي پورن تي وس هجي ها تہ جيڪر سورن سان سگ نہ ڪري ها.

شيرو: چاچا! اهو منهنجي سوال جو جواب ناهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحيمون: ان سوال جو جواب مون عرصي کان پنهنجي اندر ۾ اوتي ڳڙڪائي ڇڏيو هو. تون ڪير ٿيندو آهين. منهنجي ماضيءَ کي موٽائڻ وارو؟

شيرو: مون کي غلط نـ سمجهو چاچا! مان تـ توهان جي پيار جو پاڇو آهيان. توهان جي جيءَ جي جوت آهيان. مون ڪان توهان جي هيءَ حالت ڏٺي نٿي ٿئي.

رحيمون: مون ڪنهن کي بـ غلط نـ سمجهيو آهي، شيرو! مون کي ٿي غلط سمجهيو ويو پنهنجن، پراون. ان حد تائين جو تو بـ مون کي غلط سمجهيو. ماڻهو مونکي شريف. نيڪ نيت ۽ فرشتـ سيرت ٿا سمجهن ائين نـ؟ هرڪو منهنجي عزت ٿو ڪري، ان لاءِ جو مان هنن جي نگاهن ۾ احترام جي لائق آهيان. ائين نـ؟ پر اهو سڀ ڪوڙ آهي. ٺڳي آهي. ڍونگ آهي، دوکو آهي، زماني مون سان دغا ڪئي ۽ مان زماني سان دغا ڪندو رهيس.

شيرو: چاچا.

رحيمون: ها شيرو هي سمورو عرصو مان پنهنجي اندر ۾ انتقام جو راڪاس پاليندو رهيو آهيان. منهنجو جيءُ شعلن جي شمشان جيان جلندو رهيو ۽ مان گناهـ کي روح ۾ ريجهائيندو رهيس، هاڻي مان شرافت جي ٻاهرئين پردي کي چيري ڪُلم ڪُلا ڏوهاريءَ جي رُوپ ۾ ظاهر ٿيڻ لاءِ آتو آهيان.

شيرو: توهان جي طبيعت نيڪ نٿي معلوم ٿئي. توهان آرام ڪيو

رحيمون: آرام (طنزيـ کل) آرام ٿي تـ ڪندس پٽ! مڪمل پُرسُڪون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرام، موت کان پوءِ روح جا سڀ روڳ ڌوپي ويندا آهن شيرو!..
پر (جذبات ۾) پر مون تي پهريون زندگيءَ جو قرض چڪائڻو
آهي. مان پنهنجي مَنَ تان بدلي جو بار لاهڻ ٿو چاهيان.
انتقام جي اڳ اجهائڻ ٿو گهران.

شيرو: چاچا! هي توهان ڇا چئي رهيا آهيو؟

رحيمون: مون کي ڇوڙ ڏي شيرو! دل جا زخم اڪلي پيا آهن. روح رتو
ڇاڻ آهي. درد جي صحرا ۾ زندگيءَ جا قافلا هڪ دفعو وري
ڀٽڪي پيا آهن. رُڃَ سان اُڃَ لهي ته نه سگهندي. رُڃَ مسان اُڃَ
لهي ته نه سگهندي. رڃ سان اڃ

(ECHO)

راوي: ان ڏينهن رحيمون چاچا، پهريون دفعو زبان کولي ماضيءَ جي مزار
تان دز ڇنڊڻ لڳي، وقت جي واڳ هڪ دفعو وري وارجي وئي.
يادن جا قافلا ماڳن ڏانهن موٽي پيا. خوابن جهڙا خوبصورت
پل پاڇولن جيان پور ٻنجي هوريان هوريان وايو منڊل تي
وڇائجي ويا. هن جو آواز صدين جي سانت ۾ جهرڻن جي
جهانءِ ٻڌجي گونجيو.

رحيمون: مان ٽاهن نوجوان هوس. ماڻهو چوندا هئا رحيمون مرداڻي
حسن جو نادر نمونو آهي. پنهنجا پراوا منهنجي بيحد عزت ۽
احترام ڪندا هئا. ميلن ملاکڙن ۾ منهنجو جوڙ جيس ڪو نه
هوندو هو. غريب هوس پر منهنجي حشمت کان ڏاڍن جا ڏيل
ڏڪندا هئا. ظالمن جي دل تي داغ هوس. امن ۽ انصاف خاطر
مون ڪڏهن به اصولن جو سودو نه ڪيو. غيرت کي غربت تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربان نہ ڪيم، اهو ئي سبب هو جو جانو منهنجو جاني دشمن ٿي پيو. جانو ڳوٺ جو هڪ زورآور انسان هو. ظالم، جابر ۽ بي رحم جانو خوبصورت جنت جو پيءُ پڻ هو. جنت سونهن جو ساگر هئي. موهہ جو مهراڻ هئي. هن جي اکڙين ۾ الفت جا اڪيچار اشارا هئا. جي سڀ مون لاءِ هئا. هن ۽ مون پيار جا پرخطر پيچرا گڏجي لتاريا هئا. چنڊ ۽ تارن کي گواهہ بڻائي پنهنجي الفت اجاري هئي. هوءَ مرڪندي هئي تہ ڪائنات جهومي اٿندي هئي. هوءَ ڳائيندي هئي تہ گيت گونجار بڻجي اڏري اٿندا هئا.

(رحيمون ۽ جنت جو گانو)

اسان جي محبت پاڪ هئي. اسان هميشہ هميشہ لاءِ هڪ ٻئي جو ٿيڻ ٿي چاهيو. اميري ۽ غربت جي ديوار کي ڊاهي، اسان پيار جو نگر آباد ڪرڻ ٿي گهريو پر جانو ڏيت بڻجي اسان جي دنيا ۾ ڏوڪي آيو. اسان جي معصوم محبت سندس هٺ ۽ هوڏ آڏو قربان ٿي وئي.

جانو: ها ها ها (ٽهڪ) ها ها ها (ٽهڪ) ها ها ها... رحيمون! تو ڌرتيءَ کي آسمان سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تو مخمل جي لباس ۾ ڪِتيءَ جي چتي لڳائڻ جو خواب لڌو آهي. تو اوچائي ۽ پستيءَ جي فرق مٽائڻ جو سوداءُ سٽيو آهي. پر... پرتون وساري ويٺو آهين تہ تون ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۽ اسين آسمان جا تارا آهيون. تون انڌيرو ۽ اسان اجيارا آهيون. تون بدبودار پاڻيءَ ۾ پليل پونئرو ۽ اسان شفاف جل جا ڪنول آهيون.

رحيمون: جانو! اهو نہ وسار تہ انسان کي دولت جي تارازيءَ ۾ نہ اخلاق

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو ويندو آهي.

جانو: (ٽهڪ) ها ها ها، اخلاق سان بکيو پيٽ نہ ڀربو آهي. رحيمون! غربت سيني ٻراين جي، پاڙ آهي.

رحيمون: دولت جي نشي تنهنجي اکين تي انڌ جون پٽيون ٻڌي ڇڏيون آهن. تون ساڃهہ وڃائي ويٺو آهين جانو!

جانو: مان توکي پنهنجي ٻنڌڻ جو نشانو بڻائي هتي جو هتي ختم ڪري سگهان ٿو. پر نہ، مان ائين ڪري توکي آسانيءَ سان مرڻ نہ ڏيندس. تو منهنجي عزت ۾ هٿ وڌا آهن. رحيمون! مان توکي اهڙي سزا ڏيندس جو توکي پلپل پيڙا ڏيندو رهندو. تون مرڻ چاهيندين پر مري نہ سگهندين. زندگي تنهنجي پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيندي. موت توکان منهن موڙي ويندو. تون تڙپندين، روئيندين، پر ڪو بہ تنهنجو حال پڇائي نہ رهندو. (ٽهڪ) ها ها ها.

رحيمون: جانو هليو ويو. منهنجي دل ۾ وسوسا ۽ وهم گهر ڪري ويا. هو عيار ۽ حرفتي هو. هن مون کي متائڻ جو فيصلو ڪيو هئو ۽ آخرڪار ٿيو بہ ائين هڪ رات ڳوٺ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو قتل ٿي ويو. جانوءَ اهو سمورو الزام منهنجي مٿان مڙهيو. سندس خوشامدي خدمتگار منهنجي مٿان شاهدي ڏئي ويا ۽ اهڙيءَ طرح مون کي خون جي ڏوهہ ۾ عمر قيد جي سزا ملي وئي. جانو پنهنجي چال ۾ ڪامياب ويو. جنت جي جدائي ۽ پيار جي هار، منهنجي دل بہ اڌ ڪري ڇڏي. قسمت جي لکئي کي ڪنهن نہ متايو آهي. جنت منهنجي جدائيءَ ۾ گهٽي دير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جالي نہ سگهي. جيل ۾ پتو پيم تہ هوءَ هن بي رحم دنيا کان منهن موڙي وئي. منهنجي روح ريهہ ڪئي. منهنجو ساهہ سڏڪي اٿيو. دل درد جي درياهہ ۾ ٻڏي وئي. پر مون زبان سان اف بہ نہ ڪئي. انتقام جي آگ ۾ اندر جلندو رهيو. پر شايد قسمت کي اهو بہ منظور نہ هو. جلد ئي خبر پئي تہ جانو بہ پنهنجي ڪئي جو ڪيتو لوڙڻ ڪاڻ هن دنيا مان هليو ويو. هاڻي منهنجي نفرت جو مرڪز صرف هڪ شخص وڃي بچيو هو ۽ منهنجي زندهہ رهڻ جو ڪارڻ بہ اهو ئي شخص آهي. ڄاڻين ٿو اهو ڪير آهي؟

شيرو: نہ چاچا، ڪير آهي اهو؟

رحيمون: جانوءَ جو پٽ وريام. هو تڏهن تمام ننڍو هو. مون ايترو عرصو سندس جوان ٿيڻ جي انتظار ۾ گذاريو آهي.

شيرو: پر چاچا هن معصوم توهان جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو؟ ڏوهاري تہ سندس پيءُ هو. سزا ان کي ملڻ کپندي هئي.

رحيمون: منهنجي دل ۾ نفرت جا آڙاهہ آهن. شيرو! جانوءَ منهنجو انتظار نہ ڪيو. پر مون سندس پٽ جي جوان ٿيڻ جو انتظار گذريل چوڏهن سالن کان پئي ڪيو آهي. هڪ هڪ ڏينهن، هڪ هڪ گهڙي ان دعا ۾ گذاري اٿم تہ ڪٿي وريام کي ڪوسو واءُ نہ لڳي. ڪٿي هو بہ منهنجي آزاد ٿيڻ کان اڳ مري نہ وڃي. پر هاڻي مان وڌيڪ انتظار نہ ڪندس. هاڻي مان هي اوچيون ديوارون ٽپي ٻاهر وينداس. وريام جو موت منهنجي ئي هٿان ٿيندو. مان ڪيس ابدي ننڊ سمهاري پنهنجي دل جي باهہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڏي ڪندس.

شيرو: تون ائين هرگز نه ڪندين چاچا! وريام تنهنجو ڏوهي ناهي.

رحيمون: جانوءَ مهنجي ماءُ پيءُ کي پٽ جي پيار کان سڪايو. منهنجي نن‍ڍڙي ڀيڻ زينا، ڀاءُ جي پيار کي پائي نه سگهي. هن معصوم ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو شيرو! ٻڌاءِ جواب ڏي؟ خدا ڄاڻي هوءَ ويچاري ڪهڙي حال ۾ هوندي!!

راوي: رحيمون چاچا کي اها خبر ڪا نه هئي ته قسمت سندس پرپٺ ڪو عجيب کيل کيڏي رهي آهي. سندس نن‍ڍڙي ڀيڻ زينا هاڻي جوانيءَ جي منزل تي پهچي چڪي هئي. سندس حسن جي هٻڪار هر سو ڦهلجي وئي هئي ۽ خوبرو وريام سندس پيار جي پيچ ۾ پختو جڪڙجي چڪو هو. هو ٻئي دنيا جي هر رسم ڀلائي هڪ ٻئي جي ساهه ۾ سانڍجي چڪا هئا. آزاد پکين جيان ڇهڪندا ٽهڪندا محبت جي مڌ ۾ متوالا ٿيو پيا جهومندا ڳائيندا هئا.

(وريام ۽ زينا جو گانو)

راوي: هڪ ڏينهن وريام زينا کي ويادڪل ڏسي پڇيو.

وريام: زينا!

زينا: جي

وريام: ڇا ڳالهه آهي زينا! تون اوچتو ئي اوچتو خاموش ڇو ٿي ويندي آهين؟ مرڪ تنهنجي چپن تان ساوڻ جي اس جيان غائب ٿي ويندي آهي ۽ تون خوابن جي صحرائن ۾ گم ٿي ويندي آهين؟

زينا: ڪائي ڳالهه ناهي وريام.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وريام: ڪا ڳالهه ضرور آهي زينا. تون مرڪندي آهين ته منهنجي روح ۾ روشني رهندي آهي. تنهنجي خاموشي خزان جو پيغام کڻي ايندي آهي، تنهنجي اداسي الم جو اڻ کٽ داستان آهي. زينا! سچ ٻڌاءِ ڇا ڳالهه آهي؟

زينا: وريام! سوچيان ٿي، تقدير جا تير ڪيڏا نه بي رحم هوندا آهن.

وريام: مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو زينا!

زينا: منهنجو پاءُ رحيمون تنهنجي پيءُ جي ڪري گذريل چوڏهن سالن کان قيد ڪاٽي رهيو آهي. منهنجا ماءُ پيءُ سندس جدائيءَ ۾ موت جي ڪنڌيءَ تائين پهچي چڪا آهن ۽ هيڏانهن مان آهيان جو پنهنجي پاءُ جي دشمن جي پٽ سان نينهن جو ناتو ڳنڍي ويٺي آهيان.

وريام: منهنجو پيءُ ظالم هو يا تنهنجو پاءُ مظلوم، ان ۾ تنهنجو يا منهنجو ته ڪو به ڏوهه ناهي. زينو، جڏهن هيءُ سڀ ڪجهه ٿيو تڏهن اسان ٻئي سمجهه ڌڻ نه هئاسين.

زينا: اهو ئي ڏک اڏوهيءَ وانگر دل کي کائيندو ٿو وڃي ته مون بدنصيب پاءُ جو پيار به نه ماڻيو.

وريام: تون ڏک نه ڪر زينا، رحيمون جلد ئي آزاد ٿي موٽي ايندو.

زينا: موٽي ايندو؟ اهو ڏسڻ لاءِ ته مان تنهنجي محبت ۾ ماندي آهيان؟ نه، نه هو اهو برداشت ڪري نه سگهندو. هن جو دم تنهنجي ويندو. هن جي دل ٻيهي ويندي. يا خدا! مان ڇا ڪيان سدڪا.

وريام: جيڪڏهن اسان جي وڏن اسان لاءِ ورثي ۾ نفرت جا انبار ڇڏيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن تہ اسان اهو ورثو ونڊڻ کان انڪار ٿا ڪيون. اسان پيار جا تلاشي آهيون. پيار امر آهي. پيار پاپ ناهي زينا!

زينا: وريام! منهنجي دل منهنجو ساٿ نٿي ڏئي. مڃان ٿي تہ پيار انسانيت جو معراج آهي. پر ان هوندي بہ پاڻ کي ادا رحيمون ۽ جو گنهگار ٿي سمجهان. ائين ڇو آهي وريام؟ ائين ڇو آهي؟ مون کي پنهنجي پيار جي پناهہ ۾ ڇپائي ڇڏ. ايندڙ وقت جي الڪن کان آجو ڪري ڇڏ.

وريام: زينا!

زينا: وريام! منهنجا وريام..!

راوي: زينا ۽ وريام جي محبت وقت، سان گڏ وڌندي رهي. هنن جاتو تہ سندن معصوم پيار جي وچ ۾ نفرت جي هڪ اوچي ديوار بہ حائل آهي. پر تڏهن بہ هنن پنهنجي سادگي ۽ سبب ڪڏهن بہ ان جهل تي سنجيدگي، سان غور نہ ڪيو سڪ جي سير ۾ لڙهندي. هو مستقبل جي خطرن کي نظر انداز ڪندا رهيا. ايندڙ وقت جي الڪن کان بيخبر هو پيار جي بيپناهہ لهرن ۾ لڙهندا رهيا. اهو روحاني طور هڪ ٻئي جا ٿي چڪا هئا. دنيا جون ريتيون ۽ رسمون هنن لاءِ هاڻي ڪا بہ معني نہ پيون رکن. هو هئا ۽ سندن سار هئي. گيت هئا. گونجار هئي. پريت هئي پچار هئي. هو هر ڳالهہ کان بيخبر پنهنجي ۽ ڌن ۾ مگن هئا. ڪين ڪيڏي خبر تہ انتقام جي آگ اجهائڻ لاءِ رحيمون رات جي اونداهي ۾ جيل جي ديوار ٽپي نڪتو آهي ۽ ڏانهن تيزي، سان اچي رهيو آهي. هڪ اجهل آئي جيان هو وريام

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان سندس پيءُ جو بدلو وٺڻ ڪاڻ زندگي داءَ تي لڳائي
پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽي رهيو هو. (گاڏيءَ جي تيز هلڻ جو
تاثر)

هن جي نس نس ۾ حقارت پرِيل هئي. رڳ رڳ ۾ روڳ هو. هن
جلد کان جلد ڳوٺ پهچڻ تي چاهيو ته جيئن وريام جي خون سان هٿ
رڱي، هو دل ۾ سانديل سالن جي سور کي سرد ڪري سگهي (تيز
گهوڙي ڊوڙڻ جو تاثر)

هو قانون جي نظرن اکن لڪندو ڇپندو پنهنجي منزل جي قريب ايندو
ٿي ويو. هن وٽ وقت تمام گهٽ هو. هن جلد کان جلد ڳوٺ
پهچڻ ٿي چاهيو. هڪ هڪ پل قيمتي هو.

(رحيمونءَ جي تيز تيز ڊوڙڻ ۽ سهڪڻ جو آواز)

انهن سيني ڳالهين کان بي نياز وريام ۽ زينا، پنهنجي انوکي
دنيا ۾ گم هئا. هو اڄ به هميشه جيان ڳوٺ باهران پنهنجي محبت جي
اظهار لاءِ مليا هئا. خبر ناهي ڇو اڄ زينا ڪجهه اداس پئي لڳي. هڪ
اڻ لکو درد سندس سيني ۾ ڪ موڙي جاڳي اٿيو هو. هڪ اڻ ڄاتي
بيچيني سندس وجود کي ويڙهي وئي هئي. ڪنهن نامعلوم خوف
سندس روح تي راتاهو هنيو هو. وريام سان اکيون ملايائين ته نيڻن مان
لڙڪن جي لارَ وهي اچي پٽ پئي. اندر جي آهه لفظن جو روپ ڏکي
اڏامي اٿي.

(زينا جو غمگين گانو)

راوي: وريام کان زينا جو هي حال ڏٺو نه ويو. هو تڙڦي اٿيو چيائين:

وريام: ڇا ڳالهه آهي زينا؟ تنهنجي نيڻن ۾ نير!؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زينا: ڪجهه ناهي وريام. ڪڏهن ڪڏهن مرڪندي به لڙڪ لڙي پوندا آهن.

وريام: ڪا ڳالهه ضرور آهي. تون مون کان ڪجهه لڪائي رهي آهين.

زينا: تون منهنجو سڀڪجهه آهين وريام. توکان ڀلا ڇا لڪائي سگهنديس؟ بس، ايئن ئي من تي ڪا اڻ ڄاتي مونجهه آهي جا....

وريام: (وچ ۾) زينا! مون کان ڪا غلطي ٿي آهي؟

زينا: نه وريام اها ڳالهه ناهي. ڪڏهن ڪڏهن درد، دل جي اندرئين تهه مان اٿلي پوندو آهي. ڏک ڏنگ بڻجي روح ۾ چڀي ويندو آهي. اڄ ڪجهه اهڙي ئي حالت مونسان به آهي. خدا شل تنهنجو وار به ونگو نه ڪري، پر سوچيان ٿي ته جيڪڏهن توکي ڪجهه ٿي ويو ته پوءِ....

وريام: چريا! اهڙيون ڳالهيون ڪري، پاڻ کي وڏيڪ پريشان نه ڪر. رات ڪافي گذري وئي آهي. هل ته مان توکي اڳيرو ڇڏي اچان.

زينا: نه وريام تون هاڻي گهر وڃ، مان اڪيلي ئي ويچان ٿي.

وريام: خدا حافظ زينا.

زينا: خدا حافظ (وڃڻ جو آواز دور تي ختم ٿي ويجي ٿو)

رحيمون (وقفي بعد گرجدار آواز ۾) وريام!

وريام: (ڇرڪي) ڪير؟ ڪير آهين تون؟

رحيمون: تنهنجو موت! مون کي سڃاڻين ٿو؟ مون کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪر.

وريام: مان توکي نٿو سڃاڻان، تون تون ڪير آهين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحيمون: مان رحيمون آهيان، تنهنجي ظالم پيءُ جو ٻي ڏوهي شڪار.

وريام: رحيمون! تون آزاد ٿي وئين؟

رحيمون: آزاد ٿيڻ آيو آهيان. رئيس جان محمد جو پراڻو قرض لاهڻ آيو آهيان. تنهنجي پيءُ مون کي نفرت تحفي ۾ ڏني هئي

وريام! اڄ مان اها سموري نفرت تنهنجي پاند ۾ پلٽڻ آيو آهيان. مان خوني نہ هوس. هن مون تي قتل جو الزام لاتو. اڄ مان ڪيس سندس ئي الزام سچو ڪري ڏيکاريندس.

وريام: بابا مري چڪو آهي رحيمون!

رحيمون: پر سندس پٽ زندهہ آهي.

وريام: مون تنهنجو ڪو بہ قصور نہ ڪيو آهي.

رحيمون: منهنجو بہ اهو ئي ڏوهہ هو وريام! مون بہ تنهنجي پيءُ جو ڪو قصور نہ ڪيو هو.

وريام: نفرت سان نفرت مٽائي نہ سگهبي رحيمون! ماضيءَ جون مدايون حال جو ڪال ٿيڻ نہ گهرجن.

رحيمون: چوڪرا! مان تنهنجي بيڪار بڪواس ٻڌڻ نہ، توکي موت جي گهاٽ لاهڻ آيو آهيان. پنهنجي محبت ۽ جوانيءَ جي موت تي مون هڪ بہ لڙڪ نہ لاڙيو هو. مان پٿر دل ٿي چڪو آهيان. تنهنجي جوانيءَ تي ترس کائي نہ سگهندس.

وريام: مان رحم لاءِ ڪو نہ ٻاڏائيندس، پر انصاف جي تقاضا ضرور ڪندس.

رحيمون: (زوردار ٽهڪ) انصاف ، اهو ئي انصاف جو ٻي ڏوهيءَ کي قصور وار ٺهرائي توءِ ظالم کي گلن جا هار ٿو پارائي. مان ان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انصاف جو قائل ناهيان. منهنجو انصاف هن پستول جي صرف هڪ گولي ڪنديءَ تيار ٿي وڃ.

زينا: (ڊوڙندي اچي ٿي) ادا!

رحيمون: تون ڪير آهين؟

زينا: مان زينا آهيان ادا! توهان جي ننڍڙي ڀيڻ.

رحيمون: زينا! منهنجي ڀيڻ! پر... پر تون هتي ڇا ڪري رهي آهين؟

زينا: اها گولي جا هڪ بيگناهہ جو انت آڻي، سا وچڙيل ڀاءُ جو ننڍڙيءَ ڀيڻ لاءِ آخري تحفو بہ ٿي سگهي ٿي. هلايو گولي مان مرڪندي موت قبوليندس.

رحيمون: هي تون ڇا چئي رهي آهين زينا؟! وريام جو پيءُ منهنجو دشمن هو. اڄ مان ڪانئس سندس پيءُ جو بدلو وٺندس.

زينا: وريام توهان جو ڪو بہ ڏوهہ نہ ڪيو آهي. ادا! هو هميشہ توهان جي دل سان عزت ڪندو پئي رهيو آهي. توهان پيءُ جو انتقام پٽ کان وٺي رهيا آهيو. اهو ڪهڙو انصاف آهي تہ هِڪَ بي انصافيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ بي ناانصافي ڪئي وڃي.

وريام: تون پري ٿي وڃ زينا! جيڪڏهن منهنجي زندگي وٺڻ سان رحيمونءَ جي دل ٺڏي ٿئي ٿي تہ منهنجو سينو حاضر آهي.

زينا: نہ وريام، توکان اڳ مان جان ڏئي ڇڏيندس.

رحيمون: (گرجندي) ڇوڪري! مون کي خبر نہ هئي تہ منهنجي غير موجودگيءَ ۾ تون بہ منهنجي دشمن سان ملي چڪي آهين. تنهنجي بي شرميءَ منهنجي غيرت کي للڪاريو آهي.

زينا: توهان بہ تہ جنت سان پيار ڪيو هو ادا! پوءِ جيڪڏهن جانوءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙيءَ غيرت وس ٿي توهان کي تڪليف پهچائي ته هُن ۾ ۽ توهان ۾ ڪهڙو فرق ٿيو.

رحيمون: اوهه! زينا!.

زينا: ڳالهايو ڇو نٿا . جواب ڏيو. جيڪڏهن زبان سان ڪجهه چئي نٿا سگهو ته آگر جي هڪ اشاري سان منهنجي زندگي ختم ڪري ڇڏيو. منهنجي آشائن، امنگن ۽ اميدن کي هميشه هميشه لاءِ پائمال ڪري ڇڏيو. ننڍڙيءَ ڀيڻ جا هٿ مينديءَ بدران سندس ئي رت سان ڳاڙها ڪري ڇڏيو.

رحيمون: (لرزندڙ آواز ۾) زينا!

زينا: محبت سهڻ سيکاريندي آهي. ادا، توهان نفرت کي نفرت سان ختم ڪري نٿا سگهو. نفرت کي مارڻو اٿو ته ڪيس پيار جي پناهه ڏيو. سچائيءَ جي سام ڏيو.

رحيمون: زينا! مان قانون جا ڪوٽ لتاڙي انسانيت جو قتل ڪرڻ آيو هوس... پر پر هاڻي محسوس ٿو ڪيان ته مان شايد ڪڏهن به ڏوهه ڪري نه سگهندس.

زينا: (خوشيءَ مان)! ادا!

رحيمون: ها ڀيڻ، مان واپس وڃي رهيو آهيان.

زينا: نه ادا! ائين هرگز نه ٿيندو.

رحيمون: چري آهين، ڀيڻ، ڏسين نٿي مون پنهنجو بدلو وٺي ڇڏيو. مون وريام کي معاف ڪري ڇڏيو. خدا شل توهان کي سکي رکي.

(اڪيلي رحيمونءَ جي قدمن جو آواز جو آهستي آهستي پري ٿيندو وڃي، ميوزڪ اوور ليپ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثقافت کاتو، حکومت سنڌ

naeemdeswali

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.